# مهراڻ

## جون چونڊ ڪهاڻيون




سهيڙيندڙ: حميد سنڌي

سنڌي ادبي بورڊ

donated from
Suleman A. Memon's
personal library

# مهراڻ
# جون
# چوند ڪهاڻيون

سهيڙيندڙ
حميد سنڌي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو سنڌ
2005ع

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

ڇاپو پهريون — سال 1992ع — تعداد هڪ هزار
ڇاپو ٻيو — آگسٽ 2005ع — تعداد هڪ هزار

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت: هڪ سؤ ويهه رپيا
**[ Price Rs.120-00]**

خريداريءَ لاءِ رابطو:
**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(فون ۽ فيڪس نمبر: 633679 - 0222)
**Email Address: sindhiab@yahoo.com**
**Website: www.sindhiab.com**

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

”ڪهاڻي“ ادب جي هڪ پائيدار صنف آهي، هن صنف کي لکڻ ۾ جيترو سولو سمجهيو ويندو آهي، حقيقت ۾ اوتري ئي دشوار آهي. ڇو ته ڪهاڻيءَ جا پنهنجا خاص ”لوازمات“ تين تا، جن تي ڪهاڻيءَ جي عمارت اڏي ويندي آهي. ڪهاڻي لکڻ هڪ فن آهي، جنهن ۾ اڪثر ڪري سموري روئداد، فرضي ڪردارن سان رومانوي انداز ۾ بيان ڪئي ويندي آهي.

”مهراڻ جون چونڊ ڪهاڻيون“ ۾ شامل ڪهاڻيون سنڌي ٻوليءَ جي ٻرک ڪهاڻيڪارن جون لکيل ڪهاڻيون آهن، جيڪي زندگيءَ جي ڳوڙهن ۽ تُز مسئلن تي نهايت ويجهڙائيءَ سان نظر رکندي سرجيل هي ڪهاڻيون خاص طور تي ان دور ۾ لکيون ويون، جنهن دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب کي نساهو ڪرڻ ۾ ڪجهه مهربانن پنهنجون سرگرميون تيز ڪري ڇڏيون هيون. جن ڏينهن ۾ ٻوليءَ جا مُخالف سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب خلاف ڪات ڪهاڙا ڪڻي بيٺا هئا، تن ڏينهن ۾ سنڌي اديبن پنهنجو مثبت ڪردار نڀائيندي پنهنجي ٻوليءَ ۽ ادب جي خوب خدمت ڪئي. جيتوڻيڪ انهيءَ تخليقي مسافريءَ دوران مختلف نقطهٔ نظر جي اديبن وچ ۾ وڏا وڏا ادبي مقابلا ۽ مجادلا ٿيندا هئا، پر اسان جا اديب اهڙن علمي بحثن مان نتيجا ڪڍي، انهن کي پنهنجين لکڻين جو موضوع بڻائيندا هئا.

ان پسمنظر ۾ 1992ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ چُونڊ ڪهاڻين کي ڇپائڻ جي هڪ رٿا منظور ڪئي. ڪهاڻين سهيڙڻ جي ذميداري ناميارا اديب جناب حميد سنڌيءَ کي سونپي وئي، جنهن صاحب مهراڻ ۾ ڇپيل معتبر ڪهاڻين مان 35 چونڊ ڪهاڻيون ڪڍي بورڊ جي حوالي ڪيون، جن کي گڏي ”مهراڻ جون چونڊ ڪهاڻيون“ جي عنوان سان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. ڪتاب ڇپجڻ وقت ئي هٿئون هٿ وڪامجي ويو. مئنيجر بڪ اسٽال جي بار بار درخواست تي هن پيري ڪتاب جو ٻيو ڇاپو شايع ڪندي نهايت خوشي

محسوس ڪري رهيا آهيون. مون کي اميد آهي، تہ جهڙيءَ ريت هن مجموعي جو پهريون ڇاپو جلد وڪامجي ويو هو، اهڙيءَ ريت هن ڀيري بہ مانوارن پڙهندڙن وٽان ساڳي ئي موٽ ملندي.

ڄام شورو، سنڌ
خميس 20 - جمادي الثاني 1426هہ
بمطابق 28- جولاءِ 2005ع

**انعام الله شيخ**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

## فھرست


| نمبر | عنوان | مصنف | صفحو |
|---|---|---|---|
| 1. | بدمعاش | جمال ابڑو | 1 |
| 2. | ڪڏھين بهار ايندو | سوڀو گيانچنداڻي | 5 |
| 3. | مِــني | زينت عبدالله چنا | 11 |
| 4. | لَاجهري مرَ شال غريبن جي جهوپڙي | غلام رباني | 15 |
| 5. | ۽ مڪڙي مرجهائجي وئي | شيخ حفيظ | 21 |
| 6. | هڪ مرد تي لاشا | سراج | 27 |
| 7. | ڊونگ | رشيد آخوند | 32 |
| 8. | هڪ ڪردار، سوَ افسانا | مس شمس صديقي | 38 |
| 9. | مان انسان آهيان | اياز قادري | 47 |
| 10. | ململ جو چولو | عثمان علي انصاري | 52 |
| 11. | تِـڪري | بشير مورياڻي | 57 |
| 12. | الا، ڪنهن پـَر | خواجہ سليم | 63 |
| 13. | ”لڪي ڏي“ | سندري اُتمچنداڻي | 79 |
| 14. | لوئي | تنوير عباسي | 85 |
| 15. | ”زن طلاق“ | ابن حيات پنهور | 88 |
| 16. | وڏيري | ثميره زرين | 92 |
| 17. | ”ڪاري“ | گوورڌن محبوباڻي | 100 |
| 18. | چوڏو | نجم عباسي | 106 |
| 19. | آسرو | ع. ق. شيخ | 109 |
| 20. | ڪونج | مقبول صديقي | 114 |
| 21. | حسرت | ٻلرام وڪل | 119 |
| 22. | ذليل انسان | نبي بخش دائودپوٽو | 123 |
| 23. | جـِنڙي | عبدالحق ’عظيم‘ | 128 |

| نمبر | عنوان | مصنف | صفحو |
|---|---|---|---|
| 24. | سيمينٽ جي پُتلي | رشيده حجاب | 138 |
| 25. | انڌير نگري (سرائڪي) | "بردو" سنڌي | 150 |
| 26. | ٻتي اُجهامي ويئي | هريڪانت | 153 |
| 27. | بيوس | بهاءُ الدين سرهندي | 159 |
| 28. | مائٽ ٻچو | جمال رند | 162 |
| 29. | واڇوڙن ۾ لاٽ | حميد سنڌي | 166 |
| 30. | سڪايل روح | غياث جوڻيجو | 177 |
| 31. | نيٺ بهار آيو | آغا سليم | 183 |
| 32. | سچ اُيرڻ ڪان اڳ | امر جليل | 198 |
| 33. | ڏُٻڻ | علي بابا | 206 |
| 34. | ڪارو تِر | غلام نبي مغل | 217 |
| 35. | مَٻُو چريو | "زيب" پنّي | 222 |


❖

# مهراڻ

## جون

## چوند ڪهاڻيون

اڪيلو، مٿي تي ٻانهن رکيو. اکيون ڦاڙيو. ٻينو ڏسندو. نڪر جو جنڊ، نڪر جي گاڏي، نڪر جو اُٺ، ناڪيليءَ سان، دل چوندي هيس تہ هٿ لائي ڏسان، پر ڪير تو ڪنهن کي هٿ لائڻ ڏئي، نڪ جي چوٽڙي ڳاڙهي ٿي ويندي يس، ونئي هڪ ڀاسي پڇندو، ڪنڌ ۾ منهن ڪري، پٽ تي ليڪا پائيندي، پيو چَپَ ڪڍندو ۽ سنگهہ اُگهندو.

سڪي سڪي رانديڪو چورايائين. سانديندو پيو سانديندو هوس، لِڪي لِڪي راند ڪندو هوس. ننڍڙو ڪافور جو گڏڙو وڏين اکين سان ڇڻ تہ ڀاءُ هوس. ڪيئن تہ پٽس ڪَسي ورتس! سڏڪا ڀريندي ڀريندي، مار ڪائيندي ڪائيندي، ٽپا ڏيئي ڏيئي، رانديڪو ڇڏائڻ جي ڪيائين. ويچارو گڏڙو پٽس جي پيرن هيٺان چيپاتجي ويو. هن ڏاڍيون رڙيون ڪيون. پيءُ کي ”حرامي“ بہ چيائين. پٽس لتون بہ هنيس. ان ڏينهن ڏاڍو رنو. ٽُڪڙا ميڙي، اڱڙيءَ ۾ ويڙهي، ٻاريءَ ۾ وجهي ڇڏيائين. ڏينهن اهو ٿيو وري نہ رنو.

پيءُ تہ ڏني نہ وٺندو هوس. پلا لڱن جو ڪهڙو ٽڪر هوس، جنهن تي پٽس جا پادر نہ وسيا هئا. وڏو ٿيو، تہ لٺ ڪٽي ڪنيائين. چي. ”متان آيو آهين“ پٽس سمجهي ويو، وري نہ ڪڇيو. ٻين ماڻهن سان ازلي وير هوس، پلا ڪير ساڻس چڱيان هليو هو!

اندر ۾ ڌڪار جون ڀريون، ساهہ ساهہ سان نفرت ڦوڪون ڏئي نڪرندي هيس. ماڻهن کي ماريندي، ڦريندي، ڇيچلائيندي. ڪجهہ خيال نہ ٿيو هوس، ”ساڻس ڪو گهٽايو هئائون!“ نفرت سان ٽمٽار، ڪيتري بہ ڪڍي، تہ بہ اوتري جي اوتري، نہ گهٽجي نہ وڌي.

ڪيس هڪ ڪتو هو، گُلر ڪري پاليو هئائين، اهو مئو، تہ روئي وينو.

هڪ وار جهلجي پيو. گهلي آيس ٿاڻي تي . اجان ڪڇو هو. ڊڄي ويو. چي، ”الله سائين هي ڀيري ڇڏاءِ، تہ توبهہ ڪيم!“ پر جڏهن ڪيس مرچ وڌائون ۽ مُٽ پيارياٺون، تڏهن ڊپ لهي ويس. اهو ئي هڪ ڀِرون هيٺ، اک چنجهي، ٻيو ڀرون مٿي.

پوءِ تہ ڪئين ڀيرا جهليو. لوڏو ئي نہ اچيس. اک ڪٽيو نهاري تہ ساهہ سڪيو وڃي. جهڙي تهڙي پوليس آفيسر جي ڇاتي نہ ٺئي، جو ڪجهہ چويس.

چڱي مڙس جي چوريءَ ۾ جهليو. پوليس تي ٻار پيا . چيائونس، ”مال

موتاءِ“ وٺي آيس گهر. پيٽس کي اگهاڙو ڪيائون. چي وار ”پٽينس.“

ڪيس مان ڇٽي نڪتو. پيڻ جي منهن نه چڙهيو. ڇگي مڙس کي ماريائين. اهي پوليس جا آفيسر ماريائين. روپوش ٿي ويو. ڪهڙو روپوش؟ اتي ئي هو. پر پوليس کان ڏاڍو هو.

ڏهڪاءُ وجهي ڇڏيائين. ماڻهو مئو. ڇڻ ڪتو مئو. جڏهن ماڻهن جي ڳچين مان رت نينديون ڪري وهندو هو. جڏهن ڪتيل نڙگهٽ مان گرڙاٽ جا آواز نڪرندا هئا. جڏهن وڍيل رڳن مان رت ڇاٽيون ڪري نڪرندو هو ۽ رت جي گپ ۾ چڙهيون هٽنـدا. بل ڪائيندا هئا. تڏهن هو بيهي ڏسندو هو. هڪ ڀرون هيٺ. بيو مٿي ۽ اک ڇنجهي.

ڇڄون ڦرياءين. گهوٽ ڪنوار ماريائين. نوٽن جون ڍڳيون ڪري ساڙيائين. ڇيپيءَ کي بيهي ڏنائين. هڪڙو ڀرون هيٺ بيو مٿي. اک ڇنجهي.

هڪ دوست تي ڪاوڙيو. هٿي آنڊا ڪڍي رکيائينس. ٽڪر ٽڪر ڪري وڍيائينس. پوءِ وٺي ڪوڪون ڪيائين. اٺ پهر ماني نه کاڌائين. موٽي اچي فاتحا پڙهيائينس. ميڄون هيٺ لڙڪي آيس. رت لڳل کهاڙي کٽي خون واريءَ جاءِ تي پوري ڇڏيائين. ڇڻ ته پنهنجي ڏاڍ ۽ مستيءَ کي دفن ڪيائين....۽ پوءِ...

جهلجي پيو. هڪ ڪيس نه بينس. سئو ڏهين ۾ ڏنائونس. اڙجي ويو. مٿيءَ جي ماني. موبل ۾ رڌل دال. چرس پنگ جو واپار. بچي بازيءَ تي جهيڙا. سپ ٻٽ. قيدي توڙي ڪامورا. گار جي رئي. ڪُتي واري ڪار. هو گڏهه وانگر وهندو رهيو. گهُنڊ هنيو. چپ چاپ. ڪنڌ هيٺ ڪيو پيو ڳهندو هو. ڏينهن ئي بـچار گذريا. جيل کان باهر. پٿر پڃندي. هرو ڀرو جمعدار صاحب ڏنڊيون وهائي ڪڍيس. هن ڪنڌ ڦيري. ڀرون ڇڪي. ڏانهس ڏٺو. جمعدار صاحب تي زهر چڙهي ويو. گارين جو ڏوڙيو لائي ڏنائين. چي. ”ڏسنين ڇا ٿو؟“ هن جون ٻئي اکيون ڇنجهيون ٿي ويون. ڏند ڪرٽجي ويس. وٺي گجگوڙ ڪيائين. ٽپو ڏئي ڪڙڪي پيو. جمعدار جي ٻانهن ڪڍي وڌائين. هنگامو مچي ويو. قيدين جي بيگهي مٿي. سپاهين جون بندوقون ڇڏائجي ويون. هو پڇي ويو.

هن وچي پنهنجي کهاڙي ڪوٽي ڪڍي. ڇتائي ان کي ڏنائين. ڇڻ ته انساني مٿن جا گيها ٿي ڳٽيائين. سندس واڇ ڇبي ٿي. نڪ گهنجهيو ۽ اک

چنجهي تي، ڏڪار مان مشڪيو. ڪهاڙيءَ کي متي ڪري چمي ڏنائين. سندس ڦر جي تڪ کي آڱوٺي سان جاچيائين.

نئين سر ڪوس شروع ٿي ويا. سٽلن کي ماريائين. ٻي ڏوهن کي ڪنائين، گهر ساڙيائين. زائفن جا پارَ، پارن جو رودن، باهه جون لاٽون- ڏسندو ڏسندو هليو ويندو. وري وري مُڙي ڏسندو. نه خوشي نه خار. اها ئي چنجهي، واچ لڙيل، پرون هيٺ متي. پچڪ ڪري ڪٽي ٽُڪ اچلیندو.

هڪ لڳا ڏينهن ڏني جو ڌاڙو هنائين. سڀي ڳوٺ کي ڪٽي مُٺ ۾ ڪيائين. جو جتي سو تتي. هيسيل ۽ چپ. هي ڳاٺ اوچو ڪيو، پرون تاڻيو پئي آيو ۽ ويو.

اڱڻ ۾ هلندي، پير هينان ڪو رانديڪو اچي ويس. اوائين سالن جي ٻار، ماءُ جي ڪڇ تان دانهن ڪئي:"ڪنو حلامي!" هن مُڙي ڏنو. ماءُ جهٽڪو ڏيئي، ٻار جي وات تي هٿ ڏنو. ڪٽي چاتيءَ سان چنبڙايائينس. ويچاريءَ جي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو. ٻار کي اجا ٻه چاتيءَ سان سوگهو ڪيائين. اکيون ڪٽي هن ڏانهن نهاريائين. چا ته هو ماءُ جي اکين ۾! هو پند پاهڻ ٿي ويو. ٻار کي ڏنائين. پڳل رانديڪي کي ڏنائين. ماءُ جي ياڪر کي ڏنائين. ڪيئن ته ٻارڙو، ماءُ جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون ورايو، ننڍي هَنيو پيو هو. هو ڏسندو رهيو. هن جا چڪيل پرون، هوريان هوريان، سڌ ۾ اچي ويا. هن جُهڪي پڳل رانديڪو کنيو. تڪر ميڙي اڳتي وڌيو. وجي مائيءَ جي هٿن ۾ ڏنائين.

انهيءَ ئي ڌاڙي ۾ هو جهليو. سندس کي ساٿي ماريا، کي متس ٻاکو تيا. مائيءَ شاهدي ڏني. پڳل رانديڪو پيش ٿيو. کيس جنم ٽيپ آئي.

هو ماڻ هو صفا ماڻ. سندس پرون سڌ ۾ هئا. اکيون هڪ ڪريون هيس. جڻ ته پري پري پئي ڏنائين. مائيءَ کي، ٻاڙي کي، سندن ياڪر کي .... ۽ پاري ۾ پيل ڳُڏڙي کي. سندس ڪنن ۾ آواز اچي رهيا هئا-"ڪنو...حلامي..."

کيس سينٽر جيل تي موڪليو ويو. لُولو جمعدار جيلر ٻڌجي چڪو هو. هن کيس ڪنيو ٻڌايو. کيس اُگهاڙو ڪرايو ۽ کيس ڏنڊي لنگهائي. هن کي اونڌو ڪري سينٽر جي وڻ ۾ لڙڪايو ويو. صبح جو هو مري ويو. کيس لاٿو ويو. سندس ڏنڊي ڪڍي ويئي. رت وهي هليو. چيائون ته سوري هيس. لُولي جيلر کيس ٺڏو هنيو. چيائين. "بدمعاش!"

(مهراڻ 3-1956ع)

## سوڀيو گيانچنداڻي

# ڪڏهين بهار ايندو............

”پڌ ته ....“

”چئه....“

”مان تي چوان....چوان؟“

”چئه نه!...ڪير تو جهليئي؟“

”اڄ مون کي سئنيما تي وٺي هلو.“

”ڳالهه به ايتري! چڱو هلنداسون. مان ڪلاڪ ڪن لاءِ هڪ ميڙ ۾ تو وجان. تون تيار ٿي ويهجانءِ. جيئن پهرئين کيل تي پهچي سگهون.“

”ته چئو ڇو نٿا، ته نه هلندؤ. مون کي اهي چالاڪيون سُجهن ٿيون. اڌ رات جو موٽي ايندؤ. چوندؤ ته ”ڳالهه ئي وسري ويئي“- اهي سنگتي توهان کي ڇڏين ڇو ٿا؟“

ءُ رسي، منهن ڦيري، رڌڻي ڏي هلي ويئي. ايتري ۾ ڪِڪو ٻاهران ڊوڙندو. آيو مون کي ڪپڙا پائيندو ڏسي ، چيائين:

”مان به هلندس! امان مون کي لٽا پاراءِ، مان ” پائوءَ“ سان گهمڻ ويندس!“

”پٽ! تون لٽا پاءِ، ته ڪيل تي هلنداسين. هو ڏٺو هوءِ نه؟ ڇوڪريون اچن پيون، ڇوڪريون وڃن پيون، ڇوڪريون نچن پيون....هاٿي پلو پٽ آهين نه! وڃ ماءُ ڪان لٽا وٺي پاءِ، ته مان ٻگي وٺي اچان. ٻگيءَ تي هلندين نه؟“هن ماءُ ڏي مهڙ ڪئي، ته مان گُهٽ ڏيئي ٻاهر نڪري ويس.

عباس جي جاءِ تي ادبي محفل هئي. ان ۾ وڃڻ به ضروري هو. خبر هيم ته ڪلاڪ ۾ جند مشڪل ڇٽندي. پر جي ڪلاڪ ۾ موٽي اچڻ جو انجام نه ڏيان ها، ته ڪلاڪ ويهي ڳالهيون ٻڌٿيون پون ها! خيال هو ته محفل جي وچ مان کسڪي ايندس. گهٽ ۾ گهٽ ڪڪي کي نااميد ڪرڻ جو ويچار ڪو نه هو.

عباس جي جاءِ تي پهتس، ته محفل اڳي ئي مٿي ٻيني هئي. حليم ڏاڍي زور سان ڇئي رهيو هو: ”مان انڪار تو ڪريان ته هن شيءِ ۾ ڪو صحتمند خيال پيش ڪيو ويو آهي. ان ڪري افسانو ڇوڻ به غلط آهي. فن جي خيال کان هن ۾ سخت ڪمزوريون آهن. هر لحاظ کان هيءَ تحرير هڪ ناڪام

ڪوشش آهي...!"

ڇا پڙهيو ويو هو، ڪنهن پڙهيو هو- خبر ڪا نہ هئي. دير سان پهچڻ جي اها ٿي سزا ٿيندي آهي

شورش چوڻ شروع ڪليو، " مون کي حيرت آهي تہ خير محمد جي هڻ پيشڪش کي افسانو مڃڻ کان ٿي انڪار ڪيو وڃي ٿو: جيتوڻيڪ افساني جون سموريون وصفون- افسانوي طرز بيان، هڪ مرڪزي خيال، دلچسپ گفتگو ذريعي ڪردار نگاري، ۽ ترقي پسند لاڙو-سڀ ڪجھ تہ منجهس آهي! باقي رهي "لذتيت"، سو جيڪڏهن ڪا شيءِ بڻندي "لست" نہ اچي، تہ باقي بڻجي ٿي ڇو؟ ڏسڻو اهو آهي تہ اديب يا فنڪارپنهنجي تخليق ۾ سستي تيت تو پيدا ڪرين. دلسوز لطف. منهنجي دعوا آهي تہ "انن مڙسن جي جوءِ" سنڌي ادب ۾ هڪ نئين موڙ طرف اشارو آهي. سوچيو تہ سهي ويچاري مظلوم عورت -پيار ۽ محبت لاءِ تڙڦندڙ عورت. سندس پهريون مڙس ابي جي عمر جيڏو آهي، جو ڪيس جاڳائي تہ ٿو پر خوش نٿو ڪري سگهي. ٻيو يار آهي، جو ڪيس ٻچائي وري وڪرو ڪري ٿو ڇڏي. هڪ پنهنجي موت مري ٿو، تہ ٻيو ڪيس ان ڪري پرڻايو وڃي ٿو، جو هو مري ويل جو ڀاءُ آهيۓ هو ڪيس ايترو تہ ماري ٿو، جو هوءَ سر بچائڻ لاءِ ڀڄي نڪري ٿي، ۽ اهڙيءَ طرح عورت ماءُ، ڀيڻ، زال، ڌيءُ، ابوجھ، معصوم، ڪمزور ۽ بي دست وپا- هن مرداڻي سماج جي ٺڦڙن کائڻ لاءِ زندگيءَ جي عمر جي بحر ۾ لڙهڻ شروع ڪري ٿي! سوچيو تہ ڪيتريون نہ عورتون آهن، جن جي لاءِ زندگي مستقل جيل آهي، جهنم آهي، هجڻ آهي، ۽ بي موت مرڻ آهي! محنت مزدوري ڪرڻ، لٽا ڌوئڻ، ٻهاري پائڻ، گونهن-مٽ ميڙڻ، پيهڻ، پاڻي ڀرڻ، رڌڻ پچائڻ، ۽ موچڙا کائڻ،اهو عورت جو روزانو ڪاروبار آهي:ۓ سڀ کان وڏيڪ ظلم آهي هن کي چوديواريءَ ۾ بند ڪرڻ، جنهن سندس سوچ، خوداراديءَ،خودداريءَ کي ختم ڪري، ڪيس مرد جي حڪمن خواهشن ۽ خيالن جو رانديڪو بڻائي ڇڏيو آهي. ڪڏهن توهان ان تي سوچيو آهي،... ۽ ان ڏس ۾ ڪجھ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟ هيءُ افسانو هر سوچيندڙ شريف انسان لاءِ سندس ماءُ، ڀيڻ، زال، ڌيءُ، چاچيءَ، ماميءَ-مطلب تہ هر عورت طرفان للڪار آهي! مظلوم دنيا ۾ گهڻي ٿي آهن، پر عورت جي نسبت سڀ ظالم آهيون!.....

ڳالهہ ڪجهہ سمجهہ ۾ اچي رهي هئي. خير محمد جي افسانـي اهـي سمورا پهلو پيش ڪيا هئا يا نہ. پر هي بحث ڏاڍو دلچسپ رخ وٺي رهيو هو.

نور چيو: ”صاحب صدر! شورش صاحب ڪجهہ اهڙي طرز تـي ڳالهـايو آهي،جو اها ڳالهہ بنيادي طرح سمجهڻ جي ضرورت آهي تہ عـورت ڪـي آزادي ڏيڻ مان فائدا گهڻا آهن يا نقصان. منهنجي ناقص عقل موجب عورت جي جاءِ گهر ۽ ڪٽنب ۾ آهي، ۽ جن خرابين ڏانهن هيءَ آڪاڻي اشارو ڪري ٿي، سي هڪ خراب معاشري جي پيدائش آهن. جيڪڏهن اسان جو معاشرو اسان جي مذهبي احڪام تي، نيڪ نيتيءَ سان هلايو وڃي، تہ اهي خرابيون پيدا ئي ڪين ٿين. ٻئي طرف، توهان کي خبر آهي تہ مغربي ملڪن ۾ عورتن جي آزاديءَ ڪهڙا انگور ڪڍيا آهن:سو شادين مان پنجهتر جو نتيجو طلاق جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو، ۽ بداخلاقي وڌي رهي آهي. اسان جي پنهنجي ملڪ ڏانهن بہ نظر ڪريو تہ ڪا ڪاليجي ڇوڪري پاڪدامن آهي!“

شڪر آهي جو مولانا نُور ڪِنسِي ريورٽ ڪانہ پڙهي هئي، نہ تہ انگ اکر ڏيئي بِرُ ڪري ڇڏي ها- هونئَن بہ ڳالهہ کي وڌائي ناهي پيش ڪرڻ تہ مولانا صاحب جو پيشو هو.

سيني چيو: ”نيڪ آهي. پهريائين اهو طئي ٿئي تہ ”عورت جي سماج اندر صحيح جاءِ ڪهڙي آهي؟“

محبوب چيو: ۽ٻيلي ٻڌايو تہ سهي، عورت هڪ دفعو ڪنهن سان محبت ڪري تہ هوءَ ڇو جُوني يا باسِي سمجهي وڃي ٿي، مرد سڄي عمر عيش ڪري تہ بہ نت نئون ۽ ڪنوارو ڇو سمجهيو وڃي؟ جيتوڻيڪ محبت ڪرڻ سان نہ عورت گَسِي ٿي وڃي ۽ نہ مرد-بشرطيڪ حد ڪان متي چڙهي نہ وڃن. آءُ تہ ۽فري لوءِ (آزاد محبت) جو قائل آهيان.... پر.... پر منهنجي محب ڏي ميريءَ نظر سان نہ نهارجو، ڇو تہ پرايون نظرون بہ عورت کي ناپاڪ ڪري ڇڏين ٿيون!۽

هارون:”ميري سان ميري، تيري سا هون هون“-بلڪل عياشيءَ جو پروانو آهي!“

....سو، ”ڪوڪوشاستر“ کان وٺي انسان جي دنيا ۾ پيدا ٿيڻ جي مقصد تائين داستان ڇڙي ويا. بدقسمتيءَ سان، جا ”بحث جو موضوع“ هئي سا مجلس ۾ هڪ بہ ڪا نہ هئي. اسان جي بهشت مان رڳو حوا ئي خارج آهي. آدم ۽ آدم جا پُٽ ڪٽڪ بہ پاڻ ۾ ويهي وندبيندا آهن!

مسرور چيو:"پاڻ آهيون قلندر شخص- اصول جي پاڻ وٽ وقعت ڪانهي. شاديءَ جو تڪلف پاڻ کان ڪونہ پڄندو. "جتي پڪي، تتي ڪاڏي"-اهو اصول پاڻ بيءَ ڏر لاءِ بہ تسليم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون! "گهر گهوڙو ٻڌي ڪُتر ڪرڻ، پاڻ کان ڪانہ پڄندي!"

الياس چيو:"منهنجي راءِ ۾ آزادي بہ- ڌاري ترار آهي. جي زالن کي آزادي ڪپي، تہ ڪتنب جي پيٽ پالڻ ۽ گهر جي خرچ پکي هلائڻ لاءِ ڪين بہ بهرو ونئو پوندو. مان گهر ڏيائين، مزور يا هاري عورتن جي ڳالهہ ڪا نہ ٿو ڪريان. اهي ويچاريون تہ پنهنجي مڙدن ڪان بہ وڌيڪ ڳهنديون رهنديون آهن. مان پڙهيل ڳڙهيل زالن جي ڳالهہ ٿو چوان. سندن تعليم جو فائدو ئي ڪهڙو، جي هو رڳو پنهنجي گهوٽ جي گهر جي زينت بڻجي وڃن، ۽ سندن علم ۽ صلاحيتن جو فائدو نہ گهر کي ملي ۽ نہ ٻَپرَ کي! پڙهيل ڳڙهيل زال جي حيثيت جيڪڏهن گهر جي ٻئي فرنيچر وانگر رڳو دوستن کي رشڪ ڏيارڻ يا پنهنجي برتريءَ جي احساس کي زور وٺائڻ لاءِ هجي، تہ آخر ان تعليم مان ڇا ھڙ حاصل....؟

آصف چيو: "آءٌ قبول ٿو ڪريان تہ عورت کي آزاد ٿيڻ گهرجي. ان مان گاڏيءَ جي ٻن ڦيٿن جي برابريءَ کان وٺي اڄڪلهہ جي رومانٽڪ محبت، رفاقت وغيره جي دليلن تائين سڀ حوالا ڏيئي توهان کي ٿڪائڻ نٿو چاهيان، ڇو تہ مان پاڻ تڪجي پوندس. ان ڪري، قصو مختصر تہ مان پنهنجي محبوب يا زال کي- جيڪو رتبو ڪيس وٽي، قبول ڪري سگهي ٿي.بلڪل قسم کڻي يقين ڏياري سگهان ٿو، ۽ توهان شاهد هججو، تہ سندس آزاديءَ ۾ ڪا بہ ارچڻ نہ وڌي ويندي، پر ان عيوض آءٌ بہ يقين وٺڻ گهران ٿو تہ مون کي سندس چاڪر، محافظ ۽ پوليس وارو وغيره بڻجي سندس پنيان نہ وڃڻو پوندو: جي آزادي ڪپين،تہ پنهنجي عزت ۽ عصمت جي حفاظت بہ پنهنجي مٿي پاڻ ڪن،پوليس واري جا فرائض پاڻ کان نہ پڄن!"

ڳالهہ دل وٽان هئي! جي سهيلين وٽ وڃڻو هيس، تہ نوڪر ساڻ ڪري وڃي، پر جي مان گهر هجان، تہ ڪٿي "پليٽو" پڙهندو هجان تہ بہ اهو ڇڏي هن سان ساڻ وڃڻو پوندو، ۽ عزت وري اهڙي ملندي، جو پاڻ ويني ساهيڙين سان ڏاڙون ڏشا هڻندي ۽ گلا غيبت ڪندي، ۽ اسان کي رڳو پريان پيا تهڪ ٻڌڻ ۾ ايندا! هڪ پيري دل سِرڪي تہ ڏسان تہ ڇا ٿي ٿيون ڪلن. ڪٿي ڪتان ليئو

پائي ڏنم پڪڙجي پيس. گهر موٽي اچي چيائين، ”هيڏا سارا ٽيا آهيو. اجان پيا تيڏ ڪيو ٻيـُن ڏي نهاريو!-ڪيڏي نہ مون کي لڄ آئي!“

سو هي محافظ جو ڪم سچ پچ ڏکيو آهي. هڪ ڏينهن ڪڪي کي ساڻ ڪري، وچ بازار مان لنگهي ويئي اسان جي ماساتين جي گهر. شهر ننڍو. جتي عورتون رستي تي گهمن ئي ڪونہ. جي لنگهن تہ موٽر ۾ قرڙات ڪري لنگهي وڃن يا گاهي گاهي برقعي ۾ لنگهي وڃن. پر هيءَ مُنهن اگهاڙي سري بازار مان لنگهي ويئي. رستي جي ٻنهي پاسن کان ماڻهو بيهي ڪيس ڏسڻ لڳا. جيئن ئي ڪيس احساس ٿيو تہ سڄي بازار ڪيس آترويلا سان ڏسي رهي آهي، تہ هن پنهنجي رئي کي سوڙهو ڇڪي تڪڙو هلڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪڪو آهستي آهستي هلي رهيو هو، ۽ هوءَ شرم جي ماري اهي ٻہ منٽ ٻہ ڪلاڪ سمجهي، سڄي پگهر ۾ تر ٿي ويئي، موٽي آئي تہ چيائين، ”مٺا ماڻهو آهن ڪين بگهڙ! ائين پيا ڏسن، ڇڻ سڄو ڳڙڪائي وڃن!“

ڇيو هومانس، ءِآهين بہ ڳڙڪائڻ جهڙي نہ!۽ تنهن تي هوءَ رُسي ويهي رهي.

سو، جي آزادي کپين، تہ پنهنجي پيرين سيرين بيهن ۽ هلن، ٽيڪ لاءِ مرد کي لٺ نہ بڻائين.

”قلندر“ وري وارو ورتو. چيائين: ”مابدولت ان حد تائين وڃڻ لاءِ تيار آهي، جي اسان جي آئيندي جي محبوبڙي پاڻ لاءِ ”فريڊم آف ائڪشن“(عشق جي ميدان ۾ آزادي) چاهيندي، تہ مابدولت کي ڪو بہ اعتراض نہ رهندو. پر جيڪي بار پيدا ٿيندا انهن کي پالڻ پوشڻ جي ذميواري ڳڏيل يعني اڌو اڌ ٿيندي....پر ان لاءِ بہ ڪيس ثابت ڪرڻو پوندو تہ خالص منهنجا ٻار ڪهڙا آهن- باقيءَ جي ذميواري ٻين تي رهندي!“

غيور چيو: ”هي ساريون ڳالهيون اسان جي اخلاقي قدرن، مذهبي روايات ۽ قبائلي غيرت جي خلاف آهن. هي مغرب - زده خيال آهن. عمل ۾ نر فطرتن حاسد آهي ۽ پنهنجي کي پنهنجو ۽ پرائي کي بہ پنهنجو بنائڻ جي جذبي هيٺ ڪم ڪري ٿو.“

رحيم چيو:”اسان پنهنجي موضوع کان پري هٽندا پيا وڃون. ماڻهو پنهنجو عمل حقيقتن مطابق ڪندو آهي، ۽ اصول صرف حقيقتن کي سمجهائڻ ۽ انهن تي روشني وجهڻ ۾ مددگار ٿيندا آهن. اسان مان ڪهڙو آهي، جيڪو دل ۾

ڪيتريون تمنائون رکندي بہ انهن کي عملي جامو پهرائي سگهي ٿو؟ صرف ماٺهوءَ کي ڏسڻو بہ نہ ٿيڻ گهرجي. جنهن ڳالهہ کي هو نيڪ مڃي، تہ ان تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪرڻ گهرجيس. اسان سڀ ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين عورتن جي آزاديءَ جا قائل آهيون: پر ڪيترا آهن، جي انهن خيالن تي عمل ڪندا آهن؟ توهان مان ڪيترا آهن، جي آزادي جا اعلان ڪندي، ڪڏهن پنهنجي زالن ۽ ٻارن ۾ ڏين، پينرن کي رڳو گهمائڻ بہ وٺي ويندا هجن؟ توهان مان ڪير آهي، جو پنهنجيءَ ڪنهن بہ مائٽياڻيءَ کي پنهنجي شريف ڪان شريف دوست جي سنگت ۾ ۾ آڻڻ لاءِ تيار هجي؟ عورت جي آزاديءَ طرف پهريون قدم آهي هن تي اعتبار - جي اهو اعتبار نہ آهي، تہ هوءَ ڪنهن حد تائين غلام رهندي، پر جي آزاد ٿي، تہ هن کي اڏامي وڃڻ جو بہ بنيادي حق آهي.

چانهہ آئي. بحث گهڻجي وري تيز ٿيندو رهيو. عباس جي جاءِ مان اُٿي يارن جو ٽولو هوٽل ۾ اچي وينو ۽ آخر اڌ رات جو هوٽل واري دروازا بند ڪرڻ شروع ڪيا، تڏهن محفل ُٽٽي. گهر اچي در کڙڪايم. در تہ لاٿائين، پر ائين ڏنائين جڻ چئي رهي هئي، ءِتو کي گهر ٻار جي ڪهڙي پرواهہ.... توکي پنهنجا سنگتي جو آهنءِ.

مون مٿان ۾ ڪپڙا لاٿا. هوءَ چپ چاپ ڳوڙها ڳاڙڻ ۽ پوءِ سڏڪا ڀرڻ لڳي. چيائين: ”توهان شادي ڇو ڪئي، جي منهنجا هي حال ڪرڻا هيَــو؟ منهنجو نہ، تہ ڪڪي جو تہ خيال ڪريو ها. ويچارو روئي روئي سمهي پيو“.- تڏهن مون کي ياد آيو تہ مون کين سئنيما ڏيکارڻ جو واعدو ڪيو هو!

مون چوڻ چاهيو، ”مون کان وسري ويو“... پر مون کي ائين چوڻ جي همت نہ هئي، ڇو تہ اهو جملو َسو دفعا ڪم اچي چڪو هو. هن برسڻ تي چاهيو.مون ڳوڙهو ڳيهي سمهڻ تي چاهيو. هن چڙي چيو:”توهان کي ٿي ڇا ويو آهي؟ ڳالهايو بہ نٿا!“

چيم:”ڇا چوان! مـِني اهو ئي حال آهي!“

هن اکيون مٿي ڪري، مون کي ُشوڪي ڏنو. مون کي ترنگ اچي ويو.

چيم:”الائي ڪڏهن زمانو بدلبو!... ڪڏهن بهار ايندو!“

ڳوڙهن ڀريل اکين سان هن منهنجي ڳوڙهن ڀريل اکين ۾ ڏٺو. چيائين توهان روئو ڇو ٿا؟....۽ پوءِ هن ائين سيني ۾ جاءِ ڏني، ڄڻ آءُ بہ سندس ڪڪو هوس.

(مهراڻ، 4-1956ع)

## زينت عبدالله چنا

# مِــتي

بين عورتن سان گڏ هوءَ بہ منهنجي مالڪڻ وٽ مزوري ڪرڻ ايندي هئي. هوءَ بين وانگر گهڻو ڳالهائيندي نہ هئي، پر ڪم سيني کان گهڻو ڪندي هئي، جو ڪم بين کان نہ ٿيندو هو، مان هن کي چوندو هوس، تہ هڪدم ڪندي هئي. ٻيون عورتون سيني نوڪرن چاڪرن سان کلنديون ڳالهائينديون هيون، پر هوءَ ڪنهن سان بہ ڪو نہ ڳالهائيندي هئي، جي ڳالهائيندي هئي تہ فقط پنهنجي پٽ دائود سان. دائود عمر ۾ ڇهن پنجن سالن جو هو، پر پنهنجي تندرستي ۽ بوتي جي ڪري ستن اٺن سالن جو پئي لڳو. سندس اکين ۾ شهزادن جهڙو چمڪو هو، ۽ جنگجو سپاهيءَ وانگر منجهس جرئت هئي. هلندو هو تہ سينو تاڻي هلندو هو. ڄڻ ڪو وطن دوست پنهنجي سيني تي گوليون کائي نڪتو آهي. ڏاڍو وڻڻ جهڙو ٻار هو.

هڪ دفعي مان پنهنجو پيار روڪي نہ سگهيس ۽ ڪيس ڳل تي هڪ "مِـتِي" ڪٽي ڏنم. دائود روئڻ لڳو ۽ ماءُ کي چوڻ لڳو: "امان هن هتي "چي" لڳائي آهي. دائود جي "چي" تڏهن لتي جڏهن ماڻس ڳل تي بار بار منيون ڏنيون. مان ڏاڍو شرمندو ٿيس. دل ۾ سوچڻ لڳس تہ هن ڇوڪري تي آخر ڪيئن فتح حاصل ڪجي! ٻار مون کي بہ پنهنجو هو، پر هن کي ڪنهن بہ ڪاڏي جي شيءِ سان هر ڪو فتح ڪري تي سگهيو: اُن ۾ ايتري جرئت ڪٿي؟ شايد اُن جي ماءُ جي پيار ۾ اهڙي اونهائي نہ هئي، يا "هرڪا عورت ماءُ نتي تي سگهي" وارو مقولو پورو تي تي آيو. بهرحال مون کي دائود جي ماءُ جي خصلتن ۽ دائود جي جرئت انهن ڏي ويجهو ڪيو.مون ڪوشش ڪندي نيٺ انهن ڏي ويجهو قدم وڌايو.

دائود جي ماءُ هڪ بيوهہ هئي. چڱي گهر جي عورت هئي. مڙس مرڻ بعد ڪيس مڙس جي رشتيدارن ملڪيت ڦري ڪڍي ڇڏيو هو. دائود جي خاطر هن شرم ۽ حيا، ۽ وڏائيءَ کي ڳنڍڙيءَ ۾ ٻڌي مزوري شروع ڪئي هئي، پورت اُن مان بہ خيرڪي ٿيندي هيس، پر هن دائود کي ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگڻ جي تعليم نہ ڏني هئي. پاڻ رکي سُڪي کائي، هن دائود کي چڱو ڪارايو ۽ پهرايو تي. نالي ۾ هوءَ "سوني" هئي پر هن پاڻ کي لوهہ کان بہ سخت بنائي ڇڏيو هو.

معلوم ائين ٿي ٿيو ڇڻ هن پنهنجي ”نسائيت“ کي پري هٽائي هڪ پاسي رکي ڇڏيو آهي. جيتوڻيڪ هوءَ شڪل شباهت جي سني هئي ۽ منجهس اُهو ڪي هو جو هڪ قبول صورت عورت ۾ هئڻ کپي. پر هن پنهنجي انهي مقبوليت کي پاڻ ڄاڻي ٻجهي متيءَ ۾ لوٽي ميرو ڪري ڇڏيو هو. هوءَ صرف دائود لاءِ هئي ۽ دائود صرف هن جو هو. اهو ئي سبب هو جو هن جي ”منيءَ“ ۾ اها پاڪيزگي هئي جو دائود لاءِ هر درد جو درمان ۽ ايذاءَ جو علاج اها هڪ ئي ماءُ جي مني ڪافي هئي. مون ڪيترا دفعا دائود جي ٻڪ ۾ انهيءَ ”منيءَ“ سان دفع ٿيندي ڏٺي.

گهٽي ڪم، ٻڪ ۽ فاقن آخر سونيءَ کي ڪيرائي وڌو. مون ڏٺو پئي تہ هوءَ آهستي آهستي موت ڏي وڌندي وڃي؛ پر هُن ڪڏهن بہ ڪنهن جي مدد وٺڻ قبول نہ ڪئي. انهيءَ قسم جي گفتگو کان هوءِ هميشہ ٽٽائيندي هئي. اڪئين پئي ڏٺم: تہ انهي قسم جي خود داري ڪيس موت جي منهن ۾ اُڇلائي رهي هئي. پر هن جي اهائي روش ۽ اهو ئي ڍنگ، جو ڄڻ تہ ظاهر ظهور چئي رهي هجي:”مون ۾ توهان جو ڇا، ڇا ۾ اوهان منهنجا آهيو!“ ڪڏهن ڪڏهن ڪيس ڏسڻ ويندو هوس. پر ڪيترو آخر، ڪو ڪنهن وٽ انهن حالتن ۾ ايندو ويندو رهندو؟

هڪ ڏينهن صبح جو وقت هو تہ دائود منهنجي دروازي تي مون کي سڏي چوڻ لڳو:”امان تي سڏئي“. مان ترت ئي ساڻس ويس. ڏٺم تہ سوني آخري پساهن تي آهي. پنهنجي سيرانديءَ کان سُکل مانيءَ جي ٽڪر ڪڍي دائود کي ڏنائين ۽ دائود جي ٻانهن مون کي ڏنائين. دائود زوريءَ مون کان ٻانهن ڇڏائي ماءُ جي مُنهن تي مُنهن رکيو. پر سندس ماءُ جي ”مني“ اڌوري رهجي وئي ۽ دائود روئندي روئندي اُتي ئي سمهي پيو. مان سنڌل دائود کي گهر ڪڻي آيس. منهنجي زال ههڙي مهانگائيءَ جي وقت ۾ دائود کي پاڻ وٽ رهائڻ کان ڪيٻايو. مون مالڪڻ کي ستايو. دائود جي حال تي رحم ڏياريو. ڪيس چيو:”دائود لاوارث ۽ يتيم آهي. اوهان جي ۽اوهان جي ٻچن جي ٻچت سچت ڪائي وڏو ٿيندو. وڏو تي اوهان جي گهر جو نمڪ خوار نوڪر بنجندو“ پر مالڪڻ هڪ يتيم ڇوڪري کي پنهنجي متان مصيبت سمجهي پاڻ وٽ رکڻ کان انڪار ڪيو. آخر شام جو مالڪ آيو.اُن کي ستايم. جنهن خدا ترسي ۽ درد منديءَ خاطر دائود کي رهائڻ قبول ڪيو ۽ مالڪڻ کي بہ سمجهايو. ۽ دائود اتي رهڻ لڳو.

پر دائود اُهو ساڳيو دائود نہ رهيو. جنهن کي هڪ ڏينهن منهنجو پيار

"چي، چي" تي لڳو هو. سو هينئر منهنجو پيار هيڏانهن هوڏانهن جون نظرون بچائيندي چپ چاپ برداشت ڪندو هو. بلڪل اهڙيءَ طرح جهڙيءَ طرح هڪ ٻُڪيو برهمڻ ڪيترن ڏينهن جي بک سبب لڪي ڇپي ڪنهن اڇوت جو پَـٽُ کـائيندو هجي. هو جڏهن پنهنجي مزي ۾ ايندو هو. تڏهن خوب هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندو هو. راند ڪندو هو. مان سمجهندو هوس ته اجهو ٿو ڪري. پر ڪرندو ڪو نه هو. چو ته ڪيس خبر هئي ته هر ڏک، هر زخم جو علاج "منِي" ته گهٽو اڳ ڪانئس جدا ٿي چڪي هئي. ڇوڪرا ڪيس ماريندا هئا. پر هو چپ رهندو هو: اکين ۾ پاڻي ايندو هوس، پر اوچنگارون ڏئي ڪو نه روئندو هو. هو ڏينهون ڏينهن پنهنجو پاڻ ۾ ڇپندو ٿي ويو. منجهائنس اها جرئت، اها البيلائي جيئن پوءِ تيئن گم ٿيندي ٿي وئي. مان جڏهن اهو ڏسندو هوس ته مون ڪان "آهه" نڪري ويندي هئي!

هڪ ڏينهن دائود ڪي ڪجهه وقت گهر ۾ ڪو نه ڏٺم. اوچتو مالڪڻ جي رڙين تي معلوم ٿيم ته مالڪڻ جي ٻارن سان ٻاهر نڪري ويو آهي ڇو ته مالڪڻ چوڻ لڳي ته "ڇورو ندورو، منهنجي ٻارن کي به الائي ڪٿي رلائڻ وٺي ويو آهي." مان ڊوڙندو ٻاهر ويس، سامهون ڏٺم ته ميدان ۾ ٻار ته سڀ هئا. پر پرئين پاسي ڪان هڪ ڏاند کي ٻارن ڏي ڊوڙندي ڏٺم. هڪ به ويو ٻه به ويا. ڊوڙي اڳتي ويس. پر ڏاند اڳ ئي ٻارن وٽ پهچي چڪو هو. ٻار ته بچي ويا. پر مالڪڻ جو ننڍڙو ڪڪو بچي نه سگهيو. دائود جڏهن اهو ڏٺو ته هن هڪدم ڪڪي کي ڌڪو ڏئي ڏاند جي اڳيان ٿي بيهي رهيو. ڪڪو بچي ويو ۽ دائود زخمي ٿي پيو. مان جڏهن پهتس ته ڪڪو روئي رهيو هو ۽ دائود بيهوش پيو هو. مون بيهوش دائود کي ڪلهي تي کنيو ۽ ننڍڙي مالڪ کي ڇيچ ڪان ورتو. گهر پهتس ته مالڪڻ ڪاوڙ مان چيو: "منهنجو ٻچو پيادل پيو اچي ۽ بادشاهه زادو ڪلهي تي کنيو پيو اچين؟" مون ڪجهو ڪو نه ۽ دائود کي پنهنجي ڪونيءَ ۾ ڪٽي ويس. گهڻ جتنن بعد بيهوش دائود هوش ۾ آيو. هوش ۾ اچڻ بعد هو روئڻ لڳو. مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته هو ماٺ ڪري، پر اڄ دائود کي منيءَ جي ضرورت هئي، جا هن جي دک جو درمان هئي: پر اُها منِي اچي ڪٿان!

منهنجو دماغ ڦاٽي رهيو هو. سرجي درد ڪان زيادهه مون کي دلي درد هو:ڇو ته دائود جي روئڻ مون کي بي قابو بنائي ڇڏيو هو. ننڍڙي مالڪ کي ته ڌڪو کائيندي ٿورو زخم ٿيو هو. پر دائود جو ته هر عضوو زخمي پيو هو ۽ علاج ننڍڙي مالڪ جو ٿي

رهيو هو. ڊاڪٽر موٽرن ۾ پئي آيا، آرام ۽ ڪاڌي جا مشورا پئي ڏيا، ننڍن ۽ وڏن پئي پڇيو. مون کي اهو حال ڏسي پنهنجي مفلسي ۽ بي وسيءَ تي غصو پئي آيو. ۽ هر هر دائود ڏانهن وحشت ڀرين نگاهن سان پئي نهاريم. ڪڏهن ڪڏهن دل ۾ ويچار پئي آيم تہ آخر هيءَ مصيبت مون ڇو پالي جنهن دلي آرام وڃايو آهي، جنهن مون کي منهنجي نظرن ۾ ايڏو بيوس ۽ مجبور ثابت ڪيو آهي. اها حالت شايد دائود بہ سمجهي ورتي، ڇو تہ اُن جون خاموش نگاهون چئي رهيون هيون تہ تنهنجو پيار ڪوڙو هو تڏهن تہ جلد ڪڪ تي پيو آهين، اُن ڪري تہ تنهنجي پيار ۾ "ڇي" هئي. مان پاڻ کي نهايت شرمنده سمجهڻ لڳس، مون ۾ دائود سان اکين ملائڻ جو تاب نہ رهيو.

متي جي سور جي هوندي بہ مان سڄي رات جاڳيس، ڇو تہ دائود کي زخمن جي سور ڪري بخار هو. ۽ هو ساري رات روئندو رهيو. صبح ٿيڻ ۾ ڪجهہ دير هئي تہ دائود ننڊ ۾ روئندي چيو "امان تون اچي وٺينءَ!" مون جلد وراڻيو "ها" ۽ جهٽ ڪٽي مني ڏني مانس. دائود جو چهرو ننڊ ۾ ئي ٻهڪڻ لڳو. ۽ اکيون کولي مون ڏي نهاري روئڻ لڳو. مان پريشان تي ويس: آخر چيم. "دائود پٽ تون جيڪي گهرين تو سو مان چاڻان تو پر .....!"

اُتي مالڪڻ جو سخت گير آواز آيو. "ڪمبخت ڇاٽين تو تہ پوءِ اُن موجب ڇو نہ تو ڪرين؟ سڄي رات ڪتي جي پونگڙي وانگر "پين، پين" ڪري، منهنجي ٻچي جي ننڊ ڦٽائي اٿس. هڪ تہ اُن کي ڪُچلي آيو آهي، پيو اک لڳڻ نہ ڏني اٿس. ڪڍ هن کي ٻاهر! جي هن کي نتو ڪڍين تہ ڪڻ تون بہ بسترو مون کي ڪو نہ کپين. نڪرو هن گهر کان ٻاهر." ائين چئي هوءَ منهنجا ٿيڙ ٿاڙي ٻاهر اڇلائڻ لڳي.

سڄي دنيا صبح جو مني ننڊ ۾ مست هئي، ۽ مان پنهنجو سامان هڪ غريب جو سامان جنهن ۾ نہ پلنگ هئا نہ فرنيچر هو- فقط هڪ چادر ۽ ڪجهہ ٻچيل ڇانور ۽ اٿو هو: ڪُنا ۽ هنديون تہ مالڪڻ جي غصي جو ڪاچ تي چڪا هئا: منهنجيءَ زال سٽل ٻار کنيو، ۽ مون ڳنڍڙي کنئي ۽ بيهوش دائود کي ڪنڌ تي رکيو، ۽ هڪ نامعلوم منزل ڏي وک وڌائي، ڪاش! دائود کي ان وقت چئي سگهان ها: "دائود تنهنجي درد جي درمان "مني" منهنجي وس ۾ ڪانهي... تنهنجي اها مني آخر آءٌ ڪٿان آٽي توکي ڏيان!" پر ان وقت دائود اِها منهنجي ايڏڙي ڳالهہ سمجهي بہ ڪين سگهي ها!

(مهراڻ، سيارو-1955ع)

غلام رباني

# اَلا جهري مَ شال غريبن جي جهوپڙي....!

ڇُتي خان جو ڳوٺ صدين کان انهيءَ ٽَڪريءَ جي دامن ۾ آباد هو. جنهن جي ڇيڙي تي نئون ٺَهيل شهر، سني بندرگاهه ۽ ملڪ جي گادي ٿيڻ سبب، روزبروز وڌندو ويجهندو، چوطرف پکڙبو پئي ويو. ڳوٺ ڇا هو-بس چاليهارو کن ککاين جهوپڙين جو هڪ ويڙهو هو. سموريون جهوپڙيون هڪ ئي رنگ ڍنگ تي ٺهيل هيون. ٽڪنڊن، چوکنڊن ۽ گول مول پٿرن جون آسيريون پاسيريون ۽ ٽيڏيون ڦيتيون، جن جي سوراخن ۾ ڳڙکين مان. هوا جي جهوٽي سان، نه رڳو مٽي پر ڪک پن به آرپار ايندا ويندا هئا. ڇتيون سڀني کي ککايون هيون، کجيءَ جا اڻ گهڙيا، اڻ وڍيا ڦرها، ڪامن ۽ پٽين جي جاءِ تي رکيل هئا، مٿانئن وري سُڪل پَنَ پکيڙيل هئا. سڄي ڳوٺ ۾ فقط هڪ جاءِ هئي، جنهن کي ٽِين جي ڇت پيل هئي، نه رڳو ٽين جي ڇت پر ان جي پٿهن کي پوچي پڻ ڪيل هئي- اها هئي ڳوٺ جي مسجد.

سو انهن ککائن اجهن جي هيٺ "ڇتي خان" جا رهاڪو پنهنجو سيارو سانوڻ ڪاٽيندا هئا. سندن ابا ڏاڏا، ۽ تن جا ابا ڏاڏا به انهن ئي ککن ۾ پنهنجا ڏينهڙا گهاري ويا.

هونئن ته قديم زماني کان وٺي، ڇُتي خان جي رهاڪن جو گذر سفر مڇي مارڻ تي هوندو هو، پر جڏهانکر پير ۾ نئون شهر اڏيو هو، ته کي جوان شهر ۾ وڃي محنت مزدوري ڪندا هئا. ڪن ته بيل-گاڏيون ۽ گڏهه-گاڏيون به خريد ڪيون هيون، جن تي هو بار ڍوئيندا هئا.

جوان مڙس پرهه ڦٽيءَ سان پورهئي پنيان ويندا هئا، باقي رهندا هئا، پُيا، بار ۽ زالون. پوڙها، صبح مرداني سان وڃي مسجد جو در وٺندا هئا. علُو بانگي جي عادت هئي ته اسر ڏيئي اٿندو هو، ۽ اجا اُڀ تان تارا مٽيائي نه هوندا هئا ته بانگ ڏيئي ڇڏيندو هو. هڪ هڪ ٿي، نمازي گڏ ٿيندا هئا. ۽ نماز پڙهڻ ويل سڄو صحن ماڻهن سان پرجي ويندو هو. نماز پڇاڻان، دَور ۽ ذڪر جي هونگار ڏيڍ پهر ڏينهن چڙهي اچڻ تائين جاري هوندي هئي- ۽ پوءِ پوڙهن جي محفل مچندي هئي، حاجيءَ جي هَٽَ تي.

ٻارن لاءِ ڪا مشغولي مورڳوئي ڪا نہ هئي-ڏيڍ پهر ڏينهن ننڊ مان اٿندا. اسڪول وغيره تہ ڳوٺ ۾ هو ئي ڪونہ. ٻار سڄو ڏينهن گهٽين ۾ پيا ڦيريون پائيندا-اُبتيون سبتيون. بي معنيٰ، بي مطلب. يا وري ڦريو گهريو اچي حاجيءَ جي هٽ تي پوڙهن جون رهاڻيون ٻُڌندا. بس علو بانگو ڪانپ ڪڍي حاجيءَ جي هٽ تي وينو. ٻارن جو مڪو متو-ڳاهٽ پيا ٿيندا. علو بہ ڪٿي گگ هٽندو هو، هڪڙيون لاهيندو ٻيون چاڙهيندو. چي:"سائين، جوانيءَ ۾ اسان بہ ڪم ڪيا... سانوٽيءَ جو درياھ اڪيلي سر اُڪريو اٿم! ميرل ماڇيءَ جي مينهن ٻڏجي ويئي. خبر پيم، پَڳَ جو پير ڏيئي، چورن جو پيرو ڪنيم. واٽ تي وجي پُڳو مانِ. اڪيلي سر، ستن جوانن سان، سر جي سٽ ڏيئي مُنهن-مقابل تيس.....نيٺ مينهن موٽائي آٽيِ ڪلي سان ٻڌم!"

جوسو ڦُل تہ وري علوءَ ڪان بہ اتر گهُـرندو هو- چي:"سائين، ڪا ڳالهہ آهي!.... هينئر پيري جهوري آهي، نہ تہ جوانيءَ ۾ گهٽ اسان بہ ڪو نہ هئاسين!"..." سان اڪ اڙجي ويم. ست ڪوهيءَ تي گهر هوس. آڌي ڏيئي اٿندو هوس....راتو رات ست-ڪوهي اُڪري ، وجي ساٽس ملاقي ٿيندو هوس. روح-رهاڻ ڪري، ڪٿي جو ڪُـڙي ڪندو هوس، تہ ڪـڪڙن ڏَس ئي نہ هنيا هوندا جو ڳوٺ اچي نهڪو ڪندو هوس!... صبح سان اهو ئي همراهن سان گڏ، هر پاڃاري ڪلهي تي!.... چئہ تہ رات سڄيءَ ۾ اڪ ئي ڪين ڪلي هئم........!"

ٻڌن جون اهي ٻٽاڪون ٻارن کي بہ نيٺ ٿڪائي وجهنديون هيون. ڪر موڙي اٿندا، هٽ هٽ نوس نوس ڪندا، ور وڪڙ هٽندا، وجي وڏيءَ گهٽيءَ جو چيڙو ڪنداءِ پوءِ اتان وري موٽ ڪائيندا، ۽ سڌو اچي حاجيءَ جي هٽ تي دم پٽيندا.

رات ٿيندي، تہ گهران رڪو سڪو ٽڪر ڪائي، ٽوليون ڪري نڪرندا ۽ گهٽين ۾ واڪا ڪندا ويندا:

"اچو ٻارو! راند جو وارو....."

ڊوڙي اچي ڊڳڙ ڪائو! پني اچي ٻادر ڪائو..."

۽ پوءِ سندن سڏ تي ٻار، ڪُـئَـن جيان ٻر مان نڪرندا، ڪسڪندا ايندا... تان جو هو سڀ گڏ ٿي ويندا- ۽ پوءِ ڳوٺ جي وڏي پڌر تي راند ڪندا.. راند متي، تہ ڏوڙ اُڏامندي، جنهن ۾ چنڊ جي چانڊوڪي ڊڪڄي ويندي. "هو

بلهاڙو!" جي هوڪارن ۽ وانجهيءَ جي واڪن ۾ بازاري ڪتن جون پونڪون ڏبجي ويندڀون هُيون. چنڊ ڏيري ڏيري وڌندو ايندو. رات -پَر پکيڙيندي رهندي... ۽ پوءِ جڏهن ڪَتيون ڪَرَ موڙينديون. ۽ ٿيئي تيڙو اُپا تي اڌ- آسمان تي ايندا. تڏهن سيڪو سست ٿي پوندو ۽ ٿڪجي ٻَرجي گهر ورندو. ڪن جي دل اجا نه ڍاپي هوندي، ته اهي وري موڙ ٻَڌي، ڪنهن گهٽيءَ جي موڙ تي ويهندا- "سيد ديو ۽ حُسنا پري" جا قصا ۽ ڪهاڻيون، ڪٿندا، پروليون ڏيندا. ۽ ڳجهارتون پيا ڏيندا ونندا. هڪڙو چوندو: "شينهن کي نماز پڙهائي ڏي!"... "نتو اچيئي؟ چگو ترار کي پاڻي پياري ڏي..!" ۽ ائين واڪو تي ويندو:

"لَڪَڙُ پڄي لڪڙ کڄي: لڪڙ ۾ لارو، پي چڙهيو تارو، تاري هنيو مَنڊُ، پي چڙهيو چنڊ، چنڊ ڪئي چانڊاڻ، پي چڙهي ماڃاڻ، ماڃاڻ لاٿا آنا، پي چڙهيا ڪانا، ڪانن ڪئي هيرَ، پي چڙهيا پنج پير، پنجن پيرن ڪئي ڪُرڙي، پي چڙهي ڪاٺي ڪرڙي، ڪاٺيءَ ڪرڙيءَ ڏني پُٺ، پي چڙهي اُٺ، اُٺ ڪاڏي گوار، پي چڙهي ترار...!"

"ترار" چوندو ۽ پڙاڏو پٺجي ويندو: "شابي! شابي گلڻ شابي! چڙهي چيلهه پڳي اٿئيس!"

سو، "چُتي خان " جي رهاڪن جي حياتي اجهو ائين موج ۽ مزي، سک ۽ سانت سان پئي گذري. بنهه سک سانت سان اصل انهيءَ ڍنڍ جيان، جنهن ۾ ڪڏهن ڪا وِير ڪا نه چڙهي، سيرَ ڪينَ اُڙهي! هميشه وانگر، صبح سان ساڃيو سونو سج اوڀر کان ايرندو هو، ۽ لهڻ ويل چوڌاري سونن ڪرڻن جي ورڪا ڪندي، هوريان هوريان جهيڻو ٿيندو. اڪين اڳيان آڪاس جي نيري ساگر ۾ ٽٻي هڻي ويندو هو... ۽ پوءِ رات جي راڻي پنهنجا ڪارا وار چوڙيندي هئي.

اها ئي رات، اهو ئي ڏينهن، اهو ئي چنڊ، اهي ئي تارا، اهو ئي اُپ ۽ اها ئي ڌرتي...۽ ائين سال لنگهي ويا.

پر ۾ بدل نئون شهر هوريان هوريان وڌندو، چتي خان جي ڳوٺ کي اوڏو پوندو آيو....۽ ائين ئي، ٻن- ٽئن سالن ۾ چتي خان جو ڳوٺ نئين شهر جي گود ۾ اچي ويو.

وڏو شهر سڄي ٽڪريءَ تي پکڙجي ويو. ٽڪريءَ جي چپي چپي تي وڏا وڏا بنگلا- اصل محلات نهي ويا، جن جي سفيدي جڏهن اُس ۾ چمڪندي هئي،

تہ ائين پيو لڳندو هو، ڄڻ ڪو ڪنگڻ جو ولر، پَرَ پکيڙي، ٽڪريءَ تي ٽڙي پکڙي ويٺو آهي...۽ "ڇتي خان" جون اُسَ ۽ مينهن ۾ ڪاراٽيل ميرانجهڙيون جهوپڙيون، انهن ڪنگڻ مثل بنگلن جي جهرمٽ ۾ جهرڪين جي جهڳٽي جيان لڳنديون هيون.

پر پوءِ ... ڪانگن جي ڪانگيري ۾ جهرڪين جو جهرمٽ ڪيستائين؟-

جهوپڙيءَ وارو، بنگلي ڌڻيءَ جو پاڙيسري ڪو سونهي!

وڏن پيٽن ۾ وڪڙ پيو...هلنديءَ وارن حرفت هلائي...۽ هڪ ڏينهن هڪ وڏو ميونسپل عملدار، "ڇِتي خان" جي رهاڪن کي ڇتاءُ ڏيئي ويو تہ، "اوهان کي لڏي وڃي ڪنهن ٻئي هنڌ ويهڻ گهرجي، ۽ ڳوٺ خالي ڪرڻ گهرجي، اوهان جون جهوپڙيون "ڪالونيءَ" جي زيب زينت تي داغ آهن...!"

ڳوٺ ۾ ٻائيتال پئجي ويو. ٻار ٻُڍا وائڙا ٿي ويا تہ هيءَ آپدا ڪٿان ۽ ڪيئن ڪڙڪي.؟

"اسين تہ صدين کان رهندا اچون، هي ڪالهہ آيا... اڄ اسان کي ٿا لڏائين ههڙو ڪو انڌير!"

"نہ بابا، اباڻا ڪک اسين ڪو نہ ڇڏينداسون!"

"...پر ڇڏيون بہ ڇو...؟"

سڄو ڳوٺ اچي حاجيءَ جي هٽ تي گڏ ٿيو. آخر ڳالهہ جو اڳ پيچ جاچي، سڀني صلاح ٻيهاري، تہ درخواست لکائي ميونسپلٽيءَ جي وڏي صاحب کي ڏجي-ڪيس سموري حقيقت کان واقف ڪجي.

"ميونسپلٽيءَ جي وڏي صاحب" وٽ درخواست بہ پهتي. صاحب ڳوٺاڻن کي چيو تہ، "بابا مان ميونسپل ميمبرن جي ميٽنگ ڪوٺايان ٿوپوءِ جيڪو فيصلو ٿيو." ڳوٺاڻن، صاحب کي ٻڌائي ويا تہ، "فيصلو ٻيصلو ڪو نہ...ڳالهہ پڌري پٽ پئي آهي، تہ اسان کان اباڻا ڪک ائين ڇڏيا ڪو نہ ٿيندا!"

ميونسپل جي ميٽنگ گڏ ٿي. صدر صاحب ميمبرن اڳيان درخواست پيش ڪندي چيو، تہ "ڇِتي خان" جي رهاڪن جو رخ متيل آهي. اهڙو ڪو طريقو ڳولهي لهجي، جو دنگو فساد بہ نہ ٿئي ۽ ڳالهہ بہ رهجي اچي."

ميٽنگ ۾ خوب گرما گرم بحث ٿيو. ڪنهن ڪئين تي ڳالهايو، ڪنهن ڪئين تي ڳالهايو، پر سڀني جو رايو اهو ئي هو تہ ڳوٺاڻن کي لڏائجي-انهيءَ

ايراضيءَ ۾ چار چڳيون جايون جڙي پونديون... مات ميٽ ۾ نہ مڃين تہ ڪم ڪجي پوليس حوالي".

هڪڙي نوجوان ميمبر- جنهن کي اجا اهو تجربو نہ هو تہ ميونسپل جو ڪم ڪيئن هلندو آهي، ۽ ڪالونين جي زيب زينت ڪيئن وڌائبي آهي، ۽ وڏي ماڻهوءَ مان تهائين وڏو ماڻهو ڪيئن ٿبو آهي- اها رٿ پيش ڪئي تہ، "جيئن تہ ڳوناٺن کي لڏائڻ اصل مقصد نہ آهي، پر اصل مقصد اهو آهي تہ ڪالونيءَ کي صاف ۽ سهڻو رکجي: تنهنڪري منهنجي رٿ آهي تہ "ميونسپل طرفان، انهن سيني جهوپڙين کي هٽائي، ساڳيءَ ئي ايراضيءَ تي، نوان ننڍڙا ۽ خوبصورت هڪ - رنگا ڪوارٽر نهرايا وڃن، ۽ انهن ۾ ڳوناٺن کي آباد ڪيو وڃي." نوجوان ڳالهہ پوري ئي مس ڪئي تہ سيني ڪلي ڏنو-"مات ڪري ويهہ، مات ڪري ويهہ...."

"وڏو آيو آهي جهنگلين ۽ جاهلن جو همدرد!"

"بابا، تون اجا ٻار آهين...!"

"سکي ويندو....سکي ويندو..."

آخر متفق فيصلو اهو ٿيو تہ ڳوناٺن کي لڏائجي، هونئن نہ لڏين تہ ڪم پوليس حوالي ڪجي-آخر پوليس جو ڪم بالا عملدارن جا حڪم مڃڻ ئي تہ آهي!

ڇُٽي خان جي ڳوٺ وارن کي فيصلي جي خبر پيئي، تہ وسامي ويا. "هھڙو ڪلور!"-هنن کي خواب خيال ۾ بہ ڪو نہ هو. مڙس پڙ هٽي بينا تہ اباڻا ڪک اسين بہ ڪو نہ ڇڏينداسين!"

۽ پوءِ.... هڪ ڏينهن صبح جو سويل، جڏهن اجا حاجيءَ پنهنجي هٽ ۾ ٻهاري بہ نہ پاتي هئي، ۽ اجا چڙڪار بہ نہ ڪيو هو، جڏهن اجا علو بانگي کي صبح جي بانگ ڏني جهٽ بہ نہ گذريو هو، تہ ڳوٺ جي چوطرف غلغلو ۽ گڙگات پئجي ويو.... ننڍو وڏو اکيون مهٽي جهوپڙيءَ کان ٻاهر نڪتو. گهٽين جي موڙ وٽ ٻارن ٻڍن ۽ زالن جا ميڙاڪا ٿي ويا.علو مسجد مان نماز پڙهئي بنا تڪڙو ٻاهر نڪري آيو. حاجي هٽ جو در ٻيڪڙي هليو آيو. جوسو بہ اکيون مهٽيندو اچي بيٺو....

ڳوٺ جي چوطرف هٿياربند پوليس بيٺي هئي. ٽورو پريرو "بلڊوزر" ٽرئڪٽر بيٺي دونهان ڪيا- سندس گڙ گڙ جي آواز پکين ۽ پرندن جي بہ ننڊ

ڦناٽي چڏي هئي. ويچارا ڦرڙات ڪندا آڪيرن مان اُڏامندا، پڇندا پئي ويا.

پوليس. ڳوناٽن کي ميونسپل ميٽنگ جو متفق فيصلو پڙهي ٻڌايو-۽ بالا عملدارن جا حڪم.... ۽ تنهن بعد "بلڊوزر" کي اشارو ٿيو. بلڊوزر جي مشين ۾ چر پر ٿي. سندس فولادي ڦيٿا ڦرڻ لڳا. جهوپڙيون ڏڪڻ لڳيون. ٻيا ۽ ٻار هيسجي ويا. عورتن اوڇنگارون ڏنيون. ٻارن سڏڪا ڀريا. بلڊوزر اڳتي وڌيو- اجا ٻه اڳتي وڌيو... ۽ پوءِ هڪ ڏڪندڙ جهوپڙيءَ سان ٽڪريو....ڪڙ ڪڙ ڪندي، جهوپڙي اچي پٽ تي پيئي! انسان جو آباد آڪيرو مٽيءَ ۽ پٿرن جو ڍير ٿي پيو- ۽ جهوپڙيون ڪرنديون رهيون...۽ آخر بلڊوزر اچي آخرين جاءِ وٽ پهتو....سندس فولادي پيرن ۾ ڇڻ ڏانوڻ پئجي ويا- اڳيان مسجد هئي! ڪنهن جاهل جي جهوپڙي ڪانه هئي... ڪنهن جهنگليءَ جو آڪيرو ڪو نه هو. جنهن ۾ مائن جي مُرڪ ۽ معصومن جا ٽهڪ هجن - اڳيان هڪ خالي جاءِ هئي... پر بلڊوزر جا پير اڳتي وڌي ڪو نه سگهيا...!

۽ ڳچ ڏينهن ڪان پوءِ...چُٽي خان جي ڳوٺ جي جاءِ تي، ميرانجهڙين جهوپڙين بجاءِ وڏا وڏا بنگلا. املهه محلات ڪر ڪنيو بيٺا هئا. حاجيءَ جي هَٽَ واري هنڌ تي هاٿي سيٺ "عبدالسلام" جو بنگلو هو. جنهن جي پر ۾ بيٺل مسجد جا منارا چمڪي رهيا رهيا هئا.سيٺ عبدالسلام مسجد کي ٻه- ماڙ ڪري. نئين سر نهرايو هو.

(مهراڻ: 4-1956ع )

---

شيخ حفيظ

# ۽ مکڙي مرجهائجي وئي

ها! فرزانامري وئي هئي... هن جي پاڻيجي مري وئي هئي. سڄو ڏينهن اسڪول ۾ ٻارن سان متا ڪٽ ڪري، هو منجهند جو گهر وريو هو، تہ ڪتاب ڪٽي ٻئي ڏينهن لاءِ تياريون شروع ڪري ڇڏيون هئائين. ٻانگي سانجهي جي نماز لاءِ ٻانگ ڏني، تہ هن ويچاريو تہ جهٽ پلڪ وڏيڪ ڪر ڪري، هو سمهي رهندو. اڳين رات بہ، هو گهڻيءَ دير تائين جاڳيو هو ۽ ائين ڪندي ماڻهوءَ اچي ڪيس ٻڌايو تہ سندس ڀيڻ جي جهولي خالي ٿي پئي آهي. هو اٿيو، ۽ پنهنجي ڀيڻ جي گهر وڃي ماتم ۾ شريڪ ٿي ويو. پاڻ وهيڻي مشين جيان، هن اهو سڀ ڪجهہ ڪيو.هُن جي شُري تي نہ ڏک ، نہ خوشي رنج نہ مُسرت- هڪ پٿر جي مورتيءَ جيان هو اچي ٻين سئون ويهي رهيو. ننڊ سندس اکين ۾ پري پئي هئي، ۽ هن کي ائين پئي محسوس ٿيو، ڄڻ ڪنهن ازلي ننڊ مان ڪنهن ڀوت يا ڪنهن پٽڪيل روح ڪيس ور ور ڪري ڏونڏاڙي اٿاري ٿي ڇڏيو. اڌ ننڊ ۽ اڌ جاڳ جي انهيءَ ڪيفيت ۾، هن جي دماغ ۾ عجيب عجيب خيال اسرندا رهيا، ۽ هو سوچيندو رهيو.

هن کي ياد آيو- فرزانا جڏهن پيدا ٿي هئي، تہ هن پنهنجي ڀيڻ کي مبارڪون ڪين ڏنيون هيون. الٽو ڪيس چيو هئائين،"هي ڇا ڪيئي، ادي!"-۽ هن جي ڀيڻ ڪلندي وراڻيو هو،"اهو تہ زندگيءَ جو مرڪ آهي". ۽ پوءِ هن هڪ ڦڪي مرڪ مرڪي چيو هو،"ادي! گل ڪنداڻ تہ بيشڪ باغبانن جو ڪم آهي، پر انهيءَ جو ڪهڙو علاج ڪجي، جو گلستان ۾ سرءُ جون ڇوماسي هوائون ويل وهايو وينيون آهن!" هن جي ڀيڻ ڪجهہ بہ ڪين سمجهيو. هن کي ڪاوڙ اچي وئي، ۽ هن چيو "جڪ ماريا اٿيئي". پر ڀيڻس اڃا بہ مرڪندي رهي، ۽ پنهنجي لاڏلي سڪليڏي ڀهريتيءَ فرزانا کي لوڏيندي رهي. هن هڪ ٺڏو ساهہ ڀريو ۽ گهر کان ٻاهر نڪري ويو. انهيءَ ڳالهہ کي گهڻا ڏينهن گذري ويا هئا، ۽ اڄ فرزانا جي مرڻ تي هن کي اِها ياد اچي وئي هئي.

هن جي خيالن جو سلسلو اتان ٽٽو، وڃي ان ڏينهن جي نظاري سان اٽڪيو، جنهن ڏينهن ننڍڙي فرزانا کي ڊاڪٽر"لاعلاج" چئي موٽائي موڪليو

هو، ۽ سندس پيءُ جي گهر ۾ سانت ديرو ڄمائي ويٺي هئي. انهيءَ ڏينهن به هو سڄي رات ڪم ڪندو رهيو هو، ۽ صبح جو جڏهن هو اسڪول وڃڻ لاءِ سنيري رهيو هو ته ڪيس پيٽس سڏرايو هو ۽ اتي وڃي هن ڏٺو هو ته ننڍڙي فرزانا پوين پساهن ۾ پئي هئي. پاسي ۾ سندس پيءُ ويٺي هئي. پيٽس هڪ دفعو اکيون کٽي هن ڏانهن نهاريو ۽ وري پنهنجي ڌيءَ ڏانهن نهارڻ لڳي وئي. انهيءَ هڪڙيءَ نگاهه مان هن ائين محسوس ڪيو، ڄڻ هن جي پيءُ دفتر داستانن جا ٻڌائي ڪڍيا هئا. هن محسوس ڪيو ته هن جي پيءُ چئي رهي آهي:"ڏس! منهنجي ننڍڙي معصوم ڌيءَ پوين پساهن ۾ پئي آهي. تنهنجي لاپرواهيءَ ڪري هن جي اها حالت ٿي آهي. ڪهڙو نه چڱو ٿئي ها، جيڪڏهن تون انهيءَ ڪٿل ڪاتي ۾ هٿ نه وجهي، سرڪاري نوڪريءَ ۾ ڳنڍيو اچين ها: پوءِ هوند توکي ايتري فرصت هجي ها، جو تون معصوم جي علاج لاءِ به ڪجهه وقت ڪڍي سگهين ٿا- شايد هفتو موڪل وٺي، باقاعدي هن جو علاج ڪرائي وٺين ها."!

هن سوچيو- هن جي پيءُ ائين ئي سوچيندي هوندي:ويچاريءَ کي سرڪاري نوڪريءَ ۽ سندس موجوده ڪرت جي فرق جي ڄاڻ ڪو نه آهي! ڪيس اها ڄاڻ آهي ته لک پابنديون هونديون به، هو جنهن اسڪول ۾ ڪم ڪري رهيو آهي، تنهن ۾ هو روزانو ڪوڙئين ٻارن جي ذهني تربيت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ويچاري پيٽس کي ڪهڙي خبر ته جيڪڏهن هو ۽ هن جهڙا ٻيا سر ڦريا، پنهنجي رت ست جي قرباني ڏئي، اسڪولن ۾ هٿ نه اٽڪائن ته ڪائنات تي انڌوڪار ڇانئجي وڃي- هزار هٽلر ۽ مسوليني پيدا ٿي وڃن، ۽ ڌرتيءَ کي دوزخ ٺائي ڇڏين. هن کي پنهنجي پيءُ جي سادگيءَ تي رحم اچي ويو. ۽ سندس خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو.

سامهون سندس پيٽريو وينو هو. هن پنهنجي پيٽوئي جي اداس چهري ڏانهن نظر ڪئي. هن کي ياد آيو ته هن پنهنجي پيٽوئي سان به ٻارن پيدا ڪرڻ جي مسئلي تي بحث ڪيو هو. ايترو ڇو، هن ته پنهنجي پيٽوئي سان دنيا جي انيڪ مسئلن تي بحث ڪيو هو. ڪائنات ۽ ڪائنات کان ٻاهر وارين شين کي به ته ڪين ڇڏيو هئائين، ۽ نتيجو......! هن جي خيالن جو سلسلو ٿوريءَ دير لاءِ اڳتي وڌڻ کان رڪجي ويو، نتيجو ڪجهه به ته نه نڪتو هو. ٻه - چار دفعا انهيءَ اصولي بحث تي هن جو پيٽريو هن سان وڙهي چڪو هو، ۽ وري ڪجهه

وقت کان پوءِ ساڳيا لاتون ڇڪهہ- ۽ پوءِ فرزانا پيدا ٿي هئي. هن جو پيٽوپو، فرزانا جي پيدا ٿيڻ تي ڏاڍو خوش ٿيو هو. ها، سندس پيڻ بہ خوش ٿي هئي ۽ هن کي ياد آيو تہ هن جي پيڻ هڪ ڏينهن چيو هو:"هاڻي آءٌ بہ پنهنجي ساهرن وٽ ڳاٽ کٽي سگهنديس. هو روز روز، منهنجي مڙس کي ٻي شادي ڪرڻ جي صلاح پيا ڏيندا هئا." هن سوچيو شايد هن جي پيٽوئي کي بہ اهڙي ئي قسم جو خيال دماغ ۾ هوندو- ۽ پوءِ فرزانا پيدا ٿي تہ يارهن مهينن جي اندر اندر، هن پنهنجي پيءُ کان سلهہ جا ڪجهہ جيوڙا اُڌارا ورتا-ڪيس بہ سلهہ ٿي پئي، ۽ ڏينهن ٻن ۾ اهو بخار فرزانا جي دماغ تي چڙهي ويو، ۽ ڪيس سرسام ٿي پيو. ڪراچيءَ جي بهترين اسپتال ۾ فرزانا کي داخل ڪيو ويو، پر پنجن ڏينهن ۾ ڊاڪٽر جواب ڏِئي، اڌ مئل فرزانا کي گهر موٽائي موڪليو.

ها، فرزانا جو سرد جسم هن جي آڏو پيو هو، ۽ تنهن جي پاسي ۾ گلن جي اها چادر پيل هئي، جيڪا ڪريا ڪرم ڪرڻ وارن، فرزانا جي قبر تي وجهڻ لاءِ آندي هئي. گل اڌو گابرا مرجهايل هئا- ۽ هن ويچاريو:فرزانابہ هڪ گل هئي، پر مرجهائجي وئي- شايد، موسم کان اڳ مرجهائجي وئي- ۽ هن جي دماغ ۾ اهو خيال هتوڙا ٻڌجي وڃڻ لڳو تہ سندس ماحول ۾، گل ٽڙڻ کان اڳ ئي مرجهائجي ٿا وڃن. هن جي خيالن جو سلسلو گلن تان، گلستانن تان ٿيندو، انهن جا راڳ آلاپيندڙ شاعرن جي گيتن ۾ وڃي اٽڪيوءِ هڪڙو گيت هن جي ذهن تي تري آيو:

"گل ٽڙن ٿا چنڊ ٿو چهڪي،
ڇا سنڌءِ بات بات آ پيارا!"

هن سوچي- هي شاعر ڪهڙو نہ مورک آهي، هن گلن جي ٽڙڻ ڪندرڻ جيَ رخ کي ئي ڏٺو آهي، تصوير جو ٻيو رخ هن کان بلڪل ئي لڪل رهيو آهي. گل ٽڙن ٿا... ها ها....گل ٽڙن ٿا، پر مرجهائجي ٿا وڃن- مفت، بيڪار، اجايو!- ۽ هن شاعر کي انهيءَ جو احساس ئي ڪين آهي.

هن سوچيو- هي جهان بہ تہ هڪ گلستان آهي.... ۽ گل؟ .....ها، هن کي ياد آيو: دوستن سان بحث ڪندي، هن هڪ لڱا چيو هو تہ" جهان جا فنڪار، اديب ۽ شاعر هن گلستان ۾ اهڙا گل آهن، جن ۾ سڳن بہ آهي ۽ سونهن بہ" هن جي نظر وري وڃي فرزانا جي سرد پيلي ڇهري تي پيئي ۽ هن

سوچيو تہ هي سڀ شاعر بہ تہ فرزاناجيان موت جي گود ۾ پئجي رهندا. "هي محبت جا گيت". هن سوچيو. "پوءِ بہ جڙندا هلندا. جڳ ڳائيندو هلندو. چريا چاهہ ڪندا رهندا- چند ڏينهن لاءِ ۽ وري موت جو سرد هٿ..."

هو موت ۽ حيات جي انهيءَ ويچار وگيان ۾ ڪوئجي ويو. اڪيچار ويچار هن جي ذهن ۾ اسرندا رهيا. جيڪڏهن ڪائنات ۾ وڏيڪ گل اسرڻ ئي بند ٿي وڃن تہ سنسار جي سونهن جو ڇا ٿيندو؟. هن سوچيو. "جڳ ۾ جوت قائم رکڻ لاءِ ڪي ڏيئا تہ جرڪندا ئي رهندا...پر." هن کي خيال آيو: گهٽ ۾ گهٽ ڏيئن لاءِ ماحول تہ اهڙو هجي، جتي هو طوفانن جي لپيٽ ۾ اچي نہ سگهن- جتي انهن جي اجهامڻ کي ازلي قانون نہ سمجهي سگهجي." ۽ ڏيئن، شمعن. شاعرن تان ٿيندو. هن جي خيالن جو سلسلو وري وڃي گلستانن ۽ گلن تي بيٺو. هن سوچيو- ڇا اهڙو ماحول پيدا نٿو ڪري سگهجي، جتي ڪٿي ڪيتري بہ ٿوري تعداد ۾ گل پوڪجن. جو موسم جي حالتن جو مقابلو ڪري سگهن. ۽ بهار ماڻڻ کان اڳ نہ ڪومائجي سگهن؟-اهو سوال هن جي دماغ ۾ ڪيتري دير وڃندو رهيو. ۽ هن جي دل چيو:"جيڪر جڳ کي جاڳ ڏئي، انهيءَ سوال جو جواب پڇي ڪڍي." هن کي خيال آيو- جهنگ ۽ گلستانن ۾، انيڪ گل ٽڙن ٿا، ڪنهن کي ڪل بہ ڪانہ پوي ۽ هو مرجهائجو وڃن. "شايد" هن سوچيو. "انسان اجا تائين اوجهڙ ۾ اٽڪيو پيو آهي. ۽ گلستانن لاءِ زرخيز زمين هموار نہ ٿي سگهي آهي. ڪيستائين ائين بيراهہ زندگي هلندي رهندي؟ ڪيسين گل ٽڙڻ کان اڳ مرجهائجي ويندا؟

هن جي خيال جو سلسلو وري پنهنجي وطن جي شاعرن جي گيتن ڏانهن لڙي ويو. هن جي خشڪ چپن تي هڪ ڪڙي مُرڪ تري آئي. ۽ هن جي دل چيو تہ جيڪر سيني شاعرن کي گڏ ڪري چوي. "ڳايو ڳايو. "گل ٽڙن ٿا، چند ٿو جهڪي"- ها، چند ٿو جهڪي. گل ٽڙن ٿا!" ۽ پوءِ هن جي دل چيو تہ جيڪر جهنگ مان وڃي، سڀ ڇٽيل گل پڻ، جيڪي پٽ تي پئي، سڙي پاڻ ٿي ويا آهن. ميڙي انهن شاعرن جي مٿان وسڪارا ڪري اُڇلي. ۽ پوءِ وڏا ٽهڪ ڏئي چوي:ڳايو! گل ٽڙن ٿا.... گل ٽڙن ٿا...."

گهر جي ٻاهران. جماعت خاني جي مردا ڍوئيندڙ بس اچي بيني هئي. ڊرائيور اوسيڙو ڪري تنگ ٿي پيو هو. ۽ ٻہ- چار دفعا موٽر جو هارن وڄائي

ڪڍيو هٿائين- ۽ هارن جي "پون پون" جي آواز تي هن جي ذهن ۾ پنهنجي ڳوٺ وارو موٽر اسٽان تري آيو هو، جتي ڊرائيور گهڙي گهڙيءَ هارن وڄائي هوڪو ڏيندا آهن:"اي هل! هڪڙو"ڪوٽ" جو...آهي ڪو.... هڪڙو(ڪوٽ"جو- پون.....پون....پيپئون پون.....هڪڙو"ڪوٽ" جو...." ۽ هن سوچيو- شايد، جماعت خاني جي مردا ڍوئيندڙ بس جو ڊرائيور بہ جهٽ پلڪ ڪان پوءِ اهڙو هوڪو ڏيندو، ۽ چوندو:"اي هل! هڪڙو قبرستان جو....تڪڙو...آهي ڪو.... هڪڙو قبرستان جو... .پون. .. پون...پيپئون پون....هڪڙو قبرستان جو!"

هن انهيءَ جماعت خاني جي تنظيم بابت ويچارڻ شروع ڪري ڏنو- جماعت خانو، جنهن وٽ هڪ بس آهي. جيڪا قبرستان ڏانهن مري ويل ماڻهن جا لاش پهچائيندي آهي، شايد انهيءَ جماعت خاني وٽ شادين مُرادين جو سامان بہ هوندو. شادي ڪيو، ٻار پيدا ڪيو، ۽ پوءِ يا پاڻ مري وڃو، يا توهان جا ٻارِ مري وڃن. بس، جماعت خانو هلندو رهي. شادي ڪيو، جماعت خاني کان شاميانا گهرايو، ٻاسڻ ۽ ڪرسيون گهرايو، ٻار ڄڻيو، ۽ دعوتون ملهايو، ۽ پوءِ-"پون، پون، پيپئون پون - اي هل! هڪڙو قبرستان جو!"

"زندگي جو سمورو مقصد شايد انهي "جماعت خاني" کي هلائڻ ئي آهي"، هُن سوچيو ۽ هُن جي ڪَن تي سامهون واري گهر ۾ وڄندڙ رڪارڊن جو آواز اچي پيو. شاديءَ جون تياريون ٿي رهيون هيون.نون گُلن-ڪنڌائڻ جو اُدمُ تي رهيو هو ۽ پوءِ.....

هن جي نظر پٽڪي، وري وڃي فرزانا جي پيلي، تيل ڇهري تي پئي. هن سوچيو: هيءَ فرزانا آهي- انهيءَ نالي جو مقصد؟- ۽ هن کي ياد اچي ويو تہ فرزانہ لفظ جي معني؛"هوش وارو، عقل وارو، سياڻو" آهي. ۽ هن سوچيو تہ معصوم ننڍڙي فرزانا جو موت، ديس جي فرزانائن جي ذهن لاءِ هڪ چرَڪو هئڻ گهرجي. هُن چاهيو تہ جيڪر وڏي واڪي پنهنجي ديس جي فرزانائن کي سڏي چوي، "اڙي مستو، خيال ڪيو، موت اوهان جي ماحول ۾ بي واڳو، بي لغامو پيوگهمي، ۽ خزان جون تيز هوائون گلن جي تاڙ ۾ آهن. اچو تہ هن ماحول کي مَٽي رکون، نہ تہ هي چمن گلن کان خالي ٿي ويندو- حيوان جڳ تي ڇانئجي ويندو!"- ۽ پوءِ هن کي خيال آيو تہ هن کي ائين نہ چوڻ گهرجي. هن

ڪي ائين نہ چوڻ گهرجي، چو تہ ائين چوڻ سان قبرستان ڏانهن مردا ڍوئيندڙ"جماعت خاني" جي نظام ۾ خلل پئجي ويندو. انهيءَ بس جي انجڻ تي ڪٽ چڙهي ويندو، ۽ پوءِ جماعت خاني جا باني پيو نہ تہ هن ڪي ئي گهوگهو ڏيئي، قبرستان ڪٽي ويندا. ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي هيراڪن واري هير ئي پوري ڪندا.

هن سوچيو-ڪاش! هي جماعت خاني وارا ڪيس تڏهين گهوگهو ڏين، جڏهن هو فرزانائن ڪي سجاڳ ڪري چُڪو هجي! پر هن جي ذهن ۾ خيال اُسري يقين ۾ بدلجي ويو." ۽ هُن سمجهيو تہ جماعت خاني وارا ائين ڪين تيڻ ڏيندا. ۽ فرزانائون سجاڳ تين ئي تين. تنهن ڪان اڳ ڪيس گهوگهو ڏنو ويندو-۽ ائين محسوس ڪيو. چڻ سچ پچ جماعت خاني جي بانين جا هٿ، هن جي گلي جي چوڏاري پيل آهن، ۽ هوريان هوريان پيڪٽ سوڙو پيو ٿيندو وڃي.

هن جو متو ڦرڻ لڳو، ۽ اکيون ٻوٽجي ويون....شايد ننڊ اچي وئي هيس!

(مهراڻ:2-1956ع)

---

سراج

# هڪ مرد تي لاشا

اصغر جڏهن باريسٽري ڪري آيو، تڏهن پٽس نہ رڳو شهر جي وڏن ماڻهن جي، پر پنهنجي تڪ جي سمورن زميندارن جي هڪ شاندار دعوت ڪئي هئي، ۽ ان دعوت جو نتيجو ڪو برو نہ ٿيو هو. اصغر جي وڪالت جو ڌنڌو ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو، ۽ ڪجهہ عرصي کان پوءِ اصغر جڏهن پنهنجي هٿ اچڻ واري وقت کان پوءِ جي ماضيءَ ۾ گهوري نهاريو تہ هن کي ائين محسوس ٿيو، چڻ تہ ڪيس ڪنهن ڪاري ڪڪر ڏنگي وڌو هو. اڳي جو هو ڪا سماجي برائي ڏسندو هو تہ سندس دل ڪڙهڻ لڳندي هئي، هاڻ ساڳي برائي ڏسي هن کي هڪ اڻ لکي خوشي محسوس ٿيندي هئي. اڳي ڪنهن جانور جي موٽر هيٺان اچڻ تي بہ ڏينهن ماني ڪائي نہ سگهندو هو، ۽ هاڻ اسپتال ۾ کهاڙين سان چچريل انسان يا اسپتال جي مڙدا- گهر ۾ ڪو انساني لاش ڏسندو هو تہ هن کي هلڪو اطمينان ٿيڻ لڳندو هو. اڳ هو جڏهين بہ خواب ڏسندو هو تہ هن کي اڪثر پيارا پيارا سهاجهڙا ماڻهو سفيد گلابن جا تاج پهريو، حسين جسمن سان رقص ڪندا نظر ايندا هئا، ۽ هاڻ هن جي خوابن ۾ ڦاهيءَ تي لٽڪندڙ ماڻهو، کهاڙين ۽ لوڙهين سان چچريل لاش، ڇــرن ۽ چاقن سان چيريل پيٽ، رت ۾ ٻاڙهيون حسين جوانڙيون، تاش جي پتن جا تاج پهريل ڳڀرو جوان نظر ايندا هئا، ۽ اهڙي خواب کان پوءِ هن جو سارو ڏينهن هڪ عجيب سڪون ۽ اطمينان ۾ گذرندو هو. ۽ سندس ڪنوار اهو سڪون ۽ اطمينان ڏسي، سمجهي ويندي هئي تہ ان ڏينهن ڪيس ڪو خون جو ڪيس مليو هوندو، ۽ هوءَ ڪنهن نئين ساڙهيءَ، ڪنهن نئين تحفي جي اميد ۾ سارو ڏينهن اطمينان ۽ خوشيءَ ۾ چال ڏيندي رهندي هئي.

اصغر جو دوست فلپ، انگليند کان گهمڻ لاءِ آيو، تہ هن کي وري اهي ڏينهن ياد پيا جڏهن هو ٻئي انگليند ۾ ڪنهن پب يا ڪلب ۾، لئٽن - آمريڪن رقص جي ڌنن تي ٿرڪندا، ٽاٻرندا ساري رات گذاريندا هئا. هو منجهي پيو تہ هو فلپ کي هتي ڪهڙا ڪهڙا هنڌ گهمائي. هن کي هڪ خون جي ڪيس ۾ بدين وڃڻو هو. هن فلپ کي پاڻ سان ڪنيو ۽ ڪيس بدين گهمائي

آيو. فلپ چپ چاپ بدين جي شهر، ڪورٽ ۽ ماڻهن کي ڏسندو رهيو. ۽ جڏهين هو جيپ ۾ چڙهي واپس حيدرآباد هلڻ لڳا تڏهن به فلپ چپ رهيو. اصغر کان رهيو نہ ٿيو، پڇي وينو "ڇو، فلپ! تون ماٺ ڇو ٿي ويو آهين؟"

فلپ پهرين تہ ڪو بہ جواب ڪونہ ڏنو. پوءِ چيائين "مون کي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي ان ڪري چپ آهيان!"

اصغر بہ کلي ڏنو -"هي ويچارو ڇا سمجهندو هتان جي وڪالت!"

"تون منهنجي جواب تان کلين ڇو ٿو؟"

"دوست، تون هن وقت پنهنجي ملڪ جي معيار سان سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو آهين، ان ڪري توکي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ ايندو. تنهنجي ملڪ ۾ وڪالت نهايت ڏکي آهي، ۽ هت نهايت مهانگي."

"اهو ڏکئي ۽ مهانگي جو ضد تہ ڪجهہ نئون فلسفو آهي!" فلپ جي آواز ۾ ڪجهہ ٽوڪ هئي.

"مون کي پڪ هئي تہ تون اهو سوال ڪندين، پر حقيقت بہ ائين آهي. تنهنجي ملڪ ۾ ڏوهہ جي قيمت سزا آهي ۽ هت ڏوهہ جي قيمت ڏوڪڙن ۾ ٿي ڪٽجي!"

فلپ جي منهن تي هاڻ تہ ابوجهائيءَ سان گڏ هڪ دٻ ڳاڙهي حيرت بہ هئي.

"سو تہ تون تڏهين سمجهي سگهندين، جڏهين-"

۽ عين ان وقت هن کي زور سان جيپ کي بريڪ ڏيڻو پيو.

جيپ اڳيان، رستي جي پوري وچ تي، هڪ پير مرد پنهنجي جُتيءَ ۾ ڪنهن پٿر سان ڪوڪو ٺوڪي رهيو هو. اصغر جي وات مان گار نڪرندي رهجي ويئي: "پريا مڙس..... کُٽيءَ ڪنيو اٿئي ڇا!"

پريو مڙس رستي تان هٽي پري تہ ٿيو، پر هن جي چهري تي ڪا خاص گهبراهٽ نہ هئي، يا سندس چهري تي چڙهيل لَٽ ۾ دٻ ۽ گهبراهٽ جا احساس بہ لڪي ويا هئا. هن فقط ايترو چيو: "جي سائين!"

باوجود ڪاوڙ جي، اصغر کلي ڏنو. فلپ ويچارو ڪجهہ نہ سمجهندي، رڳو پرئي مڙس کي ڇتائي ڏسي رهيو هو. پرئي مڙس جي منهن ۾هڪ عجيب جو عالم هو. ڇاپئين ڏاڙهي، هونئن تہ ڪجهہ اڇي بہ هئي، ڪجهہ لَٽ جي ڪري پوري ٿي نظر آئي. سندس نرڙ ۾ گهنج اهڙا هئا، جن کي ڏسي ائين ٿي خيال ٿيو تہ هن پرئي مڙس سڄي عمر پَٺهڻ ڪٽيندي گذاري آهي. اڃي پر

مُرتيل ڪَسِي ڳَلي جي قميص ۽ ڪاري سُٽڻ ۽ مٿي تي ڪارو پٽڪو، جنهن جي ڪارڻ ۾ الاجي ڪيترا فريبيءَ جا عيب لِڪل هئا. ۽ هٿ ۾ چنل گهيتلو.

اصغر پرئي مڙس کان پڇيو: "پريا مڙس، ڪيڏانهن تو وڃي؟"

"حيدراد" (حيدرآباد).

"پوءِ ڪڏهين پهچندين؟"

"سائين، ڏينهڪ."

۽ اصغر کان بہ کِل نڪري ويئي، ۽ هن جيپ کي اڳتي وڌايو.

فلپ ڪانئس اوچتو سوال ڪيو: "ڪهڙي ڳالھ تان کِلئين؟"

"هتي جا ماڻهو بہ عجيب آهن. پڇيومانس تہ "موت ڪَنيو اتئي چا؟" تہ بنا ڪنهن هٽڪ جي جواب ڏنائين تہ "هائو!"

هنن ماڻهن لاءِ موت ۽ حياتيءَ ۾ ڪو فرق ڪونهي!"

"ان ۾ کلڻ جي ڪهڙي ڳالھ هئي؟"

اصغر کي هاڻي فلپ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي هئي. هي تہ ڪو فيلسوف ٿي ويو آهي. مزاح جي پهلو ۾ پيس، کِل نظر نٿي اچي.... هون!"

"بيو چا پُڇيئين؟"

"پڇيومانس تہ، "ڪيڏانهن پيو وڃين؟" چيائين تہ، "حيدرآباد" ۽ هتان پنڌ حيدرآباد، هڪ ڏينهن ۾ پهچڻ، تي مون کي کِل اچي وئي!"

"پوءِ تو چو نہ کيس حيدرآباد تائين ڪٽي هلڻ جي آڇ ڪئي!"

"فلپ! هن ملڪ ۾ جيڪڏهن ماڻهن کي پنهنجي گاڏين ۾ کڻڻ جي آڇ ڪرڻ لڳون، تہ سارو سال ماڻهو ڊوڙيندي گذري وڃي."

اصغر کي پنهنجي انهيءَ "ماڻهو ڊوڙڻ" تي بہ کِل اچي وئي، ۽ فلپ هڪ عجيب نگاهہ سان هن کي تڪيندو رهجي ويو. ۽ ان نگاهہ ۾ ڪاوڙ، پشيماني ۽ بيوسيءَ جا احساس گڏجي، محض ابوجهائي بنجي ويئي.

ٻئي ڏينهن اصغر فلپ کي حيدرآباد جون ڪورتون ڏيکارڻ نڪتو. ڪار کي پارڪ ڪرڻ لاءِ، جيئن موڙي رهيو هو تہ اڳيان ڪا شيءِ ڏسي بريڪ ڏنائين. ڪاوڙ مان هيٺ لٿو، تہ سندس منشي ڊوڙيندو آيو، ۽ ان شيءِ کي تڏو هٽي، چيائين "او پوڙها، مرڻو اتئي ڪيئن ، جو اتي سمهي رهيو آهين؟" سٽل پوڙهو، اوباسي ڏيندو، ڪَرَ موڙي اُتي بيٺو. اصغر ان پوڙهي کي ڏسي، ڪاوڙ

مان ٿڙڪڻ لڳو. هن جي ذهن ۾ اهو ئي خيال آيو تہ ڪالهہ ڪان وٺي پوڙها ماڻهو، سازش ڪري، ڪائونس ائڪسيڊنٽ ڪرائڻ جي خيال ۾ هئا. ڪالهہ رستي تي، نہ اڄ بنهہ ڪورٽ ۾! جوابدار جي حيثيت ۾ ڪورٽ جي پڃري ۾ بيهڻ جي تصور ڪان ئي هن کي پنهنجي پيٽ ۾ هڪ عجيب ڪَـڏ پوندي محسوس ٿي. پر منشيءَ پوڙهي کي گاريون ڏيئي، اتان ڌڪا ڏيئي ڪڍيو. ۽ پوءِ سلام ڪري، چوڻ لڳو:"سائين. ڪو اڌ چريو ٿو ڏسجي! چوي ٿو تہ سندس اباڻي زمين ڪسجي ويئي آهي، ۽ ان جي اپيل سيشن ٻڌڻ جوڳي نهرائي آهي. وڪيل اٿس ڪونہ. سو پاڻ ئي وڪالت لاءِ آيو آهي!" منشي ڪلڻ لڳو.

اصغر کي الاجي ڪهڙو خيال آيو. سو منشيءَ کي پنجين جو نوٽ ڏيندي چيائين، "چئينس تہ مون کي وڪيل ڪري، پئسو پائي نہ وٺندو سانس!" ۽ اصغر کي بہ ڪِـل اچي ويئي.

اهو سارو ڏينهن هن فلپ کي ڪورٽون گهمائيندي گذاريو. شام جو پنجين بجي، فلپ سان گڏجي، اچي آفيس ۾ ويٺو. تہ ايندي شرط خون جي ڪيس جا اصيل مليس. ان مان هڪڙي ڪيس ۾ تہ فوتيءَ جو لاش اسپتال ۾ اچي پهتو هو. ۽ هو فلپ کي وٺي، اسپتال ۾ مُـڙدا-گهر ڏانهن هليو. مُـڙدا-گهر ۾ گهڙڻ سان ئي ڪيس ٿابو آيو، اڳتي ڪرندي بچيو. مُڙدا-گهر جي نگهبان کِـلندي چيو : "سائين. جيڪي ماڻهو بي موت مري ٿا وڃن. سي مورڳو جيئرن کي ٿا ٿابا ڪارائين!" فلپ بہ هن لاش وٽ اچي بيهي رهيو. ۽ ان کي گهوري ڏسڻ لڳو. لَـٽ سان پريل چاپئين ڏاڙهي، منهن ۾ بہ گهرا کهرا گُـهنج. ڪاري سَٽڻ. ۽ اچا ڪارا ڪليل وار. ڪارو پٽڪو ڪليل حالت ۾ پوڙهي جي ڇاتيءَ تي پيو هو. ۽ پٽڪي جي هڪ ڪنڊ ۾. ڳنڍ ٻڌل. ڪا شيءِ پوڙهي جي هٿ ۾ ايتري مضبوطيءَ سان جهليل هئي، جو موت ڪان پوءِ نيريون نيريون نسون جهڪيون نہ ٿيون هيون. سڄي لاش ۾. ائين ٿي ڀانيو تہ اها مُٺ اجان نہ مئي هئي. فلپ هري هري اصغر کي چيو: "هن پوڙهي جي مُٺ ۾ ڇا آهي؟" اصغر کي پوڙهي تان ٿابي اچڻ جي اڳي ئي ڪاوڙ هئي، سو خار مان چيائين: "ٽڪي جا پڳڙا!" فلپ کي هن پهريون پيرو سنڌيءَ ۾ جواب ڏنو هو. سو وائڙو ٿي اصغر جي منهن ۾ نهارڻ لڳو. هڪ ڏارئين جي دلچسپي ڏسي، مُڙدا-گهر جي نگهبان، زور ڏيئي، پوڙهي جي هٿ مان پٽڪي جي ڳنڊ ڇڏائي کولي، تہ ان مان ڪارسري ڇيڪيءَ مٽيءَ جي مُـٺ

وهي، پوڙهي جي اکين تان ڏرڪندي ويئي!

اتان واپس اچڻ تي فلپ ۽ اصغر ۾ ان ڳالهہ تي بحث ڇڙيو تہ پوڙهو ساڳيو، جيپ هينان اچڻ وارو ۽ ڪورٽ ۾ ڪار هينان اچڻ وارو پوڙهو هو. انهن واقعن ۾ ٽي مختلف پوڙها هئا. ۽ ڪُچ رات تائين بحث ڪرڻ ڪان پوءِ، ڪنهن فيصلي تي پهچڻ کان سواءِ، ٻئي ڄڻا هڪٻئي کي دوستيءَ جو يقين ڏياريندا، الوداع چئي وڃي سمهي پيا.

(مهراڻ:2-3-1964ع)

رشيد آخوند

# ڊونگ

سج جو ٽڪو پاڇو رڙهندو رڙهندو دروازي جي اندر داخل ٿيو. ۽ هوءَ جمالي جي قميص ڌوئي سڪائڻ لاءِ اُٿي. هن سهاري لاءِ حوض جي ديوار تي هٿ رکيو. ديوار جي مِٽي پُري هيٺ ڪِرڻ لڳي. هٿ ٿورو ترڪيو. ۽ اُهي داغ، جيڪي سندس گهر جي ديوارن ۽ ڇت جي زينت هئا، هن جي اکين آڏو اُڀري آيا. هن اکيون پاٽيءَ جي موريءَ تي وڌيون. جنهن جي چوڌاري صابڻ جي گجي گڏ ٿي ويئي هئي. آهستي آهستي موري چٽي ٿيڻ لڳي، پر وري ٿوري وقفي کان پوءِ، جيئن ظاهر ٿي هئي تيئن ميٽجي ويئي، ۽ ان جي جاءِ تي هڪ پور پيدا ٿي ويو. هُن پور کي غور سان ڏٺو. پور وڏو ٿيڻ لڳو- ايتريءَ حد تائين، جو هن پنهنجي وجود کي بہ اُن ۾ گم ٿيندو محسوس ڪيو. هن چاهيو تہ هوءَ هميشہ انهيءَ حالت ۾ رهي- اُتي ڏک ۽ ڏاڪڙا وسري ويا ٿي. جمالي کي ڪارائڻ لاءِ محنت ۽ مزدوري ڪرڻ بہ ياد نہ ٿي رهيو. اُتي ڪو دنيا جو غم نہ هو، ۽ نہ ئي وري ڪا ذهني مونجهہ ۽ پريشاني هئي. اُتي ڪنهن جي سڏ نہ هئي. خود پنهنجي هيٺي ۽ بيمار جسم جي سڏ بہ نہ. پر تلخ حقيقتن ڪان ڪو گهڻيءَ دير تائين منهن موڙي نہ سگهندو آهي.... ۽ هوءَ بہ پاڻ کي وڌيڪ دوکو ڏيئي نہ سگهي. حوض جي هر ڪا شيءِ وري ظاهر ٿيڻ شروع ٿي- ۽ ان سان گڏ جسماني ڪمزوري ۽ مصيبتن جو احساس بہ ذهن جي ڏنڊ مان نڪري آيو.

صحن ۾ اچي هن قميص کي سُڪائڻ لاءِ رسيءَ تي ٽنگيو. ۽ نحيف آواز سان جمالي کي سڏ ڪيو. جمالي اڃان ماني نہ کاڌي هئي، پر هو گهر ۾ ڪو نہ هو. ماٽس پڪ ڇاتو تہ گهٽيءَ ۾ راند ڪرڻ ويو هوندو. جمالي جو گهٽيءَ ۾ وڃي ٻين ڇوڪرن سان راند ڪرڻ، هن جي پريشانين جي ويتر وڌڻ جو باعث ٿي بنيو. جمالو اڃا ڇهن سالن جو ٻار هو، جنهن کي وڏا ڇوڪرا، جڏهن بہ منهن سامهون پيا، ستائيندا رهندا هئا. ڪڏهن ڇهنڊڙين پائڻ ۽ ڪڏهن ڪا شيءِ ڦري وٺڻ ۾ هنن کي رونشو ٿِي لڳندو هو. جڏهن هو روئي ماءُ کي اچي دانهن ڏيندو هو، تہ هوءَ ويچاري ڪجهہ ڪري نہ سگهندي هئي. هن جي پاڙي وارن کي پرواهہ نہ هئي- رن زال جا هئي، جنهن جو ٻيو ڪو والي وارث جو نہ هو!

جمالي جي وهيءَ جا بار ڪيس ماريندا هئا. ۽ جيڪڏهن هن بہ ڪنهن کي ورائي ڏڪ هنيو، تہ پوءِ هنن جون مائون نہ فقط جمالي جا ڳل چماٽن سان ڳاڙها ڪنديون هيون، پر ماٽس کي بہ مهڻا ۽ چڙٻون ڏينديون هيون. انهن چڙٻن ۽ مهڻن جي جواب ۾ جمالي جي ماءُ وٽ هڪڙي خاموشي هئي.... ۽ لاچار سور سهيو مڙيوئي وقت پئي ٽاريندي هئي.

جمالي کي گهر ۾ نہ ڏسي، هوءَ دروازي وٽ آئي. ٻاهر گهٽي سڄي گپ سان پري پئي هئي. گهرن جي اڳيان جيڪي گندي پاڻيءَ جا حوض هئا، تن مان پاڻي اُٿل ڪائي رستي تي وهڻ لڳو هو. ڇوڪرن اهڙي ڪِني ماحول ۾ راند ڪئي پئي. انهن ۾ جمالو بہ هو. جڏهن ماٽس در تي اچي هن کي ڪوٺيو، تڏهن هن راند نہ تي ڪئي، پر هڪڙي ڇوڪري سان جنگ جوٽڻ جي تياري پئي ڪيائين. ڇوڪري چيس پئي:

"هل هل.... آءٌ توکي راند نہ ڪرائيندس، اِتي ڏڪر تہ منهنجو آهي....!"

"پوءِ تون هن خميسي کي ڇو ٿو راند ڪرائين؟"

"منهنجي مرضي.... خميسو مون کي ڪتمنڙا ڪارائيندو آهي".

"تو ڪان اڄ بسڪوٽ گهريو، تو ڪو مون کي ڏنو! پوءِ آءٌ تو کي راند ڇو ڪرايان؟"

"۽ بَچُو، اڄ اسين هڪڙي هنڌ شربت پيئڻ ويندا سين. تو کي نہ وٺي هلنداسين.... ڪيئن حميد؟" خميسي خوش ٿيندي اِتي- ڏڪر جي مالڪ ڏانهن نهاريو. هن خميسي جي حامي ڀري. پوءِ ٻئي شرير نظرن سان جمالي کي ڏسڻ لڳا.

"هونهہ.... نہ وٺي هلو تہ نہ وٺي هلو. مون کي جهڙي خبر نہ آهي- امان ٻڌايو هو تہ اڄ سيٺ هاشم امامن جو شربت ڪيو آهي!" جمالي مُرڪيو ۽ هو ٻئي شرمائجي ويا. پر جمالي جي مرڪ گهڻيءَ دير تائين قائم رهي نہ سگهي. هڪڙي وڏي ڇوڪري جمالي کي ٻڌي چيو:

"ها ڙي ڇورا، ماڻهين ڪيئن نہ ٻڌائيندي تو کي. هن کي سڄي جهان جون خبرون آهن. سڄو ڏينهن ماڻهن جي گهرن کي نوسيندي آهي....!" جمالي کي خار تہ گهڻي آئي، پر مخالف ڪانئس عمر ۾ گهڻو وڏو هو. تنهنڪري دل نارڻ ڪاڻ هن ڇپن ئي ڇپن ۾ هڪڙي ڳري گار وڏي ڇوڪري کي ڏيئي ڪڍي.

"جمالا، آءٌ تو کي چوان ٿو.... اسان جي راند مان هٽي وڃ!" حميد کي

ڪاوڙ اچڻ لڳي.

”نتو هتان.... تون ڇا ڪندين؟“ جمالو ضد تي هو. حميد ڏڪر ڪنيو. جمالو بہ سنيري بيٺو. پر ان وچ ۾ جمالي کي ماڻس اچي سڏ ڪيو، ۽ معاملو اتي ئي رهجي ويو. جمالو، ٻرندڙ نگاهن سان حميد کي ڏسندو، گهر ۾ گهڙي ويو.

گهٽيءَ ۾ ميونسپالٽيءَ جي بتين ٻرڻ ۾ اجا ڪجهہ دير هئي. هوءَ ٻنپهرن کان جيئن جمالي کي امامن جا مور ڪارائي ليٽي هئي، تيئن شام تائين پئي رهي. سخت تپ اچي وڪوڙيو هئس ۽ ڪنگهہ بہ زور وٺي ويئي هيس. هن ۾ ايتري طاقت نہ هئي، جو ڪنبل پاسيرو ڪري جمالي کي اُٿي ڏسي، جيڪو وري خبر نہ ڪيڏانهن گم ٿي ويو هو. تنهن کان سواءِ اڄ سندس ستا سور بہ جاڳي اُٿيا هئا. هن گهڻي ڪوشش ڪئي ٿي تہ نااُميدين ۽ حسرتن جي هيٺ دٻيل، خشڪ ۽ ويران زندگيءَ مان چند سڪون جا لمحا، چند خوشيءَ جا بهانا يا ڪي خود فريب ڳالهيون سوچي، پر هر نئينءَ ڪوشش هن جي ذهن جي آڏو تصوير جو فقط هڪ رُخ آندو ٿي، جنهن ۾ ساڳين ئي نا اُميدين، حسرتن ۽ غمن جي جهلڪ هئي. خوشيءَ جو رڳو هڪ اڻ لکو احساس وجهي سندس طبعيت کي غم- پسند بڻائي ڇڏيو هو.

هن کي شاديءَ جي پهرين رات ياد آئي، جڏهن هن جي نس نس مان خوشيءَ جو رس ڦٽيو ٿي. ان خوشيءَ ۾ هڪ عجيب بيچيني هئي- هڪ دٻيل دٻيل خوف هو. پر هاڻي ان خوشيءَ جي يادگيري بہ غم ۾ بدلجي چڪي هئي.

۽ هن کي اهو ڏينهن بہ ياد آيو، جڏهن هن جمالي جي پيءُ جو ڪفن مان نڪتل بيجان چهرو ڏٺو هو. ڪافور جي بوءِ چوطرف ڦهليل هئي. ان ڏينهن هن، ڪيترو نہ رُنو هو! ڏئي جي لاٽ تہ وسامي چڪي هئي. پر ڏئي جي منهن مان نڪرندڙ ميري دونهين ڪيس رئاريو پئي- جيڪو آخر خلا ۾ جذب ٿي وڃڻو هو.

پر اڄ هن کي اُن دل- ڏاريندڙ منظر رُئاريو نٿي. هوءَ غم سان هري ويئي هئي- ۽ جڏهن ماڻهو غم سان هري ويندو آهي تہ غم جي شدت بہ گهٽ ٿي ويندي آهي. هن گويا جمالي کان بہ وڌيڪ، غم کي پنهنجي حيات جو سرمايو سمجهيو هو. هن کي پڪ هئي تہ هوءَ جمالي جون خوشيون ڏسي نہ سگهندي. ان کان اڳ مري ويندي.اهو احساس سندس دل ۾ گهر ڪري چڪو هو. هوءَ هاڻي اڪثر ڪري تصوراتي داغ؟ ڏسندي هئي، ۽ هن جي زندگي خود هڪ داغ

ٻچي ويئي هئي- ڏرا ڏيئي ويل اڪيـن جـو، ڏٻري جسم جـو ۽ زرد چهري جو داغ: زندگيءَ جو سَتُ پَري پيو هو. انهيءَ هوندي بہ هوءَ مرندي جهرندي رپئي ڏيڍ خاطر پاڙي وارن جا ڪپڙا ڌوئندي هئي. آخر هن کي پيٽ پالڻو هو. مڙس جي مرڻ کان پوءِ پيو ڪو آسرو نہ هوس. ڪيس اڪيلي سر پاڻ لاءِ ۽ جمالي لاءِ گذران پيدا ڪرڻو هو. پهرين هوءَ پاڙي وارن جي گهرن ۾ وڃي ٻهاري ڪڍندي هئي، باسڻ مليندي هئي، بازار جو ننڍو وڏو ڪم ڪري آٽي ڏيندي هئي.پر پوءِ هوءَ بيمار ٿي پئي، ۽ هن کان گهڻي محنت پڄي نہ سگهي. خيراتي اسپتال جي ڊاڪٽر هڪڙي ڏينهن ٻڌايس تہ هن کي سلهہ جي بيماري هئي ۽ هاڻي هوءَ رڳو پاڙي وارن جا ڪپڙا آڻي گهر ۾ ڌوئيندي هئي. اڄ هوءَ جمالي جي هڪڙي قميص کان سواءِ پاڙي وارن جا ڪپڙا ڌوئي نہ سگهي. سخت بخار اچي ورايو هوس. سڄو ڏينهن کٽ تي ڪنگهندي گذاريو هئائين ۽ آخر اُٿي ان مهل، جڏهن گهڻيءَ ۾ جمالي جون رڙيون ٻڌائين. هوءَ بخار جي شدت کان سهڪندي در تائين ويئي. پوءِ هڪدم در کولي ٻاهر نڪري آئي. هن جمالي کي گندي پاڻيءَ جي حوض ۾ ڪِريل ڏٺو هو. جمالو ماءُ کي ڏسي ويتر زور سان اوڇنگارون ڏيڻ لڳو. ماڻس اچي هن کي حوض مان ڪڍيو.

"امان، حميد مون کي حوض ۾ ڪيرايو آهي"، جمالي سُڏڪا ڀريندي چيو.

"مون ڪٿي ڪيرايو؟" حميد پنهنجي ماءُ جي پر ۾ بيهندي چيو.

"ها ها، حميد ڪونہ ڪيرايو. هي ويچارو تہ ٻنهہ منهنجي اکين سامهون هينئر گهر مان نڪتو آهي!"حميد جي ماءُ صاف ڪوڙ ڳالهائي ويئي.

"ڏس حميد جي ماءُ! هڪڙي پاڙي ۾ رهي، تو کي اهي ڳالهيون سونهن نٿيون. پنهنجي پٽ کي جهلين تہ نٿي، موچو ڀاسو پئي ڪٽين...."

"اي لئي ٻڙي، مون کي نہ ڌمڪاءِ... هي پنهنجيون ڦوٽن جيڏيون اکيون ٻين کي ڏيکارج. تو جهڙيون گهڻيون فقيراڻيون منهنجي در تي اچيو پـن جو ٽُـڪر ونيو وڃن- مُـئي رن زال، هلي آهي مون کي چوڻ.... ڏيڻ ڪٿي جي....!"

غصي کان هن جي ڪنن جون ٻوينيون ٻرڻ لڳيون، هوءَ فقيراڻي نہ هئي. ڪنهن جي در تي وڃي ٽڪر ڪين گهرندي هئي.اڳي هوءَ صبر سان هنن جا مهڻا ٻڌندي هئي، پر هاڻي جيئن پوءِ تيئن پاڙي وارا سر تي چڙهندا پئي ويا. هوءَ غريب هئي تہ ڇا ٿيو؟.... عزت هن کي بہ هئي. هوءَ ڪجهہ چوڻ تي هئي

ڏوتيءَ کي ڪو جن پوت مارڻ ايندو!" هيءَ شام واري مائي هئي. ايتري ۾ ٻين گهرن جون دريون کليون. ڪي بالڪنين تي اچي بيٺا، ۽ ڪن ٻتيون ٻاريون. سچو پاڙو جاڳي پيو هو، ۽ هنن مان ڪنهن کان ايترو نه پُڇُگو، جو ڪٿي ان غير معمولي شور جو سبب دريافت ڪن. پر سبب معلوم ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. هنن کي پڪ هئي ته هي سڀ هن جو ڊونگ آهي، پاڙي وارن کي ستائڻ لاءِ.... سندن ننڊون ڦٽائڻ لاءِ....

هاڻي آواز آهستي آهستي گهٽبو ويو. اوچتو وري هڪ وڏي اوڪاري جو آواز آيو. پوءِ هڪدم خاموشي ڇانئجي ويئي. پر هيءَ خاموشي به عارضي ثابت ٿي- شايد ماءُ جي ٽڪجي پوڻ کان پوءِ جمالي جو وارو هو، جيڪو هينئر ڪيڪون ڪندي رُنو پئي.

"ماءُ ڊونگ ڪري ٽڪي آهي، هاڻي پٽ ٿو ڦاٽي...."

حميد جي ماءُ دريءَ مان منهن ڪڍيو، ۽ جمالو هن جي ڦٽڪار جي پرواهه نه ڪندي روئيندو رهيو.

آخر پاڙي وارن تنگ ٿي دريون بند ڪري ڇڏيون. ٻتيون به وسامي ويون ۽ رڳو جمالي جو روح راڙو گهٽيءَ جي ويرانيءَ ۾ رلندو رهيو. جمالي جي آواز ۾ خوف هو. هو سمجهي نه ٿي سگهيو ته هن جي ماءُ سندس "امان! امان!" ڪري سڏڻ ۽ روئڻ جي باوجود به اُٿي ڇو نٿي؟- ۽ پوءِ هو به ٽڪجي پيو، ۽ ننڍاڪڙين اکين سان ماءُ کي ڏسي، هن جي ڇاتيءَ تي مٿو رکي سمهي پيو.

(مهراڻ:4-1956ع )

**مس شمس صديقي**

# هڪ ڪردار، سَو افسانا

نئين سال جي خوشيءَ ۾ اسان جي ڪاليج جي ڇوڪرين کي اعزازي لقب القاب مليا. قوم جي سياڻن سپوتن وٽان.... واقعي تعليم جو مقصد صرف اهو تہ نہ آهي تہ هر وقت پنهنجي تعليم يافتہ هئڻ جو ثبوت. خوامخواه جي اخلاق ڏيکارڻ سان يا تميز ساڻ پيش اچڻ سان ڏنو وڃي، ۽ نہ ڪتابن پڙهڻ جو اهو مطلب آهي تہ سقراط وانگر حسن ۾ بہ مادي افاديت جو پهلو ڳولجي. ليسنگ بہ تہ فيلسوف ٿي هو، جنهن کي بدصورتيءَ ۾ بہ جماليت جي جهلڪ نظر ايندي هئي! آخر وجدان بہ تہ ڪا شيءِ آهي، روحاني مسرت بہ تہ سڪون بخشي ٿي- ذهني سڪون سٺ پري ماني ڪائڻ انسان جي زندگيءَ جو واحد مقصد تہ نہ آهي- اوڳاڇيون نہ جانور بہ ڏين ٿا پوءِ انسان اشرف المخلوقات ڇو ٿو چورائي؟ انسانيت جو معراج ذهني تربيت ۽ دماغي صحت منديءَ تي مدار رکي ٿو، ذهن کي جِلا علم بخشي ٿو....

سو، پنهنجي نئين سال جي هنن تعريفي القابن کي ڏسي، اسان کي پنهنجي ڪاليج جي طالب علمن جي ذهني بلنديءَ جو واقعي قائل ٿيڻو پيو. هڪ هڪ لقب مان سندن ذهانت ظاهر هئي- سنجيدگيءَ ۽ شرارت سان مليل جليل ذهانت. سندن هر تعريف ۾ ممدوح جي شخصيت ائين ظاهر هئي، ڄڻ ان جي اڳيان آئينو رکيو ويو هجي. سچ پچ تہ هُن جو لقب پڙهي، اسين چپ ٿي ويون سين. سندس نالي جي پرسان اردو شاعر "فانيءَ" جو هي شعر لکيل هو:

"وه بدگمان ڪ مجھي تابِ رنجِ زيست نهين،
مجھي يہ غم ڪ غمِ جاودان نهين ملتا!"

پوءِ تہ سڀني ڇوڪرين جي توجهہ جو مرڪز هن جي ذات تي پيئي. هن جو هر وقت مغموم رهڻ، ۽ هڪ پيرو ڳالهائڻ ۾ پوڻ تہ لڳاتار ڳالهائيندي رهڻ. اها اسان هُن جي خود- فراريت سمجهي.

هوءَ ايف - اي ۾ پڙهندي هئي. منهن مان ڪم عمر لڳندي هئي. لڙ بو چهرو، ڊگهو نڪ جنهن تي ڪارا ڪارا سنهڙا تر، جيڪي هن جي پيليءَ رنگت کي وڌيڪ نمايان ڪندا هئا. ميرا ميرا ڏند - ڪاش هن کي احساس هجي تہ

هن جي موقعي بي موقعي گهٽي ڳالهائڻ جي عادت کان اسين ايترو عاجز نہ هيونسين، جيترو هن جي وات جي بانس کان. هن جي دوران گفتگوءَ ۾ اسان کي ساهہ روڪي روڪي ڪٽڻو پوندو هو. هن جو نڪ نقشو معمولي هو. جيڪڏهن ڪا جاذبيت هئي، تہ هن جي اکين ۾ - جن ۾ ذهانت جي چمڪ هئي، ۽ هن جي قد ۾، جو جدائيءَ جي رات کان بہ ٻہ چار هٿ ڊگهو هو! پنهنجو لقب پڙهي هوءَ حيران ٿي وئي، اکيون ڦاڙي ڪيتري دير بت جو بت بڻي بيٺي رهي، پوءِ هن بي اختيار چئي ڏنو:"پر... هنن کي ڪنهن چيو!" هن بي خياليءَ ۾ تائيد ڪئي - انهيءَ راز جي، جو "بالائي نوٽيس بورڊ" تي اچي چڪو هو. مان ۽ نازنين انهيءَ وقت ٽيبل ٽينس ڪيڏي رهيون هيونسين. نازنين زور سان "ريڪٽ" بال کي هنئي - تمام خوبصورت شاٽ هو، پر اتفاق سان مس ٿي ويو، ۽ بال سامهون پٽ سان لڳي واپس مون ڏي ايو. "ريفريءَ" پڪاريو: "ٽونٽي آل" (ٻنهي پاسي ويهہ مارڪون). هينئر مون کي "سروس" ڪرڻي هئي. منهنجي ڪلاس جون ڇوڪريون مون کي "بُسڪ اَپ" ڪرڻ (همٿائڻ) لڳيون - صرف ٻہ مارڪون، ۽ راند منهنجي هئي. مون رئي کي نيڪ ڪيو - ڪٿي اُلجهي نہ پوي. نازنين رومال سان منهن اگهيو ۽ ڪرائيءَ ۾ رومال ٻڌڻ لڳي. صرف ٻہ مارڪون، ۽ راند هن جي هئي! اسين پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي مضطرب هيونسين. نيڪ انهيءَ وقت هُن نازنين کي مخاطب ٿي چيو، "پر.... پر هنن کي ڪنهن چيو؟"

"ڇا؟" نازنين بيزاريءَ مان پڇيو.

انهيءَ وقت هن جو دخل در معقولات سچ پچ تہ مون کي بہ نہ وڻيو.

"اُهو ئي تہ مون کي غمِ جاودان جي تلاش آهي، ۽ انهيءَ لاءِ منهنجون سيني ۾ اکيون آهن...!"

"سيني ۾ اکيون آهن!" مون کي عجب لڳو. شعر جي مطلب کي هزار مجازي معنائن پهرائڻ سان بہ اهو مفهوم ڪونہ ٿي نڪتو. مون مشڪيو. انسان جي شخصيت ڪهڙا نہ بهانا ٿي ڳولهي پنهنجي اظهار جا! ساڳئي وقت مون کي هن جي معصوميت تي پيار بہ آيو. اِها هن جي معصوم سادگي ئي تہ هئي، جنهن شيرين ديوانگيءَ جي صورت اختيار ڪري، هن کي غمِ جاودان جو متلاشي بڻايو هو. غمِ جاودان جو حصول هن جي شخصيت جي تڪميل ڪندو

يا تشڪيل... ڪير ڄاڻي!

نازنين خارن مان چپ پيڪوڙي هن کي گهوريو.... ”ڏس تنهنجو هن طرح پريشان ٿيڻ جيڪڏهن قبل از مرگ واويلا نه آهي، ته بعد از مرگ ته ضرور آهي. مون کي ڪهڙي خبر ته ڪنهن ڇيو ڪمبختن کي.... ڪاليج جا ڇوڪرا تيليءَ کي ٽنب بنائڻ وارا ته هوندئي آهن. تي سگهي ٿو ته تنهنجي روئڻي صورت ۽ اُداس منهن مان اندازو لڳايو هجين“.

وري ٿورو مشڪي چيائين: ”ائين به ممڪن آهي ته تنهنجي شاعريءَ توکي رسوا ڪيو هجي. ”پليز ماءِ ڊيئر پوئٽيس لارئيٽ“ (Poetess laureate)، مون کي گيم ختم ڪرڻ ڏي!“ ۽ هوءَ شتر بي مهار جي چال هلندي، بالڪنيءَ ۾ هلي ويئي. هن جي سرو قد تي اِها چال هرو ڀرو خراب به ڪانه لڳندي هئي.

* * *

لڳاتار ڏيڍ پيريڊ لڪندي لڪندي، اسين ٿڪجي پيون هيونسين. سرديءَ ۾ هونءَ به هٽ پير ساٿا تي ويندا آهن، ۽ تنهن ڏينهن ته غضب جي سرد هوا ٽي لڳي. لڱن مان سياٽ پئي نڪتا، ۽ وري موضوع به ”بورنگ“ هو- پاليٽڪس ايترو خشڪ مضمون به نه آهي، پر ليسي فيئر(Laisses Faire) جو نظريو الاجي اسان جي سمجهه ۾ ڇو نه ٿي آيو. نظريو ايترو مشڪل ڪونه هو، جيترو انهيءَ جي تنقيدي جائزي اسان کي منجهايو هو. پروفيسر اڌ پيريڊ پيو به اسان کي سمجهائڻ ۾ ورتو- خدا خدا ڪري ڪلاس ختم ٿيو ۽ اسان اطمينان جو ساهه کنيو. گرلس ڪامن روم خالي هئي. ڇوڪريون ڪلاسن ۾ هيون. خالي ٽيبل ڏسي، راند جي شوق ۾ سڄي بيزاريءَ جي ڪيفيت دور ٿي وئي. مون ڪاپي پينسل ٽپائيءَ تي رکي، ريڪٽ کنئي، ۽ بي ريڪٽ نازنين کي ڏيندي مون چيو: ”اڄ ته کيڏون“! ايتري ۾ بالڪنيءَ جو در ٽپي، ٿڌيءَ هوا جي جهوٽي سان گڏ. هُن ڪمري ۾ قدم رکيو. هوا جي لڳڻ سان اسان کي وري شدت جي سرديءَ جو احساس ٿيو. مون جلدي جلدي ڪوٽ جا بٽڻ پائڻ شروع ڪيا. نازنين شال ۾ پاڻ کي لپيٽڻ لڳي، ۽ قريب قريب رڙ ڪندي هُن کي چيائين، ”خدا جي واسطي در ته بند ڪر.تون هن غضب جي سرديءَ ۾ ٻاهر بالڪنيءَ ۾ ڇا ڪري رهي هئينءَ؟“

مون هن جو جائزو ورتو. جا شدت جي سرديءَ ۾ بالڪنيءَ ۾ هوائون

ڪائي رهي هئي! غراري ۾ ململ جي ڪڙتي مٿان هڪ تَـهائون هلڪي سائي رنگ جو سئيٽر پاتل هوس ۽ ململ جو گلابي روُ ڪلهن تي پيو هـوس.... پريشان وار جيڪي گهڙيءَ گهڙيءَ منهن تان پري تي ڪيائين! مون کي سُئيٽر مٿان ڪوٽ پيل هو، تڏهن بہ سرديءَ کان منهنجون پاسيريون ٿي ڪنبيون، ۽ هوءَ برساتي موسم جي خوشگوار شام جو لباس پائي، منهنجي سامهون ويٺي هئي- ملول منهن ۽ سڀيل اکين سان. ڇا غم ۾ ايترو تاثير آهي، جو هر احساس کان انسان کي بي نياز ڪري ڇڏي! ”پر هن کي اهڙو ڪهڙو غم آهي؟“ مون سوچيو.

”سڀ در دريون بند هئا، منهنجو تہ دم ٿي گهٽيو، تنهنڪري مان بالڪنيءَ ۾ نڪري ويس. تمام سني هوا پئي لڳي- ايترو لطف ٿي آيو! ٿڌي ٿڌي هوا جهڙي هير ٿي لڳي!“ هي نازنين جي سوال جو جواب هو. ”ٿڌي هوا جهڙي هير“- مون سوچيو”سيارو نہ ٿيو، بهار جي موسم ٿي....!“

”بيشڪ اهڙي ٿڌي پُر لطف هوا، جا بادِ صبا کي بہ شَـهہَ ڏئي، ۽ وري گلن جو مستانا وار جهومڻ ۽ ڪوئل جو ڪوڪڻ- سچ پچ اهڙيءَ موسم ۾ ڪهڙو ڪافر هوندو، جو لطف و سرور جي شوق ۾ مرڻ نہ چاهيندو!“ نازنين پنهنجون وڏيون وڏيون اکيون مٽڪائيندي، هڪ اک بوٽي، هن کي اشارو ڪندي چيو.

هُن جو اُداس منهن ويتر اُداس ٿي ويو. هوءَ چُپ چاپ پرسان پيل ڪرسيءَ تي ويهي رهي. نازنين کي شايد پنهنجي زيادتيءَ جو احساس ٿيو- هوءَ ريڪٽ رکي، ڪرسي سوري، هن جي پرسان ويهي رهي. مون بي دليءَ سان ڪاپي کولي، ۽ نوٽس پڙهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳيس.... هوءَ چئي رهي هئي- ”گذريل رات تارن کي ڏسي، مون کي الائي ڇو ڏاڍو روئڻ آيو! اُماس جون راتيون بہ ڪيتريون نہ حسين ٿين ٿيون- ڪاري ڪاري آسمان تي زرد روشن ستارا ڪهڙا نہ سهڻا لڳندا آهن!“

”سياري جي اونداهين راتين ۾ آسمان تي تارن جي محفل هن کي بند ڪمري ۾ آتشدان جي نزديڪ ويهي تہ نہ نظر ايندي هوندي....“ سياري جي رات ۾ اڱڻ ۾ نڪري يا دريءَ ۾ بيهي آسمان تي ستارن جي بهار ڏسڻ جي خيال ئي منهنجي بدن ۾ سرديءَ جي لهر ڊوڙائي ڇڏي....“ اُف خدا! هـيءَ

ڇوڪري- ڪتي هن جو دماغ! هيءَ ڇو غمگين ٿي رهي؟ ڪٿي هن کي ڪنهن سان.... " اتي مون کي هن جا لفظ ياد آيا ته " منهنجون سينيءَ ۾ اکيون آهن!" "ته ڇا هيءَ هر ڪنهن تي....؟ آخر هن کي آهي ڪهڙو مرض؟" خارن وچان مون ڪاپي بند ڪري ڇڏي.

ڇوٽون پيريڊ ختم ڪري، اسين گهر ٿي آيونسين، رستي ۾ مون نازنين کان هُن جي باري ۾ پڇيو. ناز مشڪي مون ڏي ڏٺو ۽ چيڙائڻ طور چيائين، "هون. "چارپائي و ڪتابي چند"- مون ته تو کي اڳ ۾ ئي چيو هو ته صرف ڪتابن پڙهڻ سان علم ڪو نه ايندو آهي. سڪٿو اتئي ته زندگيءَ جي اکين ۾ اکيون وجهي ڏس.نفسيات ٿي پڙهين، ۽ هن کي سمجهي نه سگهي آهين!"

"نفسيات ٿي پڙهان، چرين جي ڊاڪٽر ته نه!" مون تيزيءَ سان چيو.

۽ هوءَ چري ڪٿي آهي؟ اها ته هن جي روشن طبع آهي، جا هُن لاءِ بلا ٿي پئي آهي! ذهني طور هوءَ پنهنجي عمر کان ڏهه سال وڏي آهي. اها هن جي ذهانت ئي آهي، جا هن لاءِ وبال ٿي پئي آهي، هن جي خيالن جي اٿاهه گهرائيءَ تائين پهچڻ لاءِ ڏور رس نظر کپي. هن کي سمجهڻ لاءِ فرصت کپي- ۽ زندگيءَ ۾ ڪنهن کي ايتري فرصت آهي، جو هن جي دنيا جهان کان نرالي طبعيت جي باري ۾ سوچي ۽ هن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري! زندگيءَ جي باري ۾ هن جي نقطي نظر عام سطح کان بلند آهي- هن جي تخيل جي رفعت زمين جي وسعتن تي پرواز ڪندي، ڪڏهن ڪهڪشان جي تارن کي به ڇُهي ٿي وٺي.... جڏهن بين جا خيال سطحيت کان ٿورو به مٿي نٿا وڃن جڏهن ڪو هن جي ذهانت جي تعريف ٿو ڪري يا هن جي خيال جي رفعت کي اتفاق سان پهچي ٿو، هن جي احساسات ۽ جذبات کي هن جي صحبت مان تسڪين ملي ٿي، ته هن جي اُداس زندگيءَ ۾ بهار اچي وڃي ٿي، هن جي اُداسي مسرت ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي. پوءِ هن کي دنيا به ويران نٿي ڏسڻ ۾ اچي. هن کي ائين ٿو محسوس ٿئي ته دنيا ۾ هن جو به ڪوئي آهي، جو هن کي پنهنجو سمجهي ٿو، جنهن کي هن جي حساس طبعيت جو خيال آهي،جنهن کي هن جي جذبات جو قدر آهي- ۽ پوءِ هوءَ اکيون بند ڪري، هن جي پرستش شروع ڪري ٿي. پر هر وقت جيڪڏهن ڪوئي بقرات سقرات بڻيو رهي، هر وقت ذهانت جو ثبوت ڏيندو رهي، ته زندگي هوند جهنم نه ٿي پوي! زندگيءَ جي تلخين کي گوارا

ڪرڻ لاءِ ڪڏهن انسان کي حماقتن جو سهارو به وٺڻو ٿو پوي. زندگيءَ جي سخت تقاضائن کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن هن کي آسمان جي بلندين کي وساري، زمين جي پستين طرف به متوجه ٿيڻو ٿو پوي. زندگيءَ سان مصافحت ڪرڻ لاءِ ڪيترين هزارن تمنائن ۽ آرزوئن جو خون ٿو ڪرڻو پوي، تنهن جي هُن کي خبر ئي ڪانه آهي.

هوءَ هميشه اخلاقي بلندي ۽ ذهني رفعت جي معراج تي پنهنجي خيالن جي پيڪر کي ڏسڻ ٿي چاهي، پوءِ ڪڏهن ڪڏهن حقيقتن سان مُنهن مقابل ٿيڻ ڪري هن کي مايوسي ٿي ٿئي، هن کي دنيا ويران ٿي نظر اچي، پريءَ دنيا ۾ پاڻ کي اڪيلو ٿي محسوس ڪري، ۽ اهو احساس تنهائي هن جي زندگيءَ جي ويرانيءَ کي ويتر ويران ٿو ڪري ڇڏي. جڏهن ويرانيءَ جو احساس وڌي ٿو وڃي، ته هن کي ائين ٿو محسوس ٿئي ڄڻ ته اها ويراني هن کي ڳڙڪائي ويندي، ۽ هن جو دم ٿو گهٽجڻ لڳي، ۽ پوءِ هوءَ سياري جي سرد هوائن ۾ به بالڪنيءَ ۾ وڃي ٿي ويهي رهي."

هن جي آخري جملي تي مون مرڪيو.

"پر هن کي ته مردن کان نفرت آهي جنهن جو اظهار هن پنهنجن مضمونن ۽ مُباحثي جي تقريرن ۾ هميشه پئي ڪيو آهي." هن جي شخصيت جي هن عجيب و غريب تجزيي تي متعجب ٿي مون چيو

"هون - "گدڙ ڊاک نه پُڄي، آکي ٿو ڪٽا! جڏهن جو هن جي بلند تخيل کي نٽا پهچي سگهن ۽ نه وري هن ۾ ئي همت آهي جو عام سطح تي اچي، زندگيءَ سان مصافحت ڪري سگهي - اهڙيءَ حالت ۾ هوءَ مردن کان نفرت ڪرڻ جي بهاني پاڻ کي تسلي نه ڏئي ته ڇا ڪري؟ نٽي سمجهي ته ائين ڪرڻ سان هوءَ پاڻ کي خودفريبيءَ ۾ مبتلا ڪري رهي آهي....اوهه! منهنجو گهر به پنتي رهجي ويو آهي...." ڳالهين جي رو ۾ نازنين پنهنجي گهر کان ڪيترو پري هلي آئي هئي. اسان خدا حافظ چيو ۽ پنهنجي پنهنجي گهر آيون سين.

* * *

اڄ اسان جي ڪاليج جي يونين طرفان مسابقي(Symposium) ۾ تقرير ڪرڻ لاءِ مسٽر سهرورديءَ کي مدعو ڪيو ويو هو. اسين مقرر وقت کان ٿورو اڳ ۾ ليڪچر هال ۾ وڃي ويناسين. ٿوريءَ دير ۾ هوءَ به آئي - خلاف معمول

خوشيءَ ۾ ڇهڪندي. ملول منهن اڄ بشاش هو. ويران اکين ۾ ڪجل جي ڏارا. وار سليقي سان سنوريل، هٿن ۾ ڪنگڻيون، ننهن تي ”ڪيوٽيڪس“ لڳل. اڇي شلوار، بلو دوپٽو، ريشمي قميص، ڪلهن تي اڇي ڪشميري شال پيل. واقعي اڄ هوءَ ڏسڻ لائق ٿي پئي هئي. وڏي ڳالهه اڄ مسڪ سان ڏند بہ صاف ڪيا هئائين. هوءَ اچي منهنجي پرسان ويني. سينٽ جي هلڪي خوشبوءِ فضا ۾ پکڙجي ويئي. مون دل ئي دل ۾ هن جي ذوق جي تعريف ڪئي. نازنين مون کي هن کي گهوريندي ڏٺو، ۽ مشڪي ويني. هوءَ هڪ ڇوڪريءَ سان ڳالهائڻ لڳي. ڳالهائيندي هوءَ هونءَ بہ گهٽو هئي، پر اڄ هن جي ڳالهين ۾ مذاق جو عنصر بہ شامل هو. هن منهن ورائي مون کان پڇيو، ”ڪڏهن ايندو“لاير“ پاليٽيشن(Lawer/Liar Politician)؟“ مون هن جي ذهين مذاق تي مشڪي ڏٺو. نازنين کان ٺهڪ نڪري ويو. پرسان وينل ڇوڪرا بہ مشڪڻ لڳا. ڳالهين جي دوران ۾ هن دزديده نگاهن سان پريان وينل هڪ ڇوڪري کي بہ پئي ڏٺو. ٿوريءَ دير کان پوءِ هوءَ اُٿي سامهون واري سيٽ تي وڃي ويني. نازيءَ منهنجي ڪن وٽ منهن آڻي آهستي چيو، ”اُماس جون راتيون چانڊوڪين راتين ۾ بدلجي ويون آهن، پر چانڊوڪي چئن ڏينهن جي آهي.“

”چوڏهن ڏينهن جي،“ مون نهايت سادگيءَ سان ورائيو.

”هون“ نازنين طنزيہ ”هون“ ڪئي، ۽ مان چئن ڏينهن جي چانڊوڪيءَ جو مطلب سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس - پو“ ناز مون کي ٻڌايو تہ سامهون جيڪو ڪڻڪ رنگ ويڪري پيشانيءَ “ ڪارين چمڪندڙ اکين وارو ڊگهو سنهو ڇوڪرو وينو آهي، سو اڄ ڪلهہ ”ميران“ جو ڪرشن آهي. مون خوبصورت پيشانيءَ ۽ ڪارين اکين واري ڇوڪري کي غور سان ڏٺو. اڙي! هي تہ اسان جي ڪاليج جو بهترين ڊبيٽر هو. هوءَ ڇوڪرين ۾ اول ايندي هئي، ۽ هي ڇوڪرن ۾. هن وانگر هي بہ ڏاڍو ذهين ۽ سمجهو هو، پر هن جي ذهانت هُن وانگر ديوانگيءَ جي حد تائين ڪانہ پهتي هئي. مون نازنين کي چيو، ” تمام چڱو ٿيو، جو ٻنهي جي دوستي ٿي. خوب نڀهندي. ٻئي ذهين آهين.“

”تڏهن تہ چوان ٿي تہ چار ڏينهن مس جٽاءُ ڪندي هنن جي دوستي!“ نازنين سوچيندي چيو.

”سو ڇو؟“ مون حيران ٿي پڇيو.

”چاڪاڻ تہ مڙد خود ڪيترو بہ ذهين هجي، ذهين زال ڪڏهن بہ پسند ڪو نہ ڪندو آهي. مرد گهڻو ڪري ساده ذهن زالن سان ئي خوش رهي سگهندا آهن، جن کي هو آسانيءَ سان ماري ۽ جيئاري سگهن، جن جي اڳيان آسمان سان پنهنجي چوٽي گسائي، هو پنهنجي احساسِ برتريءَ جي تسڪين ڪري سگهن، جن تي سختي ڪري سگهن، رعب ڄمائي سگهن. جن جي محبت ۽ همدردي هو آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهن. مڙد اهڙين زالن سان ڪڏهن خوش نہ رهي سگهندا آهن، جيڪي حساس هجن، ذهين هجن، هنن کي مجازي خدا سمجهڻ بجاءِ ساڻن برابريءَ جون دعويدار تي ويهن، جيڪي هن جي ڪوڙ سچ تي پرکيندڙ نظر رکن. اهڙي زال اڳيان مڙس هيسجي ويندو آهي، ۽ هن جي شڪست خورده برتريءَ جو احساس هن جي دل ۾ اهڙيءَ زال لاءِ نفرت پيدا ڪندو آهي: ۽ پوءِ ٻنهي جي زندگيءَ ۾ نا آسودگي وڌندي ويندي آهي، ۽ ٻئي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي زهر پي پي جيئندا آهن.“

نازنين جو هي ڪُمهلو ۽ تڪائيندڙ ليڪچر ٻڌي، مون کي جيتري ڪوفت تي، اوتري ئي هن جي انساني نفسيات جي معلومات تي حيرت پڻ ٿي.

”کهڙي ڳالهہ ڪجي تنهنجي تجربيڪاريءَ جي!“ مون مذاق طور ڊبيل لفظن ۾ چيو.

”تجربيڪاري نہ، مشاهدو چئو - جيڪو ڪتابن پڙهڻ سان نہ، پر زندگيءَ جي اکين ۾ اکيون وجهي ڏسڻ سان حاصل ٿئي ٿو.“

هال ۾ بيچينيءَ جي لهر ڊوڙي وئي. اڳين قطارن ۾ وينل ڇوڪرن جلدي جلدي پنهنجا سگريٽ وسايا. ”شڪر، ايتري تميز تہ اٿن!“ نازنين آهستي چيو. اسان جو پرنسپال مسٽر سهرورديءَ سان ”ڊائس“ تي آيو، ۽ تعارفي تقرير ڪرڻ لڳو.

”ڏس مان مسٽر سهرورديءَ کان ”آٽو گراف“ وٺنديس!“

هن هلڪي سائي رنگ جو آٽوگراف بڪ ڏيکاري نازنين کي چيو.

مسٽر سهرورديءَ جي تقرير ختم ٿي. هوءَ آٽوگراف وٺڻ لڳي، اسين هليون آيونسين.

* * *

اڄ وري هن جو منهن اُداس هو. پنل پلڪن سان هوءَ بالڪنيءَ ۾ بيهي، پري اُفق ڏانهن نهاري رهي هئي. اُهي ئي پريشان وار.... اهي ئي ميرا ميرا

ڏند.... هن تي سراپا وحشت وسي رهي هئي. مون همدرديءَ مان هن ڏانهن نهاريو. ناز ڪرسيءَ ڪٺي بالڪنيءَ ۾ وڃي ويٺي. ايتري ۾ پٽيوالو هلڪي سائي رنگ جو آٽوگراف بڪ کڻي آيو ۽ هن کي ڏيندي چيائين، " هي توهان کي ناصر صاحب ڏنو آهي". هن جي محويت مان بيدار ٿيڻ کان اڳ نازنين پٽيوالي کان آٽوگراف بڪ ورتو، ۽ کولي ڏسڻ لڳي، ۽ پوءِ تلخ مرڪ سان آٽوگراف بڪ ڏيندي چيائين: "ڏس، ذهين مرد جي ترڪش جو آخري تير!"

مون پڙهيو. هلڪي نيري پني تي ڳاڙهي مس سان هي شعر لکيل هو.

"عرفي" اگر بگريہ ميسر شدي وصال،

صد سال مي توان بہ تمنا گريستن!

هن بہ ڏنو. پڙهي مشڪي - هڪ اداس مرڪ.... ۽ پوءِ وري پري افق ڏانهن نهارڻ لڳي....

هوءَ تعليمي مرحلا وڏي شان سان طئي ڪندي رهي.... پنهنجي ذهانت جي پروسي.... ڪاليج جي تعليم ختم ڪري، هوءَ يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿي. نازنين ٻڌايو تہ "اجا تائين هن جي زندگي ۾ اُماس ۽ پورن ماسيءَ جي راتين جي اک ٻوٽ جاري آهي."

(مهران:6-1956ع)

---

ايــاز قـــادري

# مان انسان آهيان

”ڪنهن کي خبر نه هئي ته هو ڪير هو؟ هن جو نالو ڇا هو؟ هن جي ذات ڪهڙي هئي؟ هن جو مذهب ڪهڙو هو؟ هو ڪٿان آيو هو؟ انهيءَ هوندي به شهر جو ننڍو وڏو کيس سڃاڻيندو هو. هن کي ڪافي ورهين کان وٽي ڏسندا پئي آيا - سانت ئي سانت، پنهنجي خيالن ۾ گم. ڪڏهن هو مندرن مان نڪرندڙ ناقوس جي صدا: آسمانن تائين ڦهلجي ويندي هئي، ٻُڌي مندر جي دروازي وٽ وڃي ويهندو هو. مندرن ۾ وڄندڙ گهنٽين جو شور ۽ پڄارين جا ڀڄن ٻڌي هو انهيءَ ۾ مگن ٿي ويندو هو. هو پڄارين کي ديوتائن اڳيان، وينتي ڪندو ڏسي، خاموش ٿي ويندو هو، ڄڻ ڪنهن فيلسوف وانگر اهڙي ڳوڙهي مسئلي تي ويچار ڪري رهيو هجي، جنهن جو حل کيس نه ملندو هجي. مندر مان نڪرندڙ مرد ۽ عورتون هن کي ڏسي چوندا هئا: ڀڳوان جو سنت آهي - سندس ڀڳوان سان لنوَ لڳل آهي!“

صبح جو جڏهن مسجد جي اوچن منارن مان موذن جي الله اڪبر جي صدا ڪائنات ۾ چوطرف پکڙجي ويندي هئي، ته هو خاموشيءَ سان اُٿي اچي مسجد جي چائنٺ وٽ ويهندو هو. وضو ڪندڙن ڏانهن خاموش نظرن سان نهاريندو هو. جڏهن پيش امام قرآن شريف جون سورتون قرآت سان پڙهڻ شروع ڪندو هو، ته ان جي مٺي آواز ۾ مست ٿي ويندو هو، ڄڻ کيس دلي مسرت حاصل ٿي رهي هجي. جڏهن نمازين کي سجدي ۾ ويندو ڏسندو هو ته هو وري سوچ ۾ پئجي ويندو هو- اهڙي مسئلي تي، جو هن کان حل نه ٿيندو هجي. مسجد مان نڪرندڙ نمازي کيس ڏسي چوندا هئا: ”ويچارو مجذوب آهي. الله جو پيارو ٻانهو آهي!“

ننڍو وڏو، مرد، عورت، هندو مسلمان کيس فقير بابا ڪري سڏيندا هئا. کيس نه گهر هو نه گهاٽ. مالڪ جي زمين سندس بسترو هئي ۽ آسمان هن جي محل جي ڇت جنهن ۾ چند تارن جا لالٽين روشن هئا. ڪڏهن هو مندر جي ڏاڪڻ وٽ سمهي پوندو هو، ڪڏهن مسجد جي دروازي وٽ کيس ننڊ وٺي ويندي هئي، ورنه سڄي رات پيو شهر ۾ گهمندو هو- اهڙيءَ ريت جهڙيءَ ريت

ڪو بي قرار روح سڪون جي تلاش ۾ سرگردان هجي. اهڙيءَ ريت جهڙيءَ ريت اکبوت راند وقت هڪ ساٿي ڪنهن هنڌ وجي لڪي ۽ ٻيو ان کي تلاش ڪندو هجي. شهر جا رولو ڪتا هن کي ڏسي ڀونڪڻ لڳندا هئا. مگر هن کي سجاڻي وري پنهنجو ڪنڌ هيٺ ڪري، چپ تي ويندا هئا. ڇڻ ڪين ازلي ننڊ وٺي ويئي هجي. چوڪيدار "ڪير ڪير" جي رڙ ڪندا هن جي ويجهو ايندا هئا. مگر هن کي سجاڻي چوندا هئا: "فقير بابا! هينئر رات گذرڻ واري آهي، وڃي آرام ڪريو".

هو مشڪي اڳتي هليو ويندو هو. ۽ سپاهي هن کي تڪيندا رهجي ويندا هئا.

سندس وار سنياسن وانگر گهاٽا ۽ ڊگها هوندا هئا. جن جون ڇڳون مٽيءَ پوڻ سبب ڄمي ويون هيون. سندس ڊگهي ڏاڙهي، سندس وارن وانگر هميشه دز ۽ مٽيءَ ۾ ميري رهندي هئي. جسم تي هڪ گيڙوءَ رتي الفي ۽ ڪلهي تي هڪ رلهي: اها هئي سندس ملڪيت ۽ هو انهيءَ ملڪيت جو مالڪ هو. هو نه ڪنهن کي ڪو سوال ڪندو هو، نه ڪنهن کان ڪجهه گهرندو هو. ڪڏهن ڪو دياوان هندو هن کي پوڄن ڪرائيندو هو- ورنه هو پنهنجو وقت بک ۾ ئي گذاري ڇڏيندو هو. هو مانيءَ لاءِ ڪڏهن به انڪار نه ڪندو هو. پر جي ڪيس ڪو پئسا ڏيندو هو ته اهي قتي ڪري خار وچان پئسن ۽ پئسن ڏيندڙ ڏانهن نهاريندو هو. چٽڪ چئي رهيو هجي. "هيءَ دنيا ئي ته آهي جنهن جي موهه ۾ انسان انسان نه رهيو آهي- انسان ڌٽيءَ جو پوڄاري نه پر دنيا جو پوڄاري ٿي ويو آهي." جڏهن سندس الفي ليڙون ليڙون ٿي ويندي هئي، تڏهن ڪو سخي دل هندو يا مسلمان هن کي نئين الفي پارائي ڇڏيندو هو. ان ويل، هو انهن ڏانهن ٿورائتين نگاهن سان نهاريندو هو. جي ڪنهن کي متس ڪهل اچي وئي ته هن جي سيرب نهرائي ڇڏيندو هو يا غسل ڪرائي ڇڏيندو هو. نه ته هن کي ڪڏهن به پنهنجي سنائيءَ صفائيءَ جو خيال نه ايندو هو. هو اڪثر خاموش رهندو هو- ڄڻ سندس زبان کي تالو لڳل هجي. ڪڏهن ڪڏهن موج ۾ اچي ٻه چار لفظ ڳالهايائين ته وڏي ڳالهه ٿي.

---

اوچتو ئي اوچتو، چوطرف ڪهرام مچي ويو. آباد شهر اجڙ ٿي ويا. چوڌاري باهه جا اُلا ئي اولا نظر ٿي آيا. هڪڙا هڪ طرف جمع ٿي ويا، ٻيا ٻئي طرف جمع ٿي ويا. سيئي هڪ ٻئي جي پاڙن مان نڪري، پنهنجن پنهنجن پاڙن

۾ اچي رهڻ لاءِ لڏ پلاڻ ۾ لڳي ويا - سندن جان ۽ مال جي سلامتي انهيءَ ۾ هئي! ٻنهي پاسي، هڪ ٻئي کي لٽڻ مارڻ جون گرما گرم تياريون ٿي رهيون هيون. حملي ٿيڻ جو امڪان ۽ جان جو خطرو هو. ڪنهن کي اهو پتو نہ ٿي پيو تہ ڪڏهن حملو ٿيندو؟ ڪڏهن مال لٽبو؟ ڪڏهن جان ويندي؟ شهر چوڌطرف سنسان ٿي ويو - ڄڻ ڪو راڪاس آيو هجي، ۽ ملڪ جي ماڻهن کي ڪائي چڏيو هجائين.

چوڌريءَ جي محلي ۾ آس پاس جا پهلوان اچي ڪٺا ٿيا. "اڄ رات"، چوڌريءَ حُقي جو ڪش لڳائيندي چيو، "هنن ڏين جي دشمنن کي سبق سيکارڻو آهي. سڄي عمر ٻئي اسان کي لٽيو اٿن. قرض ۾ اسان جون جايون جڳهيون، مال متاع سڀ ڪجهہ ڦري ويا. اڄ اسان جو وارو آهي. هيءَ اسان جي حق جي لڙائي آهي، اسان جي پاڪستان جي جنگ آهي، اسان جي اسلام جو جهاد آهي. اڄ هنن ڪافرن کي ڏيکارڻو آهي تہ مسلمان شير ڇا ٿيندا آهن. پل هنن ڌوتي پوشن کي پيڳوان ياد اچي وڃي. فيصلو ٿيو تہ رات جو ويهہ جوان، جن ۾ گهڻا ٻاهران آيل مضبوط ۽ بهادر منتخب ڪيا ويا، جهاد لاءِ تيار رهن، ۽ سيٺ دمڙي مل جي ڪوٺيءَ تي اول حملو ڪن."

"ديش مترو! ڇا اوهان کي ملڪ جو ورهاڱو قبول آهي؟" سيٺ ڌرمداس نوجوان هندن کي، جي مختلف هنڌان اچي ڪٺا ٿيا هئا، مخاطب ٿيندي چيو، "ڇا اوهان ڀارت ماتا جي سرير کي ٽڪر ٽڪر ٿيڻ ڏيندا. اڄ رات هنن نيچ مسلمانن کي جن هميشہ اسان کي ٻئي تنگ ڪيو آهي جن جي قرن لٽين، چورين ۽ ڌاڙن کان اسان ڪڏهن بہ شانتي ۾ نہ رهيا آهيون، هنن کي ضرور مزو چکائڻ گهرجي. منهنجا مترو! اجوڪي رات جي يڏ اوهان جي ڌرم جي يڏ آهي. ڀارت ماتا جي مٿان بليدان ٿيڻ جي يڏ آهي. اجو تہ هنن نيچ مسلمانن کي اهڙو سبق سيکاريون، جو ڪين ڄڻيءَ جو کير ياد اچي وڃي ۽ هميشہ ڏسيءَ کي ياد ڪندا وتن." آخر فيصلو ٿيو تہ ڪجهہ نوجوان منتخب ڪيا وڃن، جي رات چوڌري دين محمد جي گدام تي حملو ڪن.

سورج غائب ٿي ويو، چوڌطرف سانت ٿي وئي. ورلي ڪو ماڻهو ڳلين ۾ نظر نہ ٿي آيو. هرڪو پنهنجي گهر کي اندران مضبوطيءَ سان ڪڙو ڏئي وڃي ويٺو. آهستي آهستي رات جي اونداهي وڌندي ويئي. گهڙيال رات جا ٻارهن

لڳايا. رستي تي ڪنهن جي پيرن جو آهٽ ٻڌڻ ۾ آيو. ڪتي جي ڀونڪ تي. فقير بابا کي ڪتي ڏنو ۽ سانت تي ويو. سنسان رستن تي ههڙي وقت هو پنهنجن خيالن ۾ غرق، اونداهيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن اهڙيءَ ريت ڦري رهيو هو، ڄڻ ڪو خاموش تاريڪ سايو هجي. وڻن جي پنيان سرسراهٽ تي. "خاموش! ڪوئي هيڏي اچي رهيو آهي." وري سانت تي وئي. "هڪ ڄڻو آهي" - ٻه - ٽي نوجوان وڻن کان ٻاهر نڪتا. "تون ڪير آهين؟". "تنهنجو نالو ڇا آهي؟" مگر هنن کي ڪو به جواب نه مليو. "تنهنجو مذهب ڪهڙو آهي؟". "سالو ڪافر آهي" - ائين هڪڙو ڇرو نڪتو، جو اونداهيءَ ۾ وڄ وانگر چمڪيو ۽ سندس ڇاتيءَ ۾ گهڙي ويو. ٻيا رهيل همراهه به وڻن مان نڪري آيا. انهن مان ڪنهن رڙ ڪئي، "او فقير بابا". انهن جي سردار غصي مان چيو، "هلو هلو، دير ٿي رهي آهي جيڪڏهن ٿوري دير ٿي ته موقعو هٿان هليو ويندو." سڀ چپ چاپ پنهنجي سردار جي پنيان هليا ويا.

فقير بابا هوريان هوريان زمين تان ڪنڌ مٿي ڪيو. سندس لبن تي اها ئي مشڪ هئي. هڪڙي نظر مٿي ڪري ڏٺائين ۽ وري پنهنجو ڪنڌ مسجد ڏانهن ڪٽي ڪيائين، ڄڻ وضو ڪندڙ، قرآت سان سورتون پڙهندڙ پيش امام سجدي ۾ جهڪيل نمازين ڏانهن نهاريندو هجي. هو آهستي آهستي اٿيو ويران ۽ تاريڪ ګلين ۾ وڌڻ لڳو.

"تون ڪير آهين؟". "تنهنجو نالو ڇا آهي؟" پتين جي پاڇي ۾ بيٺل ٽن نوجوانن هن کان پڇيو، مگر ڪنهن کي ڪو جواب نه مليو. "تنهنجو ڌرم ڪهڙو آهي؟" "مسلم آهي" - هڪ آواز آيو - "ماريو نيچ کي." هڪ ڪرپان هوا ۾ ڦريو ۽ سندس پيٽ ۾ چيبي ويو. "آه!" جو آواز ٿيو. ٻيا پنتي رهيل ساٿي به اچي هنن سان مليا. "فقير بابا" - هڪ نوجوان حيرت مان چيو. "اوير نه ڪريو. باقي ٿوريون گهڙيون بچيون آهن، جي هيءَ مهل هٿان نڪري وئي، ته پوءِ افسوس جون ترپون مهنٽيون پونديون." سيئي پنهنجي اڳواڻ جي پنيان هليا ويا. فقير بابا گهٽي دير کان پوءِ سامت ۾ آيو. آسمان ڏانهن نهاريائين. وري سندس اکيون مندر ڏانهن کڄي ويون. جنهن ۾ ڄڻ ڪيس ناقوس جي صدا - پوڄارين جا ڀڄڻ - گهنٽين جو آواز - پوڄارين جو ڀڳوان اڳيان سر نوائڻ ڏسڻ ۾ ٿي آيو. هن آهستي اٿڻ جي ڪوشش ڪئي - ٿورو اڳتي هليو ۽ وري ڪري پيو.

شهر ۾ وٺ وڻان ٿي وئي. عورتن جون رڙيون. ٻارن جو روئڻ. "بچايو بچايو" جا آواز. بندوق جا ٺڪاءَ. گولين جا زوڪاٽ. لٺين جو ٺهڪو. ڇرن ۽ خنجرن جا چمڪاٽ "لٽيو ماريو" جي خوفناڪ شور ڪان زمين آسمان هڪ ٿي ويو. شهر ۾ باهه لڳل جي ڄڀي آسمان سان ٿي لڳي. "ماريو ڪافر آهي". ماريو مسلم آهي. "وڃو وڃو. نه ڇڏيو." اوچتو اوچتو سيٽيون وڳيون - ملٽري پوليس جي مشين گنن جا آواز ڦهلجي ويا. چوطرف ملٽري پهرو ويهجي ويو. ريڊ ڪراس جي لارين ۾ مئلن ۽ زخمين کي اسپتال نيو ويو.

"تون ڪير آهين؟". "تنهنجو نالو ڇا آهي؟" ڊاڪٽر جي جواب ۾ صرف زخميءَ مشڪي ڏنو. "تنهنجو مذهب ڪهڙو آهي؟" زخميل وڏو ٽهڪ ڏنو. بيٺل ڊاڪٽر ۽ نرس ٻئي ڏڪي ويا. "شايد ديوانو آهي." نرس چيو. "ڊاڪٽر صاحب مان هندو... نه.... مسلم ... نه نه ڊاڪٽر صاحب مان انسان آهيان. منهنجو مذهب انسانيت آهي. ڊاڪٽر صاحب مون کي زخم ٻنهي هندو... ۽ مسلمانن.... کان رسيا آهن. منهنجا زخم انسانيت جا زخم آهن. ڊاڪٽر صاحب. منهنجو موت انسانيت جو موت آهي. ڊاڪٽر صاحب. منهنجو لاش هندو مسلم ٻنهي جي حوالي ڪجو. جنهن ۾ هو پنهنجي شڪل ڏسي سگهن. جن ۾ ڪين ڀڳوان اڳيان سر نوائڻ. الله اڳيان سجدا ڪرڻ. ٻئي ڇتيءَ طرح ڏسڻ ۾ اچن."

زخمي چپ ٿي ويو. سندس لبن تي ابدي مشڪ ڦهلجي وئي. جا ڇئي رهي هئي"مان انسان آهيان." پري کان ناقوس جي صدا آئي. آذان جو آواز آيو. پوڄارين پوڄن ڳايا. نمازين الله اڪبر پڪاريو. هندن ڀڳوان اڳيان سر نوايو - مسلمان سجدي ۾ جهڪي پيا.

(مهراڻ:سيارو-1955ع)

---

## عثمان علي انصاري

# ململ جو چولو

”مون اها شادي پنهنجي پسنديءَ تي تہ ڪانہ ڪئي هئي!“ انور پنهنجي شرمساري لڪائيندي منهن هيٺ ڪري چيو. جنهن تي سندس بين دوستن جي ترجماني ڪندي قاضيءَ چيو. ”بهتر ٿئي ها جو هن پوئينءَ بي مروتيءَ ڪان شروعات ۾ شاديءَ ڪان انڪار ڪري ڇڏين ها. آخر قبوليت تہ توڪان ورتي هونداءُون: انهيءَ وقت چو ڪين تي چيئہ تہ هيءَ ڇوڪري منهنجي پسنديءَ جي نہ آهي، تنهنڪري آءٌ قبول نہ تو ڪريان؟ ڪين انهيءَ زماني ۾ چاڪاڻ تہ پاڻ فقط پندرهن رپين ڪمائڻ وارو هڪ ناڪارو نوٽ! هي سڏ ڪُتل معلوم ٿئي ٿي شخص هئين، تنهنڪري زبيده سان شادي ڪندي تو پاڻ کي ڪسر نہ ٿي سمجهي، ۽ هينئر جڏهن وڏا امتحان ڏيئي آفيسري هٿ ڪئي اٿيئي تہ زبيده تنهنجي شان وٽان نہ آهي!“

”اوهين ڪٿي ڇا بہ سمجهو.“ انور بيزاري ڏيکاريندي چيو. ”هن سچ پچ تہ زبيده مون کي پهرئين ڏينهن کان پسند ڪين آئي هئي. قاضي صاحب کي تہ ياد هوندو تہ شاديءَ جي رات گذاري صبح جو آءٌ سندس جاءِ تي اچي ڪيترو وقت ويني رنس. رهيو سوال انڪار ڪرڻ جو، سو آءٌ قبولدار آهيان تہ والد صاحب کي انڪار ڪرڻ جي همت ـ مون کي ڪانہ هئي، ۽ جي هجي بہ ها تہ بہ جيڪر اهڙو ناخلف ڪين ٿيان ها جو والدين جي ڏنل لفظ کي هيٺ ڪري پنهنجي مانايان ها.“

اتي قاضي صاحب جوش ۾ اچي اٿي بيٺو ۽ چيائين، ”قربانيءَ جا سڏڙيا تہ سڀ آهن، پر ڪري نباهڻ بہ ڪن جو ڪم آهي! انور دوست، انهيءَ وقت تہ پيءُ - ماءُ جو ڪنڌ هيٺ ڪرڻ تو نہ ٿي گهريو، پر هينئر پنهنجي زال کي گهر مان نيڪالي ڏيئي، سندس پيءُ جي گهر ويهاري تہ شايد ستن پيڙهين کي بہ داغ ڏيڻ کان نہ تو گسين!“

”منهنجين ستن پيڙهين تي داغ اچڻ جي ڪري ڪنهن بئي جي پڳ تہ ڪانہ لهي پوندي؟ هر ڪو پاڻ کي ڏسي.“ انور ائين چوندو، محفل مان اٿيو هليو ويو.

زبيده کي نو ورهيہ پنهنجي پيءُ جي گهر ويني ٿيا آهن. انهيءَ وچ ۾ جيتر سنڌس سهرو جيئرو هو، تيتر ڏهہ رپيا درماهہ کيس خرچ لاءِ موڪليندو رهيو. سنڌس مرڻ کان پوءِ اهو وظيفو هميشہ لاءِ بند ٿي ويو. جيڏيون سرتيون هن کي نفرت جي نگاهہ سان ڏسنديون هيون. شادي مراديءَ ۾ سنڌس وڃڻ بند هو. پٽس جي مري وڃڻ تہ ويتر سنڌس حالت خراب ڪري ڇڏي. هڪ پرڻيل زال پائرن جي در تي آخر ڪيستائين رهي سگهندي؟ ڏارين جا طعنا مهڻا سهي وڃڻ تہ شايد زبيده جهڙي شريف صابره لاءِ ڪا مشڪل ڳالهہ ڪانہ هئي، البت پاڇاين جا تُنڪا ۽ سهما سهي نہ سگهي. لاچاري انسان کان ڇا ڪين ڪرائيندي آهي؟ تنگ ٿي، زبيده بہ پنهنجي پورهئي ڪرڻ جو ارادو ڪيو. انهيءَ وچ ۾ پنهنجي مڙس ڏانهن بہ بي حساب نياپا موڪليائين تہ ڏٺيءَ لڳ مون کي پاڻ وٽ رکو، آءٌ اوهان جي گهر پورهيت ٿي رهنديس. پر هيڏانهن انور بي شادي ڪئي هئي، بہ بار ڄايا هئس، تنهن سنڌس نياپن جو جواب فقط خاموشيءَ جي نفرت سان ڏنو. جيڪڏهن ڪنهن ڇڱي مڙس روبرو بہ اچي ٿي چيس تہ انهيءَ کي بہ ڇڙو هيءُ جواب ٿي مليو تہ ”هينئر کيس گهرائي آءٌ پنهنجي لاءِ جيئري دوزخ پيدا ڪرڻ نہ ٿو چاهيان“. پئسن موڪلڻ جي سوال تي چوندو هو تہ ”مون کي پنهنجن ٻچن لاءِ بہ ڪجهہ ڪرڻو آهي يا نہ!“ مطلب تہ انور هڪ يا ٻيو بهانو ڏيئي سيني کي ٽاريندو هو.

زبيده سبڻ پوئڻ جو ڪم شروع ڪري ڏنو، جنهن مان سنڌس گذر تمام مسڪينيءَ نموني ۾ ٿيندو ٿي آيو. پر آخر سنڌس صبر بہ ڏيوالو ڪڍيو، ۽ هن جي تندرستي خراب ٿيڻ لڳي. پهرين تہ معمولي بخار سمجهي خيال نہ ڪيائين، پر جڏهن ڏٺائين تہ هر روز بخار ٿو ٿئي تہ تشويش پيدا ٿيس. تنهن هوندي بہ پنهنجي ناداريءَ جي حالت ڪري علاج ڪين ڪرائي سگهي. مهيني کن جي اندر اهڙو حال ٿي ويس جو بستري تان اٿي بہ مشڪل ٿي سگهي. هڪ ڏينهن پنهنجي پورهئي جي بچايل پئسن مان ٽي وال تمام عمديءَ ململ جا گهرائي هڪ چولو تيار ڪيائين. گهڻي دير ويهي بہ ڪين ٿي سگهي، تنهنڪري بستري تي سمهي، سيني تي ڪپڙو رکي، انهيءَ جي ڳچيءَ تي ريشم جا گل ۽ وليون پريائين. جڏهن چولو بلڪل تيار ٿي ويو، تڏهن هڪ

پارسل ۾ انهيءَ کي بند ڪري پنهنجي مڙس ڏانهن موڪليائين. ساڳئي ڏينهن ڪيس هينيون خط به موڪليائين:

”منهنجا سرتاج! خدمت ۾ پويون دفعو حاضر ٿيڻ جي معافيءَ بعد، عرض آهي تہ اڄ هڪ چولو پنهنجن بيمار هٿن سان سبي تيار ڪري اوهان ڏانهن موڪليو اٿم. مون کي سلھ جو عارضو لڳو آهي، جنهن مان ڇٽڻ جي اميد بالڪل ڪانہ آهي. منهنجي ڪمائيءَ مان ڪفن - دفن جي خرچن ڪان پوءِ جيڪي ڪجھ بچيو ٿي، تنهن جا وارث ٻاڪاڻ تہ اوهين آهيو. تنهنڪري اهي پئسا هن چولي تي خرچ ڪري اوهان ڏانهن موڪليان ٿي. منهنجي آخري التجا هيءَ آهي تہ مهرباني ڪري اهو چولو اوهين پاڻ پائجو، جو تہ جي اوهين پائيندا تہ منهنجي روح کي راحت ايندي. مان سمجهان ٿي تہ هن خط پهچڻ ڪان اول منهنجو خاتمو ٿي ويو هوندو. مون اوهان کي سڀ ڪجھ بخشيو. اميد تہ اوهين بہ مون کي ڇيو آڪيو بخشيندا. - اوهان جي ڪنيز، زبيده.“

خط ملڻ جي ڏينهن انور کي چولي وارو پارسل بہ مليو. پر هيڏانهن خط ۽ پارسل آيا، هوڏانهن سندس زال اچي فساد مچايو. ٻارن تي بيگناھ پادر وسي ويا. روڄ شروع ٿي ويو. ڪنهن جي ماني، ڪنهن جي ٽڪي - واويلا مچي ويئي. انور کي ڪهڙا خيال دل ۾ ٿي آيا، تنهن بابت ڪجھ بہ چئي نہ ٿو سگهجي، ڇو تہ پاڻ خاموش وينو هو. البت ٻارن جي مار کائڻ تي ايترو چيائين ٿي تہ، ”هنن معصومن جو ڪهڙو ڏوھ؟“ سندس زال ڏنو تہ منهنجي ڪروڌ جو خاطريءَ جهڙو نتيجو نہ نڪتو تہ زور زور سان روئي چوڻ لڳي تہ ”پاڻ تہ سلھ جو شڪار آهي، هاڻي منهنجي مڙس ۽ ٻارن کي بہ سلھ ڏيڻ ٿي گهري، تنهنڪري تہ هي چولو سبي موڪليو اٿس! هاڻي يا تہ گهر ۾ آءٌ رهنديس يا هي چولو.“ اتي انور چيو، ”آءٌ باھ ڏيندو آهيان اهڙي چولي کي، جو منهنجي گهر ۾ ڦيٽو وجهائي!“ ائين چئي، اهو چولو، جو ڏاڍيءَ سڪ ۽ محبت سان هن ڏانهن موڪليو ويو هو، سو وجي چُلھ ۾ وڌائين. چولو هو سنهي ڪپڙي جو، سو هوا جي ڪري باھ ۾ ڪين ڪريو ۽ چلھ جي پرسان وڃي پيو. انور پنهنجي پيرن سان انهيءَ کي سوري باھ ۾ ساڙي ڇڏيو. جڏهن چولو باھ ۾ سڙي پسم ٿي ويو، تڏهن وڃي سندس گهر ۾ ناپر ٿيو. انهيءَ ڏينهن شام جو ڪيس تار پهتي تہ زبيده مري ويئي.

(3)

زبيده کي مئي پنج ورهيہ گذري ويا آهن. اپر سنڌ ۾ اونهاري جي شروعات ڏاڍي زورسان ٿيندي آهي، ۽ جون جو مهينو چڱو گرم ٿيندو آهي. هڪ ڏينهن انور شام جو پنهنجيءَ آفيس کان موٽيو، تہ پيرن سڙڻ جي شڪايت ڪيائين. سندس زال چيو تہ: "شايد گرميءَ جي ڪري اوهان کي ائين ٿو محسوس ٿئي، ٿڌي پاڻيءَ سان وهنجندؤ تہ بس." حمام ۾ وڃي تَڙ بہ ڪيائين، پر پيرن جي جلن وڌي ويئي. اڌ رات ڌاري ڪيس اهڙي تہ تڪليف ٿيڻ لڳي، جو هڪ پل بہ آرام نہ ٿي آيس. انهيءَ وقت ماڻهو موڪلي ڊاڪٽر کي گهرايو ويو. ڊاڪٽر صاحب آيو، چڱيءَ طرح پيرن کي چڪاسيائين. حيران ٿي چوڻ لڳو تہ: "مون کي تہ تنهنجن پيرن ۾ ڪا بہ خرابي نہ ٿي ڏيکارجي. ڪَل بہ اهڙي آهي، جهڙي هڪ تندرست انسان جي پيرن جي ٿيڻ کپي. اندر خون جو دورو بہ پورو آهي، رڳون ۽ نسون بہ برابر پيون ڪم ڪن. ايتريءَ تڪليف جي ڪري ڪم از ڪم باهران ٿوري گهڻي سوڄ يا ڳاڙهاڻ تہ ضرور هئڻ کپي، سا بہ ڪانہ آهي. آءٌ دوا ڪريان تہ ڇا جي ڪريان؟" انور جي حالت انهيءَ وقت اهڙي هئي، جو ڏسڻ وارا سندس بيچيني ڏسي نہ ٿي سگهيا. سندس زال زار زار روئي رهي هئي، ۽ ڊاڪٽر کي ليلائي ٿي چيائين تہ ڪجهہ ڪريو. آخر ڊاڪٽر انور کان پڇيو تہ "ڪنهن خاص جاءِ تي جلن ٿئي ٿي يا سارن پيرن ۾؟" جنهن تي انور سور جي شدت کان شوڪارا ڀريندي چيو تہ "پيرن جون تريون ٿيون سڙن، ائين ٿو سمجهان تہ باهہ ۾ پير پيا آهن! ڊاڪٽر صاحب، مهرباني ڪري منهنجا پير ڪپي ڪڍو! مون کي پيرن ڪپڻ جو ايذاءُ قبول آهي، هي ساڙو نہ ٿو سهي سگهان." لاچار ٿي ڊاڪٽر ڪيس بہ سُيون هنيون، جن جي درد جي سبب يا اثر جي ڪري انور چيو تہ "جلن گهٽ آهي." ڊاڪٽر تہ پنهنجي في وٺي ويندو رهيو، پر مريض ڪجهہ وقت کان پوءِ ڪراهڻ شروع ڪيو. صبح جو جڏهن ڊاڪٽر صاحب کي وري گهرايو ويو تہ چيائين تہ "مون کي مرض جي خبر نہ ٿي پوي، اوهين ڪنهن ٻئي ڊاڪٽر کي گهرايو." ڊاڪٽر جي اهڙي نااميديءَ جي جواب ملڻ کان پوءِ، انور جي زال پنهنجن ڏيرن سان صلاح ڪئي، جن چيس تہ انور کي ڪوئيٽا وٺي وڃو، ڇاڪاڻ تہ اتي وڏا وڏا فوجي ڊاڪٽر آهن، شايد انهن کي مرض سمجهہ ۾ اچي وڃي.

(4)

ڪوئيٽا جي بابو محلي ۾ هڪ جاءِ جي باغ ۾ ڊاڪٽر ڪپتان نصير احمد، چروٽ وات ۾ وجهيو، پسار ڪري رهيو هو. ائين ٿي معلوم ٿيو، ڄڻ ڪنهن تمام مشڪل مسئلي تي غور ڪري رهيو آهي. ڪنهن ڪنهن وقت منهن ڦيري باغ جي دروازي ڏانهن ٿي نهاريائين، ڄڻ ته ڪنهن جو انتظارهجيس. اٽڪل ڏهن منٽن ڪان پوءِ هڪ وڏي موٽر اچي باغ جي دروازي وٽ بيني، جنهن مان ڊاڪٽر ولميسن لٿو. ڊاڪٽر نصير احمد اڳتي وڏي وجي ساڻس مليو، ۽ ٻئي اچي ڪيس هڪ ڪمري ۾ ويهاريائين. ميجر پڇيس ته "هاڻي مريض جي ڪهڙي حالت آهي؟" سندس حالت ۾ ڪو به فرق نه آيو آهي، " ڊاڪٽر نصير احمد چروٽ جي رک ڇنڊي چيو، "ڏينهون ڏينهن سندس قوت وجي ٿي هاربي. پهرين منهنجو خيال هو ته ڪيس فقط دماغ جي خرابيءَ ڪري اهو خيال دل ۾ اچي وينو آهي ته منهنجا پير ٿا جلن، پر ڪالهه ڪان وٺي ڏسان ٿو ته ٻنهي پيرن ۾ سوڄ شروع ٿي ويئي آهي." اجا ڊاڪٽر نصير احمد پنهنجو جملو پورو ڪيو ته هڪ نوڪرياڻي اندر آئي، جنهن اچي چيو ته "ڊاڪٽر صاحب، اوهين هاڻي اندر اچي سگهو ٿا."

ٻئي ڊاڪٽر اندر زنانه خاني ۾ آيا. ورانڊي ۾ انور هڪ پلنگ تي ڪنبل ڍڪيو سمهيو پيو هو، پر حالت اهڙي ٿي ويئي هيس جو سڃاڻپ ڪان نڪري ويو هو. ٻنهي ڊاڪٽرن اچڻ شرط سندس پيرن جو معائنو ڪيو. نبض ڏٺائون، ڪاڏي وغيره جو احوال پڇيائون. جو انور جي زال، جا سندس پلنگ جي پرسان چادر ويڙهيو مغموم حالت ۾ ويٺي هئي، تنهن ٻڌايو ته ڊاڪٽرن جي اٿڻ مهل انور آهستي آهستي چيو ته:"ڊاڪٽر صاحب، منهنجي زال کي ته مهرباني ڪري چئو ته مون کي ڳوٺ وٺي هلي. منهنجي ٻچڻ جو هينئر آسرو ڪونه رهيو آهي، ڪم ازم ڪم مٽي ته پنهنجن سان وڃي گڏجي!"

چوڏهين آگسٽ تي انور کي ڳوٺ ڪٽائي آيا، جتي اوڻيهين تاريخ مري ويو. چيو وڃي ٿو ته پنج ورهيه اڳ، اوڻيهين آگسٽ تي، انور زبيده وارو موڪليل چولو پيرن سان باهه ۾ وڌو هو.

(مهراڻ: 2 - 1961ع)

## "بشير" مورياڻي

# ٽِڪري

ڏتي کيڙي جو سينهو ناهي مٿي تي رکيو، ۽ ان تي ڇٻو رکي، تاجوءَ جي جوئا واريءَ ٽِڪريءَ ڏانهن هلڻ لڳو.

ٽِڪريءَ جو اڌ حصو کليل ميدان هو. ڪٿي ڪٿي پڪين سرن جا گُندڙا نهيل هئا، جن ۾ نمر جون چڪيون لڳايون پُيون هيون - هڪ ڪَنديءَ جو وڻ هو ۽ ٻيو گدامڙيءَ جو، جن هيٺان ڪتون پيون ئي رهنديون هيون.

ٻئي اڌ حصي ۾ هڪ تہ وڏي در واري ڪوٺي هئي، جتي سياري جي راتين ۾ جوئا تيندي هئي. انهيءَ ڪوٺيءَ سان لڳ ٻي ننڍڙي ڪوٺي بہ هئي، جتي پاڻيءَ جو نل لڳل هو. هڪ ننڍو باغ بہ هو. هڪ - بہ ڪجيءَ جا ننڍا وڻ، هڪڙي نئين ٻير، ڪجھہ وليون ۽ توري ڇٻر- ڏينهن جو اُتي جي ڇانوري ۾ جوئا لڳندي هئي. چوڌاري گنب جو لوڙهو ڏنل هو، جنهن جي مٿان ڪَندا ۽ ٻُوڙا ڇمائي رکيا ويا هئا. لوڙهي جي دگ وارين ٻن ڪُندن تي سدائين بہ پهريدار بيٺا هوندا هئا.

ڏتو ڇٻو کڻي ٽڪريءَ ۾ پهتو. ان وقت سج لهڻ جا سانباها ڪري رهيو هو، ۽ زرد نيل اُس شهر جي اوپر واري حصي جي گهرن تي پويان پساھ کڻي رهي هئي. ڏتي ڇٻو موڙي تي رکيو ۽ پنهنجي ويهڻ لاءِ سروٽا ڳولڻ لڳو.

"ير، هي سراٽا روز روز الائي ڪھڙو....تو کڻي وڃي. روز تو ٻاهرون کڻي اچان، ٻئي ڏينهن ڏس تہ نهن ئي نہ!" هو ڀڻ ڀڻ ڪندو رهيو. نيٺ ٻاهران هڪ پڪي سرِ کڻي آيو ۽ اُن تي ويهي "آ ڳُـل ڇڪا" ۽ "تـري" جا آواز ٻڌڻ لڳو. هو ڪن خيالن ۾ محو وينو رهيو. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن جوئاريءَ وڏو داءُ پئي ڪٽيو، تہ واڪو پئي ڪيائين. ڏتي جو ڇرڪ نڪري تي ويو. هر داءُ ڪٽندڙ هن کي وڏي واڪي پئي سڏيو:

"چاچا ڏتا! آني جا چولا تہ کڻي آءُ."

"چاچا ڏتا، ٻين آني ڪن جا چولا ۽ ٻہ ڊبلان، رس مڙئي سرس آڻجانءِ!"

سج لهندي لهندي ڏتي جو مال کپي ويو. هن خالي ڇٻو اندرئين ڪوٺيءَ ۾ رکيو، ۽ سانجهيءَ جي نماز پڙهڻ لاءِ پير واريءَ مسجد ڏانهن هليو ويو. ڏسو

روزانو نيراني بازار مان ڊبلون. چڻا. ۽ مند آهر پتاتا ۽ ڪچالو وني ايندو هو. اڌ ڏينهن تائين مال تيار ڪري، منجهند ٽيندي ئي ڇبو ڪڍي نڪرندو هو. ڦيرياٿين هو ڪن گهٽين ۾ ويندو هو. يا غريب پاڙن ڏانهن. ٻارن ۽ زالن ڪي ڇهريون چيزون گهڻو ڪري وٺنديون آهن. تنهنڪري هو گهر گهر اڳيان هوڪو ڏيندو ويندو هو:

"چولا ڊبل........ گرم چولا ڊبل!"

ٻار "پائي! پائي!" پڪاريندا. پئسا هٿڙن ۾ جهلي، گهرن مان نڪرندا ايندا هئا. ڪن گهرن جي درن کي ڏنل ٽپڙيون لڏڻ لڳنديون هيون. ۽ انهن پنيان چرير پيدا ٿيندي هئي. ڪانچ جي ڪنگڻين سان جهنجهيل ڪرايون ۽ اڇا هٿ ٻاهر نڪرندا هئا ۽ چولا - ڊبل وني جهٽ اندر ٿي ويندا هئا.

پوياڙيءَ مهل ڏتو تاجوءَ جي ٽِڪريءَ ڏانهن رخ رکندو هو. رهيل کهيل مال اتي نيڪال ڪري، سانجهيءَ جي نماز پر واريءَ مسجد ۾ پڙهي گهر ورندو هو. اهو ڏتي جي روزاني زندگيءَ جو معمول هو.

سرءُ جي مند هئي. شام اُداس هئي. ڏتو مايوس پئي ڏٺو. ڇبو ٿورو پريان رکيو هوس، ۽ سندس ساڄي پاسي جوئاگرن جو ٽولو خاموش وينو هو. جوئا بند هئي. ٻڌڻ ۾ آيس تہ اهو سٺي پوليس انسپيڪٽر جنهن کي ٽِڪريءَ طرفان مهيني سر ٻڌي رقم روڪڙ ملندي هئي، بدلي ٿي ويو هو. ۽ جيڪو نئون ماڻهو ان جي جاءِ تي آيو هو. سو سخت هو.

تاجو. ٽڪريءَ جو مالڪ. رکي رکي هٿ مهٽي رهيو هو. اڄ نال جو نہ مليو هوس!

هڪڙو جوئاري چوڻ لڳس، "چاچا تاجل! پلاچو نہ انهيءَ نئين آفيسر سان ملي ڏسجي."

"سڀ آفيسر هڪجهڙا ٿوروئي هوندا آهن! ڏاڍو سخت ٿو ٻڌجي."

"جهڪي ويهہ! پئسي اڳيان هر ڪو پاڻي ٿيو پوي. اڄ رات ئي دستي ڪٽي، الاهي توهار ڪر. ڏس تہ منٿن ۾ ڪم ٿو راس ٿئي نہ!"

ٻئي جوئاريءَ، بيانيءَ سان زمين ۾ سوراخ ڪندي، ڪنڌ لوڏ ڪري هن جي تائيد ڪئي.

"هيئن ڪاروبار بند رهي بہ ڪيستائين رهندو؟"

"اها ئي تہ ڳالھ آهي، " تاجوءَ چيو "چڱو رکو مولا تي، رات وڌس وڃبو. "
ان بعد سيني تيار ٿيل"قلَ" مان سوٽا هڻڻ شروع ڪيا.

ڏتو تہ ڪنهن دنيا ئي ٻيءَ ۾ هو. سوچي رهيو هو، "ورندي سرءُ اچي سهڙي، پر پاڻر جو ناسور نہ لٿو!"

هن جو نوجوان پاءُ رمضو اُستگيري جو ڪم ڪندو هو. گذريل سال هڪ ماڙي ناهيندي گوءِ اچي هيٺ پئي. هڪ مزور اُقڻ مري ويو. ڪن اُستن کي ڏڪ لڳا. رمضو بہ انهن مان هڪڙو هو.هن کي سڄي پير ۾ پڪيءَ سر جي هڪ چٽري چيي وئي. زخم ٿيو، جنهن پوءِ ناسور جي صورت ورتي. علاج ٿيا، شاديءَ لاءِ جيڪي پئسا ڪَنا ڪيا هئائين، خرچ ٿي ويا. ڏتي جي گهر واريءَ جا زيور ۽ نقدي ڊاڪٽرن، حڪيمن ۽ جراحن جي کيسن ۾ هلي وئي، پر رمضو ڪٽ داخل ٿي رهيو. ڏتو پنهنجي مٿي تي چبيءَ سان گڏ پاءُ جي بيماريءَ جو غم بہ ڪٽي، گهٽيءَ گهٽيءَ گهمندو رهيو.

ڏتو ائين ويچارن جي وهڪري ۾ وهي رهيوهو، تہ هن کي ڪجھ بيزاريءَ جو احساس ٿيو. آخر هو لاچار، پاءُ لاءِ ڪري بہ تہ ڪري ڇا! دوائون دعائون سڀ بيڪار ثابت ٿيون هيون. هر هر نماز کان پوءِ پاءُ جي صحت لاءِ باڏائي دعائون پنندو هو، پر انهن ڪو اثر نہ ڏيکاريو. پاءُ کي پڻ تلقين ڪندو هو تہ ڌڻيءَ در باڏائي. پاڻس پهرين تہ هن جو چوڻ ورتو هو، پر جڏهن سچيءَ دل سان گهريل دعائن جو ڪو اثر نہ نڪتو، تہ هو مايوس ٿي پيو ۽ ائين ڪرڻ ڇڏي ڏنائين. هي ان تي ٽوڪيندو هوس، تہ تنگ ٿي چوندو هو: "انهن دعائن مان نہ ڪجھ وريو آهي، نہ ورندو. بس هن ايذائن ۽ عذابن پريءَ حياتيءَ کان هاڻي جند ڇٽي تہ چڱو!"

"ائين تہ نہ چئہ......" ڏتو هن جي ڪارانجي ويل چپن تي هٿ رکندو هو. اکين ۾ بي اختيار ڳوڙها اچي ويندا هئس. ڏتو رڳو انهيءَ ڪري غمگين ٿيو نہ وينو هو، جو پاءُ جي درد جو احساس ٿي رهيو هوس، بلڪ ان کان بہ وڏيڪ هڪ اهم ڳالھ هن کي جهوري رهي هئي.

صبح پاڙي مان ڏس مليو هوس تہ هڪڙو نئون ڊاڪٽر شهر ۾ آيو هو. ٻڌڻ ۾ آيس تہ ڦٽن ڦرڙين جي علاج ۾ ماهر هو. سندس هَٿ - شفا جو هُل بہ هو. ويچارو نيراني ئي وڌس ويو هو ۽ بگي پاڙي ڪرائي، ڊاڪٽر کي گهر

مسجد ڏانهن ويو. نماز ۾ بہ هو بيمار پاءُ بابت سوچيندو رهيو. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو هن نماز پڙهڻ کان پوءِ دعا نہ گهري. ٽڪريءَ مان ڇبو کٽي گهر جو رخ ڪيائين. در ۾ پير پائيندو ويو، تہ رمضوءَ جي ڇيچلائڻ جو آواز ڪَنِ پيس. جوٽس ڏير ڪي وينجي پکو لوڏيو.

"ڇو.....؟" سوال هن جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو. ڇبو هڪ ڪنڊ ۾ رکيائين ۽ زال ڏانهن وڌيو.

"ڇو......؟"

انهيءَ مختصر سوال ۾ هن جي دل جو سمورو درد ۽ اضطراب سميٽجي آيو هو. جوٽس پوتيءَ جي پلوءَ سان اکيون اُگهيون، تہ ڏتي پنهنجي سيني مان دل ٻاهر نڪرندي محسوس ڪئي. ڪجهہ ڪڇڻ پڇڻ بنا هو رمضوءَ ڏانهن وڌيو. هن جون اکيون بند هيون، پر سڄي بدن ۾ ڏڪٽي هيس. لڳ لڳ ڦڙڪي رهيو هوس.

هن سندس پيشانيءَ تي هٿ رکيو، تہ رمضوءَ پنهنجي ڏڪندڙ هٿ سان ان کي سوگهو جهلڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

"اڃين وهلور ڇو تو وڃين؟"

ڪو جواب نہ آيو.

"اڄڪلهہ تڪليف اٿس، تون ڳالهرائينس تہ نہ!"

زال جي اها صلاح هن کي آئڙي. پوءِ چوڻ لڳو:

"سڀاڻي کان ڊاڪٽر تنهنجو علاج شروع ڪندو. ادا!"

جوٽس ڏتي جي اکين ۾ ارادي جي چمڪ ڏٺي. سڄي رات هو سوچيندو رهيو. اهو صبح هن جي زندگيءَ جو نئون موڙ هو. هو هڪ اهڙو فيصلو ڪري بستري تان اٿيو، جنهن جو ڪڏهن خواب بہ نہ لڌو هئائين.

"زندگيءَ جي ٽڪريءَ ۾ منهنجو ڀاءُ جان جي بازي لڳائي چڪو آهي، مان بہ وڃي جوئا جي ٽڪريءَ ۾ تو بخت آزمائي ڪريان!"

هن منهن صاف ڪيو، هڙ ۾ گذريل ڏينهن جي ڪمائي ٻَڌي، ۽ هلڻ لڳو.

"اڄ بازار نہ تو وڃين ڇا؟" جوٽس پڇيس.

هن تيز نظرن سان ڪيس ڏٺو. هوءَ اڄڪلهہ حيران هئي، جو صبح جو نماز پڙهڻ لاءِ پٽي اُٿاريائينس تہ پاسو ورائي سمهي رهيو هو. هن جي روزاني

زندگيءَ جي معمول ۾ ايڏو فرق ڏسي، مائيءَ ڪٺي ڏندين آڱريون ڏنيون، ماٺ ڪٺي ڪيائين.

ڏتي پهريائين تہ هاٽيدر جي هڪ سستي هوٽل تان چانهہ جو ڪوپ پيتو، ۽ پوءِ ٽِڪريءَ طرف هليو- جوئارين هن کي ڇبي کان سواءِ ۽ ڪمهلو ڏسي، جهٽ لاءِ تہ حيراني ظاهر ڪئي، پر پوءِ پنهنجي ڪرت کي لڳي ويا.

تاجو ڪٽ تي وينو هڪڙي سنگتيءَ کي ٻڌائي رهيو هو تہ ڪيئن اڳينءَ رات نئين صاحب کي خوش ڪري آيو هو. اهو بہ ٻڌي ٻڌاياٿينس تہ انهيءَ کان "نال" ريٽي تي آني بدران ڇهہ پئسا ڪيو ويو هو، جو تہ نئين صاحب کي گِهچ پئسا ڏيٺا پيا اٿس.

ڏتو هبڪندي هبڪندي وڃي جوئاگرن سان وينو راند ۾ ڏاڍي دلچسپي وٺڻ لڳو. هن ڏڪندي ڏڪندي راند ۾ شريڪ ٿيڻ جي اجازت گهري. نازوءَ کلي هڪڙي حريف کي چيو:

"اڙي ڇڏينس تہ پل هڪ اڌ داءُ لڳائي ڏسي. اڄ يا تہ هٿ ڪوسي اٿس يا ڪُتيءَ ڪنيو اٿس، تڏهن ڇولن ڊبلن وڪڻڻ بدران جوئا ڪرڻ آيو آهي!"

ٻئي چيو: "اسان جو ڇا تو وڃي- پل داءُ رکي."

ڏتي پهريان ڪجهہ داوَ هارايا، پر پوءِ تہ سانده کٽندو رهيو. چوندا ڪين آهن تہ "شل نہ ڪنهن اناڙيءَ کي پاڳ لڳي!" ڏتي جو بخت بہ اچي کُليو. تاجوءَ وڏي نال ملڻ جي اُميد تي هن جي پٺي اچي نپري. ڏتو جيتي رهيو هو. پنهنجي آسپاس جي سڌ بہ نہ هئس. هو پنهنجي نوجوان پاءُ کي موت جي منهن مان بچائڻ لاءِ جيتي رهيو هو.... ۽ هڪڙو پاڙي وارو هن لاءِ اها خبر کڻي ٽِڪريءَ ڏانهن وڌي رهيو هو تہ رمضو زندگيءَ جي بازي هارائي چڪو هو!

(مهراڻ:3-1956ع)

---

## خواجہ سليم

# اَلا، ڪنهن پَر....!

اڄ وري منهنجي دل تي اُداسيءَ جا تهہ چڙهي ويا آهن. واهہ جو ماٺ ميٺ ۽ سانت ۾ وهندڙ پاڻي منهنجن رڳن ۾ ڪو سُر نتو جهونگاري. ڪپر تي بيٺل وڻ ٻوٽا، پنهنجين ٻانهن تي پيلن سرءُ ماريل پنن جو بار کنيو، مبهوت مبهوت، آسمان کي تڪي رهيا آهن. سندن ٿارين مان لنگهندي، ٿڌي هوا منجهن ڪا ترنگ ڪانہ ٿي تنواري. ڌرتيءَ جي روشني بہ تڪل تڪل تي نظر اچي، سندس ڪرٽا پاڻيءَ جي سيني تي ڪو اُمنگ ڀريو ناچ ڪين ٿا نچن. مان ڇا اُداس آهيان، سڄي ڪائنات اُداس آهي- اُٻاڻڪي ۽ ويڳاڻي- ڄڻ سندس ڪو ڪو نہ هجي، هوءَ اڪيلي هجي- صفا اڪيلي!

مان جڏهن بہ اُداس ٿيندو آهيان تہ منهنجي دل مون کي شهر جي هنگامن کان پري واهہ جي پِڪَ تي وٺي ايندي آهي، جتي مان ڪنهن سانتيڪي ڪُنڊ ۾ ويهي پنهنجن گذريل ڏهاڙن جي ڀچار ڪندو آهيان. ماضيءَ جي ڀچار الائي جي ڇو هڪ قسم جو سڪون، هڪ عجيب تسڪين بخشيندي آهي، حالانڪ منهنجو ماضي منهنجي حال کان وڌيڪ بدتر ۽ ڏکوئيندڙ هو- بي رنگ، پُر درد، ۽ سونهن ۽ سندرتا کان خالي!

اڄ وري مان اُداس آهيان. منهنجي وجود جي اٿاهہ اونهاين ۾ عجيب، مبهم ۽ اڻڄاتل سور جاڳي اٿيو آهي، ۽ دل شهر جي هل- هُلاءَ کان پري واهہ جي پِڪ تي وٺي آئي اٿم. مان واهہ جي ٿڌي پاڻيءَ ۾ پير وجهيو، ننڍ پيل ڇولڙين کي نهاري رهيو آهيان، ۽ منهنجو ذهن ويڳاڻي وهڪري ۾ سُرن ڳولهڻ جي اجائي ڪوشش ڪري رهيو آهي. مان پاڻيءَ تان اکيون کڻي اُفق تي نهار تو کڻي اُڇلايان. اُفق مون کي پنهنجن خيالن جي پهچ کان بہ پري ٿو لڳي- ايترو، جيترو خوشي ۽ سڪون پري آهن، جيترو سچ جي جنم جي جاءِ پري آهي. مون اُفق تان نظر کڻي، پرسان بيٺل سرءُ ماريل وڻن تي اُڇلائي آهي. اُهي وڻ، جن پنهنجون ٻانهون لوڏي منهنجي آجيان ڪين ڪئي هئي، پنهنجن ڍرڪيل ٻانهن ۾ پيلن پنن جا تحفا کڻي، بهاري هيرن جو انتظار ڪري رهيا آهن. اهو اوسيئڙو، اهو انتظار بہ هر وجود جي روح ۾ آهي- روح جو ڏاج، آس، اُميد وانگي.

مان واهه جي ڪپر تان نَنڍيون نَنڍيون پٿريون کڻي پاڻيءَ ۾ پيو اڇلايان. پٿريءَ جي ڪرڻ سان "ٽبڪ" جو هلڪو آواز ٿو اُسري. پاڻيءَ ۾ گول ٿو ٺهي، ۽ وڏي ويجهي، وري تحليل ٿيو وڃي. پاڻيءَ جا اهي گول، چڪر ڏيئي، ماضيءَ جي لتاڙيل پيچرن تي وٺي هليا اٿم. ۽ اڪيون ڪي قدر ٻوٽجي انهن گولن ۾ ڪُپي ويون اٿم.

*           *           *

"ٽبڪ !".... پاڻيءَ مان هڪ ماڻهو اُسريو آهي. منهن تي انيڪ گُهنج اٿس، گوڏ مان سُڪل ڪانيءَ جهڙيون پنيون ٻاهر نڪتيون پيون اٿس. ان ماڻهوءَ کي مان "بابا بابا" ڪري سڏيندو هوس. پاڻيءَ مان هڪ ٻيو جسم اُڀريو آهي. اِها زائفان آهي. سندس ٻانهن ۾ ڳچ جيتريون سونيون چوڙيون پيون آهن، ۽ سندس آلين اکين ۾ ڳاڙهيون ڏوريون پيون ترن. هنج ۾ ليٽي ۽ سندس اُتر-واءَ جهڙيون مانيٽيون لوليون ٻڌي، مان ننڊ پئجي ويندو هوس- اگهور ۽ سڀاجهڙي ننڊ. هيءَ زائفان منهنجي "امان" هئي- منهنجي جيجل امان!

هڪ ڏينهن جڏهين سڄي گهر ۾ روڄ مَتل هو، جڏهن منهنجي امڙ پنهنجين ٻانهن مان چوڙيون لاهي ڇڏيون هيون، ۽ جڏهين منهنجي "ابا" کي ماڻهو هڪ اڇي چادر ۾ ويڙهي الائي ڪيڏانهن کڻي ويا هئا، تہ مون پنهنجي رڙندڙ امان کان پڇيو هو، "امان، تون لوئين ڇو ٿي؟ هي ماڻهو اَبا تي تاڏي تڻي ويا هَن؟" امان مون کي ڪنهن جواب ڏيڻ بدران ڇڪي ڪٽي ڇاتيءَ سان لاتو هو، ۽ منهنجين اکين مان بہ ڳوڙها ڳڙڻ لڳا هئا. گهڻا گهڻا ڏينهن پوءِ مون کي خبر پئي هئي تہ منهنجي "اَبا" کي ماڻهو اهڙي پاسي کڻي ويا هئا، جتان اڄ تائين ڪو ڪونہ موٽيو آهي- منهنجو پيءُ مري ويو هو.

پوءِ، هڪڙي ڏينهن صبح جو سويل منهنجون پينرون رُنيون پئي. ماڻهو منهنجيءَ "امان" کي بہ چادر ۾ ويڙهي کڻي ويا هئا. تنهن ڏينهن منهنجي "امان" مري ويئي هئي. مان ڇورو ٿي ويو هوس. اُن ڏينهن مون ائين محسوس ڪيو هو، ڄڻ سڄي جڳ جون مائرون مري ويون آهن، دنيا جا سيئي ماڻهو يتيم ٿي ويا آهن، ۽ حياتيءَ جو سمورو ڪاروهنوار هڪ هنڌ ڄمي ويو آهي- ائين ڄڻ ڪڏهن هلڻو ئي نہ هجيس.

اهي ٻئي مورتون اُفق جي اوٽ ۾ گم ٿي ويون آهن، ۽ مون کان هڪ ٿڌي

اونهي آهہ نڪري وئي آهي.

*　　　*　　　*

مون کي ياد آيو آهي تہ پوءِ مون کي اها جاءِ ڇڏڻي پئي هئي، جت مون جنم ورتو هو. جت منهنجي معصوم محبت جنم ورتو هو، جت منهنجي بال - اوستا جهومندي ڳائيندي گذري هئي، ۽ جتان جي ٽڪريءَ اوڏو مون اُهي ابوجهہ ۽ اجاڻ حرڪتون ڪيون هيون، جيڪي ٻارن جو مَرڪ هونديون آهن. مون ڪان ۽ منهنجين ڀينرن ڪان اسان جي جنم - ڀومي ڇڏرائي، اسان جي چاچي جي گهر ڪوٺڙيءَ ۾ آندو ويو. اسان جو هيءُ چاچو هڪ وڏو سيٺ هو - لکن جو مالڪ!

منهنجو هيءُ نئون گهر، منهنجي پهرئين گهر کان وڏيڪ وڏو ۽ سهڻو هو. ڪمرا غاليچن ۽ ڪبٽن سان سينگاريل هئا. آءٌ اهڙو سنو ۽ ڪشادو گهر ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو هوس. هڪ ڪمري ۾ گهڙيس ٿي تہ چاچيءَ چيو:"جُتي لاهي اندر وڃ، غاليچا نہ خراب ٿي وڃن!"

منهنجي خوشي دٻجي ويئي. ڪنڌ ورائي، چاچيءَ جو نڪ طوطي وانگر، ڇهنب وٽان هيٺ تي نِويل هو. اچن ڪير جهڙن ڊرڪيل ڳلن تي عجيب کهري کهري ڪُنرائپ هيس، ۽ سندس اکين ۾ هڪ اهڙي قسم جي مامتا جو اظهار هو، جيڪا همہ گير نہ هجي، ۽ جنهن جو دائرو صفا تنگ هجي - بنهہ پاڻ تائين محدود!

مون پنهنجي سوٽ "غنيءَ" ڏانهن اشارو ڪري چيو:"هو جو بوٽ پايو وينو آهي!"

"اِهو ڪمرو آهي ئي هن جو. بوٽ پائي ويهي يا لاهي ويهي، سندس مرضي. تنهنجو ڇا!" مون کي ڇڙٻ ڀريو اُتر مليو هو.

مون وري پنهنجي سوٽ کي ڏٺو. هو آئيني ۾ اکيون کپايو پنهنجي شڪل جو جائزو وني رهيو هو. ٿلهو متارو ۽ ڳاڙهو ڳٽول هو. منهن تي لاپرواهيءَ ۽ الغرضائيءَ جو تاثر ڇانيل هوس. سندس ڳاڙهيون اکيون هن جي خود غرض، مصاحب پسند، پُر غرور ۽ ضدي طبعيت جي شاهدي ڏيئي رهيون هيون. منهنجون نظرون واپس وري آيون. مون کي ائين لڳو، ڄڻ منهنجو سوٽ هڪ اهڙو رقيب آهي، جنهن کي زير ڪرڻ مون لاءِ ناممڪن هو. دل احساس جي شدت سان پرجي ويم، ۽ ڪمري ۾ گهڙڻ بدران ٻاهر نڪري هليو ويس. پويان

چاچي مون بابت بدتميزيءَ جو رمارڪ پاس ڪري رهي هئي.

سانجهيءَ جو گهمي ڦري موٽيس، تہ چاچو وينو هو. وچولي قد جو ڇربيءَ ڇڙهيل بُت، نديون، ميريون، ڳاڙهيون ۽ ڪُندن وٽان ڳهـُنجيل اکيون، پيٽ ٻاهر نڪتل، وڏين ناسُن سان تلهو نڪ، وات جي ڪاٻي واڇ چڪيل، ۽ نراڙ تي ٻارهوئي رهندڙ گهنج! چاچي کي ڏسي مون ائين محسوس ڪيو، ڄڻ هن شخص ۽ مُرڪن جي ميناج جي وچ ۾ وڏي دشمني هئي. منهنجي دل دهلجي ويئي - سلام بہ ڪونہ ڪري سگهيو سانس. چاچي بہ سڏي، پر ۾ ويهاري، مٿي تي هٿ بہ ڪين رکيم.

مان ڇُپڙي ڪري هڪ ڪمري ۾ لنگهي ويس. اتي منهنجيون پينرون وينيون هيون. اداس ۽ اباڻڪيون. ڪين ائين وينل ڏسي، الائي ڇو منهنجا ڏند پِڪوڙجي ويا، ۽ ساڻس ڪجهہ ڳالهائڻ کان سواءِ ئي ٻاهر نڪري هليو ويس.

ڏينهن ائين ئي گذرندا رهيا - بي ڪيف، الوٽا ۽ بي چَسا!

* * *

”چاچي، چار آنا تہ ڏيو، اسڪول جي ڪم لاءِ بڪ وٺڻو اٿم“ هڪ ڏينهن مون پنهنجيءَ چاچيءَ کي چيو.

”پنج رپيا جو ڏنا هئا مانءِ، سي ڪيڏانهن ڪيئہ؟ هفتي ۾ سڄي ساري مهيني جا پنج رپيا کپائي ڇڏيا اٿئي! چورا، تون تہ ڪو وڏو هٿ ڦاڙ آهين!“ چاچيءَ ”مهيني“ ۽ پنجن رپين“، تي زور ڏيندي چيو.

”انهن مان تہ مون مس - قلم ۽ ڪتاب ورتا هئا، ڪپي ويا.“ مون جواب ڏنو.

چاچيءَ وراڻيو: ”مان انهن پنجن رپين کان مٿي ڪاري پائي بہ ڪونہ ڏينديسانءِ. اسان وٽ تنهنجين فضول خرچين لاءِ پيسا ڪينهن!“

مون ويچاريو، ”منهنجي گهرج جون شيون وٺڻ بہ هن لاءِ فضول خرچي آهي!.... پنهنس جو سؤ سؤ رپيا وني وڃي اڏائي ايندو آهي، ڇا اها فضول خرچي ناهي؟“

گهڻيءَ گهڻيءَ ويل تائين آءٌ ماسٽر جي مار کان بچڻ لاءِ بڪ هٿ ڪرڻ جي طريقن تي ويچار ڪندو رهيس. مسين مسين طريقو سجهيم.... ڏڙڪندڙ دل سان مون اهي چار آنا وڃي چاچيءَ جي هنڌ جي وهاڻي هينان چورايا، ۽ بڪ ورتم.

* * *

هڪ ڏهاڙي منجهند ڌاري گهر ۾ گهڙيس تہ چاچيءَ کي پڦيءَ سان ڳالهائيندي ٻڌم. پڦي تنهن ڏينهن صبح ويل آئي هئي. ۽ اڪيلائپ ۾ مون کان پڇيو هئائين تہ "خرچي گهڻي ملندي اٿئي؟ ڪپڙن جا ڪيترا جوڙا اٿئي؟ چاچهين ڳالهائيندو اٿئي؟" سندس اهڙن سوالن پڇڻ جو مقصد شايد مون کي پنهنجي يتيميءَ جو احساس ڏيارڻ هو! چاچيءَ پڦيءَ کي چيو پئي:"...جيڪو منهنجو پٽ ٿو پائي، سو هي ٿا پائين. جيڪو منهنجو پٽ ٿو کائي، سو هي ٿا کائين. مان تہ ٻچا ڪري ٿي پاليان!..." اهو ٻڌي منهنجين اکين آڏو غنيءَ جو "پڪ ائنڊ پڪ" جو فسٽ ڪلاس اسٽري ٿيل سوٽ تري آيو. جيڪو هن صبح ئي پاتو هو. پوءِ منهنجي نظر وڃي پنهنجي بت تي پيل بافتي جي لٺاڙيل سٿڻ - قميص تي پيئي، تہ مون کي اهو واقعو ياد اچي ويو. جڏهين چاچيءَ بورچياڻيءَ کي منهنجي مانيءَ ۾ سڀ ذري وڏيڪ وجهڻ تي ڏاڍي چنڊ ڪڍي هئي. ۽ مان اهو سوچيندو ٻاهر نڪري آيس تہ هيءَ سيني کي ائين ڇو پئي چوندي وتي. "ٻچا ڪري ٿي پالي... هون! وڏي آئي آهي ٻچا ڪري پالڻ واري!"

چاچو مون سان هفتي ۾ ٻہ ٽي دفعا مس ڳالهائيندو هو. اسان جي اُن گفتگوءَ ۾ بہ سدائين "اندر چانهہ ڇُٺَ"، "پاڻي پري ڏي" وغيره جهڙا جملا هوندا هئا، ۽ بس. هڪ ڏينهن ڪيس پنهنجي پٽ کان - "هي مجيد ڪهڙو درجو پڙهندو آهي؟" پڇندو ٻڌي. مون چيو:"هي مون کان ڇو نٿو پڇي؟ شايد مون سان ڳالهائڻ ۾ پنهنجي گهٽتائي ٿو سمجهي. يا وري مون کي پنهنجو نٿو ڀانئي - نہ تہ مون کان پڇي ها، مون سان ڄڱيءَ طرح ڳالهائي ٻولهائي تہ ها؟.... هائو، هي مون کي غير ٿو سمجهي!"

منهنجي سوٽ کي مون کان وڌيڪ پنهنجا دوست پيارا هئا. گهڻو ڪري هر روز ڪار ڪاهي حيدرآباد ويندو هو. ڪڏهين ڪڏهين مان بہ کيس پاڻ سان وٺي وڃڻ لاءِ چوندو هوس تہ وراڻيندو هو، "تنهنجي هلڻ جو ڪو ضرور ڪونهي"، ۽ پوءِ سنگتين کي ڪار ۾ ويهاري هليو ويندو هو. هن جو اهڙو رکو جواب ٻڌي منهنجي دل بي اختيار روئڻ چاهيندي هئي، پر مان روئندو ڪونہ هوس - الائي ڇو؟

هڪ لڳا منهنجي مٿي ۾ ڏاڍو سخت سور ٿي پيو، ائين ٿي سمجهيم ڇڻ ڦاٽوڪي ڦاٽو. نوڪر کي "اسپرو" آڻي ڏيڻ لاءِ چيم. جواب ڏنائين، "سائين،

مون کي سيٺ غنيءَ جي ڪمري جي صفائي ڪرڻي آهي، مان ڪيئن وڃان!"
مون وڃي چاچيءَ سان شڪايت ڪئي. چاچيءَ چيو، "پاڻ وڃي ونءِ اچ. نوڪر ويچارا ٻه ڄڻا ڪي، ڪنهن جو ڪم ڪري ڪنهن جو ڪن!" منهنجي دل ۾ خيال آيو. "ڳالهه تہ سچي آهي. ٻچا، هي نوڪر تنهنجا تورو ئي آهن! گهر جي ترتيب ۾ تنهنجو ۽ تنهنجين ڀينرن جو نمبر آخري آهي - سمجهيہ! هي نوڪر هن گهر ۾ توکان مٿانهين حيثيت ٿا رکن، ۽ سيٺ غنيءَ جي ڪمري جي صفائي توري دير لاءِ بہ ملتوي ٿي نٿي سگهي!...

ڊرائيور جي بہ مون تي اک ئي ڪانہ ٻڌندي هئي. ڪڏهين ڪڏهين اسڪول کي دير ٿي وڃڻ جي ڪري ڪار تي ڇڏي اچڻ لاءِ چوندو هومانس تہ سدائين سيٺ غنيءَ لاءِ سيڙهيل هجڻ جو عذر ڪري ٽاري ڇڏيندو هو. يار چوندا هئم: "سوٽهين تہ "شيورليٽ" کان سواءِ هلي ڪو نہ ٿو سگهي، ۽ توکي ڦيٿي سائيڪل بہ ڪانهي... حيف اٿئي!" مان سوچيندو هوس، "آخر اهو سڀ ڪجهہ ائين ڇو آهي؟ ڇا لاءِ آهي؟" ۽ پوءِ منجهيل دماغ ۽ سڏڪندڙ دل سان وڃي ڪنهن ڪنڊڙيءَ ۾ ويهي، خالي خالي اکين سان ڇوڏاري نهارڻ لڳندو هوس.

جڏهن دل ڏاڍي اداس هوندي هيم، تہ ڪتان نہ ڪتان ڇهہ آنا هٿ ڪري وڃي ڪيل ڏسندو هوس. هال ۾ سيني پاسن ماڻهن کي ڳالهائيندي، کلندي ۽ ٽهڪ ڏيندي ڏسي، منهنجي اداسي دور ٿي ويندي هئي. ڪيل ختم ٿيڻ تي خوش خوش ٻاهر نڪرندو هوس. جي اتفاق سان ڪو واقفڪار مون کي ڇهين آني واري ڪلاس مان ٻاهر نڪرندي ڏسي وٺندو هو، تہ چٿي ڏيندو هو:"اڙي! تون هيڏي ڊنگ سيٺ جو ڀائيٽيو ٿي ڪري ڇهين آني واري ڪلاس ۾ ڪيل ڏسندو آهين! چاچهين ڏيڍ رپيو بہ ڪونہ ٿو ڏيئي ڇا؟" اهو ٻڌي منهنجي خوشيءَ سان ڀريل دل وري اداس ٿي ويندي هئي، ۽ ڏاڍي خلوص سان ائين چاهڻ لڳندي هئي تہ جيڪر مان ڪنهن غريب جي گهر رهندو هجان ها، ڪو مون کي ائين تہ نہ چوي ها... اي ڪاش!

* * *

ائين ئي، آءٌ پنهنجي حياتيءَ ۾ هڪ وڏو خال محسوس ڪرڻ لڳس. هڪ اهڙو خال، جنهن کان مون کي پنهنجين ڀينرن جي موجودگي بہ بچائي نہ سگهي. منهنجيون ڀينرون، جيڪي سڄو سڄو ڏينهن گهر ۾ نوڪرن سان گڏ

ڳھنديون ھيون - ۽ ٻنھي مان نندي پيڻ تمام چيڙاڪ، ھنيلي، ھوڏي ۽ ذري ذري تي روئي ڏيڻ واري ٻڇي ويئي ھئي - مون ڪان ايتريون تہ پري ٿي ويون ھيون، ڄڻ اسان جي وچ ۾ ڪو بہ رشتو ڪونہ ھو، ڄڻ اسين رڳو ھڪ ٻئي جا رسمي واقفڪار ھئاسين. پينرن ڪي در ٻيڪڙي روئندو ڏسي، مون ڪي الائجي چو خار اچي ويندا ھئا - ۽ ڪين دلداري ڏيڻ بجاءِ چڙٻون ڏيئي ڪيندو ھوس. ٻيو تہ نھيو، مون ساڻن پنھنجي اندر جو سور بہ ڪڏھين ڪين سَليو - شايد اسان ڪي ھڪ ٻئي تي ويساھ ڪونہ رھيو ھو - شايد اسان جي دلين ۾ ڪنھن عجيب قسم جي رقابت ۽ رياڪاريءَ جا جذبا جاڳي اُٿيا ھئا. آخر ھي ڪھڙي قسم جو ماحول ھو، جنھن اسان جي خون جي رشتي ڪي فريبڪاريءَ ۽ ريب خوردگيءَ ۾ بدلائي ڇڏيو ھو، جنھن محبت جي جاءِ تي حقارت ۽ ٻـُچان جو ٻج ڪٽي ڇٽيو ھو، ۽ جنھن منھنجي ننڍڙيءَ حياتيءَ ۾ ايڏو وڏو خال پيدا ڪري ڇڏيو ھو! ھيءُ ھڪ اھڙو خال ھو، جيڪو ڏينھون ڏينھن وڌندو تي ويو، ۽ ھري ھري ايڏو تہ وڏو ٿي ويو جو مون ڪي پنھنجي سڄي ھستي ان ۾ سمائبي معلوم ٿيڻ لڳي، ۽ آءٌ ائين محسوس ڪرڻ لڳس ڄڻ تہ منھنجو ڪو وجود ئي ڪونھي - ڄڻ تہ مان آھيان ئي ڪونہ - رڳو اھو خال آھي، ۽ بس! ھڪ تنھائي ھئي، جيڪا روح ڪي اُڏوھيءَ جيان ڪائيندي ٿي ويئي. ھڪ جيتامڙو ساھ ھو، جيڪو وقت جي لھرن تي ٻڏندو، ترندو، وھندو ٿي ويو. بنا ڪنھن منزل جي. بعضي بعضي منھنجي من ۾ ھڪ عجيب قسم جو امنگ اُٿندو ھو، ھڪ چاھنا جاڳندي ھئي. ھڪ اھڙي چاھنا، جنھن بابت مون ڪي بہ خبر ناھي تہ اھا ڇا جي لاءِ ھوندي ھئي. منھنجو روح ڪجھہ گھرندو ھو. ڇا؟ الائجي ڇا! ۽ پوءِ آءٌ ائين محسوس ڪندو ھوس، ڄڻ مون ڪي گھر جون ڀتيون ۽ ڪبٽ بہ حيران حيران نگاھن سان تڪي رھيا آھن: "تون الائي ڪير آھين، الائي ڪٿان آيو آھين، ڇا لاءِ آيو آھين؟ اسين تہ توڪي سڃاڻون بہ ڪونہ!" انھيءَ احساس تي منھنجن نيڻن مان لڙڪ لڙي ايندا ھئا، ۽ آءٌ ويچاريندو ھوس تہ ھي گھر ڇڏي ڪنھن ٻئي پاسي ھليو وڃان... ھي گھر جتان جا رھواسي مون ڪي پنھنجو نہ ٿا ڪن، جتي جي ڪُنڊ ڪُنڊ مون ڪي غير ٿي سمجھي، جتي جا نوڪر بہ مون ڪان اُتانھون درجو ٿا رکن!

ھڪ ڏينھن، آءٌ گھر جو سودو وٺي پٺي موٽيس تہ گھٽيءَ ۾ پنھنجن ٻن

چئن سنگتين کي "ترَ" راند ڪندي ڏنم. منهنجي دل بہ سرڪي ويئي- (تن ڏينهين ڪڏهين ڪڏهين آءٌ قسمت آزمائي بہ ڪندو هوس). اڪر- پوري ڪندي. مون گهر جي سودي مان بچيل ساڍا ست آنا هارائي ڇڏيا. گهر موٽيس تہ انهن ساڍن ستن آنن جي پُڇا ٿي. مون ڪو جواب ڪونہ ڏنو تہ چاچيءَ چيو. "ضرور جوا ۾ هارائي آيو هوندو!" ۽ پوءِ جڏهن منهنجو چاچو مون کي ٺڪن ۽ مُڪن سان مار ڏيئي ڏيئي ٿڪجي پيو. تہ مون ويچاريو. "هي سڀ ڪجهہ شايد ساڍن ستن آنن جي ڪري آهي.... نوڪرن جي منهن تي منهنجي بي عزتي ٿا ڪن! هون..... "جوا ۾ هارائي آيو هوندو"! پٺهنس تہ چڻ وڏو ساڌ ۽ نيڪ آهي!" ائين ويچاريندي ويچاريندي، منهنجي من ۾ حقارت ۽ ڪاوڙ پيهي پيا. ۽ دل چوڻ لڳم تہ هن گهر ۽ گهر جي هر چيز کي تيلي ڏيئي ڇڏيان ۽ پاڻ ڪنهن پاسي هليو وڃان! گهر کي تيلي ڪونہ ڏيئي سگهيس، پر ائين گهران پڇي ضرور نڪتس. پاڙي جي هڪ گهر مان چاچيءَ جي نالي پنجاهہ روپيا ورتم. ۽ حيدرآباد مان پنجاب ويندڙ گاڏيءَ ۾ چڙهي پيس. ٻئي ڏينهن تي آءٌ لاهور ۾ هوس- وڏي ۽ تاريخي شهرلاهور ۾، جيڪو منهنجي گهر کان پري، گهڻو پري هو. ۽ جتي جي هر شيءِ مون لاءِ اوپري ۽ اجنبي هئي. اڻ ڏٺل چهرا، جايون جڳهيون، گسَ ۽ رستا سڀ اڻڄاتل. نہ دوست نہ واقفڪار، - ذرو ذرو اجنبي هو!

* * *

.... مون پٽريون اُڇلائڻ بند ڪري ڇڏيون آهن. ذهن وري مانيٽي وهڪري سان گڏ تِڙي هليو اٿم. هي واهہ، جنهن جي پِڪ تي آءٌ وينو آهيان، انهيءَ لاهور شهر جي پاسي ۾ ئي تہ وهي ٿو. مون کي هت آئي چار سال ٿي ويا آهن. هاڻي منهنجي عمر پندرهن ورهين جي لڳ ڀڳ ٿيندي. انهن چئن سالن ۾ مون جيڪي ڪجهہ ڪيو آهي، تنهن جون مورتون، ماضيءَ جي جهڙين جهڪن رنگن ۾ ٻُڏي،اڪين آڏو ائين پيون ٿلن، چڻ وقت موت ڪاڏي اهي، ۽ آءٌ انهن واقعن سان وڄڙيو پيو هلان!

....اجهو آءٌ فُٽ پاٿ تي اخبارون پٿاري اچي سُتو آهيان. چاڻ پوليس وارو آيو. ڪيس چانهہ جي لاءِ انهن پيسن مان ڇهہ پيسا ڪڍي ڏيندس، جيڪي مون صبح کان وني سانجهيءَ تائين ٽيشن جي پر واري گدام جا ڪوئلا ڍوئي

ڪمايا آهن. جيڪڏهن ڪيس خرچي نہ ڏيان تہ هوند فٽ پاٿ تي سمهڻ ئي ڪين ڏئيم! جيڪڏهن هو مون کان ڇهہ پيسا نہ وٺي تہ ڇاڻهہ ڪيئن پيئي؟ جي ڇانهہ نہ پيئي تہ ڊيوٽي ڪيئن ڏئي؟ ۽ ڊيوٽي تہ ڪيس ڏيٺي آهي، تنهنڪري خير. ڇڏيو انهيءَ ڳالهہ کي!

....هي منهنجو فُٽ پاٿي ساٿي ڏسو. سندس اکيون ڏسو تا.... منجهن جڳَ رت اوتي ڇڏيو آهي- ڳاڙهو ڳاڙهو رت! منهنجي هن ساٿيءَ جو نالو"اُستاد مَنگوُ" آهي. سندس ڪم سُوٽ ڪوٽ پهريندڙن جا کيسا صاف ڪرڻ آهي. ڪڏهين ڪڏهين مون کي بہ هٿ جي صفائي ڏيکارڻ جي صلاح ڏيندو آهي، ۽ چوندو آهي: ”تون تہ ڪو وڏو پُوڪ آهين! قد بت ڏسو پٽ جو.... ڪوئلا ٿو ڍوئي! اڙي گڏهہ. ڪو جيئڻ جو ڍنگ سِک: اسان وانگي ڪڻ ڪئنچي، ۽ ڏيکار ڪا هٿ جي صفائي! اڙي، نہ تہ ائين ڪوئلا ڍوئيندي ڍوئيندي ڪڏهين پاڻ بہ ڪوئلو ٿي ويندين!.... پيٽان ڪو ميڄالو ڏار...." ۽ جڏهين مان کيس اُتر ۾ چوندو آهيان تہ ”هي ڪم تہ گناهہ جو آهي، خدا ناراض ٿيندو، مان نہ ڪندس“، تہ اُمالڪ رڙ ڪري چوندو آهي: ”هاڻ، ڇا چيئہ؟— هي ڪم گناهہ جو آهي! پورهيو ڪرڻ پاپ آهي؟.... خدا انهيءَ ۾ ناراض ٿيندو!.... جي ائين آهي تہ خدا سائين کي چئہ تہ هن سامهين بنگلي ۾ رهندڙ سيٺ کي بنگلي مان ڪڍي آڻي مون سان گڏ فٽ پاٿ تي سمهاري ڇڏي: کيس چئہ تہ مون کي بہ هڪ ڪار ڏي، هڪ بنگلو ۽ ڪجهہ بئنڪ- بئلنس ڏي، پوءِ مان هي ڌنڌو ڇڏي ڏيندس: اُنهيءَ ذات جو قسم، مان پوءِ ماڻهن جا کيسا ڪونہ ڪتريندس!.... تو کي خبر ناهي، هي سيٺ بہ ماڻهن جا کيسا ڪتريندو اٿئي! مان ڪئنچيءَ سان ڪتريندو آهيان، پر هي ڪئنچي بنا! جيڪڏهن هي سيٺ ائين نہ ڪري ها، تہ مان هن فٽ پاٿ جي بجاءِ ڪنهن گهر جي دالان ۾ کٽ تي ستو پيو هجان ها، ۽ تون ڪوئلن ڍوئڻ بدران ڪنهن اسڪول ۾ پڙهندو هجين هان.... ڇا، خدا کي اها ڳالهہ پسند ناهي؟.... جيڪڏهن هو اهو سڀ ڪجهہ نہ ٿو ڪري سگهي، تہ مان بہ ڪئنچي وهائڻ بند نہ ٿو ڪري سگهان! گناهہ هجي يا ثواب، مون کي پرواهہ ڪانهي. جيئڻ لاءِ ماني کپي، ۽ ماني ڪمائڻ لاءِ هنر.... اسان جو هنر اجهو اِهو اٿئي! .... چڱو، هاڻي بکواس بند ڪر، ۽ سمهي رهہ. ائين چئي، هو پاسو ورائي سمهي رهندو آهي، ۽ مان

ڪيس اڪيون ڦاڙي ٽيرس وچان تڪڻ لڳندو آهيان. ائين محسوس ٿيندو اٿم، ڇڻ اهو سڀ ڪجهه منگوءَ نه پر ڪنهن ٻي جي واتان نڪتو هجي.

*　　　　*　　　　*

اِجهو، مان رڌڻي ۾ وينو ٿانوَ مليان. هيءُ رڌڻو جج صاحب جو آهي. منهنجي هڪ فٽ پاتي ساٿيءَ مون کي هن جج وٽ نوڪري ونرائي ڏني هئي. اجها، هيءَ پليٽ ڏسو. هن ۾ انهيءَ ڪڪڙ جون چوسيل هڏيون پيون آهن، جيڪا ڪالهه سڄ لٿي جو هڪ خونخوار اکين وارو ماڻهو ڏيئي ويو هو. هيءُ ڪَچَ جو پيالو آهي. ان ۾ منهنجيءَ مالڪڻ "اسڪاچ" جا جام پيتا هئا. منهنجي مالڪڻ روزانو شام جو هار سينگار، ڦڻي ڦوڪار ڪري، ڏاڍي نٺ نانگر سان پنهنجي هڪ نه ٻئي دوست سان ڪلب ويندي آهي، ۽ اتان اڌ رات جو ٻڪندي ۽ ٿڙڪندي ٿابڙندي موٽندي آهي. اهي ٿانوَ مليندي، ڪڏهن ڪڏهن منهنجي ذهن ۾ اهو سوال جاڳي اُٿندو آهي، جيڪو منهنجي امڙ منهنجن وارن ۾ آڱرين سان ڦڻي ڪندي، اڪثر پڇندي هئي- "پٽ، تون وڏو ٿي ڇا ٿيندين؟" مون کي ياد آهي، مان ڪيس چوندو هوس، "سيشن جج، امان!".... ۽ هاڻي مان سوچيندو آهيان ته اهي هٿ جن کي ڪڏهين قسمتن جا فيصلا ڪرڻا هئا، سي هاڻي رڌڻي جي اڌ اونداهيءَ ڪنڊ ۾ ٿانوَ پيا صفا ڪن!

....ڪو سڏ پيو ڪريم! جج صاحب آهي. وڪيل صاحب آيو هوندو. منهنجو صاحب ساڻس کي ڳالهيون پُڇڪندو، ۽ پوءِ ڪيس ڪاغذن جو مــُچو کڻي ڏيندو، جيڪو اڄ ڪورٽ مان موٽندي ساڻ کڻي آيو هو. اهو پوڙهو وڪيل گهڻو ڪري ڏهاڙي ايندو آهي. روز ڪيس ڪاغذن جو مُچو ملندو آهي، ٻئي ٽئي ڏينهن تي هو اهي ڪاغذ موٽائي موڪليندو آهي،۽ صاحب اهي ڪاغذ کڻي آفيس هليو ويندو آهي.تنهن ڏينهن وڪيل صاحب جو نوڪر چئي رهيو هو: "تنهنجي صاحب کي اچي ڇا ٿو؟ بس، پِي ڇاڻي، عشق ڪري، ۽ رشوت وني ڇاڻي! ڪيسن جا فيصلا به روز منهنجو صاحب لکي ڏيندو اٿس!" اُن مهل منهنجيءَ دل چيو هو ته وڪيل صاحب جي هن نوڪر کي نڙيءَ کان جهلي، رڌڻي جي دريءَ مان ٻاهر اُڇلائي ڇڏيان.... ۽ گهڻيءَ دير کان پوءِ مون کي خيال آيو ته جج صاحب جي ڪورٽ ۾ وڃي، ڪيس ڪرسيءَ تان کڻي، ڪورٽ کان ٻاهر اُڇلائي ڇڏيان!

.... مان جُتين کي پالش وينو ڪريان. هي ننڍڙا ننڍڙا بوٽ، صاحب

جي پٽ جا آهن. منهنجو هيءُ نندڙو صاحب ڪڏهن ڪڏهن مون کي چوندو هو، ”هيءَ ممي اسان کي تہ جلدي سمهڻ ۽ جلدي اُٿڻ لاءِ چوندي آهي، پر پاڻ ڇو منجهند تائين اُبتي سُبتي پئي هوندي آهي؟“ آءُ سوچيندو هوس، منهنجي صاحب پنهنجي پٽ کي الائي ڇو ايترو پيار نہ ٿي ڪيو، جيترو پيار منهنجو بابا مون کي ڪندو هو؟

* * *

هت بہ منهنجي اها خواهش پوري نہ ٿي آهي. جيڪا الائي جي ڪڏهين کان منهنجي من ۾ ڪر مروڙيندي رهي آهي. دل ٿي چيم تہ پاڙي واريءَ مسيت ۾ وڃي اَجهو ڳوليان- شايد الله جي گهر ۾ منهنجي بيقرار روح کي ڪو سُڪون نصيب ٿئي!

اِجها، هيءَ اُها پاڙي واري مسيت آهي، جج صاحب وٽان نوڪري ڇڏي، مان هاڻي هتي اچي رهيو آهيان. هت منهنجو ڪم مسجد جي امام ۽ امام صاحب جي يتيم شاگردن لاءِ چندو گڏ ڪرڻ آهي. اُهي يتيم، مون وانگر ٽولين ۾ چندو پنڻ نڪرندا آهن. اسين هڪ نہ ٻئي ڏينهن امام صاحب کي ويهارو ٽيهارو رپيا گڏ ڪري آڻي ڏيندا آهيون. امام صاحب مون کي، ٻين کان لڪائي، آڌوي - رپيو خرچي ڏيئي ڇڏيندو آهي.پنهنجي ڪيس ڏنل سٽييءَ ڏاڙهيءَ تي هٿ گهمائيندي چوندو اٿم: ”شاباش! شاباش!“ ۽ مان اُن ”شابش“ جي مطلب تي ڪنڌ ڌوڻي، انهن پئسن مان وڃي ڪا فلم ڏسي ايندو آهيان. امام صاحب بعضي بعضي چوندو اٿم: ”پٽ، تون جلدي ڪلام الله شريف پورو ڪري ونين تہ توکي هن مسجد جو نائب امام بڻائي ڇڏيان - پوءِ تون پنهنجي دين جي خدمت ڪر، الله تبارڪ وتعاليٰ ۽ حضور جن (صدقي وڃان سندن مبارڪ نالي تان) کي خوش ڪري سگهندين.“ الائي ڇو، منهنجي دل امام صاحب جي ڳالهہ کي نٿي مڃي. الائي ڇو، مون کي هت بہ مزو ڪين ٿو اچي. روح کي اها راحت نصيب ڪانہ آهي، جنهن لاءِ ورهين کان واجهائيندو رهيو آهيان. هي خدا جو گهر آهي، روحاني سڪون جو مرڪز، پر منهنجي روح کي هت حقيقي سک ڪونهي. مون کي تہ ائين ٿو محسوس ٿئي، ڄڻ هر هنڌ دولاب جو مهاڄار وڇايو پيو آهي، دغا ۽ فريب جي بازار گرم آهي: يتيمن جي نالي تي چندو گڏ ٿئي ٿو، انهيءَ چندي مان مسجد جو امام سُريتون ٿو پالي،

۽ مان ڪيل ٿو ڏسان- دل تي چوٽ تہ هتان پڇي وڃي. اُستاد منگوءَ وٽ رهان. ڪيڏو نہ پيارو ماڻهو آهي! سندس ڳالهين ۾ ڪيتري ڪوڙ ۽ گستاخيءَ هوندي بہ ڪيڏي نہ سچائي هوندي آهي!

*　　　　*　　　　*

اِجهو، مان هن اچن لٺن پهريل ٻُڍي ڪي پيو چوان: ”سائين منهنجا! هوءَ چيڙيءَ واري سڏيئي تي. پوتار، واهہ جو مال اٿئي- ليئو تہ پائي ڏس!“ تاريخي شهر لاهور جو هيءُ حصو ”هيرامَنڊي“ سڏبو آهي- يعني لال بازار!

هڪ ڏينهن اُستاد منگوءَ کي اچي مستي چڙهي. هن فيصلو ڪيو تہ سياڻي آزاديءَ جي ڏينهن هجڻ ڪري پنهنجي ڏنڊي کي بند رکبو. ۽ مڪمل موڪل ملهائبي. سچ پچ، انهيءَ ڏينهن هن موڪل ڪري ڇڏي. سڄو ڏهاڙو مون کي ساڻ ڪري، جلوسن ۾ ”پاڪستان زنده آباد“ ۽ ”آزادي پائينده باد“ جا نعرا هڻندو رهيو. شام جو جڏهن پوليس انسپيڪٽر جو ماڻهو منگوءَ وٽ آيو، تہ منگوءَ پنهنجو ڪيسو اُبتو ڪري، پوليس واري کي ڏيکاريندي چيو: ”اڄ موڪل ملهائي هئيسين! پاڪستان زنده.... “ منگوءَ اجا ”پاڪستان زنده آباد“ چئي پورو ئي ڪونہ ڪيو هو- تہ پوليس واري جو هٿ هن جي ڪنڌ ۾ هو- ۽ استاد منگو، ”آررر.....رر“ ڪندو ڏڪبو، وڃي ٿاڻي تي نڪتو.

مان اُنهيءَ ڏينهن ڏاڍو مونجهو ٿي پيس. منگوءَ کان سواءِ مزو ئي ڪين ٿي آيم. منهن ڪري، گهٽين ۾ گهڙي پيس. سوچيندو پيئي ويس: ”امام صاحب وٽ وڃان، ڪانئس قرآن پاڪ پڙهي، نائب امام ڇو نہ وڃي ٿيان!“.... ايتري ۾ ڪنهن سڏ ڪيو: ”هيڏانهن اچ پٽ!“ سڏ ڪندڙ. دڪان ۾ وينل هڪ ڪرڙوڊِ عورت هئي. ويجهو ويس، چيائين: ”مون وٽ ڪم ڪندين؟“ ڏاڍو عجب لڳم. هي لال بازار جون عورتون ماڻهن جي ڇهڻ مان سندن دل جي حال پڙهي وٺڻ ۾ڏاڍيون پڙ هونديون آهن. مون کي خبر هئي تہ وٽس ڪهڙو ڪم ڪرڻو پوندو. خيال وري نائب امام بنجڻ ڏانهن هليو ويو. نهڪر ڪرڻ تي هوس، تہ هن وري چيو: ”هل تہ نوان لٽا وٺي ڏيانءِ.... ڪهڙو لَٽو وڻندو اٿئي؟“ مون پنهنجي قاتل سوٽ کي ڏٺو، سندس پويان هلڻ لڳس.

*　　　　*　　　　*

اُن ڏينهن کان وٺي آءٌ هت هيرا منڊيءَ ۾ ڪم ڪندو آهيان. مون کي هت

ڪم ڪندي ٻہ سال ڪن ٿي ويا آهن. اُن ڪرڙوڍ عورت ڪان سواءِ ٻيون ٻہ ڪيتريون ئي عورتون مون ڪان ڪم وٺنديون آهن. هاڻي مان رات جي اونداهين ۾ هيرامنديءَ ۾ پڙ دلالن جيان چوندو آهيان، "سائين، دل وندرائڻ لاءِ ڪو ساٿي کپيوَ؟— فس ڪلاس ساٿي! نئون، بلڪل نئون صاب! هر قسم جو مال!.... اچو.... مون سان گڏ هلو." ۽ پوءِ جڏهين هو مون سان گڏ هلندا آهن، تہ مان ڪين هتي جي عورتن ڏانهن وٺي ايندو آهيان، جتي اُهي انسان چيندڙ نظرن سان سندن انگ انگ ائين توريندا تڪيندا آهن، ڄڻ هو هٽ تان گيهہ جو دٻو يا اَن وٺڻ آيا هجن. انهن عورتن کي ڏسي، مون کي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ماءُ ۽ ڀينرون ياد اچي وينديون آهن —.

ماٺهو چون ٿا تہ هتان جون عورتون مڪار آهن، پاڪنڊي آهن، ڇَلُ ڪري ڄاڻن. هونديون.... مڪار ۽ پاڪنڊي! ٻڪ ڇا نہ ٿي ڪرائي؟ پيٽ ڀرڻ لاءِ، جيئڻ لاءِ، ڇا ڇا نہ ٿو ڪرڻو پوي! ڇل ڪنديون، ڇند هٽنديون، ٽال ڪنديون، نخرا ڪنديون، هر طرح ۽ هر طريقي سان چار ڏوڪڙ وڌيڪ ڪمائڻ لاءِ جتن ڪنديون - ٻيو ڪري بہ ڇا ٿيون سگهن؟

....هيءَ اختري آهي. تازو پنهنجي پنجينءَ پاڄ تان موٽي آهي. سندس ڀهريون يار، جيڪو ڪيس هتان ڀڄائي ويو هو، تنهن ٿي مهينا ڪن پاڻ وٽ رکي، پوءِ لتون هڻي ڪيس گهر مان ڪڍي ڇڏيو هو. ويچارو ڪري بہ ڇا ها؟ راڄ - برادريءَ وارن حقو - پاڻي ئي بند ڪري ڇڏيو هوس. ڏنڊو ڏاڙي بند ٿيس تہ ٻڪون اچي ڳٽ پيس، ۽ عشق هوا ٿي ويو. اختريءَ جو ٻيو يار ڪيس انهيءَ اقرار تي وٺي ويو هو تہ سندس شادي ڪندو، پر هن پنهنجو انجام ڪڏهين ڪين پاڙيو، ۽ اختري نراس ٿي موٽي آئي. هن جو ٽيون ۽ چوٿون يار تہ ڪانئس خانگي طرح ڪسب ڪرائي، ڏوڪڙ ڪمائڻ ۾ لڳي ويا هئا. پنجُون يار وري ڪيس هتان ملتان وٺي ويو هو. ۽ اُتي ساڻس هڪ جاءِ ۾ هفتو ڪن رهي، ائين گم ٿي ويو، جيئن گڏهہ جي سر تان سڱ! اختري پڇي ٿي تہ هاڻي هوءَ ڇا ڪري؟ ڪنهن سان وڃي؟ ڪيئن وڃي؟ ڪيڏانهن وڃي؟ هيرا منديءَ ۾ اها هڪڙي اختري نہ آهي - اهڙيون ڪيئن اختريون انهيءَ مهاڄار مان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ تڙپي رهيون آهن. اهي ڇا ڪن؟ ڪيڏانهن وڃن؟....

* * *

...واھ جو پاڻي اڳي جيان نرم خرام آھي. پاڇولا ڊگها ٿيندا ويا آھن. سج اُفق جي ڇيڙي کي ويجهو ٿي ويو آھي. ڏکڻ جي ٿڌيري هوا، گهُلي، سانجهيءَ جي آمد آمد جو نياپو کڻي آئي آھي، ۽ مان اختريءَ بابت پيو ويچاريان. هيءَ اختري بہ نهايت عجيب عورت آھي. ڪڏهين ڪڏهين تہ هوءَ مون کي پنهنجي گوڏي تي متو رکرائي سُمهاري ڇڏيندي آھي. منهنجي وارن ۾ آڱرين سان ڦڻي ڏيڻ ويهي رهندي آھي، ۽ چوندي آھي: ”تو هت اچي اجايو نندي ٿهيءَ ۾ پنهنجي حياتي خراب ڪئي آھي. تنهنجي عمر تہ اجا پڙهڻ جي آھي. تون ڊڪٽر ٿيءُ، جج ٿيءُ. منهنجي صلاح مڃ، هتان هاڻي بہ هليو وڃ!، اهڙي سمي آءُ محسوس ڪندو آھيان، ڄڻ هيءَ اختري هيرا منديءَ جي وئشيا نہ بلڪ منهنجي ماءُ آھي.... ۽ قبر مان اٿي منهنجن وارن ۾ آڱرين سان ڦڻي ڪندي ڇئي رهي آھي - ”پُٽَ، تون وڏو ٿي ڇا ٿيندين؟“

تنهن ڏينهن اختريءَ ۽ مون وڃي ڳالهيون ڪيون - ماڻهن جون ڳالهيون، موسمن جون ڳالهيون، ڪپڙن جون ڳالهيون ۽ الائي ڇا ڇا جون ڳالهيون. رکي رکي ٿهڪ بہ پئي ڏناسين - اهڙا جهڙا ٻار ڏيندا آھن - معصوم ۽ اڻ گهڙيا ٿهڪ. جهٽ پل کان پوءِ ”گلاب“ هٿن ۾ ڪپڙا ۽ ٻيون شيون کڻي آئي. هوءَ بازار مان موٽي هئي. گلاب، اختريءَ جي وڏي ڀيڻ آھي. اختريءَ اٿي وڃي ڪيس در وٽ ئي پڪڙيو ڪانئس هڙئي شيون ڪسي ڏسڻ لڳي. ڇٻر جهڙي سائي رنگ جو هڪ ڪپڙو هٿ ۾ کڻي چوڻ لڳي: ”ادي، هن نائيلان جو رنگ تہ ڏس، ڪهڙو نہ شوخ ۽ پتڪيدار آھي، مون کي ڏاڍو ٿو وڻي. اهو تہ مان ڪٽنديس.“

”اِهو مان پنهنجي لاءِ وني آئي آھيان، توکي ڇو ڏيان!“ گلاب ائين چئي، اختريءَ کان اهو ڪپڙو کسي وني پڳي. گلاب پهرين مون کي ڪونہ ڏٺو هو. پڇڻ مهل سندس نظر مون تي بہ پئي. امالڪ بيهي رهي. سندس نرڙ تي ڪاوڙ وچان گهنج اسري آيا، ۽ ڀيڻ کي چوهہ مان چيائين: ”هون، هيءُ وري تو وٽ وينو آھي! مون جو تو کي چيو هو تہ هن مُئي ڇوري کي هت نہ اچڻ ڏيندي ڪر! جڏهين ڏس.... تنهنجو مغز تہ خراب ڪونهي؟“ اختريءَ کي بہ ڪاوڙ اچي ويئي: ”مان هن سان ويهان يا نہ ويهان تنهن ۾ تنهنجو ڇا؟“

”منهنجو ڇا؟ مان تنهنجي وڏي ڀيڻ آھيان، تنهنجي ڀلي خاطر ٿي چوان. ڇوري، تون اڳي بہ چار - پنج ڀيرا پڳي آھين، تڏهين بہ ڪونہ سڌرينءَ. پنهنجو

سمورو وقت ويڻي هن مُئي لوني سان خراب ڪرين. جيڪو تي ڪمائين، سو هن کي تي ڏيئي ڇڏين. ماڻهو اويل سويل لاءِ بہ - چار ڏوڪڙ گڏ ڪري. ڪـِـي بس! ڪَري بُـهر تي آهين!" گلاب اکين جون ڪُندون گهـُنجائيندي چيو.

"تو تہ اصل لک گڏ ڪيا آهن. هلي آهي ويچاري ٻين کي صلاحون ڏيڻ! منهن ڏنو اٿئي پنهنجو؟"

"نہ تہ وري! مان تو وانگر ڪا پاگل آهيان، جو سچو سچو وقت ههڙن چورن واهياتن سان وڃايان. جن مان نہ هڙ حاصل!"

" زبان سنڀالي ڳالهاءِ! هن کي ڪجهہ چيئي تہ چوٽي پٽي وٺنديسانءِ، ها."

"تون بہ زبان سنڀالي ڳالهاءِ! جي مون کي ڪو اولو سَولو اکر ڳالهايئہ تہ اِهي ٻئي تارا ڪڍي وٺنديسانءِ! تو مون کيٰ سمجهيو ڇاهي، ڙي!"

اختريءَ جو منهن تامڙي هٽي ويو. سرير ۾ ڏڪڻي پئجي ويس. اوچتو اوُچانگ ڏيئي، گلاب کي وڃي وارن کان جهليائين. وني جو سَـٽ ڇنائين، تہ گلاب اچي پٽ تي پيئي. گلاب جي اکين مان ڳوڙها ڳڙڻ لڳا. گهگي آواز ۾ چيائين: "تو هـِن ڪـِـينَ جهڙي ڇوري جي ڪري، مون تي هٿ کنيو آهي - مون تي، .... پنهنجي وڏي ڀيڻ تي!" اختري اچي روئڻ ۾ ڇـُـتڪي. پوءِ ٻئي هڪٻئي جي ڀاڪرن ۾، ڪنڌ ۾ ڪنڌ ڏيئي، ائين روئڻ لڳيون، ڄڻ اڀ ۾ ڇانيل ڪارا ڪڪر پاڻ ۾ وچڙي رجي پيا هج ن.

هي سمورو وقت مون پريان ويٺي تماشو ڏٺو. ڪين هيئن روئيندو ڏسي، مون ائين محسوس ڪيو، ڄڻ هي اختري ۽ گلاب بہ ننڍڙيون نينگريون آهن - ابوجهہ ۽ اڄاڻ. وڙهن ٿيو، روئن ٿيون، رُسن ٿيون، پرچن ٿيون - نہ دولاب نہ دوکو، نہ دغا نہ فريب - دل جي اُڌمن کان مجبور، ساهہ جي سٽن سان ڇڪجي. مون سوچيو: "اهو فريب، اهو مڪر، اهو دولاب ڪٿي آهي؟ گلاب ۽ اختري هيرامنديءَ جون بہ رنڊيون آهن، وٽن اهو سڀ ڪجهہ هجڻ گهرجي. پر هو ٻئي پاڻ ۾ ائين وڙهيون ۽ پرچيون آهن، جيئن اسان واري گهر ۾ سندم ڀينرون وڙهنديون ۽ پرچنديون هيون. هي ڳوڙها، هي هنجون، هي موتين جا داڻا: ڇا هي سڀ فريب آهي، مڪر آهي، دولاب آهي؟"

اهڙن موقعن تي مون هميشہ اهو پئي محسوس ڪيو آهي، ڄڻ مان هيرامنديءَ ۾ نہ، بلڪ روحن جي ديس ۾ اچي ويو آهيان، جٽ معصوميت جا

مانداڻ منديل آهن. جت خلوص ۽ سچائيءَ جا گُل پيا مُرڪن" ۽ جيڪو منهنجي سپنن جي بيتارين مان ڪَر موڙي اُٿيو آهي: ۽ پوءِ مان ائين پيو ڀائيندو آهيان. جڻ اُهو سُڪون مليو ويو اٿم. جنهن لاءِ ورهين کان بيقرار هوس. اهو خال پرجي ويو اٿم. جنهن کي ڏکوئيندڙ ناسور جيان پئي محسوس ڪيو هوم! پر اِهو احساس تہ اهڙين گهڙين سان ئي مخصوص آهي - ۽ اِهي املهہ گهڙيون هيرامنديءَ جهڙين جاين تي ڪي اهڙيون گهٽيون تہ ڪونہ هونديون آهن.اهو محسوس ڪندي، دل چوندي اٿم تہ "جيڪر اِهي خوشيءَ ۽ آنند جا ڪرٽا سدائين ڦُٽندا ڦاٽندا رهن! ڪو اهڙو جتن ڪجي، جيئن هيرامندي هيرامندي نہ رهي: منجهس ست ۽ پوترتا جا نہ اُجهامندڙ ديپ جلي اُٿن، رات هت جيڪا اونداهہ ڦهلائيندي آهي، سا بہ پاڻ سان پيار، سچائيءَ ۽ انسانيت جا اُجالا آڻي!".... ائين ڪڏهين ٿي سگهندو؟ منهنجي اِها آس ڪڏهين پوري بہ ٿيندي؟ مان ڪيئن چوان، ڪيئن ڪريان؟ الا، ڪنهن پر....! ها! ڪنهن پر!

....اهو سڀ ڪجهہ ويچاريندي ويچاريندي، منهنجي وجود جي اونهائين مان تڏو ساهہ نڪري ويو آهي، ۽ روح تي ڇانيل اداسيءَ جا تهہ تحليل ٿي ويا آهن. پاڻيءَ جي مٿاڇري جون ڇوليون هڪٻئي سان مٺيون سرگوشيون ڪري رهيون آهن. وٽن جون تاريون، واءُ جي جهوبن تي لڏي، ڏاڍي مانيٺي نوع ۾ ڪنهن اڻ ڇاتل خوشيءَ جو اظهار ڪري رهيون آهن. چوڏاري شام جو ڏنڌ ڇائنجي ويو آهي. سج اُفق ۾ ٻُڏي ويو آهي. اِهو اُفق، جيڪو اڳي مون کي پنهنجن خيالن ۾ پهچ کان بہ پري پئي لڳو، هاڻي ايترو تہ ويجهو ٿو لڳي، جو مان ڪيس هٿ لائي پيار ڪري سگهان ٿو! منهنجي وجود ۾ خوشيءَ ۽ اطمينانجي لهر دوڙي ويئي آهي. سنجها لڙندي پئي هلي، ۽ جوت ٻرڻ تي آهي. پنهنجي پورهئي کي جُنبٽو اٿم، سو ڪپڙا چنڊي اٿي شهر ڏانهن هلڻ لڳو آهيان - اها آس کڻي تہ منهنجي خواهش ڪڏهن ضرور پوري ٿيندي:

"جيڪڏهن سياري جا سيءَ لهي سگهن ٿا، تہ بهار جون هيرون بہ ڪي اهڙيون پري تہ ڪو نہ ٿيون ٿي سگهن!"

---

سندري اُتمچنداڻي

# ”لکي ڏي!“

چندڙا. تون اجا بينو کلين! شايد تو اها ڳالھ ٻڌي ئي ناهي. ڀلا. ٻُڌي به ڇا ڪندين؟ گهر جي ڀتين تہ ٻڌي. پوءِ اهي ڇو ڪين لڏيون؟ جنهن وقت ٻنهي ماءُ - پُٽن گڏجي ڇئي هئي اها ڳالھ. تنهن وقت هوا بہ تہ زور شور سان ڀئي ڦري گهري، پوءِ بہ چِڪَ ڪي منهن ۾ ڦهڪائي هلي وئي!

مگر نہ. چندڙ. تون اهڙو ناهين. تون ٻڌي هان تہ ضرور روئي وجهين هان. هيڏا سال تو سان رهاڻيون ڪيون اٿم. سو ڪو تہ ناتو ٻڌجي ويو هوندو! مگر، ڪيئن چئجي. شايد گڏ رهڻ سان بہ ناتو نہ ٻڌبو آهي.

هاءِ ائين بہ شايد تي سگهندو آهي، نہ تہ ڀلا هاڻي ڪيئن چونم ها تہ ”لکي ڏي!“ هڪ - ٻن ڏينهن جو ناتو تہ ناهي هن سان! هوءَ راھ شاهد آهي.... جوڏهن سال اڳ. ڪهار ڏولي ڪڻي ڀئي آيا. تڏهن هن راھ منهنجون سڀ ٻڏيون هيون. ڪيڏي ڀئي ڪل آئي ان مهل. انگ انگ تي نريو! پيرن جي آڱرين تي زيور. هٿن جي آڱرين تي مُنڊين جا وڪڙ. ٻانهون. ڳچي... پر مان تہ نَڪ جي هيري جي چمڪ تي ئي موهت تي ڀئي هيس! تازي توپيل نَڪ سور بہ ڪيڏو ڀئي ڪرايو. پر نئين ناتي جي خوشي ڪا هئي! ڪهڙي سَکِي هئي، جنهن منهنجي سڄڻ جي ساراھ نہ ڪئي هئي: ويندي ائين بہ چئي وينيون تہ ”ههڙو جو گهوٽ سهڻو اٿس. سو ٻار بہ جهڙا ڀَرين جا ٻچا ٿيندس!“ هئي تہ عجيب ڳالھ: شام تائين جا ڪنيا هئي. سا ويڏيءَ تي ويهڻ سان ئي امڙ ٻنجڻ جي لائق تي ڀيئي!

مگر عورت ٿيندي ڪيڏو فخر هو! ايڏو ئي وڏو. جيتري اڄ موتي ڪنيا ٿيڻ جي ٻي وسي آهي. ڪهارن جو هلڻ ڪيڏو ڏيمو تي لڳو. اهو ڳورو ڳورو هٿ. جو ويڏيءَ تي ڏنو هوم. ان جي چانديءَ جهڙي ڇهري واري مالڪ کي ڏسڻ لاءِ ڪيتري نہ بيتاب هيس! سوچيم. ”سوني هوندي اها مهل! مگر اها مهل آئي ئي ڪانہ. ۽ جڏهن آئي. تڏهن بہ سوني ڀڄي نہ آئي. پتيءَ امتحان ڏنو. پوءِ آئي اها مهل. شاديءَ کي پورا ڇاليھ ڏينهن گذري چڪا هئا. ايترين راتيون ڪنهن جي قدمن جي آهٽ ٻڌڻ لاءِ ڪَنَ پريشان رهي رهي، نااُميد تي چڪا هئا.

ليڪن، هاءِ ڙي ناريءَ جي بيوسي! پوءِ بہ جڏهن قدمن جي آهٽ آئي، تڏهن ڪَن سرلا ڪري، منهن ڍڪي، سڏي تي وينيس. هن منهنجو گهونگهٽ مٽي ڪنيو. اُها مهل اُها گهڙي اچي پهتي.لڄ پرين اکين پورو ديدار ڪرڻ بہ نہ ڏنو! الائي ڇاتي ويو ان گهڙيءَ کي!

"ننڊ ڪانہ ٿي اچئي:"

اهو بہ ڪو پلا سوال هو! مان ڪٿي اڻپڙهيل هيس، تہ بہ ڪيترين ساهيڙين کان اهڙيءَ گهڙيءَ لاءِ سوال جواب پڇي رکيا هيم. ۽ هن پلا ڪنهن ڪتاب ۾ بہ ان کان سهٽي ڍنگ جي ڳالهہ نہ پڙهي هئي! مان پلا ڇو چوان تہ "ننڊ ڪانہ ٿي اچيم؟" چاليهہ راتيون ڪهڙي ننڊ آئي هئي. جو اڄ ايندي هوندي. پر مان ڇو ڪيس ٻڌايان؟ ڪٿي ڪنڌ ڌوڻيم. بس، هو پوئين پير هليو ويو! ويندي ويندي چوندو ويو، "سمهي پئہ."

ڪاش، اُن گهڙيءَ انهيءَ سمهي پوڻ جو مطلب سمجهي سگهان هان! تن بدن ۾ آڳ لڳي ويئي. گهر جي چپات وٽ بيهي، چير مان جيڪي ٻُڌم، تنهن تہ ساري سگهہ ستيا ئي ڪڍي ڇڏي: "هر ڳالهہ ۾ ضد ڪندين آهين، امات! پهرين ڇيئہ ننهن ڪپي، هاٿي.... بس بس، مون کي هاٿي مئٽرڪ جو امتحان ڏيڻ ڏي."

"هاءِ رام! اجا بہ اوسيئڙو ڪيڏو پوندو!" سوچيندي سوچيندي دماغ پاڳل ٿي رهيو هو. ڪيترا ڏينهن اکين مان ڳوڙها ئي نہ ٿي سڪا. عزيز خويش رحم کائڻ لڳا. ان رحم جي پلئہ کي پيار جو پلئہ سمجهي، ڇڪي، ان ۾ پاڻ ويڙهي ڇڏيم. وري بہ ڪلڻ ڪُڏڻ لڳيس. ۽ اميد جي ڏيئي جي وٽ کي بہ ڏينهون ڏينهن سوريندي رهيس. سَکيون سرتيون بہ ان وٽ کي سورڻ ۾ مدد ڪنديون هيون. سندن منا بول - "لاجوءَ جي تہ لوڏ ئي لک ٿي لهي! پائي! سندس گهوٽ ٿيندو وڪيل، پوءِ تہ لاجو اسان سان ڳالهائيندي بہ ڪانہ!".... هاءِ! ڪيڏا سيسرات اُپرندا هئا انهن ٻولن سان! ڪيڏيءَ وڏيءَ پونجيءَ جو انتظار هو!

۽ مليو ڇا؟ اڙي چنڊ!

.... ڏاڍي ٿوري پُنجي اٿيئي منهنجي. ان لاءِ بہ سندس امتحان پاس ڪرڻ تائين ترسندي رهيس. شايد ان ڪري ئي ايڏي پياري اٿم اها پونجي، نہ تہ بالڪ جيڪي اڱڙيون تڱڙيون ميڙيندا رهندا آهن. تن کان ڇا وڌيڪ آهي منهنجي پونجي!- فقط ڪن راتين ۾ سندس وسواسن جو ڇهاءُ، ۽ چُپ چاپ ۾

ڪنهن وقت هڪ بار لاءِ ابلاڪا! جيءُ جان سان پوري ڪيم سندس گُهر. مگر نه رهي سگهيو اهو بالڪ به هن جهان ۾. بالڪ جي مرتبي تي ئي بس هن ڪي پتيءَ جي روپ ۾ ڏسي سگهي هيس- هڪ همدرد انسان جي روپ ۾. ليڪن، بئي ڏينهن تي ئي سڀ ڪجهه بدلجي ويو. هڪ ڏينهن لاءِ، ڪوهڻ ۾ پائڻ جو عجيب درشيه ڏنم، ۽ بس. ڪيڏي نه وڏي پونجي آهي، چندڙا!

مون ڪان وڌيڪ ڪُروپ نارين ڪي پنهنجن گهوٽن سان گهر جي هر ڪاريه ۾ ويهي، صلاح مصلحت ڪندي ڏٺو اٿم. پر هائو، سندن گهوٽ پيل منهنجي پتيءَ ڪان سندر آهن، ته به منهنجي پتيءَ ڪان گهٽ پڙهيل آهن. تڏهين چا، علم ئي اهو ويڇو پيدا ڪيو آهي، اسان ٻنهي جي جيون ۾؟ سچي هئي منهنجي هڪ سکي، جنهن چيو هو، "جڏهين پتي پڙهي تيار ٿيندو، تڏهين تنهنجا اوسيئڙا اوجاڳا سمجهندو به ڪونه!" پر مان جو چري هيس... هيترو سندر، هيترو پڙهيل انسان، ڪڏهين منهنجين قربانين کي سمجهي نه سگهندو، اهڙي ڳالهه ته دماغ ۾ ويهي ئي نه پئي سگهي!

ڪل نه، چندا! ڏاڍو وڏو ڏک آهي هيءُ. خبر ناهي ڪهڙن ڪنن سان سس جا اکر ٻڌم: "لکي ڏي" ۽ اکيون ڪٽي جو پتيءَ ڏانهن نهاريم، ... هاءِ، هن به ائين ئي چيو، "لکي ڏيندينءَ، تڏهين ئي ٻي شادي تي سگهندي!"

مري چو نه ويس ان مهل! ساري پرٿوي اچي لُڏي: اکين جي درياءَ ۾ هر چيز کي لڏندو ٻڏندو ڏٺم. پر نه سمجهي سگهيو ڪوئي هيءَ پيڙا! هڪ سکيءَ ليلا - چنيسر جي ڪهاڻي ٻڌائي هئي. ليلا کي ته سيڪي مليل هو پتيءَ وٽان. هن پتيءَ جي آزمائش تي لڏي. هڪ وڏو پربور وشواس پتيءَ جي راهه ۾ اچلي، ڪلڻ ويهي رهي. هاءِ، لُنجي ويئي! روئي موتي، مون جيان!

مگر هيءَ هئي سس! ناري جي ويدنا، ناري به نه سمجهي! جڏهن پتي پڙهڻ ۾ مشغول هو، تڏهن سس کان اسڪول وڃڻ جي موڪل گهري هيم. هن پرون تائي چيو هو، "وڏن گهرن جون نُنهر به پلا اسڪول ويندڙيون آهن!"

– ته وڏن گهرن جون نُهر فقط ٻل چاڙهيون ويندڙيون آهن؟

اڙي چند، چا لکي ڏيان هن سس کي؟ اهو، ته منهنجي موهه جو ٽڪرو بيءَ ڪنهن جو ٿي وڃي! ڪاش! ڪيس هڪ ڌيءَ هجي ها، ۽ ان کي پتي چوي ها: "لکي ڏي پنهنجي ننڍڙيءَ پونجيءَ جي وصيت!" ان مهل ماتري هِردو ڏري

پوي ها. پڙڪي چوي ها. "نہ لکي ڏج! جنهن انسان تنهنجي زندگي برباد ڪري ڇڏي، تيئن ڏي اُن جي جيون کي بہ برباد!" مگر مون لاءِ ڪيئن تو ڪوئي ائين چئي سگهي؟ ماءُ جا ڪانهيم! هيءَ تہ تي پنهنجي اولاد جي ماءُ... روز گروءَ جي اڳيان متو ٽيڪي جا سپ پاپ ڌوئي ايندي آهي. سا مون لاءِ ماءُ ڇو. پوتن جو نہ ٿئي!

چندر. مان ڏاڍي ڪڙي ٿي پيئي آهيان نہ. نہ تہ هن سس لاءِ ايترا ڪڙا اکر چو ڳالهايان. جنهن ڳالهہ تي ڪئي تہ سندس شاديءَ جي پورن ڇهن مهينن ڪان پوءِ جڏهن چوٽ تي بيني پنهنجا واسينگ سُڪائي رهي هئي، تڏهين اچي ٻڌايائونس تہ سندس پتي تي ويو جهنگل جي هڪ چيتي جو شڪار! بس، هڪ بالڪ جي سهاري ڪاٽي ڇڪي آهي زندگي هيءَ عورت. جا هئي ساري ڳوٺ جي سونهن. وهم ويڙهي ويس تہ سهڻي عورت پاڳ هيئڻ ٿيندي آهي. ۽ سڪ پائي ورتائين سانوري ننهن. سانوري ننهن. مگر سانوريون بہ پاڳ هيٺيون ٿي سگهنديون آهن: سهڻي سس پتيءَ ڪان پوءِ ڏهاڳ ڏٺو. ۽ مون... پتيءَ جي جيئري!

هاءِ، چندر. توکي ڏک تو ٿئي هي سپ ٻڌي! تڏهين پيو ويڙهين هيءُ بادل جو آنچل؟ نہ لڪاءِ پنهنجو مکڙو. اڄ رات پاڻ سان ڏک ونڊڻ ڏينم، پنهنجن سيتل ڪرڻن جي بارش وساءِ. هن آڳ لڳل جيءَ کي ٿڌو ٿيڻ ڏي. نہ تہ ڪيئن گذرندي هيءَ رات! اڪيلي سر ڏک جو پهاڙ ڪٽي نہ ٿي سگهان. تون بہ مون ڪان پري گگن ۾ آهين، ۽ پتي بہ آڪاس ڪان گهٽ پري ناهي. ليڪن، هڪ ڳالهہ ٻڌايان؟.... ڪڏهن ڪڏهن هو لوڪ سُتي منهنجي بلڪل ئي ويجهو هليو ايندو آهي - اصل ايترو ويجهو، جيترو ڌرتي ۽ آڪاس جبلن ۽ ٽڪرين وٽ مليل نظر ايندا آهن. ان مهل ڏاڍي رعب سان ائين چئي سگهندو آهي، "ائين نہ سمجهج تہ مان پنهنجي غرض لاءِ تو وٽ اچان!" ان مهل پاڻ کي سمجهندي آهيان ڌرتي، جيڪا بين جي لتڙ سهندي بہ ماٺ رهندي آهي، پاڻ کي خوشحال سمجهندي آهي.

ڇا ٿئي ها، چندڙا، جي هو مون اڻ پڙهيل نينگريءَ سان سک جي زندگي گهاري ها. ڪڏهن مون کي منهنجي اوسيئڙي جو اجورو ڏئي ها: پوءِ اسان جا بالڪ پيدا ٿين ها. اسين ڪين پڙهايون ها! مان جيڪر ننهن پائڻ جو لوپ نہ رکان ها:مان پوءِ اهو ئي لوپ رکان ها تہ منهنجن پٽن جون ونيون اچن. سندن

جيان پڙهيل. سندن جيان سندر. چا تو چوين، چند. مان ڏک نہ ڏسان ها تہ پنهنجن پٽن کي بہ اڻ پڙهيل نهر وني ڏيان ها؟ پيڙائن مان ئي سڏارو ايندو آهي؟ نہ نہ. اها بي سمجهي آهي. ڏک سهي انسان ڪڙو ٿيندو آهي. ڏس، کهڙا پيئي سين کي حرف پٽيان. ائين تو لڳيم، جيڪر ساري عالم کي باهہ ڏيئي ڇڏيان. اها سيج جا ڪڏهين منهنجي نہ ٿي سگهي، ان کي ساڙي رک کري ڇڏيان ۽ مٿان هاري ڇڏيان ان تي ڪومل ناريءَ جو خون. جا اڄ منهنجي اندر گهٽو ڪائي مرندي. اڄ هڪ وڏو خون ٿيندو، ڪوملتا جو، مٿرتا جو خون. پلي لڪي وڃ بادلن ۾، نہ ڏسج اهو خون! ڏس تارا تہ اجا بہ آلڙ بالڪن جيان پيا کلن. پڇن پيا، "تون هڪ. هن برهماند ۾ آهين ئي ڇا؟"

هائو، مان آهيان ئي ڇا. نہ تہ ڪيئن هڪ اڻپڙهيل کان "لکائڻ" جي ڪو همت ڪري سگهي ها؟ لکي تہ ڪي ڪين ڄاڻان. هائو، آڱوني جو نشان وٺندا مون کان. سڌيءَ طرح نہ ڏينديس تہ اڻسڌيءَ طرح مجبور ڪندا. پوءِ بہ روٽين کان محروم ڪري، شايد گهر کان هڪالي بہ ڇڏين. ڪجهہ عزت بچائڻ لاءِ، ڪجهہ بک مري، شايد آڱوني جو نشان ڏيئي بہ وجهنديس. پر انصاف ڪي چا ائين ڪوڙو آڱونو ڏيکاري ئي شيطان هميشہ دوکو ڏيندو رهندو، ۽، چند، تون ائين ئي چمڪندو رهندين؟

نہ چند، نہ، مان مري مٽجي وينديس! ٽيهن سالن جي تہ اڃي ٿي آهيان. ڪيڏن ارمانن کي گهٽا ڏيئي جيئندي رهي آهيان. بک کي بہ گهٽو ڏيڻ جي ڪوشش ڪنديس، پر آڱوني جو نشان ڪين ڏينديس: ڪوڙ کي سچ مٿان سوپ پائڻ ڪين ڏينديس! هو دروازي کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا نہ؟ ها، ٻاهر نہ نڪرنديس. شايد ڇري ٿي پوان، رستن تي ڦرندي رهان.... ڪئين ڇريون ائين ڦرنديون ڏٺيون اٿم، جن جي احساس کي نہ سمجهي، دنيا ڪين ان ڪڙيءَ تي پهچائي ڇڏيو آهي.

چند، پوءِ بہ تون مائهن جي دلين ۾ روشني ڪين ڦهلائيندين؟ چئہ، مان چا ڪريان. سچ جو گلو گهٽجڻ ڏيان؟ سچ کي تہ مون هميشہ تنهنجي ئي روپ ۾ ڏٺو آهي. پيارو پيارو، چمڪندڙ ۽ روشن. توسان ڪيڏيون ڳالهيون ڪندي آهيان. جڏهين هو مسافريءَ تي هليو ويندو آهي، يا هيٺ ٻـدريءَ ۾ ڪوئي حساب ڪتاب پيو سنڀاليندو آهي. تڏهين مان توسان ئي تہ اڃي ڳالهيون

ڪندي آهيان. بيو ڪير آهي منهنجو هن سڄ منجهہ. نہ، چنڊ. مان تنهنجو گلو گهٽجڻ نہ ڏينديس: نہ ڏينديس آگوني جو نشان!، پر، چنڊ، هاڻي هيءَ دنيا منهنجي رهڻ لاءِ ناهي... ليڪن ائين ڇو؟ بيڏوهي ائين مري وڃن. مون وانگر ارمان گهٽجي گهٽجي جيئن. ۽ هڪ ڏينهن پاڻ کي بہ گهٽي ڇڏين؟ ڪڏهين تہ انصاف جي تارازي بہ ڪٿي بيهہ! بس، وس وارا ائين بيوسن کي ڏوهي ٺهرائيندا ڦرن؟ نہ، چنڊ، اهو عالم بدلائي ڇڏ. ڪٿي اڄ پنهنجي سهائي، آر پار انهن ڏاڍن جي هردن اندر ڪر اڇي چانڊنيءَ جو ڪومل، سيتل پرڪاش!

(مهراڻ: 2 - 1961ع)

## تنوير عباسي

# لوئي

مون هن کي سڃاتو ئي ڪين. ان ۾ منهنجو ڏوهه نه هو. واقعي هو ڪافي بدلجي ويو هو. مليو به سالن کان پوءِ هو. هن جي مٿن ۾ ڪڏون پئجي ويون هيون. وار ڦتل هئس، جن ۾ شايد ڪن ڏينهن کان تيل نه وڌو هئائين. سندس رنگ ڪنهن اُس ۾ پيل پن جيان لهسجي ويو هو. ڪپڙا ميرا تي ويا هئس، اندران پگهر ۾ ميري تيل گنجي ظاهر ٿي رهي هئي.

مون کي يقين ئي نه آيو ته هي ڪو ساڳو رفيق آهي، جو مون سان پورو سال گڏ پڙهيو هو- جنهن جو منهن پريل ۽ رنگ نڪريل هوندو هو. جنهن جا وار سدائين سليقي سان سنواريل هوندا هئا، ۽ جنهن جي نرڙ تي سدائين هڪڙي چڳ لهرائيندي نظر ايندي هئي. ۽ سدائين صاف پئنٽ ۽ رنگين بش-شرٽ ۾ ملبوس نظر ايندو هو.

مان ۽ رفيق ڇهين درجي ۾ گڏ پڙهيا هئاسين. ان زماني ۾ جڏهن ماستر اسان کي پڙهائيندو هو، ته هي نوٽ بڪ تي ماستر جي ڪارٽون ۽ ڇوڪرين جي اسڪيچن ناهڻ ۾ مشغول نظر ايندو هو. ۽ جڏهن ڪلاس پوري ٿيڻ بعد هو مون کي اهي ڪارٽون ڏيکاريندو هو، ته اسين ٻئي گڏجي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندا هئاسين. ۽ ٿوريءَ دير بعد هن جي چپن تي هڪ مرڪ ڪيڏندي نظر ايندي هئي، ڄڻ ته انهن ٽهڪن ڏيڻ سان هن کي سندس محنت جي قيمت ملي ويئي هجي.

سڄو سال هن ماسترن جي ڪارٽونن ۽ ڇوڪرين جي اسڪيچن ڪڍڻ ۾ گذاري ڇڏيو، ۽ جڏهن نتيجو نڪتو ته ظاهر هو ته هو ناپاس ئي ٿيو.

ان کان پوءِ، هن سان گڏجڻ جو موقعو گهٽ ملندو هو. ڇو ته مان پاس ٿي ويو هئس، ۽ هي ساڳي ئي درجي ۾ ماسترن جا ڪارٽون ۽ ڇوڪرين جا اسڪيچ پيو ڪڍندو هو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، مون کي خبر پئي ته هن کي اسڪول مان ڪڍيو ويو آهي. هن بورڊ تي هيڊ ماستر جو ڪارٽون ناهيو هو- ان ڏوهه ۾، اسڪول کان نڪرڻ بعد، وري مون کي هو نظر نه آيو. ۽ مون به ڪراچي ڇڏي، حيدرآباد ۾ پنهنجي تعليم جاري رکي.

اڄ ٽن سالن بعد جيئن ئي مان چانهه پيئڻ جي خيال کان هوٽل ۾ گهڙي

رهيو هئس، تہ هن مون کي بانهن کان جهلي پاڻ ڏي ڇڪيو. واقعي پهرين مون هن کي سڃاتو ئي ڪونہ. پر پوءِ غور سان ڏسڻ بعد. معلوم ٿيم تہ هو ساڳيو رفيق آهي- اسڪيچن ۽ ڪارٽونن وارو رفيق. جنهن جو منهن پيريل هوندو هو. ۽ مون سان گڏجي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندو هو.

مان هن کي پنهنجي گهر وٺي آيس. هن مون کي ٻڌايو تہ هن کي گهر مان ڪڍيو ويو آهي- انهيءَ ئي فن جي شوق سببان. سندس والد جو چوڻ هو تہ هو رنگن ۽ برشن تي اجايو خرچ ٿو ڪري ۽ سدائين سندس ڪپڙن تي رنگن جا داغ نظر اچن ٿا- بيڪار ٿو پيو وقت وڃائي- ان ڪري اهو شوق ڇڏي ڏي. پر هو بدستور تصويرون چٽيندو رهيو. ڪڏهن درياءَ جي مست لهرن جون، تہ ڪڏهن اوپر تي اُڀرندڙ شفق جي وڻندڙ لالائيءَ جون.

ان کان پوءِ گفتگو جو موضوع ڦري، ان وقت جي حالتن تي آيو. هي اهو وقت هو، جو ماڻهن ۾ پنهنجي قوميت جو احساس اڀري چڪو هو. ۽ هر طرف کان پنهنجي تهذيب کي بچائڻ جا آواز اُٿي رهيا هئا. نوجوان طبقو ڪافي سجاڳ ٿي چڪو هو، پر رفيق نهايت جذباتي ٿي ويو هو. هن چيو، ”هاڻي بيو سڀ ڪجهہ ڇڏي، مون پنهنجي وطن کي تصويرن ۾ چٽڻ شروع ڪيو آهي.“ هن مون کي ڪجهہ تصويرون بہ ڏيکاريون- ”سکر بئراج“، ”لئنسڊائون پل“، ”سنڌي نينگرين جو کوهہ تي جهرمٽ“، ”سنڌي ٻڪرار پنهنجي ٻڪرين سان“، ”ڪوٽڙي بُراج جي ڪنڌيءَ سان خانہ بدوشن جا لڏا“- انهن سڀني نظارن کي هن رنگن جي قيد ۾ آڻي ڇڏيو هو. هن شاهہ جي بيتن کي تصويرن ۾ پيش ڪرڻ شروع ڪيو هو. ”نوري“، ”سسئي“، ”مارئي“- اهي سڀ هن چٽيون. انهن ۾ مون کي ”مارئي“ جي تصوير ڏاڍي وڻي. هن ۾ ڏيکاريو ويو هو تہ هڪ عاليشان محل ۾ مارئي پٽ تي ليٽيل آهي، هن جا وار پريشان آهن، ۽ سندس سادا ۽ ميرا ڪپڙا ليڙون ليڙون ٿي ويا آهن، ۽ هوءَ انهن قاتل ڪپڙن مان ظاهر ٿيندڙ اوگهڙ کي لوئيءَ سان لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

”هن تصوير جي قيمت گهڻي ٿيندي؟“ مون هرويرو ڪانئس پڇيو. ”هن تصوير جي قيمت؟“ هن جي چپن تي طنزيہ مرڪ ڊوڙي وئي.ماڻهن وٽ پئسو ڪٿي آهي اهڙين تصويرن تي خرچ ڪرڻ لاءِ؟ هنن کي فلم ائڪٽريسن جون اڌ اگهاڙيون تصويرون کپن-“ ائين چوڻ سان هن جي دل ڀرجي آئي، ۽ چيائين ”ياءُ! اسان جو عوام بکيو آهي. هن کي جنس جي بُک، روح جي بُک....آهي، هن

جو بہ تہ ڏوهہ نہ آهي. هن کي تہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح پنهنجي بک مارڻي آهي- ۽ آرٽسٽ؟ اهي بہ بکيا آهن. پيٽ جا بکيا. گويا هي بہ هڪڙو بک جو سودو آهي. آرٽسٽ عوام جي بک مٽائن ٿا ۽ عوام آرٽسٽن جي...."

بہ ٽي ڏينهن مون وٽ رهڻ بعد، هو روزگار جي تلاش ۾ نڪري ويو.... ۽ سندس خط مون ڏانهن ايندا رهيا. ڪڏهن لاڙڪاڻي مان تہ ڪڏهن سکر مان. ڪڏهن ڪٿان تہ ڪڏهن ڪٿان. پهريائين ٽڪرا ٽڪرا خط لکندو هو ۽ پوءِ آهستي آهستي ڪري خط لکڻ بند ڪري ڇڏيائين. سندس خط ۾ سدائين سندس فن جي قدر نہ ٿيڻ جو ذڪر هوندو هو.

هڪ سال بعد، اوچتو هن جو خط آيو، جنهن ۾ هن پنهنجي اچڻ متعلق لکيو هو.

جنهن ڏينهن هو اچڻ وارو هو، تنهن ڏينهن مان اسٽيشن تي ويس. گاڏي اچڻ تي مون ترڊ ۽ انٽر گاڏا ڳولهڻ شروع ڪيا. خلاف توقع هو هڪ سيڪنڊ ڪلاس گاڏي مان سوٽ ڪيس ڪڇ هيٺ لٿو.

مون ڏٺو تہ هو ساڳو رفيق هو. اسڪول وارو رفيق، جنهن جا ڳل پيريل هئا ۽ وار سليقي سان سنواريل هئا، ۽ هڪڙي ڇڳ سندس پيشانيءَ تي لڙڪي رهي هئي، ۽ هو هڪ اُڇي سوٽ ۾ ملبوس هو.

هن گاڏيءَ مان لهڻ شرط سوٽ ڪيس قُليءَ جي حوالي ڪيو ۽ مون سان چنبڙي ويو.

گهر وني اچڻ بعد، مون هن کي چيو. "تنهنجي حالت هاڻي سڌري وئي آهي- شايد هاڻي دنيا تنهنجي فن جو قدر ڪرڻ لڳي آهي.... !"

"ها.....!" هن هڪ ٽهڪ مرڪ سان چيو. "جو تہ مون پاڻ دنيا جي "جذبات" جو قدر ڪرڻ شروع ڪيو آهي." ائين چئي، هن سوٽ ڪيس ڪوليو، ۽ هڪ تصوير ڪڍي. ٿڌو ساهہ ڀري، ان تي حسرت واري نظر وڌائين. مون کي ڏسڻ لاءِ ڏنائين.

مون هن کان تصوير وني ڏٺي..... اها ساڳئي "مارئيءَ" جي تصوير هئي- اها ساڳي، جيڪا هن مون کي اڳئين سال ڏيکاري هئي. فرق فقط اهو هو تہ هُن جي ليڙون ليڙون ٿيل ڪپڙن مان بدن جي اوگهڙ ظاهر ٿي رهي هئي، " هِن جي "لوئي" لهي وئي هئي——!

(مهراڻ:1-1956ع)

---

## ابن حيات پنهور

# ”زن طلاق....“

”شاهہ مراد دي مار پوويس !“ هن کي ڏسندي ئي مون کي ڪـِل ايندي هئي. جيڪو بہ پڇندو هوس تہ اهو ئي جواب. ”شاهہ مراد دي مار پوويس!“ هڪ ڏينهن زوريءَ ٻانهن کان جهلي، شاهہ مراد جو قسم وڌو مانس. چوڻ لڳو. ”ميڪون جهل چوڙئيس، خبر پووس تہ مريسين.“ ائين چئي، ٻانهن ڇڏائي، اُتي پڳو. ان ڏينهن کان پوءِ جڏهن بہ ڏسندو هو، تہ پاسو ڪيو هليو ويندو هو.

هڪ ڏينهن زماني جي ڪم سان رئيس گلڻ خان جي ڳوٺ ڏانهن وڃي رهيو هوس. سيءُ بہ چوي تہ اڄ نہ پوان تہ ڪڏهن پوان. ويڙهجي سيڙهجي گهر کان نڪري اڃا ٿورو اڳيرو ٿيس، تہ نورو ويهہ پنجويهہ قدم پريرو منهنجي سامهون اچي رهيو هو. مون خيال ڪيو تہ سڃاتو ڪينهيس، نہ تہ جيڪر ضرور پاسو ڪري ها . جڏهن چئن - پنجن قدمن تي آيو، تہ مون کي ڪـِلندو ڏسي چوڻ لڳو، ”ڏنئي! شاهہ مراد دي مار پووس. . . .“ مون ڇڪي ڪڍي ٻانهن کان.

”چوڙ! ڪونہ پڇانس!“ ڏنم تہ سندس شڪل مان ڊپ پئي معلوم ٿيو ۽ ائين پئي لڳو، ڄڻ هينئر موت جي منهن مان پاڻ ڇڏائي نڪتو آهي. ”ڳالهہ ڪر! ٻڌائين چو نہ ٿو؟“.

”او ڏيک! ماڻهو ڪڙين نـہ، خدا دي نالي ميڪون چوڙ. آپ هين ٻڌسين. . . “ ڏنم تہ هي ڇريو ٻڌائيندو اُهئين ئي ڪونہ. چو نہ رڙهي وڃي روبرو ڏسان.

اڳيرو هليس، تہ رستي جي اولهہ طرف وڻن جي سائي جهڳٽي ۾ ماڻهن جو ميڙ پئي ڏسڻ ۾ آيو. اجان ويجهو ويس، تہ ڏٺم ٽي- چار پوليس آفيسر هئا. جن مان ٻن ڪوٽيل لاهن کي پئي ڏنو ۽ هڪڙو لکڻ ۾ مشغول هو. ”اسلام عليڪم!“ چئي ويهي رهيس. مجموعي مان هڪڙي ڄڻي وڃڻ جو اشارو ڏنو. ۽ آءُ هلڻ لڳس. فرلانگ ڪن پنڌ جو ڪري اچي واهہ تي چڙهيس. ڳوٺ جا ماڻهو واهہ جي موريءَ تي وينا هئا. سلام ورايم: ڄڻ ڪنهن ٻڌو ئي ڪونہ! سڀني جي زبانن تي تالا لڳل هئا، ڄڻ متن ڪا وحشت ڇانئيل هئي ۽ ڪنهن نتيجي جي انتظار ۾ هئا! اجان ٻہ- چار منٽ ئي نہ گذريا، تہ پوليس ماڻهن سميت

ڳوٺ ڏانهن اچڻ لڳي. جڏهن ويجهو آئي، سپيئي اٿڻ لڳا. هو اٿڻ جا نـه هئا، پر اٿاريا ويا- پوليس جي ڪري. هو پوليس کان ڊنا ٿي. اهڙو جهڳڙو انـگريزن جي زماني ۾- پاڻ تنهان ئي وڏيڪ. منجهائڻ هڪڙي تـه دل جهلي، ائيـن چئي ڏنـو: "اچن پيا انصـاف وارا، ڏسو تـه ڪيئن ٿا انصـاف ڪري ڏيکارين.....!"
ماڻهو انهن ئي پيرن تي هيڏانهن هوڏانهن پکڙجي ويا. خيال ڪيـم تـه ڪٿي وڃي ويهان. پريان ڏٺم تـه نار پـئي اڙهيـو، وڏي وڃي اتـي ويـنس. اجان انهيءَ ويچار ۾ ئي هوس، تـه منهنجي پٺيان ڪنهن جي پيرن جي آهٽ محسـوس ٿـي. ڪنڌ ورائي ئي ورايان، تنهن کان اڳ ايندڙ جي واتان "اسلام عليڪم" جو لفظ بندوق جي گوليءَ وانگر ڪنن وٽان نڪري ويـو. "وعليڪـم اسلام" چئي، اُٿـي ڪيس هٿ ڏنم.
"ڏنئي!" هو مون ڏانهن نهاري چوڻ لڳو. "احمد! ٿا تو سمجهين؟ خدا جي ديڳ اجان نـه تپندي! موڪل ڏٺي مڙس ماريو ٿن.... سو بـه لاهـن ٿـان.... شل خدا جو قهر پئين...."
ماڻهو ٽڙي پکڙي، وري اچي نـار تـي گڏ ٿيـا. ڪـو ڪنهـن سـان ڳالهـائي رهيـو هـو، تـه ڪـو ڪنهـن سـان. هڪـڙي چيـو، "غريـب جو گهر ئي رُلـي ويــو. ڪاڏي ويئي زال، ڪاڏي ويو الهو تلهو. پـَـرُ هي ڏينهـن هئـا، جو لائون لڏيون هئائين- اجان ميندي بـه ڪانـه لٿي هيس. ٿا ٿيندو، ڪير آ ويچاري جو، جيڪـو ڪيس لڪائيندو ۽ حاضري پريندو. اجهو هڪ - اڌ شنوائيءَ کان پوءِ وڏيرو وري اچي هڪـڙي نـه ٻئي جو سـر ڪٽنـدو. اڳيـون ڳـالهيون ياد نـه اٿـو- چـي، "گهـوڙي سان پيچ، نـه تـه دنبوق ٿو هٽانءِ!" نوروءَ جي ٻـُت ۾ اجا پيا ڇرا ڪڙڪن. ڏسو ٿـا، اُن ڏينهن کان وني، ڪـو هوش نڪـاٽي اٿس! رڳو وقلندو وتـي- "شـاهـ مراد دي مار پووس!" آهي ڪو ڏٺي سائين؟ انصاف هجي تـه ڪيترا ڏينهن نـه ٽنگيـو پيـو هجي؟ لاهـ هن ڪي ٽوروئي چوريءَ ڪڍيا هئا- رئيس ئي تـه چيـو هـوس: "ڏيـڍ رپيو ونندو سانءِ، پلي ڪڍي وڃي ڪوري تي وڪڻ" آءُ پاڻ ڪين بينو هوس!"
بيو ڄڻو، جو پريان ڪنڌ هيٺ ڪيو، سـر تي چڙهيو وينو هـو، تنهـن چيـو "آءُ بن پهرن جو پڌي واري نمبر ۾ هـَرَ پئي اڙهيس، وڏيرو شهر کان پئي آيو، جعفر ڪي پريان لاهـ ڪيندو ڏسي، مون ڪي چيـائين، "گلو-!- اهـو کهڙو ڪجر لاهـ پيو ڪڍي؟" بڏايومانس،"سائين جعفر آهـي، رئيـس گلڻ خان موڪـل ڏنـي

اتس." اهو جو بڇايومانس، چڻ ڇپي لڳي ويس- "آءُ مري ويو آهيان، جو هي حرامزادو رئيس ڪان تو موڪل وني" پوءِ تہ گھوڙي ڪي هڪليائين. ڏنمر متان جهيڙو نہ تي پوي، سو گھوڙي جي پنيان تڪو تڪو هلڻ لڳس. واٽ تي وڏيري کي گھٽو ئي ناريمر، پر هڪ بہ نہ سٽائين"-

""رڻ پٽ.... جڏهن بہ بيگر جو چوينس، ڪنڌ ڪدايو وجي....، پرسان ايندي ئي وڏيري بجو ڏيئي، گار ڪڍي، چيس: "رن.... گولاڙيءَ جا پُٽ، هيءَ ڪا پٺهين جي ملڪيت آهي، جو لاهہ ڪدين بينو!""

"جعفر کي تہ سيئي سڃاڻو. گھڻئي اشارا ڏنامانس- مُتريوئي ڪين. نهہ پهہ چئي ڏنائين: "وڏيرا، اشراف تيءُ، آءٌ گولاڙيءَ جو بار آهيان، تہ تون وري ڪنهن جو آهين؟" بس ڳالهہ ئي اها تي، نا وجي پستول تيو. مڙس ڪري پيو. مون کي چيائين "پيچ تنهنجي تہ وني ڪري .... تو کي بہ نہ پورو ڪريان!" آءٌ تہ وني پڳس، پوءِ تہ هن لوٽو ئي ڪونہ هنيو، گھوڙو هڪليو هليو ويو.

ٿيون ڇٺو، جو سيني جون ڳالهيون ڏاڍي ڏيان سان بڌي رهيو هو، تنهن چيو، "اهو ڪو بي واجبي چيئين، پاڻ بہ تہ مهاڻيءَ جو بار آهي. پٺس ڪان موڪلايو هئائين، پوءِ بہ ڇَر وني ويس. يَرَ، هي سڀ اسان جو ڏوهہ آهي، نہ تہ.... بيا بہ تہ وڏيرا راڇن سان اُتن ويهن. ههڙو ڪلور ڪتي ڪينهي. جيڪو ڏس، گھر ڪنڊ ۾ ڇَپ ماريو ماٺ ڪيو وينو آهي.... سپيئي پيا چرڪن. مڙس مڙسن جا مٺ آهن، هونءَ بہ تہ پيا مرون نہ! اجا بہ نہ تا ويچاريو. هرڪا بازي قبندي وجين. رڳو هن سانوٽيءَ ۾ ئي تہ ڏسو، ڪهڙا نہ ويل وهايا اٿن! جانوءَ جا ڍڳا ڪنهن بڌرايا؟ ايمٺا جي پريءَ ڪچهريءَ ۾، چوتي ڪنهن ڪترائي؟ ولوءَ جي نياڻيءَ سان عقوبتون ڪنهن ڪرايون؟ آچر کي جيل اُماڻي، سندس لڄ ۾ ڪنهن هٿ وڌا، نوروءَ کي بندوق هٿي چريو ڪنهن ڪيو؟ بڌايو! ماٺ ڇو ڪئي اٿوَ! اجان بہ ڪنڙ نہ تو پٽيوَ! بڌي نہ ڪندؤ تہ هڪڙي ڏينهن پنهنجي بہ اها ئي حالت ٿيندي. هينئر سيئي وينا آهيون - خدا جو قسم اٿوَ آهي ڪو اهڙو، جنهن جي وڏيري دل نہ ڏکائي هجي؟ ميان، مڙس تيو، راڄ تا ڪلن....."

سپيئي جلي ڪامي ويا، جنهن کي بہ ڏس ڪنڌ هيٺ، اکيون رت پيون چڏين. اوچتو سڏ تيو: "گلو اتي آهين؟" بڌندي ئي سيني بکايل شينهن وانگر ڳاٽ ڪٽي اُپا ڪيا. گلو ٽپ ڏئي اٿيو، تہ هڪڙي چيس ڪير آ اهو؟".

”پانيان پيو تہ ڪمدار آهي.“

ڪمدار جي ٻڌندي ئي هڪڙي رڙ ڪئي: ”ونو ڪُتڻ ڪي، آيو آهي....“ اهو ماڻهو جنهن سيني کي همٿايو پئي، تنهن هڪل ڪئي: ”مڙس ٿيو.... ڇوڪرا آهيو ڇا؟ دشمن سان ائين وڙهبو آهي؟ وچ ڳلو! ڏس تہ ڇا ٿو چوي“.

انهن ئي پيرن تي ڳلو موٽي آيو. نهار ڪٽي تہ سچو پيو ٿڙڪي. اچڻ سان ئي چيائين. وڏيري چيو آهي ”شاهدي ڏيندين، تہ سُڀڻ بنياد وڃائي ڇڏيندو سانءِ“.

ٻڌندي ئي، ٽپ ڏئي ڪڙا ٿيا. جهلجن ئي نہ: ”نہ ڇڏيو! ونو انهيءَ ڪولوءَ کي....“ هن وري بہ هڪل ڪئي: ”خبردار متان وڏيا آهيو! ابهرا نہ ٿيو. واعدو ڪريو- جنهن سان وڙهڻو آهي انهيءَ سان وڙهنداسين“.

هن اجا ڳالهايوئي پئي، تہ سيني گڏجي وڏي آواز چيو: ”زن طلاق“ آهي، جي هاڻي ڇڏيون وڏيري کي!“

(مهراڻ:6-1956ع)

ثميره زرين

# وڏيري

جڏهن رحموءَ پهريون دفعو هن کي مار ڏني، تڏهن هن جي شاديءَ کي هفتو کن مس ٿيو هو. هن جي جسم تي نيرا نشان پئجي ويا هئا. اُهي سندس ڪاري رنگ ڪري ڏسڻ ۾ تہ گهٽ ٿي آيا، پر منجهن سور تہ هو!

پهرين هوءَ ماءُ جي مارن تي هري ويئي هئي. ننڍي هوندي، ٻڪ ۾ پاهہ ٿي جڏهن هوءَ اڪيلي گهر ۾ روئڻ لڳندي هئي، ۽ بيشمار مکيون اچي هن کي وڪوڙي ويندي يون هيون. تڏهن ڪم تان موٽي، کيس روئندو ڏسي، پرچائڻ بجاءِ، ماڻس بہ- چار ٻـهارا ٺهڪائي ڪڍندي هيس- ”نياڳي رن. مغز ڪائي ڇٽ ڪيو اٿئي. ڪم تي نہ وڃان تہ پيٽ ڪيئن پاليندي يس!“ ٻن هٿن ڪائڻ ڪان پوءِ هوءَ ائين هڪدم چُپ ٿي ويندي هئي، ڄڻ ماڻس کيس ڪو چاڪليٽ ڏيئي ڇڏيو هجي!

سندس ننڍپڻ ائين گذريو. جڏهن ڪجهہ وڏي ٿي، تہ پاڻ بہ ماءُ سان گڏ ٻهارو ڪٽي گهر گهر صفائي ڪرڻ لڳي. هن جي عمر جون ڇوڪريون ڪم ڪرڻ کان پوءِ نچنديون ٽپنديون هيون، پر هيءَ چپ چاپ الائي ڪهڙا ڪُـنا گهڙيندي هئي. پهرين تاريخ تي ٻيون سڀ ڇوڪريون مائرن کان روئي زور ڪري، چوڙين لاءِ ڪجهہ پيسا وٺنديون هيون، پر هن جو پاروتن ڪاڏن ڪو ايڏو تہ من پريو هو، جو کيس ڪا بہ طلب ڪانہ ٿيندي هئي.ماڻس ان تي ڏاڍي خوش ٿيندي هئي: چي، ”منهنجي ڌيءَ جهڙي سدوري ڇوڪري ڪا دنيا ۾ مشڪل هوندي!“

پنگين جي برادريءَ ۾ جڏهن بہ ڪا شادي ٿيندي هئي، تہ هن جي ماءُ کي پنهنجي ڌيءَ جي بدصورتي ڏسي، ڏري گهٽ روئڻ اچي ويندو هو.هوءَ پاڻ بہ ٽين جي دٻي مان ٻگل آئيني ٽُـڪر ڪڍي، گهڙيءَ گهڙيءَ پنهنجو منهن پئي ڏسندي هئي، پر هن جو زردي مائل ڪارو رنگ، لاغر جسم، ننڍو قد، ۽ ننڍڙيون ڪارن مرچن جهڙيون اکيون کيس ڪا بہ اُميد نہ ڏيکاري سگهنديون هيون. نيٺ، مس مس جڏهن رحموءَ جي مائٽن هن لاءِ چورايو، تہ هن جي ماءُ مٿان ڄڻ موت جو پاڇو هٽي ويو.

نشو تہ هوئن ذري گهٽ سيئي پنگي ڪندا هئا، پر رحمو ان ڳالهہ ۾

سيني جو سردار هو. هو پنهنجو سچو پگهار چرس تي وڃائي در در ڀٽڪندو هو، پر انهيءَ ڳالهہ بہ هن جي ماءُ جي دل نہ لوڏي هئي. برادريءَ جا سڀ ڇوڪرا شاديءَ جي بندڻن ۾ ٻڌبا ڏسي، هن کي رحمو بڌل ٻيڙيءَ جي ڪک مثل سانڍڻ لائق نظر آيو. کهڙو بہ هو، پر نازيءَ جو مڙس تہ سڏبو! نشئي هو تہ ڇا؟- ۽ نازي وري ڪهڙي هئي جو هوءَ ڪيس اجان ڪنهن اُميد تي ويهاري!

رحمو سول اسپتال ۾ نوڪري ڪندو هو. پنهنجو ننڍو ڪواٽر هوس. جڏهن نازي رحموءَ جي گهر آئي، تہ هن پنهنجون ٻئي ٻانهون ڪانچ جي چوڙين سان ڀري ڇڏيون هيون، ۽ ڳاڙهي رنگ جا ڪپڙا پاتا هئا. ماٿس خوشبوءِ وارو تيل وارن ۾ ايڏو تہ وڌو هوس، جو سندس پيشاني بلڪل ڏامر جيان چلڪڻ لڳي هئي.

هوءَ پنهنجين نندڙين اکين سان رحموءَ جي هر هلت اُمنگن ڀريءَ دل سان جاچيندي هئي، پر چار ڏينهن چاهہ جا. رحمو وري پنهنجي نشي پٽي کي لڳي ويو. هڪ ڏينهن، ڪنهن ڳالهہ تان بگڙي، ڪيس ايڏي تہ سخت مار ڏنائين جو هن جي جسم تي نيرا نشان پئجي ويا- ۽ نازي، جا سمورا اُمنگ اُنهن نيرن نشانن هيٺان دٻجي مري ويا.

پهرين هوءَ ماءُ جي مارن تي هري وئي، ۽ پوءِ رحموءَ جي روز روز جي مارن ڪيس هيري ڇڏيو. هاڻي تہ مار بہ ڪاڏي ۽ هوا وانگر سندس زندگيءَ جي ضرورتن ۾ شامل ٿي ويئي هئي. جي ڪڏهن ڪيس ڏينهن لنگهي مار نہ ملندي هئي، تہ ڪيس ائين محسوس ٿيندو هو، ڄڻ سندس زندگيءَ مان ڪا اهم چيز خارج ٿي وئي هجي.

هن ڏنو تہ ڪڏهن رحمو نشي ۾ پيئرن کي گاريون ڏيئي ڪانئن پيسا گهرندو هو. وڏيءَ جيڪا شڪل جي ڪجهہ چڱي هئي، اها وڏيڪ پيسا آڻيندي هئي. پوءِ رحمو ديسي شراب جي ٻوتل وٺي، سڄي رات پيئندو بہ هو ۽ بڪندو بہ هو. انهن سڀني ڳالهين هن جي دل ۾ نہ نفرت پيدا ڪئي، نہ ڏک ۽ نہ وري ڪيس ڪا حيرت ئي ٿي.

نازيءَ کي بہ ڪوشش سان سِول اسپتال ۾ نوڪري ملي ويئي- اوڻيتاليهہ رپيا پگهار. اسپتال ۾ گهمندي ڦرندي، هن کي اُتان جون چڱيون خبرون پئجي ويون. ڪيس خبر پئي تہ خيرو ڊريسر وڏيءَ هلنديءَ وارو آهي، جنهن کي وٽيس،

اُن جي بدلي ڪرائي ڇڏي. جڏهن رحموءَ جون پينر شادي ڪري ويون، ۽ ڪيس به بار به ٽيا، تڏهن ڪيس نشي لاءِ پيسا پورا نہ پوندا هئا. هو نازيءَ کي مار تہ اڪثر ڏيندو ئي رهندو هو، پر هڪ ڏينهن پيسن گهرندي هن ڪيس ايتري تہ مار ڏني، جو هوءَ رتورت ٿي پئي. ٻئي ڏينهن هوءَ خيري وٽ ويئي، ۽ ڪانئس ڪجهہ قرض گهريائين. خيري جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي. هن ڪيسي ۾ هٿ وجهندي، آهستي ڪيس ڪجهہ چيو. پهرين هوءَ گهڙي ڪن خاموش رهي، ۽ پوءِ خيري جي هٿن مان پنج رپيا وٺي هلي ويئي.

* * *

چاندوڪيون راتيون هيون. هوءَ پنهنجي ڪواٽر ٻاهران کٽ تي ستي پئي هئي! رحمو نشو پيئڻ ويو هو. رات اڌ کي سٺائي تي هئي، پر هن کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو. پيشگي رقم رحمو ڳارڻ ويو هو، هينئر جڏهن پيسا بہ کٽب اچي ويا، تہ ڪيس اُن جو عيوض تہ ڏيڻو هو. پري، هرڪو پنهنجي پنهنجي ڪواٽر ٻاهران ننڊ ۾ بيخبر ستو پيو هو. ماٺ ميٺ لڳي پئي هئي. رکي رکي چوڪيدار جو آواز- هوشيار، خبردار- پئي گونجيو، ۽ چوڪيدار جي آواز تي آئي ننڊ بہ هن جي اکين مان اڏامي پئي وئي. اوچتو هن جي ذهن ۾ هڪ ڳالهہ تري آئي. هوءَ تپ ڏيئي اُٿي ويني. جڏهن چوڪيدار گهمندو ڦرندو هن جي ويجهو آيو، تہ هن آهستي ڪيس سڏيو: "او چاچا. هيڏي تہ اچ!" جيئن ئي هو ڪيس ويجهو آيو، تہ تيزيءَ سان اٿي ڪيس پنهنجين ٻانهن ۾ جهلي ورتو، ۽ زور زور سان رڙيون ڪرڻ لڳي- "چور! چور!.... بدمعاش!.... پڪڙيو!، پوڙهو چوڪيدار هڪو ٻڪو ٿي ويو، سمجهہ ۾ نٿي آيس تہ هيءُ ڇا ٿي رهيو هو. هن جي اکين مان ننڊ جا گهيرٽ ائين اڏامي ويا، جيئن آئيني جي شعاعن تي ڪانوَ پڄي ويندا آهن. رڙين تي ماڻهو مڙي آيا. سڀ هن کي لعنت ملامت ڪرڻ لڳا. هن جو ڪنڌ شرمساريءَ سان جهڪي ويو. نازيءَ جي آواز هن جي ڪنن ۾ انجڻ جي گڙگڙاهٽ جيان گونجي رهيو هو. هن گهڻو ئي چيو، پر ڪنهن کي بہ سندس ڳالهہ تي يقين نہ آيو. جڏهن هن جو پٽ نوازو گوڙ تي اُٿي آيو، تہ ڪيس پنهنجي جوان پٽ سان اکين ملائڻ جي همت نہ ٿي سگهي. نوازو حيران هو تہ ڪهڙيءَ طرح پنهنجي پيءَ کان ڪو سوال پڇي. "ابا، خدا واحد شاهد آهي-" پوڙهي ستون انون دفعو وري ساڳي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. سنهن

قسم کنيا، پر نازيءَ جي گوڙ تي کنهن بہ متس يقين نہ آندو. پلا. زال ذات اهڙو ڪوڙ ڪيئن ڳالهائيندي؟

بئي ڏينهن وڏي صاحب وٽ قصو بيان ٿيو. ۽ هن اهڙي بدچال چوڪيدار کي نوڪريءَ کان برطرف ڪري ڇڏيو. جون جي گرم ٻن پهرن ۾، روئندو ڪواٽر خالي ڪري، هو بئي ڪٿ قسمت آزمائي ڪرڻ هليو ويو. ان وقت خيري مُڇن تي هٿ ڦيريندي گلوءَ کي چيو: "ڪـِني آگُر وڌِي پلي! هر ڪنهن وٽ نياٽيون آهن-"

* * *

نئين صاحب جي اچڻ کان پوءِ، پهرين تہ نازيءَ کي بنگلي تي ڪم ڪندي ڪجهہ تڪليف ٿي، پر پوءِ نيٺ هري ويئي. هوءَ بنگلي جو سارو ڪم خاموشيءَ سان ڪري هلي ويندي هئي، ۽ ڪيترو بہ وڌيڪ ڪم ڪيس ملندو هو تہ هن جي پيشانيءَ تي شڪن بہ ڪانہ ايندي هئي. ٻين ڪمن وارين زالن وانگر، هوءَ ڪڏهن بہ هـِتان هُتان جون ڳالهيون ڪدي نہ ويهندي هئي، ڪيس پنهنجي ڪم سان ڪم هوندو هو. ان ڪري هوءَ مالڪياڻيءَ کي ڏاڍو پسند اچي ويئي. سال کن ٿي ويو، پر مالڪياڻيءَ هن جي جاءِ تي بئي ڪنهن کي نہ آندو هو.

ڪم ڪري جڏهن هوءَ ٿڪجي پوندي هئي، تڏهن خميسي سان ويهي اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪندي هئي. سندس سارو ٿڪ اُڏامي ويندو هو. خميسو بنگلي تي ائين ڪندي بہ بورچيءَ اڳيان ڪم ڪندو هو. شڪل جو اهڙو هو، جنهن کي رات جو ڪو بار بہ ڏسي تہ هوند ڊڄي وڃي. نازي آهستي آهستي سندس زندگيءَ ۾ ائين سمائجي ويئي، جيئن ننڊ ٿڪل انسان جي پلڪن ۾ اچي ان جي آرام جو باعث بڻبي آهي. هو روز هن لاءِ بيڙيون وغيره بچائي رکندو هو. جڏهن منجهند جو هڪ ڏيد - وڃي ويندو هو ۽ نازي اجان بنگلي اندر ڏسبي هئي، تڏهن خميسي کي خيال ايندو هو تہ هيءَ ڪهڙي نہ ايماندار ۽ محنتي عورت آهي! پٽڪندي پٽڪندي، بہ قبيح پـَيڪرن ۾ قاتل روح، هڪ ٻئي جي ويجهو آيا هئا. جن کي ٻيا سڀ حقارت سان ڏسندا هئا، جن ننڊبڻ کان وني ماڻهن جون چڙبون سنيون هيون. اُهي جڏهن گڏ ويهي پاڻ ۾ رهاٽيون ڪندا هئا، تڏهن کين ائين محسوس ٿيندو هو تہ جيڪو ڏکن پريو ماضي هو گذاري آيا آهن، نہ اُهو ئي ڪا اهميت جهڙي چيز هئي، ۽ نہ

مستقبل، جيڪو هنن لاءِ پنهنجي جهول ۾ الائي ڇا ڪٺي اچي رهيو هو. هنن لاءِ حال اهڙو تہ مسرت ڀريو، اهڙو تہ حسين هو جو هنن انهيءَ کان پري ڪجهہ ڏسڻ ئي نہ پئي چاهيو.

خميسو، جيڪو نازيءَ کان وڌ بدصورت هو، تنهن ڪڏهن بہ هن جي حسين هجڻ جي تمنا نہ ڪئي هئي: انهيءَ ڳالهہ نازيءَ جي دل ۾ بي انت خوداعتمادي ڀري ڇڏي. صاف سادن ڪپڙن ۾، ڦٽيءَ ڏنل وارن سان، جڏهن هوءَ عجيب بيف ڪريءَ سان ٻهارو ڪلهي تي ڪٺي هلندي هئي، تڏهن ائين لڳندو هو، ڄڻ ڪو سپاهي جنگ جي محاذ تي ويندو هجي. سندس انهيءَ لوڏ تي ڪيس اسپتال جي ملازمن وٽان لقب مليو هو- ”وڏيري“. جڏهن پٽيوالا ڪيس ائين ويندي ڏسندا هئا، تہ هڪٻئي کي مرڪي چوندا هئا: ”آها، وڏيريءَ جي چال تہ ڏس!“

* * *

هوءَ بنگلي جي ويجهو پهچي وئي، پر سندس خيالن جو سلسلو اڃا بہ هلندو پئي آيو. گذريل هفتي کان جڏهن صاحب خميسي جي اڏنگائين کان تنگ تي، کيس ڪڍي، ان جي جاءِ تي فضلوءَ کي رکيو هو، تڏهن کان هن جي ڪم مان دلچسپي ئي نڪري ويئي هئي. اُنهيءَ بنگلي ۾، جتي هوءَ ٻهرن جا ٻهر لڳائي ڇڏيندي هئي، هينئر ڪم ڪندي سندس دل ئي ڪانہ ٿيندي هئي. ڪيس ائين ويڳاڻو ڏسي، مالڪياڻي چوندي هئي: ”ڇو، نازي، خوش تہ آهين؟ طبعيت نيڪ نہ هجيئي تہ هلي وڃ، باقي ڪم پاڻيهي فضلو ڪندو.“

”نہ، بيگم صاحب“، ائين چئي، هوءَ وري ڪم کي لڳي ويندي هئي- پر سڄو وقت سندس روح ڪٿ ٻئي هنڌ ڀيو وسندو هو. هن خميسي جي ڪمي فضلوءَ مان مٽائڻ پئي چاهي، پر فضلوءَ جي هلت هن جي تن بدن ۾ چوچڙي لڳائي ڇڏيندي هئي. هن جي ننڍڙين ڪارين اکين ۾ سوچ سمايل هئي تہ هوءَ ڪانئس ڪيئن وير وني.

وارڊ بواءِ ۽ پٽيوالن کان وني ڪمپائونڊرن تائين- سيني لاءِ هوءَ چانهہ جي گرم ڪوپ جيان هئي، جنهن کي حاصل ڪري سندن دماغي ڪلفتون دور ٿي ويندي هيون، پر خميسو انهن سيني کان اڳتي هو. خميسو، جيڪو سيني کان وڌيڪ بدصورت هو، جيڪو سيني کان وڌيڪ بيوقوف هو، اُهو نازيءَ لاءِ دنيا جي ٻهرين ۾ آخري مسرت هو.

اُن ڏينهن، صبح سوير، هوءَ بنگلي جي ويجهو پهتي تہ هن ڏٺو، فضلو باغ مان گلدستا ڪٽي بنگلي اندر پئي آيو. هن هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو. مالهي واهہ تان پاڻي پرڻ ويو هو. ٻنگي پري اسپتال جي صفائي ڪري رهيا هئا. هوءَ نخري سان ٻهارو لوڏيندي هن جي ويجهو هلي آئي، ۽ پنهنجين ننڍڙين اکين ۾ مستي ڀري فضلوءَ کي چيائي:

”فضلو ٻيڙي تہ پيئار!“

فضلوءَ منهن ورائي، ڪرڙيءَ اک سان کيس ڏٺو، ۽ چڙ مان چيائينس، ”مغز خراب ٿيو اٿئي ڇا! هل هل، ڪانهي ٻيڙي!“ پوءِ هو تڪڙو تڪڙو بنگلي اندر هليو ويو. نازيءَ کي ائين محسوس ٿيو، ڄڻ ڪا بندوق جي گولي هن جي وارن کي ڇُهندي اڳتي هلي هجي وئي. فضلوءَ جي انهيءَ بيرخيءَ، اُها خوداعتمادي، جيڪا خميسي جي پيار هن جي دل ۾ پيدا ڪئي هئي، برف جيان ڳاري ڇڏي.

هوءَ چڙ ڀريءَ سوچ ۾ بنگلي جو ڪم ختم ڪري نڪتي، تہ کيس مالڪياڻيءَ ڪان ماني وٺڻ بہ وسري ويئي. زناني وارڊ وٽان لنگهندي، هن ڏٺو تہ خيرو دوا جي شيشي ڪٽي ڊاڪٽر سان گڏ وڃي رهيو هو. هوءَ هن جي پرسان لنگهي وئي، پر خيري ڊاڪٽر جي خوف ڪان ڏانهس نهاريو بہ ڪونہ. هونئن تہ هوءَ سندس اِنهن چالاڪين تي خوش ٿيندي هئي، پر اڄ هن کي ڄڻ باهہ وني ويئي. هن دل ئي دل ۾ کيس گار ڏيئي ڪڍي- ”سڀ سوئر جا ڦر آهن!“

سانجهيءَ جو هوءَ گاسليٽ وٺي ڦاٽڪ لنگهي رهي هئي، تہ گلو کيس گڏجي ويو. هميشہ موجب، پنهنجا پيلا ڏند ڪڍي گلوءَ کيس چيو: ”اڇ، وڏيري ڪا خبر چار ڪر-“ ۽ ڪنئچيءَ وارو سگريٽ کيسي مان ڪڍي کيس ڏنائين: ”اڇ، وٺي موج ڪر-“ نازيءَ زخمي شينهڻ جيان کيس ڏسندي، سگريٽ مروڙي ڪٽي هيٺ ڦٽو ڪيو، ۽ تڪڙي تڪڙي هلي ويئي. گلو اهڙو تہ وائڙو ٿي ويو، ڄڻ رات جو چنڊ بجاءِ سج اُڀرندي ڏٺو هئائين.

*　　　*　　　*

هن خميسي کي پنهنجي نور جو قسم کڻي يقين ڏياريو هو تہ ”جي هن اسپتال ۾ نوڪري نہ وٺي ڏيانءِ، تہ مُئي پڄاڻا بہ شڪل نہ ڏسجانءِ!“ جوش ۾ اچي هن خميسي کي ٻول تہ ڏنو هو، پر هينئر هوءَ ڪري تہ ڇا ڪري؟ ٻہ هفتا

لنگهي ويا، پر ڪو ڪڙ تيل نہ نڪتو. هڪ ڏينهن هوءَ ڪم ختم ڪري گهر پئي ويئي، تہ رستي ۾ خميسو ملي ويس. ڪيس مايوسيءَ مان ڏک ڏوراپا ڏنائين، ۽ چيائين: ”تون مون کي اجايا دلاسا تي ڏين. هاڻي آءٌ شهر ڇڏي هليو ويندس، من ڪٿي نصيب لڳي وڃي!“ خميسو پوءِ ڪاوڙ ۾ گهڻو ئي ڳالهائيندو رهيو، ۽ نازيءَ گم سم ڪيس ڏسندي رهي. جڏهن خميسو اتي هليو ويو، تہ هن ڪيس روڪيو بہ ڪونہ. گهر وڃي، هوءَ پنهنجيءَ ڇنل کٽ تي ليٽي پيئي. منجهند جو رحمو گهر آيو، تہ چلهہ ۾ باهہ نہ ڏسي ۽ نازيءَ کي بالم جيان کٽ تي ستل ڏسي، جوش ۾ ڀرجي ويو. ڪُنڊي ئي ڪاني، ڪيس مارڻ شروع ڪيائين. ڏاڍي پچ ڪڍيائينس. ڪٿي ڪٿي تڪجي پيو، تڏهن اطمينان سان ويهي بيڙي پيئڻ لڳو. خلاف معمول، هن دفعي مار ڪائيندي، نازيءَ هٿ بہ آڏو ڪونہ ڏنو، نڪي واتان ٻڙڪ ئي ٻوليائين. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ، خاموشيءَ سان اُٿي ماني تيار ڪرڻ لڳي ويئي. جڏهن رحمو ڪائي ڊوڙ ڪري باهر هليو ويو، تڏهن ڪن پل سوچي، ”ڊي ڊي ٽي“ پائوڊر جي چپٽي پري، پاڻيءَ ۾ ملائي، پي ويئي.

سندس حالت ابتر ٿي ويئي، پر جلد ئي پتو پئجي ويو، ۽ وقت سر سندس علاج ڪيو ويو. جڏهن خميسي کي خبر پئي، تہ هو سندس جانباز محبت جو اهڙو تہ قائل ٿي ويو، جو نازيءَ کي چيائين، ”منهنجو توسان سر لڳي! ايڏي ڪاوڙ ڪبي آهي ڇا! جي مري وينديئن تہ بہ تنهنجو مجاور ٿي گذاريندس، پر ٻيءَ ڏانهن اک ڪڻي نہ نهاريندس!“

نازيءَ زهر ڇو کاڌو، اُن جي تہ خود هن جي ملائڪن کي بہ خبر ڪا نہ هئي، پر ان جو اثر اهو ٿيو جو خميسي الڳ پنهنجو پرديس وڃڻ ملتوي ڪيو، تہ رحموءَ الڳ سندس خوشامد ڪئي. اسپتال جي لوهي پلنگ تي ليٽي، پنهنجي هن بي ساختہ لغزش جو سنو نتيجو ڏسي، هوءَ دل ئي دل ۾ مرڪندي رهي- ليڪن مرڪندي مرڪندي، جڏهن بہ فضلوءَ جي شڪل هن جي ذهن آڏو آئي ٿي، تہ ڪيس هڪ عجيب اذيت جو احساس ٿيڻ لڳو ٿي.

رحمو اڪثر ساڻس وڙهندو هو، ان ڪري سڄيءَ اسپتال ۾ ائين مشهور ٿي ويو تہ هن مڙس جي جهيڙي کان تنگ ٿي، زهر کاڌو هو. هڪ خسيس ٻنگياڻيءَ لاءِ ايتري سوچ ويچار جي ڪنهن کي ضرورت هئي؟ بہ ڏينهن نوڪرن ۾ سندس ذڪر هلي وسري بہ ويو.

هفتو کن بستري تي رهي، نازي وري پنهنجي اڳينءَ ڪرت ڪي لڳي ويئي. اُنهن ڏينهن ۾ خميسي ۽ بين ملازمن جي خوشامد هن جي دل ۾ بيحد خوشي آڻي ڇڏي هئي. هوءَ پنهنجي اهميت محسوس ڪرڻ لڳي، ۽ سوچڻ لڳي ته هاڻي هوءَ ڪڏهن به مرڻ جي خواهش ڪانه ڪندي.

* * *

آچر جو ڏينهن هو. صبح جو نازي بنگلي تي آئي، ته صاحب جن ڪي ٻاهر وڃڻ جي تيارين ۾ ڏٺائين. ٿوريءَ دير کان پوءِ سڀ ٻاهر هليا ويا. هوءَ به جلد صفائي ڪري، گهر هلي ويئي. شام جو هوءَ وري بنگلي تي آئي. ڪانئس وسري ويو ته بنگلو بند آهي.فضلو بورچيخاني جي در وٽ ويٺو هو. نازيءَ کي ايندو ڏسي چيائين:

"ڇو آئي آهين؟"

"صفائي ڪرڻ."نازيءَ تُنديءَ مان جواب ڏنو.

"بنگلو بند آهي. سڀاڻي اچجانءِ."

نازيءَ وڃڻ لاءِ وک وڌائي ته فضلوءَ کي ڪجهه ياد اچي ويو. اڳتي وڌي، ڪيس ٻانهن کان پڪڙي چيائين: "ٻڌ ته نازي تو زهر ڇو کاڌو هو؟"

نازيءَ جي رڳ رڳ ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي ويئي. هن جون ننڍيون اکيون چمڪڻ لڳيون. هوءَ ماٺ بيٺي رهي، ڪو جواب نه ڏنائين. اوچتو ئي سندس ذهن ۾ هڪ خيال آيو.بجليءَ جهڙيءَ تيزيءَ سان، ٻئي هٿ ٻُهاري ۾ وجهي، هڪبئي پويان فضلوءَ جي مٿي تي ٺهڪائي ڪڍيائين. سَر جون تيليون هن جي هٿن ۽ ٻانهن ۾ چُڀي ويون. ۽ گوڙ تي آسپاس جا ماڻهو مڙي آيا.

---

گووردڻ محبوباڻي

# "ڪاري"

خدا ڄاڻي، ڇوريءَ ايڏو حسن الائي ڪٿان آندو هو! سندس هر حرڪت ۾ مستي هئي، هر ادا ۾ جادو. خبر ناهي انساني اولاد هئي يا پَريءَ ٻيڻان ڄائي هئي!

شام جو مٽي تي ڪير جي چوُنري ۾ سنهڙيءَ ڇيلهہ تي ڏائو هٿ رکي، ٺلندي ٺمڪندي، ڪلندي مرڪندي، ڳوٺ مان لنگهندي هئي تہ ويچارن ڳوناڻن جي بيوس دلين مان ڄڻ بجليءَ جي لهر دوڙي ويندي هئي. پيرن کان چوٽيءَ تائين سندس انگ انگ ۾ عجيب ڪشش ڪهُئي. شايد مالڪ واندڪائيءَ ۾ ويهي سندس جسم گهڙيو هو.

ڪمال هو، سندس ڪارا ڪارا وار واسينگ جيان سندس ويڪرن ڪلهن تي پيا جهولندا هئا. سندس موڪريون آبدار اکيون اشارن ئي اشارن ۾ ڪا منٽري بولي پيون ٻولينديون هيون ۽ سندس تنگ چولي مان اپريل تازو قتل جواني پئي ڇلڪندي هئي، تہ ويچارا ڳوناڻا آهون ڀريندي ئي رهجي ويندا هئا. نياڳي الائي ڪٿان چورائي آئي هئي اها مست جواني!

سندس نالو هو پناڻي. شادي ڪئي بہ مهينا مس ٿيا هئس. ٻروچڻ هئي. سندس خاوند پير بخش ڪيس ساڍن ٽن سوَن ۾ ڳنهي آيو هو. ساڍا ٽي سوَ ڪا معمولي رقم ڪانہ هئي. هن غريب ڏنار ست سال رَتُ سَتُ ڏيئي ساڍا ٽي سوَ ميڙيا هئا. پر ايڏي مالــِي هــَنَ پناڻيءَ لاءِ هڪ ئي ڏينهن ۾ ڏيئي ڇڏي. ان هوندي بہ هو نفعي ۾ هو. ڇو ڪيـن؟ جڏهن دوستن جي وچ ۾ ويهي پنهنجي شاديءَ جو ذڪر ڪندو هو، تڏهن سندس يار مٿس رشڪ ڪائيندا هئا. "خبر ناهي، بلبل ڪيئن ڪاري ڪانوَ جي وَر چڙهي ويئي!" هو حسد وچان چوندا هئا. ان وقت پيرُو فخر وچان مشڪي پنهنجي لنبي مُڇَ وٽڻ شروع ڪندو هو.

سچ پچ پناڻيءَ جي اچڻ کان پوءِ پيروُءَ جو بخت کليو هو. سندس ڪمائي بہ چوٽي تي ڇڪي هئي. ٿيندي بہ ڇو نہ؟ اڳ جڏهن پيروُ پاڻ کير وڪڻندو هو، تڏهن روز ڪنهن نہ ڪنهن سان آڪڙيو ضرور هو. سياءُ ئي اهڙو هوس. خسيس ڳالهہ تي جوش وني ويندو هوس ۽ پنهنجا پڪا پڪا گراهڪ بہ ڦٽائي ڇڏيندو هو. پر پناڻيءَ ۾ تـُندي ڪانہ هئي. هن ۾ ميناج هـو. عجيب ميناج! هـر

گراهڪ سان هوءَ مشڪي ڳالهائيندي هئي، ڏاڍو نئڙت پريو وهنوار ڪندي هئي. ڳوناٽا هن جي مُرڪ تي مشتاق هئا.

ويچارو ڇُتل ڪوري ته سويلي ئي ڪم ڪار لاهي، در جي چانئٺ تي ويهي، ان رسيليءَ پناٽيءَ جو ٻه - ٽي ڪلاڪ انتظار ڪندو هو. اُهي ٻه - ٽي ڪلاڪ هو الائي ڪيئن گذاريندو هو. ۽ پناٽي جڏهن ڊيل جيان ٺلندي ڏانهس ايندي هئي، تڏهن سندس پيلو سڪل منهن گلاب جي گل وانگر ٽڙي پوندو هو. پر پناٽي ته ڪيس ڪير چڪو ڏيئي، مرڪــي، ڪن پل ۾ هلي ويندي هئي ۽ ويچارو ڇُتل دل تي هٿ رکي، وات ڦاڙي، اتي وينو ئي رهجي ويندو هو.

گهٽ تعدي خميسي درزيءَ سان بـــ ڪانـہ هئـي. جـڏهن پنـاٽي لـڏندي ڪڏندي سندس دڪان پرسان لنگهندي هئي، تڏهن بروچڪي گهاگهري جي لـوڏ ڏسي، ويچاري خميسي جي ڪئنچي هٿن ۾ ڪليل ئي رهجي ويندي هئي. درد جو ماريو اکيون چنبيندو هو. هلڪي کنگهڪار ڏيندو هو - پر پناٽي ڏانهس نهاريندي بہ ڪين هئي. هار ڪائي خميسو خارن وچان لنبين مچن ڪي وات ۾ دبائي، چپ ڪي چڪ پائي پُڻ پُـڻ ڪندو هو، ”ظالم ڪٿي جي! نياڳي اک ڪٿي نهاري بہ نہ ٿي.“

پر وئل هو ويچاري عثمان سان. بيڪار انسان هو. آفيم کائي، سڄو ڏينهن ڳوٺ جي ننڍڙيءَ بازار ۾ ڪٿي نہ ڪٿي، روڳي ڪتي وانگر پيو هوندو هو. پر شام جو جڏهن پناٽيءَ جي پيرن جي آهٽ ٻڌندو هو، تڏهن هڪدم اٿي ڪڙو ٿيندو هو. ليڪن اجا پنهنجي وڏي پڳ سنيالي مٿي تي رکندو بہ ڪين هو، تہ پناٽي نانگڻ وانگر وراڪو ڏيئي الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويندي هئي، ۽ هو زهر کاڌل انسان جيان لچندو ڦٿڪندو، وري آفيم ذري کائي ليٽي پوندو هو.

ڪرمپور جو ننڍڙو ڳوٺ، جتي سڄو ڏينهن مانائي ۽ موڳائي لڳي پيئي هوندي هئي، اتي پناٽيءَ جي مرڪ ماڻهن جون دليون بهار بهار ڪري ڇڏيندي هئي. ان ننڍڙي ڳوٺ ۾، جتي سانيڪو گهر مس هئا، مان اسڪول ماستر هوس. شام جو ڳوٺ جي ٻاهران چڪر هڻي، ڏيئي برئي اچي اسڪول جي پرسان پنهنجيءَ ڪوٺڙيءَ ۾ ويهندو هوس. اوڏيءَ مهل پناٽي بہ ٻين ڪي ڪير پهچائي، مون وٽ ايندي هئي. اُها ئي مرڪندڙ پناٽي، اُهائي چنچل ۽ چـِلولي پناٽي. مان ڪانئس اڌ سير کير وٺندو هوس، پر ان لاءِ هوءَ، اڌ ڪلاڪ لڳائيندي

هئي. پهرين اوپاريون لهوارين گالهيون ڪندي هئي. ڪڏهن مڙس جي شڪايت تہ ڪڏهن ڏڻ جي پچار. پوءِ مس مس ڪري بہ لوٽيون ڪير جون پيري ڏيندي هئي ۽ آخر ۾ چپن تي منڙي مرڪ آڻي، معصومن وانگر اکڙيون ٽمڪائي، مذاق ڪندي موٽي ويندي هئي پنهنجي بستيءَ ۾. سندس بستي منهنجي اسڪول جي پٺئين پاسي هئي. اتي ويهارو کن گهر هئا بروچن جا.

پناڻي شايد جادوگرڻ هئي. جو ماڻهن کي هڪ ئي مرڪ سان موهي ڪين پنهنجي وَس ڪري ڇڏيندي هئي. هوءَ هميشہ مرڪندي هئي. انهن ٻن مهينن جي عرصي ۾ مون ڪڏهن بہ سندس چهري تي ذرا بہ غمگيني نہ ڏٺي. البت هڪ ڏينهن هوءَ مون وٽ ڪجهہ دير سان آئي. ڏٺم تہ سندس چپن تي اُها موهيندڙ مرڪ ڪانہ هئي. نهايت گنڀير پئي لڳي. ايندي ئي مون کي اڌ سير ڪير ڏنائين ۽ چپ ڪري ويهي رهي. مون حيرت مان پڇيو تہ "پناڻي! منهن ڇو سڄايو اٿئي؟"

هن نڪو جواب ڏنو، نہ وري اُتان چُري.

مان پناڻيءَ جي غمگينيءَ جو سبب نيڪ طرح سمجهي نہ سگهيس. تڏهن بہ شڪ پيم. پڇيومانس، "پناڻي! ڳالهائين ڇو نہ ٿي؟ پيروءَ مار ڪئي اٿئي ڇا؟"

"مار ڇو ڪندو؟" مس مس پناڻيءَ چپ چوريا.

"تہ پوءِ ڏيڏريءَ وانگر ڦوڪي ڇو ٻيٺي آهين؟" مون مذاقي نوع ۾ پڇيو.

پناڻي پهرين ٿورو منجهي پر پوءِ چيائين، ءِسائين! وڏيري کي سمجهائي ڇڏيو."

"ڇا سمجهايانس؟" مون عجب مان پڇيو.

پناڻي وري بہ ٿورو هبڪي. پر پوءِ جوش مان چيائين، "مالدار آهي تہ پنهنجي لاءِ آهي. اسين برابر غريب آهيون، پر عزت اسان کي بہ پياري آهي."

هاڻ ڳالهہ ڪجهہ ڪجهہ منهنجي سمجهہ ۾ آئي، پر تڏهن بہ اڻ ڄاڻن جيان پڇيم، "ڇو ڇو؟ ڇا ٿيو آهي پناڻي؟"

پناڻي ڪنڌ جهڪائي غصي ۾ چيو، "خبر ناهي، سائين! هيءُ وڏا ماڻهو اسان غريبن کي سمجهن الائي ڇا ٿا؟ مون کي پنهنجو خاوند آهي. خدا قسم! مان اهڙن وڏيرن کي ٽڪ هٽي بہ نہ پڇان."

پناڻيءَ جو جوش بہ مزيدار هو. مون کان ڪل نڪري ويئي. مون ذرا طعني سان چيو، "پر پناڻي، ان ۾ هن غريب جو ڪهڙو ڏوهہ؟"

”ڇو“؟ پناٽيءَ پڇيو.
مون وراڻيو، ”پناٽي! تون بہ تہ مڏيءَ ڪاٺيءَ سان ڪُــهي رهي آهين. ڪڏهن آئيني ۾ پنهنجي صورت ڏٺي اٿئي؟“
”هون! مان ڪڏ ۾ وجهان آئيني کي، باهہ ڏيان صورت کي.“
پناٽيءَ شوخ ٿي، نهايت وڻندڙ ادا سان بدن کي لوڏي چيو.
پر ان شوخيءَ ۾ مرڪ لڪل هئي. هن آهستي آهستي پنهنجي نرم چپن کي چڪ پائي مرڪ کي روڪي وڌو ۽ پنهنجي چمڪندڙ نيڻن کي ڏاڍي ناز سان ڪٽي جهڪايائين. هوءَ حسين هئي. سارو ڳوٺ مٿس مفتون هو، ان جي ڪيس بہ ڄاڻ هئي. هن کي بہ پنهنجي حسن تي ناز هو. پوءِ پنهنجي ساراهہ ٻڌي هوءَ ڪيئن نہ مرڪي؟
ٻئي ڏينهن پناٽيءَ کي ڏٺم تہ اُها ئي پناٽي هئي - هرڻيءَ جيان چلولي ۽ چنچل. گلاب جي گل کان وڌيڪ موهيندڙ پر اجا هفتو بہ ڪين گذريو، جو هڪ ڏينهن مون هُنَ جي جادوءَ ڀري مرڪ وري اداسيءَ جي چادر ۾ لپيٽيل ڏٺي. ان ڏينهن هوءَ نهايت غمگين هئي. مون وٽ آئي. ڪجهہ ڪڇڻ ٻنان اڌ سير ڪير ڏيئي، پنهنجي بستيءَ ڏي وڃڻ لڳي. مان حيران ٿي ويس. سمجهي نہ سگهيس تہ وري ڪهڙي ٻري آئي هئي هن غريب تي! آخر سڏ ڪيومانس، ”پناٽي! پناٽي! ڳالهہ تہ ٻڌا!“
هوءَ ڪين بيٺي.
لاچار قسم ڏنومانس، ”ترس پناٽي! پيروءَ جو سنهن اٿيئي، بيهہ اِتي!“
هوءَ بيهي رهي، پر مون ڏي منهن نہ ورايائين. نزديڪ وڃي ڏٺم تہ نيڻن مان لڙڪ لڙي رهيا هئس. گنڀير ٿي پڇيومانس، ”ڇو پناٽي! وري وڏيري ڪجهہ چَيئہ ڇا؟“
پناٽيءَ جي ڳوڙهن جو گويا بند ٽٽو. سڏڪا ڀري چيائين، ”سائين! مون کي ڪل ڪانہ هئي تہ ڳوٺ جو ابو بہ ڪو اهڙو ڪميڻو هوندو.“
مون اتاوليءَ مان پڇيو تہ ”ڇو، ڇا ٿيو آهي؟“
پناٽيءَ ڳوڙها اگهي، جوش مان چيو، ”ڪير وڪڻڻ تي وڃان، پنهنجي عزت وڪڻڻ ڪين ٿي وڃان. بدمعاش ڪتي جو! سمجهي الائي ڇا ٿو؟ ڇڻ ڪير ڪين ٿو خريد ڪري، پر مون کي ٿو ملهہ ڳنهي. بي حيا! ايترو بہ نہ ٿو ڄاڻي تہ

چرچي جي بہ آخر حد ٿيندي آهي. ڪليو ڪلايو، سيني جي منهن تي جيڪي ٿو اچيس سو ٿو وڦلي!" ائين چئي، پناڻي وري اچي روئڻ ۾ ڇٽڪي.

مون هن جي پنل نيڻن ۾ نهاريو. ان ڏينهن مون کي معلوم ٿيو تہ پناڻي جيتري حسين ۽ دلڪش هئي، اوتير ئي غيرتمند پڻ. مون چيو، "پناڻي بار آهين ڇا؟ روئين ڇو ٿي؟ بس ڪر! اڄ مان پاڻيهي وڏيري کي منع ڪندس."

"منع ڪريوس يا نہ." پناڻي. ڏکاري آواز ۾ چيو، "مان هاڻ ڪير وڪڻڻ لاءِ ڳوٺ ۾ هرگز نہ ايندي س."

مون مذاقي نوع ۾ چيو، "ائين نہ ڪر پناڻي! تون نہ ايندينءَ، تہ ڳوٺ جي نزاڪت ئي اُڏامي ويندي."

پنهنجي ساراهہ ٻُڌي، هوءَ اڳي جيان مشڪي ڪين. ويتر ناراض ٿي چيائين، "توهين بہ تہ ائين چئو؟"

ان هڪ سٽ ۾ اها تنبيهہ هئي، جو مان چپ ٿي ويس. پناڻي هلي ويئي، پر مان اتي ئي ويٺو رهيس. سوچڻ لڳس: پناڻي غريب پر ڪيڏي نہ شريف آهي، ۽ وڏيرو.....؟ هو تہ وڏو ماڻهو ٿيو. الائي ڇو وڏن ماڻهن کي غريبن جي خوشين سان ڪيڏڻ ۾ مزو ايندو آهي!

منهنجا پير ازخود وڏيري جي اوطاق ڏي وڌڻ لڳا. مان ماستر هوس. ڳوٺ جي سڀني ماڻهن تائين منهنجي هلندي هئي. سڀ منهنجي عزت ڪندا هئا. سوچيم، وڏيري کي سمجهائيندس تہ سمجهي ويندو. پر وڏيرو تہ وڏيرو ئي نڪتو. منهنجي ڳالهہ ٻڌي، ڏند ڪڍي لڳو ٺهہ ٺهہ ڪرڻ. جهڙو حيوان. پوءِ مون ڏي نهاري چوڻ لڳو، "واهہ ماستر صاحب واهہ. زوراور! مون تہ ڪٺي ڇوريءَ سان چرچو ڪيو. هن الائي ڇا سمجهيو؟ پر هونئن بہ اڄ ڪلهہ ڇوريءَ جو دماغ چوٽ چڙهندو ٿو وڃي. پاڻ کي سمجهي الائي ڇا ٿي. اسان جي راڄ ۾ رهي اسان جون ڳالهون ٿي ڪري. ڪمذات ڪٿي جي. پر ماستر صاحب، مون تہ ساڻس چرچو ڪيو، خسيس چرچو. اعتبار نہ اچيوَ تہ جمن کان پڇجو. هو بہ اوڏيءَ مهل هتي ويٺو هو."

مان چپ چاپ موٽي آيس، پر وڏيري جا لفظ منهنجي ڪنن ۾ گونجندا رهيا."واهہ خسيس چرچو."

مان سوچڻ لڳس: هي وڏا ماڻهو بہ ڪهڙا نہ عجيب آهن. غريبن جي عزت

ونڻ بہ هنن لاءِ وندر آهي، خسيس چرچو آهي. سوچيندي سوچيندي مان اچي اسڪول جي پنيان وهندڙ واهہ جي ننڍڙيءَ پل تي وينس، ۽ خبر ناهي ڪيتريءَ دير ويچارن جي وهڪري ۾ وهندو رهيس.

اوچتو سامهون ٻروچن جي بستيءَ مان گوڙ شور جي آواز منهنجي خيالن جو سلسلو ٽوڙي وڌو. دل ڌڙڪڻ لڳي. ڪنهن اپسوڻ جا آثار نظر اچڻ لڳا. ٽڪڙي ٽڪڙي وک ڪندو، اچي پيروءَ جي جهوپڙيءَ پرسان پهتس. اتي ڇا ڏٺم...؟

ٽمڙو ٻري ٻروچن جو ميڙاڪو مڙيل هو ۽ پيرو پناٺيءَ کي وارن کان گهلي، ڪيسي کهاڙيءَ جي ٻگن سان ڪُٽي رهيو هو. مون ڊوڙي سندس ٻانهن جهلي چيو، ”چريو ٿيو آهين ڇا پيرو! هن مسڪين کي ڇو ٿو مارين؟“

”تون وچ ۾ نہ پئُہ ماستر!“ پيروءَ پرون تاڻي ورجايو. ”اڄ مان هن حرامزاديءَ کي سڌو جهنم اماڻيندس. ڪُتي ڪنهن جاءِ جي! ڪُلِيءَ بزار مان چيلهہ لچڪائيندي، اکيون مچڪائيندي تي لنگهي. گري گنجي سان چرچا مسخريون ڪندي وتي. اڄ تہ وڏيري سان....؟“

مون اتاوليءَ مان چيو، ”پيرو! گمراهہ نہ ٿيءُ، پناٺيءَ جو ڪو قصور ڪونهي.“

منهنجي سمجهاڻيءَ اتلو باهہ تي تيل جو ڪم ڪيو. ٻروچڪي رت ۾ ٽهڪو آيو. تاندن جهڙيون لال لال اکيون ڦوٽاڙي پيروءَ رڙ ڪئي، ”هٽي پري ٿيءُ! مون کي سڀ خبر آهي. جمن مون سان سربستي ڳالهہ ڪئي آهي.“ ائين چئي، ٻانهن ڇڏائڻ لاءِ هن زوردار جهٽڪو ڏنو. مان ٿيڙ کائي وڃي پري ڪِريس. ان وچ ۾ پناٺي اُٿي، ڀڄي ڀاڄ ڇٽڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پيروءَ هٿ وڌائي کيس وارن کان پڪڙي ورتو ۽ لاپرواهيءَ سان پنهنجي تيز کهاڙي ڦيرائي هن جي ڳچيءَ تي وهائي ڪڍيائين. ”هيٺ رن جي ڌيءَ! مَرُ اتي!“

ڌانهن ڪري پناٺي پٽ تي ڪري پيئي. هن جي ڪنڌ وٽان خون جو ڦوهارو وهي ڇٽو ۽ زخمي ڪبوتر وانگر ڦٽڪي ڦٽڪي هوءَ اتي ئي پٽجي رهي.

اُهي منڙا منڙا نيڻ هميشہ لاءِ سُمهي پيا. اُهي واسينگ وار خون سان آليءَ مٽيءَ ۾ تر تي ويا. اُها چست ۽ مست جواني منٽن ۾ مرجهائجي ويئي. ويچاريءَ پناٺيءَ پنهنجو چمڪندڙ چهرو خاڪ ۾ ائين لڪائي ڇڏيو، ڄڻ کيس اسان لاءِ نفرت هئي.

(مهراڻ: 2 -1956ع)

---

نجم عباسي

# چوڏو

ڳوٺ جي ويجهو پهچي چڪو هوس. سچ پڇاڙن پنيان غائب ٿي ويو هو. مان ٽڪل ٽٽل، مٽي ٽي ڪتابن جي بُجڪي. ڪانُچ جا ور مٽي ڪنيل. جُـتي ۽ گوڏن تائين جنگهون ڏڏڙ سان ڀريل. گهر جلدي پهچڻ لاءِ تڪڙا تڪڙا قدم ڀريندو ٽـي آيس. اوچتو ياد اچي ويم ته پوڙهيءَ عارب- ماءُ جي شيءِ اڄ ٻـ وسري ويئي آهي. ڏاڏو ارمان ٿيم . ارمان ان ڪري ٿيم ، جو هن وٽان چوڪي خرچي ملٽي هئي.

پوڙهيءَ عارب - ماءُ کي ٻن- ادائي هفتن کان تـِـڙ تپ ٿي آيو. ڳوٺ جي حڪيم کان ٻه- چار دفعا ڦڪيون ورتيون هئائين، پر فرق ڪونه پيو هو. ڪالهه جنهن وقت مان اسڪول ڏانهن وڃڻ لاءِ سنبري رهيو هوس. ان وقت هوءَ آئي ۽ مون کي چيائين ته "پُـٽڙا، منهنجي واسطي پير سائين سباجهي جن جي ڪـَنديءَ جو چوڏو آڻجان، هونءَ ته تپ ڇڏيندم ئي ڪونه!"

پوڙهـي تپ جي ڪري ڳري ڪندا ٽي ويئي هئي. رنـگ پيلو پٽجي ويـو هوس، ۽ اکيون ڏرا ڏيئي ويون هيس. ڳالهائيندي ڳالهائيندي ٻه سهڪي پئي. مون هن سان انجام ڪيو ته ضرور آڻيندس، پر اسڪول کان موٽڻ وقت اها ڳالهه ئي وسري ويم. تنهنڪري اڄ صبح جو وري اچي ڏاڏيـون آزايـون نيـازيون ڪيائين. ۽ لالـچ ٻــ ڏنـائين تــ جي چـوڏو آڻينديـن تــ تمـام گهڻـي خرچي ڏينديسانءِ. هڪ آنو ته اڳوات ئي ڏيئي ڇڏيائين. هيتريءَ تاڪيد جو سبب اهو ٻه هو جو ٻئي ڏينهن پوڙهيءَ جي تپ جو وارو هو. ۽ هن چاهيو ٿي ته چوڏو اڄ ئي ٻانهن ۾ ٻڌي. جيئن سياٽي ان بخار جي بلا کان بچي وڃي.

اسان جي ڳوٺ جا رهاڪو پـير سباجهي جي ڪـَنديءَ جو چوڏو اڪثر ڪري استعمال ڪندا رهندا هئا. هر بيماريءَ جو ان کي هڪ تڪ علاج سمجهيو ويندو هو. جڏهن ڪا دوا اثر نه ڪندي هئي، تڏهن ماڻهو اُن ڪـَنديءَ جو چوڏو ڳاڙهيءَ اڳڙيءَ ۾ ويڙهي، تعويذ وانـگر ٻانهن ۾ ٻڌنـدا هئا. ڪي تـ دوا اصل ڪندا ئي ڪونه هئا. ۽ بيمارتيڻ شرط اهو چوڏو ٻڌندا هئا.

اُن چوڏو جي شفا ملڪان ملڪ مشهور هئي. چوندا هئا تـ ڪيترا ئي لاعلاج مريض ٻــ چوڏي جي ڪرامت سان صحتمند ٿي ويا. ماڻهن جو ان ۾

ڏاڍو ويساهه هو. قصو تہ مشهور ائين آهي تہ هڪ لڳا پير سباجهي ان ڪَنڌيءَ جي وڻ هينان اچي منزل ڪئي هئي، ۽ اتي ئي هڪ انڌيءَ کي ڪرامت سان سَڄو ڪيو هئائين. ان کان پوءِ ئي ان وڻ کي اهو شرف حاصل ٿيو هو. جنهن وقت جي مان ڳالهه ڪري رهيو آهيان، ان وقت ڪَنڌيءَ جي وڻ جي چوڌاري لوڙهو ڏنل هو. ڪي عقيدتمند اچي وڻ هينان بهاري ڏيئي پٽ صفا ڪري ويندا هئا. وڻ جي ٽارين ۽ ڏارن ۾ ڪيترين ئي ڳاڙهي رنگ جون اگڙيون ٻڌل هيون.

پير سباجهي واري ڪَنڌي اسڪول واري ڳوٺ ڏانهن ويندڙ پيچري تي هئي. جيئن تہ مان روزانو ان رستي تان ايندو ويندو هوس، ان ڪري اوڙي پاڙي جا ضرورتمند مون کي چوڏو آنڻ لاءِ چوندا هئا. جڏهن مان سندن اهو ڪم ڪري ايندو هوس، تڏهن هو مون کي ٽڪو- آنو خرچي ڏيندا هئا. ٻئي ڏينهن ٻہ مائيءَ عارب - ماءُ لاءِ چوڏو آڻڻ وسري ويو هوم. هاڻي هن کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندس! هوءَ منهنجي لاءِ اکيون وڇائيو ويٺي هوندي، ڪيترو نہ نااُميد ٿيندي، ۽ مان پاڻ بہ انعام کان محروم رهجي ويندس! هينئر ڪوهہ پنڌ ڪري، پوئتي وڃڻ بہ مون لاءِ مشڪل هو.

مان هڪ هنڌ بيهي رهيو هوس، ۽ دماغ ۾ اهي ئي ڳالهيون پئي آيون ويون. اتي ئي منهنجي ذهن ۾ هڪ نئون خيال اڀريو. ان خيال اچڻ ڪري مون اطمينان جو ساهہ کنيو، ۽ خودبخود مرڪڻ لڳس. پر وري خيال آيم تہ ائين ڪرڻ نيڪ نہ آهي، اهو گناهہ آهي. اُها آنڌ مانڌ ٻہ- چار گهڙيون منهنجي اندر ۾ چالو رهي. سامهون، وک پنڌ تي ئي هڪڙو ڪنڌيءَ جو وڻ موجود هو. مان فيصلو ڪري ان ڏانهن وڌيس. چوطرف نظر ڊوڙايم، مون کي ڪو بہ ڏسڻ وارو ڪونہ هو. منهنجي دل ڌڙڪي رهي هئي، چوڏو پٽيندي منهنجا هٿ ڏڪڻ لڳا.

پوڙهي عارب - ماءُ اسان جي گهر ۾ ويٺي منهنجي واٽ نهاري رهي هئي. مون کي ڏسندي ئي رڙ ڪيائين، "پُٽ، منهنجو ڪم ڪري آئين نہ؟" مون بہ ڪجهہ ڪڇڻ کان سواءِ چوڏو هن جي طرف وڌايو. هن ونئي ان کي چُميو. پائلي ڪڍي منهنجي ترڻيءَ تي رکيائين، ۽ دعائون ڪندي پنهنجي گهر ڏانهن رواني ٿي. پر مون کي هن جون دعائون پٽ جا تير بنجي پئي چُڀيون. مان تہ سڄو حراس ۽ ڊپ ۾ پرچي ويوهوس. خيالي خوف مون کي گهيرو ڪندا ٿي ويا.

پِير سباجهي جي ان ڪَنڌيءَ جي باري ۾ ڪيترين ئي روايتون مشهور هيون. چوندا هئا تہ جن بہ ماڻهن ان وڻ جي بيحرمتي ڪئي هئي، يا ڪاٽڻ لاءِ

سگريون پٽڻ يا ٻڪرين لاءِ ٺاريون ڪپڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، سي يا تہ انڌا ٿي پيا هئا، يا ڳاٽو ڀڄي پيو هئن، يا عضوا سُڪي پيا هئن، يا ٻين مصيبتن ۾ مبتلا ٿيا هئا! ان ڪان سواءِ سندس ٻيون بہ ڪيتريون ئي ڪرامتون ننڍي وڏي جي وات هيون.

مان رواجي ڪَنڊيءَ جي وڻ جي چوڏي کي پِير سباجهي واري ڪنڊيءَ جو چوڏو ڪوني، پڇتائي رهيو هوس، ان ڊپ کان ڪنبي رهيو هوس تہ مون تي ضرور ڪا مصيبت نازل ٿيندي. ان رات مون کي مشڪل سان ٿوري ننڊ آئي. ننڊ ۾ بہ ڊيڄاريندڙ خواب ڏسندو رهيس. صبح جو اسڪول ويندي، جڏهن ان ڪنڊيءَ جي قريب پهتس، تڏهن اهو ٻيڇرو مٿائي، وڪڙ ڪري، ٻئي پاسي کان ويس تہ متان ان جي ويجهو لنگهڻ وقت آفت نہ اچي ڪڙڪي! چار ڏينهن ان ڳڻتيءَ ۾ گذري ويا. مون کي پڪ هئي تہ مصيبت ضرور ايندي. ڪيترائي انديشا پئي اندر ۾ پيدا ٿيا. هڪڙو انديشو تہ اهو بہ هو تہ مان امتحان ۾ ناپاس ٿيندس! ڪلاس جا سبق تہ هونئن بہ پوريءَ طرح ياد ڪونہ ٿيهندا هئم.

هڪ ڏينهن، هلندي هلندي ٿابو اچي ويم. هڪدم خيال پيدا ٿيو تہ اچي ويئي پير سباجهي جي موڪليل آفت، ۽ اجهو ٿو ڪو عضوو ڀڃيم! پر پاڻ جهلي ويس، ۽ ڏنم تہ بيخياليءَ ڪري رستي ۾ پيل پٿر اٽڪڻ ڪري ٿاٻڙجي پيو هوس.

ان وچ ۾ عارب - ماءُ بہ نظر نہ آئي خيال ٿيم تہ شايد منهنجي بي ايمانيءَ ڪري ويچاري وڏيڪ بيمار ٿي پئي آهي، ۽ سزا ڀيئي پوڳي. آخر پنجين ڏينهن ٻهہ پڇايم تہ اڄ پِير سباجهي واريءَ ڪَنڊيءَ مان چوڏو پٽي ايندس، ۽ اهو اچي عارب - ماءُ کي ڏيندس ۽ حقيقت ٻڌائي معافي وٺندس.

اُن ڏينهن صبح جو وجڻ کان اڳ، جڏهن امان مکڻ ۽ ماني ڪارائيندي چئي رهي هئي تہ ٻن- چئن ڏينهن کان تو کي ڇا ٿي ويو آهي جو پوري ماني بہ ڪانہ ٿو کائين، تہ ان وقت مائي عارب - ماءُ بہ اچي اسان جي گهر نڪتي- بلڪل تازي توانِي ۽ تندرست! مون کي ڏسندي ئي چيائين، "پُٽ، شابس هجي توکي! مون ان وقت ئي چوڏو اڳڙيءَ ۾ وجهي، ٻانهن ۾ ٻڌي ڇڏيو. تَپ وري نالو بہ نہ ورتو. صدقي وڃان پير سائين سباجهي جي نانءَ تان!"

مان وائڙو ٿي هن ڏانهن نهارڻ لڳس.

(مهراڻ، 2/3-1964ع)

ع۔ق۔شيخ

# آسرو

ڊسمبر مهيني جون پويون تاريخون هيون. سيءُ بہ چوي اڄ نہ پوان تہ ڪڏهن پوان! صبح کان ئي جهڙالو هو، ۽ ٿڌيءَ هوا جا سوسات پئي پيا. ٻپهري لڙي تہ سيءُ ويتر وڌي ويو. شام جو علي اڪبر اچي گهر تي سڏ ڪيو. ٻاهر نڪتس تہ چيائين، تيار ٿي اچ تہ هوٽل تي هلي چانهہ پيئنداسين. آءٌ تيار ٿي آيس، ۽ ٻيئي ڄڻا ٻاهر نڪتاسين.

ٻاهر رستي تي، ماڻهو ڇڊا پاڊا هئا، باقي ٽانگا البت هليا پئي. اجا اڌ رستي تي پهتاسين تہ پرسان هڪ ماڻهو، ديوانن وانگر رڙيون ڪندو، اڳتي ڊوڙيندو ويو. هن جي شلوار بنهہ ليڙون ليڙون هئي.

هو اڳيرو ٿيو ئي ڪونہ، تہ علي اڪبر چيو: "اهو اٿئي "مَڪُو مست"، جو هر روز شام جو هن مهل، هن رستي تي ائين ئي ڊوڙيندو رهندو آهي!"

"مستن تي ڪهڙي ميار! هنن جي دنيا ئي پنهنجي آهي. نڪا اڄ جي ڳڻتي، نڪو سڀاڻي جو اونو. بس، پنهنجيءَ ۾ ئي پورا آهن." مون چيو.

اسان جي پرسان بہ- ٽانگا نڪ - نڪ ڪندا نڪري ويا، ۽ هُو مڪو مست، دانهون ڪندو، ڊوڙندو، واپس وري رهيو هو. هو بلڪل اسان جي پرسان ڊوڙندو لنگهي ويو. هن جون ٽنگون گوڏن تائين اگهاڙيون، ڏاڙهي ڪنڊريل، ۽ مٿي جا وار بيدولا، ۽ لڙاٽيل هئا. هن جون اکيون ٽانڊن وانگي پئي چمڪيون، هن جي بي معنيٰ رڙين جا ڪي اکر- "ڪٿي آئي! ڪٿي آئي!" ۽ ٻيءَ ڪجهہ ٺهڪ مون ٻڌا. هو ائين ڊوڙيندو ٿي ويو، ڄڻ ڪو بکايل شينهن اچي پنيان پيو هجيس. سندس پير بہ تہ اگهاڙا هئا. مون ڪنڌ ورائي ڪيس جاچيو، تہ هو موٽي رهيو هو.

اسين اڳتي وڌياسين. "ڇا تون هن کي سڃاڻين ٿو؟" مون پنهنجي دوست کان سوال ڪيو، جنهن وراڻيو: "نہ، مون کي هن جي ڪا خبر ڪانهي، باقي شام جو هو هتي هميشہ ڊوڙيندو نظر ايندو آهي. ماڻهو کيس مڪو مست ڪري سڏيندا آهن." ايتري ۾ اسين هوٽل وٽ اچي پهتاسين، ۽ ڪنڊ واري پان بيڙيءَ واري دڪان تي سگريٽن وٺڻ لاءِ ترسياسين. سرد هوا جي لُري پئي لڳي. مڪو مست بہ اتي اچي پريرو بيٺو. هو سهڪي رهيو هو. هن کي ڪو

تمام پراڻو ۽ ڀانهن کان ڦاٽل ڪوٽ پيل هو. هن جي قميص بلڪل ميري ۽ ڦيڙن کان سواءِ هئي، جنهن مان هن جو وارن ڀريو سينو پئي ڏٺو. شايد هو ٽڪجي پيو هو. پان ٻيڙيءَ واري اسان کي سگريٽ ڏنا. ۽ هن کي سڏ ڪري چيو. "مڪو مست، هان. هيءَ سگريٽ وٺ." هن فقط زور سان ڪنڌ لوڏي انڪار ڪيو. هن جو منهن وارن سان ويڙهجي ويو. ٻيڙين واري وري هڪ پان مٿي ڪڻي چيو، "يلا پانُ تہ کاءُ!" هن ٻيهري مڪو مست جوش سان ويجهو ٿيندي. ٻئي ٻانهون کڻي هيٺ اڇلائيندي، رڙ ڪئي، "نہ کپي! نہ کپي!" هن پنهنجي مُنهن تان وار پري ڪيا. هن جو سڄو منهن پگهريل هو. هو يڪ ٽڪ پان واري ڏانهن گهورڻ لڳو. هن جون اکيون ڄڻ ڇڻڪن وانگر ڏکي رهيون هيون. هو اجا ٿورو اڳتي، پان واري ڏانهن وڌيو. ۽ مون سمجهيو تہ بس، هاڻي خير ڪونهي. پان واري ٻيئي هٿ ٻڌندي چيو، "مڪو بابا. معاف ڪريو! مڪو بابا معاف ڪريو!" اهي لفظ ٻڌي، مڪو مست هڪ وڏو ۽ ٻيانڪ ٽهڪ ڏنو. خبر نہ آهي تہ هن جي جسم مان يا هن جي وات مان، هڪ بدبوءِ جو اُبارو آيو. هو زمين تي دڙها هڻي، خوفناڪ نموني، ٽڪڙو ٽڪڙو، "ٻلي ٻچا ڪڻي آئي! ٻلي ٻچا ڪڻي آئي!" چوندو، ڪوڪرا ڪندو، رستي تي ڊوڙندو هليو ويو.

علي اڪبر پان واري کان پڇيو. "ڀائو، هن مست کي سڃاڻين؟"

"هائو سائين، هتي جو هرڪو ماڻهو هن کي سڃاڻي. مون کي هن دڪان تي پورا پنج سال گذري ويا آهن، هو هر روز هن رستي تي ۽ هن ئي وقت ڪلاڪ ڏيڍ تائين پيو ڊوڙندو ۽ ڪوڪاريندو آهي. بس سائين، مست آهي، چريو. پر آزاري ڪنهن کي ڪونہ. هونئن تہ هن کي جيڪي ملندو آهي وٺندو آهي، پر هن مهل ڪنهن کان ڪجهہ ڪونہ وٺي. اڄ آزمايومانس. خدا الائي جي کهڙين ڳالهين ۾ راضي آهي. درويش آهي. درويش!"

"ادا، هي ڪٿي رهندو آهي، ۽ ڪيئن چريو ٿيو؟" پان واري کان وري مون ٻيو سوال ڪيو. پان واري ٿڌو ساهہ ڀريندي چيو، "سائين، اها خبر مون کي بہ ڪانهي تہ ڪيئن چريو ٿيو. شل انسان جي ڪل نہ ٿڙڪي. سامهون بلڊنگ ڏسو ٿا نہ، هيءَ بہ انهيءَ ۾ رهندو آهي.."

مست وري موٽي رهيو هو. ۽ اسين هوٽل ۾ وڃي هڪڙي پاسي واريءَ ڪئبن ۾ ويهي رهياسين. هوٽل ۾ اندر فرحت لڳي پيئي هئي، پر آءٌ سوچڻ

لڳس، ”مڪومست! خبر نہ آهي تہ هو ڪير آهي؟ هن جا بہ ڪي مٽ مائٽ هوندا. هو ڇو چريو ٿيو؟ ڇا هن جو علاج نہ ٿو ٿي سگهي؟ هيءُ بہ انسان آهي.... ڇا هيءَ بہ ڪا زندگي آهي!“

ٻيري ميز تي چانهہ اچي رکي. منهنجي دوست ڪٽليءَ ۾ کنڊ جو چمچو وجهي، ڊڪ ڏنو. اسان کان ٿورو پريرو هڪ ڪرڙوڊ شخص ڏسڻ ۾ آيو. هن جي اڳيان چانهہ جو ڪوپ رکيو هو. هن بار بار علي اڪبر ڏانهن پئي ڏنو. ”هو همراهہ تو ڏانهن هر هر پيو ڏسي،“ مون آهستي آهستي پنهنجي دوست کي ٻڌايو. علي اڪبر هن ڏي ڏسندي ئي خوشيءَ مان چيو. ”چاچا حامد علي، هيڏانهن اچو نہ!“ ۽ هو ڪوپ کڻي اچي اسان سان گڏ وينو.

علي اڪبر تعارف ڪرائيندي چيو. ”هي آءُ آهي چاچو حامد علي. هن ئي پاڙي جو ۽ هتي جو رهاڪو آهي.“ مون مشڪندي ساڻس هٿ ملايو. چاچو حامد علي، علي اڪبر کان خبرون چارون وٺڻ لڳو. مون پاسي واريءَ دريءَ کان ٻاهر نهاريو. مڪومست اجا تائين ڊوڙي رهيو هو. ايتري ۾ چاچي حامد عليءَ مون ڏانهن نهاريندي چيو، ”ڪوئيٽا جي لهر آئي آهي. پر اوهين ڪهڙيءَ نيپيءَ ۾ پئجي ويا آهيو؟ ماڳهين ڪٿي مات ڪئي اٿوَ!“ مون چيو، ”چاچا، اوهان ٻنهي پئي پنهنجون ڳالهيون ڪيون، تنهنڪري گستاخي نہ ڪيم.“ منهنجو جواب ٻڌي، چاچي حامد عليءَ هڪ هلڪڙو ٽهڪ ڏنو. ايتري ۾ ٻاهران رڙيون ٿيون، ۽ هو مڪومست رستي تان ڊوڙندو پئي ويو. علي اڪبر افسوس سان چيو: ”ويچارو مڪومست!“ مون چيو ”شل نہ انسان ويچارو ٿئي!“ چاچي ڳنڀير ٿيندي چيو، ”ڪنهن جو دشمن بہ شل نہ ويچارو ٿئي! جيڪي هن مست تي ٿي گذريو آهي، سو جيڪڏهن ڪنهن سياڻي سان ٿئي ها تہ ان جو حال هن کان بہ بدتر هجي هان“ائين چئي، هو خاموش ٿي ويو. ”چاچا،“ علي اڪبر چيو، ”پر هن مست جي اوهان کي تہ سچي خبر هوندي؟ اوهين تہ هن محلي ۾ ئي رهو ٿا. هي ڪيئن چريو ٿيو؟“ مون بہ بيتاب ٿي پڇيو.

چاچو حامد علي سگريٽ دکائي، هڪ ڊگهو سوٽو هڻي چوڻ لڳو: ”آءُ هن مست کي سُڃاڻان.هن جو نالو ”مڪو“ نہ. پر ”مقبول مستري“آهي. هونئن تہ هر ڪنهن انسان جي زندگيءَ ۾ لاهيون چاڙهيون آيون آهن، پر مقبول رڳو ڏک ڏٺا آهن. هوچئن سالن جو هو تہ سندس ماءُ مري ويئي. ڏهن سالن جو ٿيو تہ

پٽس بہ مري ويو. پٽس جو هٽ بازار ۾ لوهہ جو دڪان هو. هو هڪ سيٺ هو. پر ان جي مرڻ کان پوءِ مقبول جا چاچا ۽ ماما ملڪيت مٿان اکيون پوري، ڳجهن وانگر ڪري پيا. ويچارو مائٽن هوندي بہ ڇورو ڇنو ٿي پيو. ڪيس ڪنهن بہ نہ سنڀاليو. نيٺ پاڙي جي دين محمد مستريءَ کي خيال ٿيو. تنهن ڪيس پنهنجي گهر ۾ رهايو ۽ پنهنجي ڪارخاني تي ملازم ڪري رکيو....“

”پوءِ ڇا ٿيو؟“ علي اڪبر چيو.

چاچي پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي ٻڌايو: ”ماڻهو چون ٿا تہ مقبول مستريءَ رستي تي پنهنجي ملڪيت پوري هُئي. اها ڪير چورائي ويو. ڪي چون ٿا تہ هن کي ڪچي قلعي مان لڳت جو حساب ٿيو آهي. وري ڪن جو چوڻ آهي تہ هن کي ڪنهن پهتل شخص امانت ڏني آهي. پر مون کي ذاتي خبر آهي تہ هن رستي ۾ پنهنجي دولت ڪانہ پوري هئي. نڪو وري هن کي ڪنهن جو واسو آهي، ۽ نہ وري ڪنهن هن کي امانت ئي ڏني آهي. هائو. ڪي ٻي اهي ڳالهيون بہ ڪندا آهن تہ هن وٽ ڪيميا جو نسخو آهي. ۽ هيءَ رڳو باهريون بيک ڪريو پيو ماڻهن کي پنيلائي. پر اهي سڀ ڪوڙيون ۽ غلط ڳالهيون آهن....“

”تہ پوءِ اصل ڳالهہ ڪهڙي آهي؟. مون پڇيو.

چاچي حامد علي بيڙي دکائيندي چيو: ”دين محمد مستري شاهہ ڪاريگر هو. هن مقبول کي هر طرح جي مشينريءَ جو ڪم سيکاريو. مقبول اهڙو تہ ايماندار ۽ سعادت مند ثابت ٿيو جو دين محمد پنهنجي ڌيءُ کٽي پرڻايس. پوءِ تہ هيءُ جوان نالو ڪڍي آسمان تي چڙهي ويو. هن اسان جي گهر جي سامهون بلڊنگ ۾ هڪ جاءِ مسواڙ تي ورتي ۽ زال سان اُتي جدا رهڻ لڳو- ”اسان تنهي سگريٽ دکايا ۽ وري چانهہ جو آرڊر ڏنوسين. تہ چاچا حامد عليءَ وري ڳالهہ ڪنئي: ”مقبول جي شاديءَ کي ٻہ- ٽي سال گذري ويا، پر ڪيس اولاد ڪونہ ٿيو. هن جي زال هڪ ننڍي اڇي ٻلي پالي هئي. ٻلي وڏي ٿي ۽ ٻچا ڪيا. تہ مقبول کي بہ هڪ سهڻو پٽ ڄائو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ. هڪ شام جو.انهيءَ بلڊنگ کي اچي باهہ لڳي. باهہ لڳي، جو بجليءَ جون تارون هيون پراڻيون ۽ خراب. مالڪ خرچ جي بچاءَ کان مڙيئي ٽيڪر سيڪڙ ڪريو پيو ڪم هلائيندو هو. پر نيٺ انهيءَ ڏينهن اوچتو باهہ لڳي پئي. خبر تڏهن پيئي، جڏهن باهہ سڄي

بلڊنگ کي وڪوڙي ويئي. فائربرگيڊ جون سيئي لاريون باهه وسائڻ لاءِ آيون، پر انهن پهريائين مالڪ جي رهڻ واري پاسي کان باهه وسائڻ شروع ڪئي—" ايتري ۾ بيرو چانهه کڻي آيو، ۽ اسين گرم گرم چانهه ناهي پيئڻ لڳاسين، علي اڪبر چيو. "هائو چاچا باهه لڳي، پوءِ؟" چاچي حامد عليءَ چيو: " اُها باهه تہ نہ هئي! ان جا شعلا آسمان تائين تي ويا. هزارن جو سامان رک ۽ چار تي ويو. انهيءَ رات، قيامت زمين تي هيٺ لهي آئي هئي. رڳو مالڪ جي رهڻ واري جاءِ بچي، باقي واويلا پئجي ويئي. هر ڪنهن کي پنهنجي سِر سان لڳل هئي. بلڊنگ جو هرڪو رهاڪو حيران ۽ پريشان هو. مقبول مستريءَ پنهنجي زال ۽ پٽ کي بچائڻ لاءِ هزارين حيلا هلايا. هن جي زال ۽ پٽ جڏهن ٻاهر ڪڍي آندا ويا، تہ اُهي ٻيئي ڄڻا هن جي سامهون ئي لڇي لڇي مري ويا. عين انهيءَ وقت، مقبول جي پرسان اُها سندس زال واري پاليل ٻلي، خبر نہ آهي تہ ڪيئن ۽ ڪٿان، پنهنجن ٻلونگڙن سميت، اچي "مياٺو مياٺو" ڪري هن جي پيرن ۾ پيئي. مقبول مستريءَ، ٻليءَ کي ڏسي وني چرين وانگر رڙيون ڪيون، ۽ ڊوڙندي ڊوڙندي چوڻ لڳو: "ٻلي ٻچا کڻي آئي! ٻلي ٻچا کڻي آئي!" ۽ پوءِ، چرين وانگر ڊوڙي ڊوڙي، موريا تي ڪري پيو. انهيءَ حادثي کي پورا پندرنهن سال ٿي چڪا آهن، پر مقبول مستري، اِهو مَڪو مست، اڄا بہ هر روز شام جو باهہ لڳڻ وقت ڦتڪندو، رڙيون ڪندو ۽ پيو ڊوڙندو آهي.

(مهراڻ، 1-1964ع)

---

## مقبول صديقي

# ڪونج

ايئرپورٽ تي پهتس تہ پورا نوَ ٿيا هئا. خبر پئي تہ هوائي جهاز ڏهين بجي پهچندو. مون کي پورو هڪ ڪلاڪ انتظار ۾ گذارڻو هو. وقت ڪاٽڻ لاءِ وڃي ريسٽورنٽ ۾ ويٺس. ان هوائي جهاز ۾ منهنجو جگري دوست، اصغر، لنڊن کان واپس اچي رهيو هو. هو ٻن سالن جي عرصي کان پوءِ اتان قانون جي اعليٰ ڊگري حاصل ڪري واپس اچي رهيو هو، ۽ مان اڪيلو شخص هوس جو سندس استقبال لاءِ اچي ايئرپورٽ تي پهتو هوس. ٻيو هو بہ ڪير، جو سندس استقبال لاءِ اچي. اجان هن دنيا ۾ قدم ئي مس رکيائين تہ سندس پيءُ جي زندگيءَ جو ڏيئو گل ٿي ويو. مرحوم خدا جو ڏنو گهڻو ئي ڇڏي ويو هو، تنهنڪري اصغر ۽ سندس والده کي ڏکيا ڏينهن ڪونہ ڏسڻا پيا. اصغر جي اها بہ خوش نصيبي چئبي جو اهڙيءَ ماءُ جي گود ۾ اکيون کوليون هئائين، جنهن پنهنجي سرتاج وڃائڻ کانپوءِ اولاد کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهيو. هوءَ پنهنجي جواني وساري، پنهنجي اڪيلي ۽ لاڏلي پٽ جي جوانيءَ جا خواب ڏسندي رهي. اهي خواب ئي سندس ڪائنات هئا، جنهن ۾ هوءَ هر ساعت، هر گهڙيءَ محو رهي. پر انهن خوابن بہ بقا نہ ڏيکاري، ۽ هوءَ پنهنجو ٻارهن سالن جو اصغر هن دنيا ۾ تنها ۽ اڪيلو ڇڏي، ان دنيا ڏانهن رواني ٿي وئي، جتي ڪو بہ نٿو ڏسي، جتي حقيقت کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي.

ماءُ جي انتقال کان پوءِ اصغر جا لاتعداد مٽ مائٽ پيدا ٿي ويا. هڪ مٿان ٻيو وارد ٿيڻ لڳو. هر هڪ جي هيءَ دعوا تہ هو ئي اصغر جو وارث ۽ سنڀاليندڙ بڻجي سگهي ٿو. اهي مائٽ ننڍڙي اصغر کي ائين چنبڙي ويا، جيئن مصريءَ کي ماڪوڙا. اصغر ٻار هو، منجهي پيو تہ ڇا ڪري ۽ ڇا نہ ڪري پلو ٿئي سندس استاد عبدالله جو، جنهن دوانديشيءَ کان ڪم وٺي سندس رهنمائي ڪئي، ۽ کيس سڌيءَ راهہ تي هلڻ سيکاريو.

اصغر کي پڙهڻ سان ڏاڍو شوق هو. ائين ڪٿي چئجي تہ پڙهڻ کان سواءِ کيس ٻي ڪنهن ڳالهہ جو شوق نہ هو. هر وقت پڙهندو رهندو هو. اهو ئي سبب هو جو جڏهن هر سال امتحان ۾ هو اول نمبر ايندو هو، تہ اسان کي ان تي ڪو بہ تعجب نہ ٿيندو هو.

اسڪول ۾ ان کان پوءِ ڪاليج جي زندگيءَ ۾ شروع کان اسين هڪ ٻئي جا ساٿي رهياسين. مون کي اصغر جي دوستيءَ تي ناز هو، ڇو ته هو سڀني کان وڌيڪ هوشيار ۽ ذهين شاگرد هو. جڏهن مان اصغر سان سائنس پنهنجي دوستيءَ تي فخر جو اظهار ڪندو هوس، ته هو به ورنديءَ ۾ اهڙو اظهار ڪندو هو.

اوچتو ايئرپورٽ جي عمارت ۾ جابجا لڳل لائوڊ اسپيڪرن ڳالهائڻ شروع ڪيو. منهنجو هٿ چانهه جو ڪوپ کڻندي رڪجي ويو. ڪن لائي ٻڌم. لائوڊ اسپيڪرن اعلان ڪيو ته اهو هوائي جهاز ڏهين بجي پهچندو. مون واچ ڏٺي، اجا سوا نوَ ٿيا هئا. ڪوپ کڻي هڪ سرڪي پريم، پوءِ سگريٽ دکائي، وري اصغر جي ياد ۾ گم ٿي ويس. اهو اصغر، جو هر وقت مسڪرائيندو رهندو هو. معمولي لطيفو به ٻڌندو هو ته کلي کلي کيرو ٿي پوندو هو. هو مون کان به ايتري ئي کلڻ جي توقع رکندو هو. ۽ جيڪڏهن ڪنهن وقت مان سندس اها توقع پوري ڪرڻ ۾ ناڪام رهندو هوس ته هڪ گهڙي سوچڻ کان پوءِ نئين سر ٽهڪ ڏيڻ شروع ڪندو هو. وڏا وڏا ٽهڪ. شايد اها ڪل منهنجي پاران هوندي هئي! سندس کلڻ به کهڙو نه وڻندڙ هوندو هو. جڏهن ٽهڪ ڏيندو هو ته مون کي اهو محسوس ٿيندو هو، ڄڻ دماغ ۾ جلترنگ وڄي رهيا هجن.

مون کي اها ويل به ياد آئي، جڏهن اصغر قانون جي ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ "بارائٽ لا" ڪرڻ لاءِ انگلينڊ جو سانباهو ڪيو. ان وقت به مان اڪيلو ئي کيس ايئرپورٽ تي رخصت ڪرڻ آيو هوس. مون کي ياد آهي ته اسان ٻنهي هن ساڳئي ريسٽورنٽ ۾ ويهي ڪافي پيتي هئي. ان وقت اصغر ڏکويل پئي ڏٺو. سندس منهن مان مايوسي بکي رهي هئي. سندس جدائي منهنجيءَ دل کي به ڏکوئي رهي هئي، پر مون پنهنجو اهو ڏک ظاهر نه ڪيو هو. مان اصغر سان کل ڀرچا ڪري، وقت ٽاري رهيو هوس. مون کي ياد آيو ته ان وقت مون اصغر کي کلندي چيو هو:"يار، تون ڇا به چئين، پر مون کي پڪ آهي ته تون پاڻ سان ضرور ڪا ولائتي گُڏي وني ايندين - پوري رنگ ۽ سونهري وارن واري گُڏي!"

"بيوقوفيءَ جون ڳالهيون ڇڏ" اصغر ٿورو چڙندي وراڻيو هو.

"مون کي پڪ آهي. پر ائين نه سمجهه ته ڪو مان ولائتي گُڏيءَ آڻڻ تي ناراض ٿي ويندس. بس، فقط اُها خوبصورت هئڻ گهرجي، جهڙو تون پاڻ آهين. مون کي ڪونج جهڙي ياچائي کپي، ٻڌي ڇڏ!" - ۽ جواب ۾ اصغر وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳو هو.

اصغر ولايت روانو ٿي ويو. واعدي مطابق، مون کي هن وٽان هر هفتي خط پهچندو رهيو. ڪڏهن ڪڏهن ته هفتي ۾ ٻه - ٻه، ٽي - ٽي خط به ملندا رهيا. ولايت پهچڻ کان اٽڪل ڇهه مهينا پوءِ اصغر پنهنجي هڪ خط ۾ لکيو: "توکي ڪونج وڻندي آهي، مون کي به وڻندي آهي. اهڙي ئي هڪ ڪونج مون کي هتي ملي ويئي آهي! ملي ته آهي، پر سوچيان ٿو ته ان کي تنهنجي ڀاڄائي به بڻائي سگهندس يا نه... دعا ڪر ته منهنجي خواهش پوري ٿئي!"

مون جڏهن اصغر کي ان ڪونج جي باري ۾ تفصيل سان ٻڌائڻ جو چيو، ته لکيائين: "هيءَ ولايتي ڳـُـڏي نه آهي - اسان جي ئي وطن جي آهي. نالو اٿس... نالو ڪو خاص سنو نه اٿس. بهتر آهي ته اسين ان کي "ڪونج" ئي سڏيون. تمام وڏي گهراڻي جي ڇوڪري آهي، هتي ڊاڪٽري پيئي پڙهي."

ٿوري عرصي بعد اصغر لکيو:

"اسان جا تعلقات تمام گهرا ٿي ويا آهن. ڪليل نموني ۾ ته نه، پر اشارن ئي اشارن ۾ عهد - پيمان به ٿي ويا آهن. "ڪونج" هاڻي منهنجي زندگي بنجي چڪي آهي. توکي هن جو فوٽو ضرور موڪليان ها، پر ڪانئس گهرڻ نه ٿو پڇي. ملي ويو ته ضرور موڪلي ڏيندوسانءِ"

ڇهه مهينا ٻيا به گذري ويا. اصغر وٽان خط بدستور پهچي رهيا هئا. هر خط ۾ "ڪونج" جو ئي ذڪر هوندو هو. هڪ خط ۾ اصغر لکيو: "ڪونج" امتحان ۾ ڪامياب ٿي آهي، ۽ هوءَ جلد ئي اتان واپس وطن رواني ٿيندي. هفتي کان پوءِ ٻئي خط ذريعي معلوم ٿيو ته هوءَ اتان واپس وطن رواني ٿي ويئي آهي. مون کي "ڪونج" سان ملڻ جو بيحد اشتياق هو. اصغر ان جو فوٽو به ڪونه موڪليو هو. سو، مون اصغر کي "ڪونج" جي پتي لکي موڪلڻ لاءِ چيو ته جيئن ان کي ڏسي سگهان. پر اصغر لکيو ته هو خود اچي مون کي ڏيکاريندو. شايد، ڪيس ڊپ هو ته مان ڪٿي "ڪونج" کي نظري نه وجهان! مان به هاڻ تي پٿر رکي خاموش ٿي ويس.

هاڻي اصغر کي واپس ٿيڻ ۾ باقي ٽي مهينا وڃي رهيا هئا. هن ٻڌايو ته "ڪونج" سان سندس خط - ڪتابت ڪجهه عرصو ته باقاعدي جاري رهي. پر پوءِ خبر نه آهي ته ڇو هن سندس خطن جا جواب ڏيڻ بند ڪري ڇڏيا. "ڪونج" جي ان لاپرواهيءَ اصغر کي سخت صدمو رسايو. ان صدمي جي سـڪ کي منهنجي دل به محسوس ڪيو. پر مان ڪري به ڇا ٿي سگهيس؟ اهو سڀ

ڪجهہ هوندي بہ، اصغر مايوس نہ هو. ڪيس يقين هو تہ "ڪونج" پنهنجي واعدي تي پوري رهندي، هوءَ سندس منتظر رهندي.

ايئرپورٽ جا لائوڊ اسپيڪر وري گونجڻ لڳا. هوائي جهاز پهچڻ ۾ باقي پنج منٽ هئا. مان بِل ادا ڪري اٿيس، ۽ ايئرپورٽ جي ڪليل ميدان اڳيان پويلئن ۾ وڃي ويٺس.

جهاز مان مسافرن لهڻ شروع ڪيو، ۽ منهنجيون اکيون هر مسافر جي چهري ۾ اصغر کي تلاش ڪرڻ لڳيون. ڪجهہ ساعتن کان پوءِ، اصغر منهنجي پاڪر ۾ هو. گلي ملڻ کان پوءِ مون اصغر کي ڏٺو، پر اصغر جون اکيون ڪنهن ٻيءَ شيءِ کي ڳولي رهيون هيون. ائين محسوس ٿيو، ڄڻ سندس وساٽل اکيون ڪنهن روشنيءَ جي ڳولا ۾ هيون. مون کي تعجب ٿيو، پر ڪانئس ڪونہ پڇيم تہ ڪيس ڪنهن جي تلاش آهي. اوچتو سندس اکين ۾ روشني پيدا ٿي ويئي. ڳلن جي متاڃري تي خون سيمو ڪري آيس. هو سامهون ڏسي رهيو هو. مون ڏٺو، سامهون ڪجهہ مفاصلي تي هڪ خوبصورت ڇوڪري ساڙهيءَ ۾ ملبوس نظر آئي. قد ڊگهو، رنگ ڳورو، سندس وار هوا ۾ اڏامي رهيا هئا. ساڻس هڪ گڏ نوجوان بہ بيٺل هو، جنهن سان گڏ هوءَ ڳالهائڻ ۾ مصروف هئي. اصغر ڇوڪريءَ کي اجا تائين گهوري رهيو هو.

"ڪير آهي؟" مون پڇيو.

"ڪونج!" اصغر پنهنجيءَ مسڪراهٽ کي وڌيڪ جواني بخشيندي چيو.

"اڇا!"

"هون! مون کيس پنهنجي واپسيءَ جو اطلاع ڏنو هو. منهنجو استقبال ڪرڻ آئي آهي!"

"پوءِ تو مون کي تہ ٻڌايو ئي ڪونہ هو!"

"ضرورت ڪهڙي هئي" هاڻي ڇڳيءَ طرح ڏسينس. نظر نہ هٽجانئس!"

"پر هن تہ توکي اجا تائين ڪونہ ڏٺو آهي. خبر نہ آهي، ڪنهن سان بيني ڳالهائي."

"خبر ناهي، شايد ياءُ هجيس. هن ٻڌايو هو تہ سندس هڪ وڏو ياءُ بہ آهي. اهو بہ ڊاڪٽر آهي. هل تہ هلون. هل -"

ڪونج اصغر کي ڏٺو تہ هڪي ٻڪي ٿي ويئي. منهن جو پنو لهي ويس. سندس اها حالت ڏسي، اصغر ساڻس منهنجو تعارف ڪرايو. "ڪونج"

مسڪراهٽ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي، مون سان هٿ ملايو - ڦڪي ۽ بي رنگ مسڪراهٽ. ساعت لاءِ خاموش رهي، آخر "ڪونج" زبان کولي. هن پاڻ سان گڏ بيٺل نوجوان ڏانهن اشارو ڪندي چيو: "هن سان ملو... منهنجو شوهر، ڊاڪٽر ياسين! اسان جي تازو شادي ٿي آهي. اسين "هني مون" لاءِ سئٽزرلئنڊ وڃي رهيا آهيون. هڪ مهيني ڪان پوءِ واپس ٿينداسين... چڱو، اصغر، توسان وري ملي بيحد خوشي ٿي... ۽ توهان سان بہ. چڱو، اسان جو هوائي جهاز پهچي ويو آهي، زندگي رهي تہ وري ملنداسين."

ڪونج ۽ سندس مڙس، اسان سان هٿ ملائي، روانا ٿي - ويا، پر اسان جي قدمن جي اڳتي وڌڻ جي قوت بہ ڄڻ ڪسي ڪٽي ويا. گهڙيءَ ڪن لاءِ اسين بيٺي اتي ئي ساڪت ٿيا بيٺا رهياسين. منهنجو ڪنڌ هيٺ هو. اها همت نہ ٿي ٿئي تہ اصغر ڪي ڏسان. نيٺ، دل جهلي، اصغر جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتم، ۽ ان ڪي ڇڪي اڳتي وڌڻ لڳس. بلڪل خاموشيءَ سان. ايئرپورٽ جي عمارت مان ٻاهر نڪري، اصغر، ڪار - پارڪ ۾ بيٺل سيني ڪان پهرينءَ ڪار جو دروازو کولي ان ۾ اندر گهڙڻ لڳو. هو بي خياليءَ جي عالم ۾ هو. مون زور سان چيو، "هي ڇا پيو ڪرين؟ هيءَ ڪار پنهنجي نہ آهي!"

"هون! تہ تنهنجي ڪار ڪهڙي آهي؟" هو ڄڻ ننڊ مان سجاڳ ٿيو هو.

"مون پنهنجي ڪار نہ آندي آهي. ٽيڪسيءَ ۾ تا هلون."

مون هڪ ٽيڪسيءَ کي اشارو ڪندي چيو.

"ڇو؟ ڇو ڪونہ آندءِ؟"

"بيڪار ٿي ويئي آهي، صفا ڪٽارو. هر وقت خطرو هوندو آهي تہ ڪٿي دوکو نہ ڏئي."

"اُها ساڳئي ڪار اٿئي نہ؟ اُها..."

"ها ها، اُها ساڳئي آهي - "ڪونج"!"

اصغر هڪ گهڙيءَ لاءِ مون کي گهوريو، ۽ پوءِ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳو. بي پايان ۽ مسلسل ٽهڪ. هو ايترو تہ کليو، جو سندس اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. مون کيس کلڻ کان نہ روڪيو، ۽ سامان ٽئڪسيءَ ۾ رکائڻ لڳس.

(مهراڻ، 2/3 - 1964ع)

---

## ٻلرام وڪل

# حسرت

سئنيما جي تصويرن جيان مُنهن جي بدلجندڙ رنگن مان اهو ثابت هو تہ سندس من ويچارن جي وچ سير ۾ غوطا کائي رهيو آهي. اکين جي شوخي ۽ ساڄي ڳل جي وڄين حصي واري ڳاڙهاڻ اهو صاف صاف ٿي ٻڌايو تہ سندس من ۾ ڀيانڪ طوفان اٿي رهيو آهي ۽ هو اُن ئي حالت ۾ ماءُ ڏانهن ويو. شوخ پر روئڻهارڪي آواز ۾ چيائينس، ”خرچي ڏين ٿي يا نہ؟“

”وڃ، مٺا! مر وڃين! اڄا ڪلاڪ بہ نہ ٿيو اهي جو آنڪ وٺي ويو آهين، وري خرچيءَ جي لوچ لڳي اٿيئي!“ ماڻس ڪاوڙ وچان چيو.

”نہ، نہ، مون کي ڏي... مان بہ ڳاڙهين تيلين وارو ماچيس وٺندس.“ ماڻس کي تهائين خار اچي ويئي. زوردار چماٽ جَڙي، ٻيو ڳل بہ ڳاڙهو ڪري ڇڏيائينس.... رڙ ڪري چيائين، ”مٺو، نناڻو! ڳاڙهين تيلين وارو ماچيس وٺندو! ٿر هتان.“

راڄن اکين ۾ ڳوڙها ڀري، روئندو ٻاهر نڪري آيو. اکين کي پنهنجن ننڍڙن هٿن جي ننڍڙين مٺين سان مهٽيندو، گهر واري دڪي تي اچي ويهي رهيو. ايتري ۾، ڀري ڪان، سندس ننڍي ڀيڻ ڪمو زور زور سان سندس نالو کڻي، سڏيندي آئي. قريب اچڻ تي ڏنائين تہ سندس ڀاءُ روئي رهيو هو. ڀاءُ کي روئندو ڏسي، ويچاري ڪمو بہ مايوس ٿي ويئي. پڇيائين، ”ڇو ڀائو، روئين ڇو پيو؟“

راڄن خاموش رهيو.

”ٻڌاءِ نہ ڀائو!“ پيار ۽ التجا ڀرئي آواز ۾ ڪمو چيو.

راڄن وري بہ خاموش رهيو.

سندس من جي ڳالهہ تاڙيندي، ڪمو چيو، ”امان خرچي نہ ڏني اٿيئي؟“

راڄن اڃا بہ خاموش رهيو.

ڪموءَ هڪ ننڍڙو ٽپو ڏيندي، چيو تہ ”پوءِ ڇا ٿي پيو! روئبو آهي؟ روئڻ ڪنن جو ڪم آهي، ڀائو! ان ڏينهن بابا بہ چيو هو.“ ٿورو ترسي، چيائين، ”ڇگو، هاڻ اکيون ٻوٽ، تہ هڪڙي شيءَ ڏيکاريانءِ.“

"اکيون بوٽ، پوءِ ڏسندين!"

راجن پيڻ جو چوڻ مڃي، اکيون کٽي بوٽيون. ڪمو به پنهنجن اٽين ۽ سڪل وارن جي ڪليل ڇڳن کي منهن تان هٽائيندي، ميري گهگهريءَ جي نيڙي کيسي مان ڪجهه ڪڍيو. ۽ هٿ جي ترريءَ تي ڪليل رکي، چيائي، "هاڻي کول". راجن اکيون کوليون.... ڏٺائين... ۽ جيڪي ڪجهه ڏٺائين، ان سندس ڳلن تي لڳل چماٽن جي ايذاءَ کي، تيل ڳاڙهاڻ کي ميٺائي ڇڏيو. من جي بغاوت ۽ اکين جي شوخيءَ کي ڪن ۾ ڪلاٽي ڇڏيو. هن ترريءَ تي رکيل شيءِ تي يڪدم جهپٽو هنيو. ليڪن هوڏانهن ڪمو به ڪانه بيٺي هئي. هڪدم مٺي بند ڪري ڇڏيائين. راجن ويچاري جي اهڙي حالت تي، جيئن ڪنهن اجايل کي پاڻي ڏيئي کسي ونجي. پر اهو ته پاپين جو ڪم آهي. ڪمو ته راجن جي پيڻ هئي. سو وري به خشڪ چپن تي مرڪ آڻيندي، چيائين، "ايترو لوڀ! توبهه!... اڌ، اڌ." راجن لڄي ٿيندي وراڻيو، "ڇڱو، اڌ، اڌ."

"هل ته خرچي اچون!"

ائين چئي ڪمو راجن کي اٿاري، ٻانهن کان ڇڪيندي، دوڪان طرف هلڻ لڳي. رستي ۾ ڪمو پڇيو، "ڇا ونون، ٻائو؟"

"مان ته ڳاڙهين تيلين وارو ماچيس وٺندس... پر تو هيءَ آندي ڪٿان!"

پوءِ سوال پاڻ ڪنهن جي ياد اچڻ سان ياد پيو هجيس.

"ان ۾ تنهنجو ڇا؟"

"نه ته مان نه هلندس."

"چوري ڪانه ڪئي اٿم، جو ڊڄين ٿو!"

"پوءِ ٻڌائين ڇو نه ٿي؟"

"ٻڌندين؟" ڪمو مشڪندي سوال ڪيو.

راجن به ٻئي چپ زور سان ملائيندي چُـي، "ها! ٻڌندس."

هينئر مان رمو ماءُ جو مربو ونڻ ويئي هيس نه. سو جڏهن ان مربي واري جي دوڪان تي ويس، ڏٺم ته اهو دڪان ئي بند پيو هو. مان موٽي آيس. بزار ۾ هڪ منهاري جي دڪان تي سڳيون ٽنگيون پيون هيون. هڪ سڳي مون کي ڏاڍي وڻي، ٻائو! سڙڪ جي پاسي کان هلندي هلندي، منهن ورائي ان سڳيءَ کي تڪي رهي هيس. مون کي خبر ڪانه پيئي، هڪڙو سائيڪل وارو اچي مٿان

ڪريو. مان روئڻ لڳيس، پائو! سچ پچ مون کي ڏاڍو ڏک لڳو. هن چنگهه تي به هڪ رهنڊ اچي ويئي آهي، هي ڏس. سائيڪل واري مون کي روئندو ڏسي، جهٽ پٽ چار آنا ڏيئي، سائيڪل تي چڙهي هليو ويو. بـڏاءِ ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه! مون ان ڪان گهريا توروئي! ڏک لڳو هو. تورو وقت روئي چپ ڪري چڏيان ها!"

راجن بلڪل ڌيمي آواز ۾ وراڻيو، "چڱو هل."

راجن ۽ ڪمو چار آنا خرچي، موٽي آيا، ۽ ورتل شيون به ختم ڪري ڇڏيائون.

ان بعد نه ڄاڻ ڇا سوچي راجن ڊوڙندو بزار طرف ويو. سڙڪ جي هڪ پاسي ڪان ائين وڃي بيٺو، ڄڻڪ ڪنهن جي اچڻ جو انتظار هجيس. بيٺو رهيو، بيٺو رهيو... ڪجهه ويرم بعد، ڪنهن کي ايندو ڏسي خوش ٿيو. منهن تي مسڪراهٽ رقص ڪرڻ لڳيس. ايندڙ کي ويجهو ايندو ڏسي، پاڻ بـه ان جي سامهون اڳتي وڌيو. هوڏانهن اچڻ وارو ايندو رهيو. راجن به ان طرف ڌيمي چال سان وڌندو رهيو.

ايتري ۾ ڪنهن جي ٽڪرجڻ ۽ ڪرڻ جي آواز سان گڏ دبيل چيخ ۽ "امان! امان!" جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

راجن موٽر سائيڪل سان ٽڪرايو هو. "ڪموءَ کي سنهيءَ ۽ سنهن قيٽن واري سائيڪل سان ٽڪرجڻ ۽ سنهي رهنڊ اچڻ سبب چار آنا مليا. مان هن ٿلهيءَ ۽ ٿلهن قيٽن واريءَ سائيڪل سان ٽڪرجي، وڏو ڏک کائي، اٺ آنا وٺندس. ڇو نه ملندا.... ضرور ملندا... ڪموءَ کي جو مليا!" اهو سندس ننڍڙي ۽ ابوجهه دماغ جو تصور هو.

راجن کي سچ پچ سخت ڏک لڳو هو - ائين نه هو. راجن صرف هئنڊل جي هڪ پاسي لڳڻ سبب ڪري پيو هو. ۽ جيئن ئي ڪريو، تيئن ئي تڙ تڪڙ ۾ اٿي بيٺو. پڪو منهن ڪري، موٽر سائيڪل واري کي چيائين، "مون کي اٺ آنا ڏي."

موٽر سائيڪل وارو هڪ اپ - ٽوڊيٽ شخص هو. هن رعبدار آواز ۾ چيو، "انڌن وانگي پيو گهمين، بي وقوف ڪتان جو. وڃ هتان، آيو آهي اٺ آنا وٺڻ." راجن همٿ ٻڌي، وري به اڳين قيٽي جي پاسي ۾ بيهندي، ٿلهي هئنڊل

۾ پنهنجا ٻئي نندڙا هٿ وجهي، چيو:"مان نہ ويندس. کمو کي جو چار آنا مليا. مون کي بہ ڏي!... ڇگو چار آنا ئي ڏي!"

جئنٽلمين هن ڏانهن ڪو ڌيان نہ ڏئي، پنهنجي ڪاٻي هٿ سان راجن جي ساڄي ڳل تي چنگيري چماٽ جڙيندي چيو، "مر وڃي، فضول ٽائيم ٽو زيان ڪرين!" ائين چئي، موٽر سائيڪل جي مشين چالو ڪري هو هليو ويو. ڪنو ٽيل ماڻهن جو ميڙ بہ ٽڙي پکڙجي ويو. باقي راجن بيٺو.... اتي ئي بيٺو رهيو... نہ معلوم ڪيستائين!

(مهراڻ، 2 - 1956ع)

---

## نبي بخش دائود پوٽو

# ذليل انسان

هوٽل تي وڃڻ اڄڪلهه هڪ رواجي ڳالهه ٿي پيئي آهي. سوين وچولي درجي جا ڪلارڪ ۽ منشي، ڪيترا پورهيت ۽ مزور، هوٽل تي نظر ايندا. امير به هوٽل تي وڃن، پر البت ٺاٺ باٺ واريءَ تي.

اسان جي به اها هير ٿي ويئي آهي. منجهند جو آفيس ۾ رسيس ٿئي ٿي مس، ته نڪ سڌو هوٽل تي. وري پيئون به رڳو چانهه. پنهنجن ٽائين آفيس ۾ ڪم ڪندي ڪندي اکيون ٻاهر نڪري اينديون اٿئون، سو ڪجهه ٻڪ ۽ ڪجهه ٿڪاوٽ جي ڪري هوٽل تي وڃڻو ئي پوي ٿو. هوٽل تي هونئن ته گهڻيون شيون ملنديون آهن، پر پنهنجي صرف چانهه سان لڳي - سستي جو آ، ۽ وري گرم ۽ مٺي! ٻڪ کي ته جڻ اڌايو ڇڏي. تنهن ڏينهن هوٽل تي وجي رهيا هئاسين - مان، انور ۽ رشيد. غني آفيس کونه آيو هو، جي "ڪجهه ناچاڪائي اٿم." هوٽل تي پهتاسين، ۽ نيم موجب وجي ڪُنڊ وسائي سين. ڪنڊ ۾ نڪو ڏسي نڪو وائسي. تنهنڪري ٻي الڪي چانهه پي سگهندا آهيون. انور ٻيءَ ٽيبل تان اخبار کڻي آيو. بيئرو اڃا اسان تي نازل ڪونه ٿيو هو، تنهنڪري اخبار جاچڻ لڳاسين. اخبار ۾ به ڏاڍيون ڪي خبرون هيون.

- "اڄ وڏو وزير ٽن مهينن جي دوري تي وڃي رهيو آهي. اتان اناج جي حالت جاچي، اچي ملڪ ۾ پيل ڏڪار لاءِ ڪجهه قدم کڻندو."

- "فلاڻي سيٺ جي، ڪو شاهينگ ڳنڍ ڪپي ويو."

- "گورنر اڄ ٻيڙين جي ڪارخاني جو بنياد وڌو."

- "فلاڻي مزور خودڪشي ڪئي، ۽ خودڪشيءَ جي سبب جاچڻ لاءِ پوليس سندس مائٽن کي لاڪپ ڪيو آهي."

وغيره وغيره.

سڄيءَ اخبار تي مٿاڇري نظر ڊوڙائيسين، پر ملڪ ۾ پيل ڏڪار جي ڪا خبر نه آيل هئي! نه وري اهو پئي معلوم ٿيو ته گهڻا مئا، گهڻا بچيا... ۽ اگر مئا ته ڪير؟ مون کي عجب لڳو ته الاجي ملڪ ۾ ڏڪار هو يا نه. يا سي ماڻهو ڪوڙا هئا جو ڏڪر ڏڪر تي پڪاريائون يا ته ٻک وگهي مرڻ هڪ

رواجي ڳالهہ هئي ۽ ڪافي پراڻي ٿي چڪي هئي. ٿنهنڪري اخبار ۾ اچڻ جهڙي نہ هئي! پتو ئي نہ ٿي پيو. ماڻهن جي واتان پئي ٻڌوسين تہ اميد تي جيئڻ وارا نااميد ٿي رهيا آهن. اسان جهڙن جو وچولو طبقو تہ اڳي ئي ڪجهہ آن ۽ ڪجهہ ڇانهہ تي گذر ڪري رهيو هو. اميرن جي سا خبر نہ آهي.

اوچتو رشيد هڪ خبر ٻڌائي، چي، ”هڪ مائي پنهنجو ننڍو ٻار ماري، پاڻ الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويئي آهي. پوليس سندس ڳولا زناني مارڪيٽ ۾ شروع ڪئي آهي. اميد تہ جلد پتو پئجي ويندو.“

ٻار جي موت جو ٻڌي، انور ڇڻ ڇرڪ پريو. چي، ”ٻار کي ماريو اٿس؟ - ابهم کي! ڪهڙي نہ عجب جي ڳالهہ. - عورت ۽ وحشي! پالي نہ ٿي سگهيس شايد. ڪهڙي خبر، اهو ٻار وڏي هوندي وڏو ماڻهو ٿئي ها!“ مون ڪان رهيو نہ ٿيو. چيم، ”جهڙو تون ٿيو آهين! ڪلارڪ آهين. شايد فائيلن جي قبر مليئي!“ انور چپ ٿي ويو، ۽ رشيد وچ ۾ ٽپي پيو. چي، ”ڇڏ يار، ڇا تاريخ ڦري ويئي ڪيئن؟ هٽلر ڪير هو، مسوليني ڪير ۽ رضا شاهہ پهلوي ڪير؟ اُهي بہ تہ غريب هئا - پوءِ ڪيئن وڏيا؟ اسين پوءِ ڇو نہ ٿا وڏي سگهون؟ پر ڪنهن جي پاڳ سان ريس ڪهڙي!“ رشيد بہ منٽ خاموش رهيو. وري چيائين: ”خير، ڇڏيو ان ڳالهہ کي. اچو تہ مان توهان کي ڪجهہ گشت جو احوال ٻڌايان.“ رشيد شروع ڪيو:

”گشت جي موسم هجي. آءٌ، وڏو صاحب ۽ ننڍو صاحب - سڀ وياسين گشت تي. گشت هو خرچ جي حساب ڪتاب جي ڇڪاس بابت. گشت آهي مست، جنهن کي لڳي سو ڦري. گشت جو جيڪو فائدو نہ وني، سو تہ ڪلارڪ. ڪلارڪ جو پٽ ئي نہ ڇٽبو. وڃي لٿاسين. وڏو صاحب ۽ ننڍو صاحب تہ وڃي رهيا بنگلن ۾، ۽ مون کي رهايائون اتي جي هيڊ ڪلارڪ صاحب وٽ.

”هيڊ ڪلارڪ مون کي پنهنجي گهر مان هڪ ڪوٺي رهڻ لاءِ ڏني. اها ڪوٺي هيڊ ڪلارڪ اڪثر ڪري اوطاق طور ڪم آڻيندو هو. آيو، ويو- مڙيوئي ڪوٺيءَ ۾ پيئي ڪچهري لڳندي هئي. ڪوٺيءَ کي بہ در هئا- هڪ گهر طرف اندر، ۽ ٻيو ٻاهر رستي طرف. گهر وارو دروازو ٻاهران بند هو. تنهنڪري ڪو بہ ماڻهو هر وقت ڪوٺيءَ ۾ اچي ٿي سگهيو.

هيڊ ڪلارڪ پاڻ هو پنجاهہ ڪن جو، پر ڏسڻ ۾ ڪافي پوڙهو ٿي آيو. اکين تي ٿلها ڪويا چڙهيل هئس. ڏسڻ جو سادو، پر اندر جو جهڙو ڪارو. قسم

۽ قرآن ڪڍي ته "آءُ رشوت نه ونان". رشوت نه وني ته سؤ ٿيهن ربين مان ههڙي وقت ۾ هوند پورت ڪيئن ڪري!

هن منهنجي چڱي خدمت ڪئي. ٽي ويلا ماني، شام جو چانهه، ۽ رات جو کير به نصيب ٿيڻ لڳم. تنهن کان سواءِ ٻي هر پرهيز جو خيال رکيو ٿي ويو. پنج منٽ گذريا نه آهن ته نڪ پان، سگريٽ، يا ٻيو ڪجهه. صبح ۽ شام جو وڏي صاحب ۽ ننڍي صاحب ڏي وڃڻ لاءِ سائيڪل به هٿ ڪري ڏنائينم. پنهنجي وڏي پٽ کي چئي ڇڏيو هئائين ته هر وقت منهنجي حاضريءَ ۾ رهي. هونئن ته اسين ڪلارڪ مولائي ماڻهو ٿيون- متي تي ٽوپي رکون ٿي ڪين، عزت لهي ته ڇڻ نه لٿي- پر هتي آءٌ هيڊ ڪلارڪ تي رعب ڄمائڻ لڳو هوس، ۽ خاص خاص چيزن جي فرمائش ڪندو هوس، ۽ منهنجون فرمائشون لاچار پوريون ڪيون ويندريون هيون.

"هيءُ پوڙهو هيڊ ڪلارڪ اهڙو، جو وٺَ ئي نه ڏي! ڏاڍو چيچاڙيومانس. چي، "رشوت وٺڻ حرام آهي. آءُ بلڪل نه ونان- رتيءَ برابر به سوئر!" رشوت نه وني ته پنهنجا بار ٻچا ڪيئن پاليندو هوندو؟ پڳهار مورڳو هڪ سؤ ٿيهه، ۽ مٿان وري اسان جهڙن مولاين جون مهربانيون. پڪ اندر ئي اندر ڳجهو چور هوندو. اگر مهماني نه جهلي هان ته ڏندا ڪونه هٽونس ها- وڏ ۾ وڏ بدلي. بدليءَ تي البت سامان جي ڀڃ ڀور ٿئيس ها يا خرچ اچيس ها، پر جاگيرون ڪونه لٽجنس ها. ماڻهن جو هُلايو هئائين ته "پوڙهو آهيان، ڳوٺ آهي اباڻو وطن، مرجي اتي ته چڱو". واهه جا چڱائي- مري ها، ٽڪا وني ها! ٻاهر نمازي، اندر جو پليت! چي، "اشراف آهيان".— واه جا اشرافت! آخر تائين ڪونه سليائين ته ڪو رشوت وني! وڏو اندر جو چور، لچو ۽ بدمعاش هوندو، ڳجها ڪاٽ هڻندو هوندو. پر استاد بيٺو.— پاڻ به اهڙيءَ طرح پڳاسون جو واه واه- ياد ڪندو!

"ڳهٽا ڏينهن سير سواد وٺڻ ڪري، ڪم اينگهجي پيو. جيتوڻيڪ ڪم نالي ماتر ڪندا هئاسين، پر هيل ته اها به پَٽي، سو هفتو ڪن رهي پياسين. آءٌ ته ڦنڊي پيو هوس. نه ڪم نه ڪار، مزي سان پئي ماني ملي. ٻاهر ڏڪر ته ڏڪر ئي سهي. ڪٽڪ ڪيتري به سير هجي، پاڻ کي ته ملي ٿي. ۽ اسان جو ڪم هو ڪائڻ - بس.

"ڪجهه وقت رهڻ ڪري مون کي سندس گهر جي ڪجهه حالت معلوم ٿي. گهر جي جاءِ خاص نه هئس. اندر وري گند: ڪتي ڇيٽا پيا هوندا ته ڪتي

بوهاري- مڙيوئي گذر پئي ڪيائون. گهر ۾ ڪل اَٺ ياتي هئس: ٽي ننڍا پٽ، ڇئن، انن ۽ ڏهن سالن جا. ٻه ڌيئر، هڪ ٻارهن جي ٻي پندرهن جي، هڪ پاڻ، هڪ جوڻس ۽ هڪ نهڻس. ٻڌم ته جوان پٽس تازو وبا جي مرض ۾ مري ويو هو. هڪ دفعو گهر وارو اندريون دروازو صرف ٻيڪڙيو پيو هو، مون سعيو ڪري کولي ڇڏيو، ۽ گهر جي حالت جاچيمانس. زالس هميشه بستري داخل هوندي هئي- سڄي سائي- الائي سلهه جو مرض هوس يا ڇا. نهڻس ننڍي نيٺي هئي، پر البت ناچاق لڳندي هئي. باقي ڌيئرس جهڙا گل! نئين جواني، .... ڏسڻ سان اکيون پئي ٺريون- جيڪر وينو ڏسجين!

”مون کي جيڪو عجب لڳو سو هن ڳالهه جو: ڪيڏي نه رشوت وٺندو هوندو- مهيني ۾ پنج سوءِ ته واه جو ٺيندا هوندس- پر گهر جي توڙي پنهنجي حالت سائي بُري ! گهر ۾ توڙي پاڻ کي خاص ڪو ڪپڙو به ڪونه هوس، ڌيئر ته اڌ- اگهاڙيون وينيون هونديون هئس. پهرين ته مون سمجهيو ته فاحشُ هونديون، پر اهڙي ثابتي نه مليم. ڪيئن به هجي، ڇا اڌ- اگهاڙيون فاحش نه هونديون؟ ٻڌو هوم ته گهر ۾ تورو ڪي گهڻو پورهيو به ڪنديون هيون. زالهنس اڳي ئي سائي، ويتر پوڙهو دوا درمل تي پئسا خرچيس ڪونه. سو مردو ٺيندي تي ويئي. ٻار ڏسينس ته ڳريا پيا هئس. ههڙو چڱو چوکو مون هڇا ڪي پئي ڪارايائون، سو گهر ۾ ته پاڻ چڱو ڪائيندا هوندا. پر منحوس جا ٻار،- ڪيترو به چڱو ڪارائين، ظاهر ڪٿي تو ٿئي! پاڻ ڏسينس ته نه ڦڙتي نه چالاڪي. آفيس ۾ ڇا ڪم ڪندو هوندو؟ اهڙن ماڻهن تي مون کي ڏاڍي خار لڳندي آهي.

”هڪ ڏينهن سندس اَنن سالن وارو پٽ ٻاهر رڙهندو آيو، وڏيءَ پيٽس ماريو هوس، وڏو ياڻس ڳليءَ ۾ بينو هو، راند به نه پئي ڪيائين. ننڍي ياءُ کي روئيندو ڏسي، پرچائڻ لڳس. ”ڇاهي ڪمون، ڪهڙي چوري ماريئه؟“ ڪمونءَ وراڻيس ته ”اديءَ ماريو اٿم، ڏاڍي بک لڳي هئم، ماني گهُري مانس ته مارِيائين.“ ڇئي پيئي، ”ڪيڏڙو ٺيو آهين، رڳو مکڙ وانگر پيو ڪائين.... ڪٺڪ ڏس ته وجي زر لڳي آهي! مرين به نٿو؟“ ڪهڙي نه ڏائڻ هيس پيڻس! مانيءَ ڳيو ڏئيس ها ته سپ بک ڪونه مرن ها. ڪٺڪ ته ملڪ ۾ جام هئي، البت پيسو تورو هو، سو پڻس ڪري وڏيڪ رشوت وني ها!

”وڏو چوڪر به منهنجي حاضريءَ ۾ لڳو پيو هوندو هو. هڪ ڏينهن

پڇيومانس تہ "اسڪول نہ وڃين ڇا؟" چي، ويندو هوس، هاڻي نہ تہ وڃان. فِي نہ ڀري هيم، ابا ڪان گهريم، مارياٿين. چيائين تہ "وڃي جهنم ۾ پئو، نہ پڙهہ". ننڍو ڇوڪر اڃا ننڍو ٿيندن، پر اهو بہ منحوس- سڄو ڏينهن پيو "رين رين" ڪندو!

"ڪهڙي بہ گهر جي حالت هين، پر سڀ منحوس پوڙهي جي ڪري. مري ها تہ معصوم ڳتيءَ کان ڇٽي پون ها . دل جو ڏاڍو ڪنجوس، ڪڏهن پٽن کي گهمائڻ بہ نہ وني ويو. ڪيڏي نہ رشوت وٺندو هوندو. پر اها سڀ وڃي الائي ڪيڏي ٿي!

"پر استاد، پاڻ بہ اهڙن منحوسن سان چڱيءَ طرح پڇون! اڃڻ کان هڪ ڏينهن اڳ ٿي سؤ رپيا گهرياماڻس- هڪ سؤ پنهنجي لاءِ، ۽ ٻہ سؤ صاحبن لاءِ، نہ تہ بدلي! ذري گهٽ روئي وينو- جهڙي هڇا! چي، "پيسو هجيم ها تہ ههڙي حال ۾ ڏسوم ها"، وغيره وغيره. اگر پيسو نہ هوس تہ پلا مون کي ڪاراياٿين ڪٿان ٿي- سو بہ چڱو ڇوڪو؟ ڪوڙو هو، ذليل! مون چيس، ٽي سؤ رپيا ضرور وٺندس- شيئر. ڪٿان بہ آڻ: وڃي چوري ڪر، يا وڃي وڏيڪ رشوت وٺ. روئي وينو! پر آءُ ڪٿي ڇڏڻ وارو هوس! نيٺ ٻئي ڏينهن سؤ رپيا آڻي ڏناٿين، سي بہ چيائين تہ ڳهہ گروي رکي آيو آهيان، باقي چيائين ٻئي دفعي. پر ڪيئن بہ ڪيائين، وڃي پوي جهنم ۾، اسان کي پيسن سان ڪم، سي مليا. ڪراچيءَ اڃي خوب پيتوسين کاڌوسين. ٻئي دفعي پنج سؤ جو چڪ هڻندوسانس!"

رشيد بس ڪئي، اسين اٿياسين. رشيد بل ڏنو، ۽ اسين آفيس ڏانهن روانا ٿياسين. رستي تي چرچا گهڻا ٿيا، پر الاجي ڇو سڀ ڦڪا ٿي لڳا. آءُ پنهنجي آفيس پهتس، دل ڪم تي نہ لڳيم، موڪلائي آيس.

دل ڳري ڳري پئي معلوم ٿي.... دماغ پريشان. پيو دفعو چانهہ پيتم، پر بيسود. خيالن ۾ هڪ برباد ٿيندڙ خاندان هو، ۽ هڪ ويران ٿيندڙ گهر. "نياڻيون، انگ - اگهاڙيون، ۽ معصوم ڪمسن- ڇا اهي ائين ئي رهندا؟ هيڊ ڪلارڪ رشوت ڇو نہ ٿو کائي؟ پنهنجي خاندان کي بچائي ڇو نٿو؟....ڇو؟"

خيال ڦري رهيا هئا. "انسان" ياد آيم. "انسان بہ تہ اهڙيءَ حالت ۾ آهن! آخر اهي لچايون ڏاڍايون ڪيستائين؟.... وقت اچي رهيو آهي، جڏهن اسين سڀ انسان - هاري ناري، مزور ۽ ڪاسبي، پورهيت ۽ مظلوم- گڏجي اٿنداسين. پاڻ کي بدلائينداسين، ۽ سيني "رشيد" جهڙن کي بہ بدلائينداسين."

(مهراڻ، 1-1958/2ع)

## عبدالحق "عظيم"

# جنڙي

"ڪٿي ويندؤ؟"

"سدا آباد." مون چيو.

"سدا آباد!" ڪنڊيڪٽر وائڙو ٿي ويو. پهرين تہ هو هڪ ٽڪ نظر ۾ مون کي ننهن کان چوٽيءَ تائين ڏسي ويو. ۽ پوءِ ٽڪيٽ ڏيڻ بنا ٿي اڳتي وڌي ويو. آءٌ کيس چانديءَ جو رپيو سجيندي رهجي ويس.

"ابا، اهو ڪهڙو آهي سدا آباد وڃڻ وارو؟" پويان ڪنهن ٽوڪ سان وڏي سڏ پڇيو.

"هيڏانهن آهي هڪڙو!" پاسي ۾ ويٺل ٻئي ماڻهوءَ چُنگ ڏني.

هاڻي آءٌ پاڻ وائڙو ٿي ويس. چوڌاري ڏٺم، سڀني جون اکيون مون ڏانهن هيون. سڀئي اچرج سان مون کي ڏسي رهيا هئا- ڄڻ تہ مون "سدا آباد" جو نالو وٺي ڪو گناهہ ڪيو هو. ڄڻ مون "سدا آباد" جو نالو وٺي سڀني کي چيڙايو هو. چئني پاسن جي تيز نگاهن ۾، مون ٿوريءَ دير لاءِ پنهنجو پاڻ کي ائين محسوس ڪيو. ڄڻ آءٌ هڪ پاڳل هوس، جنهن کي اتفاق سان لاريءَ ۾ چڙهي پوڻ جو وجهہ ملي ويو هو. " آخر ڪنڊيڪٽر مون کي ٽڪيٽ ڇو نہ ڏني؟.... هي سڀ ماڻهو مون کي ڇا ٿا سمجهن؟" آءٌ سوچڻ لڳس. "سدا آباد، منهنجو ڳوٺ، وطن، .... مون کي سدا آباد ئي تہ وڃڻو آهي، .... پوءِ هي سڀ مون تي عجب ڇو پيا ڪائين؟...."

"ابا، تون سدا آباد وڃين ڇو ٿو؟" هڪڙي پير مرد ڪي قدر تحيل سان مون کان پڇيو.

"ائين، منهنجو ڳوٺ آهي."

"ڪڏهن ويو آهين ويجهڙائيءَ ۾؟.... هونئن تون هينئر ڪٿي رهين؟"

هينئر تہ آءٌ شهر ۾ رهندو آهيان - پهرين پڙهندو هوس، هاڻي نوڪريءَ ۾ آهيان. اسين ٻارهن سال ٿيا تہ لڏي اچي شهر وينا آهيون. تڏهن کان وري سدا آباد وڃڻ ڪو نہ ٿيو آهي- اڄ پيو وڃان."

"تڏهن نهيو. ابا، هاڻ تون سدا آباد ڇو ٿو وڃين، وٺئي تيڏانهن وڃ، پر

اُتي اتئي رڳو ڪاريءَ وارا ڪڪ! ڪي بہ ڪين اتئي. او.... اصل پڙيانگ بـَيران لڳو پيو آهي. ڳوٺ سڄو اتي ويو. ماڻهو ئي ڪونهي!...."

"اڙي، هوءَ جـنڙي جا آهي. وچ ۾ ئي. منهنجي پاسي ۾ ويٺل همراهہ انڪشاف جي انداز ۾ رڙ ڪئي.

"هائو هائو!.... جنڙي تہ هينئر بہ دڳ جهليو بيٺي هوندي!" ٻئي چيو.

"اها تہ سدائين دڳ جهليو بيٺي آهي. لاري تي ڏسي.... تہ اصل ڇتي تيو پوي!" ٽئي چيو.

"لاريءَ تي اڇي تي!.... پر هاڻي تہ ڊرائيور بہ سڄاڻي ويا اتس. بيهارين ئي ڪونہ!"

"وَسُ ڳهٽيئي تي ڪري- هٽ لوڏي. واڪا ڪري. متو منهن پِٽي. پوءِ پڇاڙيءَ جو لاريءَ پنيان ڪاهيو پوي.... ڳچ پنڌ تي ڊوڙي!"

"تيا بہ ڪي ورهيہ اتس- اهائي ڪيتي اتس. شروع شروع ۾ ٻہ- ٽي دفعا ڪو لاريءَ وارن کي رحم اچي ويو. تہ چڙهي آئي متي. هڪڙي هڪڙي پاسينگر کي منهن ۾ غور سان ڇتائي ڇتائي. نهاريوَ ورريو ڪنڌ لوڏي! اکيون جي ڦاڙي تي. ماڻهوءَ کي ڊپ ونيو وڃي! پوءِ تہ پاڻمرادو آهستي آهستي لهيو وڃي. ڪيهون تي ڪري چا! لاريءَ مان لهيو. ونيو جو اوچنگار ڏئي تہ ماڻهوءَ کي رحم اچيو وڃي!.... پوءِ، ڏٺي ڇاڻي. مطلب تہ الائي ڇا اتس. هاڻي تہ لاري بيهي ڪانہ. پر جنڙي انهيءَ دڳ تي پيرو ڪڏهن ڪو نہ ڳسايو!"

سڄي لاريءَ ۾ چڱو خاصو بحث شروع تي ويو. جنهن کي جيڪا معلومات هئي. سا پيش ڪرڻ لڳو. منهنجي پاسي واري همراهہ وري انڪشاف ڪيو:

"چون ٿا تہ اها جنڙي ماڻهوءَ کي ماريو کايو ڇڏي!"

"بہ سال ڪن تيا تہ اسان بہ ٻڌو هو تہ هڪڙي ڇوڪري کي ماري. ان جي چمڙي لاهي وڻ ۾ ٽنگي ڇڏيائين پوءِ ڏهن ڏينهن تائين پئي اُن جو گوشت کاڌائين!...." اڇي ڏاڙهيءَ واري اها ڳالهہ اهڙي اعتماد سان ڪئي. ڄڻ تہ اهي ڏهہ ڏينهن هو پاڻ جنڙيءَ سان گڏ گوشت کائڻ ۾ شريڪ هو.

ٻيو چوڻ لڳو: " اها تہ ٻن سالن جي ڳالهہ تي. پر اڄا تازو هڪڙو ٻن مهينن جو قصو تو ٻڌايان.... هن ڏائڻ رن جو تہ پاڇو بہ ٻڇڙو آهي! اسان جي ڳوٺ جي هڪڙي همراهہ کي اُڦٽ ماري وڌائين- هي ٻـُت هوس، ڪنڌار

جوان.... لاري ڇُٽي ويس. رات وڳڙو هو. پنڌ ئي پنڌ اچي ڪو انهيءَ ٻچڙيءَ سدا آباد کان لنگهيو.... رات ئي اها. ڇيلهه صفا ونجي رهيس،... صبح جو همراهه ڇڻ هو ئي ڪو نه!"

ماڻهو سڀ مـٽ تي ويا. آءُ به ذري گهٽ دهلجي ويس. لاريءَ جي سيني ماڻهن کي جنڙيءَ جي خبر هئي، ۽ سيني ماڻهن کي جنڙيءَ جون عجيب غريب ڳالهيون معلوم هيون. هو سڀ هڪٻئي کي پنهنجون پنهنجون ٻـڌل ڳالهيون ٻڌائي رهيا هئا. ته ڪي هن جي آدمخوريءَ ۽ نحوست جي عجيب واقعن کي ورجائي رهيا هئا. منهنجي دل به اهي خوف جون ڳالهيون ٻڌي گهبرائجي رهي هئي. ڪنهن وقت جيڪڏهن منهنجي طرف ڪنهن اُچاتري نظر تي ڪئي، تـه آءُ عجيب ٻـڌ- تر جي حالت ۾ مبتلا تي ويس تي- ڄڻ تـه هو اڪيـن ئي اڪيـن ۾ ائين چوندو هجي، "ٻـُڌين پيو سدا آباد جون ڳالهيون؟ اُتي جنڙي تي رهي، جيڪا ماڻهن کي ڪايو ڪپايو ڇڏي!" جنڙيءَ جو پيانڪ تصور، منهنجي ذهن ۾ طرح طـرح جا انـدازا اختيـار ڪري رهيـو هـو. ڪنهـن وقـت آءُ جنـڙيءَ جـي ڊيڄارينڙ شڪل ڏسندي بيهوش تي رهيو هوس، تـه ڪنهـن وقت جنڙيءَ جو ڪارو ڪارو پاڇو منهنجي متي تي لهرائي رهيو هو، ۽ آءُ بيماريءَ جي بسـتري تي پويان پساهه کڻي رهيـو هـوس،۽ ڪنهـن وقت وري پنهنجو پاڻ کي بلڪل مري ويل ڏسي رهيو هوس- منهنجي چمڙي متـي وڻ ۾ ٽنگيـل هئي، ۽ جنڙي منهنجو ماس ۽ هڏا کائي رهي هئي!

لاري پنهنجي پوري رفتار سان هلي رهي هئي. سدا آباد جيئن پـوءِ تيئن ويجهي تي پوندي تي ويئي، ۽ آءُ اڃا اهو فيصلو نه ڪري سگهيو هوس تـه مـون کي ڇا ڪرڻو هو- سدا آباد لهي پوندس، اڳتي هليو وينـدس، يا ڪٿي وچ تـي ئي ترسي پوندس؟ سدا آبـاد کـان سواءِ، بيـو مـون کي وڃڻو بـه ڪيڏانهن هـو؟ ورهيـن کـان پوءِ پنهنجي وطـن جي واٽ تـان ائيـن ئـي مـوٽ کـائڻ جـو خيـال بـه منهنجـي لاءِ ڏاڍو مشـڪل هـو. دريءَ کـان بـاهر، پـري پـري تـائين خلائـن ۾ نهاريندي، آءُ پنهنجي سوچ ۾ بلڪل محو تي رهيو هوس، تـه جنهن پير مرد مون سان پهرين سوال- جواب ڪيو هو،۽ جيڪو هيترو وقت خاموشيءَ سان فڪرمند بنيو وينو هو، تنهن مون کي مخاطب تي چيو:

"ابا هاڻ سدا آباد جون خبرون تـه تو سڀ ٻڌيون. منهنجو ڳوٺ ويجهو آهي،

رات جا چار پهر هلي اتي گذار. پوءِ صبح جو خيرن سان موٽي اچج.... هرويرو ڇو تو جزا ۾ هٿ وجهين؟ ٻئي ڪندي ٻه اتي آهي ڪجهه ئي ڪونه. هرويرو وجي هلاڪ ٿيندين. تو کي سداآباد ڏسڻي آهي، سا اتي لاريءَ مان ڏسي ڇڏج...."

"چاچا پلي سدا آباد ٻه اچي." مون ائين ئي، اڻ فيصلي واري انداز ۾ جواب ڏنو.

"تنهنجي مرضي، بابا. مون ته تو کي چڱي ڇئي آهي." پير مرد ائين چئي ماٺ ٿي ويو.

"همراهه جي مرضي مڙئي اچا ٻه سدا آباد تي آهي." اچي ڏاڙهيءَ واري ٽوڪ هڻي.

"هيتريون ڳالهيون، هيتريون مُهاڙيون. تڏهن ٻه پائوءَ کي سدا آباد ضرور وڃڻو آهي! ميان. ڪي ڏاهو ٿي، ڇو تو پنهنجو سر وڃائين!" هاڻي ڪنڊيڪٽر ٻه مون کي سمجهائڻ لڳو هو.

"پلي ته سدا آباد جي سڪ ٻه لهيس. هي اڄڪلهه جا جوان انهن ڳالهين کي مڃيندا ئي ڪو نه!" اچي ڏاڙهيءَ واري ٻي چوٽ ڪئي: "ابا، تون وڃ،.... سدا آباد تنهنجو ڳوٺ آهي نه. اُتي ڏاڏا باغ بنگلا لڳا پيا آهن..... ويچاري جنڙي تو لاءِ طعام تيار ڪري ويني هوندي!"

"اڙي پر چاچا، اوهان ڇو اچي ويچاري کي اجايو تنگ ڪيو آهي؟ هرڪو پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ آهي." اڳين سيٽ تان هڪڙي سنهڙي جوان چاچي کي وچ ۾ روڪيو:

"آخر هي ٻه انسان آهي، حياتي سڀ ڪنهن کي مِٺي آهي. جيڪڏهن چاڻي ٻُجهي وڃي پاڻ کي هائيءَ ۾ هٽندو ته سندس مرضي!.... جنڙيءَ جون ڳالهيون ته اوهان ٻه سڀ ڪري ڪري دنگ ڪيون- ڪنن سان ويني ٻڌائين- هاڻ مڃي نه مڃي، ڏٽي وس وارو آهي. جنڙيءَ ڪان اڳ ۾ هن جو ساهه ته اوهين پيا ڪيو!"

"پائي. نيت مراد سندس، ڪنهن جي قبر ۾ توروئي پئبو. ڇڏي ڏيوس!" ڪنڊيڪٽر چيو.

ڪنڊيڪٽر پويان لفظ اهڙي انداز ۾ چيا جو مون ائين محسوس ڪيو ته هاڻي مون کي روڪڻ لاءِ شايد ڪو ٻه زور ڪونه پريندو. ۽ سچ پچ ته ان ڪان

ٻوءِ سڀ خاموش ٿي ويا. "هاڻي تہ مون کي سدا آباد تي ضرور لهڻو پوندو!" ائين سوچيندي ئي گهڙيءَ لاءِ تہ منهنجو بُت ڄڻ ساهہ ڇڏي ويو. هونئن تہ جنن ڀوتن تي منهنجو ويساهہ بلڪل ڪونهي، پر ڳالهيون سڻي اهڙيون پيئي ڪيون جو آءٌ سچ پچ تہ ضرورت کان زياده ڊڄي رهيو هوس.

هاڻي سدا آباد کي ڪو ميل - ڏيڍ پنڌ وڃي رهيو هو. دل ۾ ڪئين دليل پيدا ٿيڻ لڳا. ذهن بلڪل تيزيءَ سان ايندڙ گهڙين لاءِ سوچڻ لڳي ويو: "آخر هي ماڻهو جنڙيءَ جا ورهين کان واقف آهن، آخر ڪا تہ ڳالهہ هوندي!... پلا. جڏهن سدا آباد جو ڳوٺ ئي ڦٽي ويو آهي تہ پوءِ اتي وڃڻ جو ضرور ئي ڪهڙو؟.... پر هاڻي واپس بہ ڪيڏانهن وڃبو؟... آخر هن لاريءَ مان تہ لهڻو ئي آهي!.... ۽ جيڪڏهن جنڙيءَ مون کي ڏسي ورتو تہ پوءِ...؟ پوءِ...؟ مون کي ماري ڇڏيندي!... ڇو ماريندي؟ ڪيئن ماريندي؟... جيڪڏهن ان ۾ ايڏي طاقت آهي تہ پوءِ لاريءَ کي ڇو نہ ٿي ڪيرائي ڇڏي؟ تڏهن هن جي پاڇي پوڻ سان ماڻهو ڪيئن ٿا مريو وڃن؟ تڏهن پلا هي سڀ ماڻهو ڪوڙ ٿا ڳالهائين ڇا؟.... پر اهي سڀ ماڻهو ڪو جنڙيءَ سان روبرو ڳالهائي بہ آيا آهن ڇا؟ يا وري جنڙي پاڻ هنن کي اچي اهي سڀ ڳالهيون ٻڌائي ويئي آهي؟... ماڻهن کي هونئن بہ تيليءَ مان ٿنڀ بنائڻ جي عادت ٿيندي آهي... هي تہ سادا سودا ڳوناڻا ماڻهو آهن. جيڪي ٻڌن تنهن تي ويساهہ ڪن... تڏهن تہ هي دوا بدران تعويذ ڪرائين، تڏهن تہ هنن کان هر ڪو ڦريو کايو وڃي، تڏهن تہ هي بکيا ۽ بيحال آهن!.... ڪجهہ ڪونهي، ڪجهہ ڪونهي، جنڙيءَ ٻنڙيءَ جو خيال سڀ فضول آهي!....

هوندي، مون کي ڇا ڪندي؟ آءٌ تہ پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيو آهيان، سدا آباد!" يڪايڪ پنهنجي وطن جي پياس جو جذبو ڦاٽ کائي ابري آيو - ڪيئن بہ هجي، آءٌ اوڏانهن ضرور ويندس!" بنا ڪنهن وڌيڪ ويچار جي، مون سدا آباد تي لهي پوڻ جو پڪو فيصلو ڪري ڇڏيو. ۽ دل کي طرح طرح جا ڏڍ ڏيئي، ان لاءِ تيار ڪري رهيو هوس تہ جيئن ئي سدا آباد جي سرزمين ايندي آءٌ هڪدم لاريءَ مان لهي پوندس.

* * *

لاري هاڻ سدا آباد کان صرف سڏ پنڌ تي هئي. پري کان سدا آباد جا ويران نظارا نظر اچي رهيا هئا. وڏا وڏا سريل جا وڻ. جن جون ڦريون اسين

نندي هوندي پيرن سان ٻَڌي ڇم - ڇم ڪري نچندا هئاسين. سُڪي سڙي ويا هئا. جتي اڳ ٻنين ۽ باغن جي ساوڪ ۽ هُبڪار هئي، اهي غير آباد زمينون جڻ صدين کان پاڻيءَ جون پياسيون معلوم ٿي رهيون هيون. ڪا به اڏاوت ثابت ڪانه هئي، سرَ سرَ کان الڳ هئي - سواءِ ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ ڍهندڙ پٽين جي، جيڪي لهندڙ سج جي جهڪيءَ روشنيءَ ۾ ٻري کان فقط پاڇولن جي ڏيکاري ڏيئي رهيون هيون. البت هڪڙي چار ديواري سا قائم هئي، جيڪا پنهنجي ويرانيءَ ۽ زبونيءَ جي زبان سان هن ڳوٺ جي اڳئين اوج تي نوحه خواني ڪري رهي هئي. ڇوڏاري نندن وڏن دڙن جو هڪ وڏو سلسلو ڦهليل هو، ۽ ڪنهن به ماڻهوءَ جي موجودگيءَ جا آثار ئي نظر نه ٿي آيا.

"اوجها، ويني آهي رَنَ ڏائڻ!" ڊرائيور جي اوچتي رڙ سان منهنجا وار اُڀا ٿي ويا. خوف جي هڪ مبهم احساس، دل کي ٿوريءَ دير لاءِ وسوسي ۾ وجهي ڇڏيو. دريءَ کان ٻاهر ليئو پاتم. هڪ ابتر حال عورت، ٻانهون لوڏيندي جهومندي، لاريءَ جو رخ رکيو پئي آئي. لاري شرڙاٽ ڪندي سندس اڳيان نڪري وئي، ۽ هوءَ ٻويان ڊوڙندي، واڪا ڪندي، ڄڳي پنڌ تائين هلي آئي.

"ڀائو، ڇا خيال آهي... لهندؤ يا.....؟" ڪنڊيڪٽر پڇيو.

"ها."

منهنجي انهيءَ جواب تي سڀ حيران ٿي رهيا هئا. سڀئي مون کي عجيب عجيب نظرن سان ڏسي رهيا هئا. ڪن جي اکين ۾ بي انتها همدردي هئي، ته ڪي مون کي انتهائي قسم جو احمق سمجهي رهيا هئا. ليڪن منهنجي همت انهن سڀني کي ڪجهه ڳالهائڻ جو موقعو ئي نه ڏنو. لاري ڳچ پنڌ اڳتي هلي بيهي رهي. آءٌ هيٺ لهي رهيو هوس ته اندران ڪو چئي رهيو هو:"بيلي، مڃين نه ٿو، باقي ڏسجئين وينو، ڏاڍو هلاڪ ٿيندين!" ير هاڻي لاري هلڻ لڳي هئي، ۽ مون کي ڌوڙ جي بادلن ۾ لٽيندي، جلد ئي گهٽو پري نڪري ويئي.

جڏهن رستو لاريءَ جي لَٽَ کان صاف ٿي ويو، ته مون پوئتي هلڻ شروع ڪيو. سداآباد جي سرزمين تي پهچي، ٿوري دير لاءِ دل کي هڪ خاص قسم جي خوشي محسوس ٿيڻ لڳي، ليڪن جيئن ئي مون کي پنهنجي مڪمل تنهائيءَ جو احساس ٿيو، ته قدم خود بخود رڪجڻ لڳا. آسپاس جي ماحول تي نظر ڦيرايم، پهر به ڪانه هئي. نما شام جو وقت هو، ۽ هوا تمام ڇُوٽ پئي

هلي، پر منهنجي پيشاني پگهر سان تر ٿي رهي هئي. اوچتو ئي، هوا ۾ رڙين ۽ دانهن جا تيز پڙلاءَ گونجي ويا. ۽ رستي جي موڙ کان جنڙي ايندي نظر آئي. منهنجو ساهه مُٺ ۾ اچي ويو. جيڪو قدم جتي، سو تتي سُڪ ٿي ويو. "ها ها ها.....!" جنڙيءَ مون کي ڏسي ورتو هو. هوءَ اتان ئي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندي، مون ڏانهن ڪاهيندي آئي. ٿورو پرتي پهچي هوءَ بيهي رهي، ۽ عجيب عجيب نظرن سان مون ڏانهن نهارڻ لڳي - ڄڻ ته ڪيس منهنجي موجودگيءَ جو يقين ئي نه پئي آيو. پوءِ هوءَ تيزيءَ سان مون ڏانهن وڌڻ لڳي ۽ تهان ئي وڏا ۽ هيبتناڪ ٽهڪ ڏيڻ شروع ڪيائين. هن جي خطرناڪ قسم جي ٽهڪن ۽ انتهائي پوائتيءَ شڪل منهنجا حوصلا ٽوائي ڪري ڇڏيا. آءٌ جتي هوس، اتي ئي ڄمي رهيس. هوءَ بنهه ويجهي پهچي آئي، ۽ منهنجي اڳيان اچي، بلڪل عجب طرح سان نينگ ٽپا ڏيڻ ۽ جهمريون هڻڻ لڳي. اڌيڙ عمر جي ضعيف عورت، منهن ۽ بت پيوت، اکيون ڦوٽاريل، وار ڪندريل جن ۾ چيڙهه ۽ مٽيءَ جا پُڪ، ڪپڙا ليڙون ليڙون جن مان سندس عرياني پئي ظاهر ٿي، پيرن تي -رَي جا تهه - بلڪل جنڙيءَ جهڙي ڏيکاري ڏيئي رهي هئي! نچندي ۽ جهمريون هڻندي، هن منهنجي چوڌاري ڦرڻ شروع ڪري ڏنو. جهيڻي جهيڻي آواز ۾ ڪجهه جهونگاريندي رهي، ڦرندي رهي... شام جا پاڇولا، ڦهلجندي ڦهلجندي، رات جي اونداهيءَ ۾ تبديل ٿي رهيا هئا. پر هوءَ اجا تائين پنهنجو رقص ڪندي رهي هئي، ۽ آءٌ اجا تائين هڪ محدود دائري ۾ قيدي بنيو بيٺو هوس. سمجهه ۾ ئي نه پئي آئيم ته ڇا ڪريان. ٽنگون بنهه ڪاٺ، هوش حواس گم، همت ڪم ڏئي نه ،عقل - جنڙيءَ جي گهيريءَ ۾، پند پهڻ بنيو، بيوس بيٺو رهيس. ڳچ دير کان پوءِ هن وري ٽهڪ ڏيڻ شروع ڪيا - "ها ها ها ها ها" .... ها ها ها ها!... ها ها ها ها ها...!" ۽ منهنجي منهن ۾ غور سان ڏسندي، ڪڙڪيدار آواز ۾ چوڻ لڳي. "منهنجي پنيان اچ!" هوءَ اڳيان، آءٌ پويان - ڄڻ ته جلاد ڦاهيءَ چاڙهڻ ونيو پئي ويم.

سنهن سوڙهن پيچرن مان، ڪنڊا ۽ ڪرڙ لتاڙيندي، هوءَ اچي انهيءَ چار ديواريءَ وٽ بيٺي، جنهن ڪي مون لاريءَ مان پري کان ڏٺو هو، ۽ جنهن کي ڪبڙن ۽ ڪانڊيرن جا جهگٽا گهيريو بيٺا هئا. هن هڪ پاسي کان ڊنگهر هٽايو، ۽ اندر هلڻ لڳي. اندر پهچي، پٽ تي پيل هڪ ٽڏي ٽُڪر تي ويهڻ جو اشارو

ڪيائين، جنهن جون تندون ڪي باقي وڄي بچيون هيون. مون ڇُپڙي ڪري حڪم جي تعميل ڪئي، ۽ پوءِ هوءَ ساڳيءَ طرح جهومندي ۽ ٺهڪ ڏيندي پاسي واريءَ ڪونيءَ ۾ هلي ويئي.

منهن - اونداهي اچي ٿي هئي. اندر ڪافي اونده هئي، پر پٽين جي پڳل پاسن مان ڪي قدر ٻاهر جو سوجهرو اچي رهيو هو. اڪيلو ئي اڪيلو، ههڙيءَ مصيبت جي حالت ۾ پنهنجي موت جون گهڙيون شمار ڪندي، مون کي پنهنجا ٻائر ۽ ٻينرون، ماءُ ۽ پيءُ ياد اچي ويا. گذريل زندگيءَ جا واقعا فلمي پردي جي سينرين جيان اکين آڏو اُڀري آيا. عزيزن ۽ دوستن سان گذريل گهڙيون، پيار ۽ خوشيءَ جون انيڪ يادگيريون، سڀ مون کي ان وقت بيحد بيترار بڻائي رهيون هيون. لاريءَ جي سموري سرگذشت کي ياد ڪري، آءُ پنهنجي نصيب تي جنسي روئڻ لڳس. مون کي اهي آخري لفظ به ياد اچي رهيا هئا: "بيلي، مڃين نه ته، باقي ڏسجئين وينو، ڏاڍو هلاڪ ٿيندئين!".... مون کي پنهنجي موت جو ايترو يقين ٿي ويو هو، جو آءُ هتان ڀڄي نڪرڻ جي همت به نه ٿي ساري سگهيس، چپ چاپ، اهو انتظار ڪري رهيو هوس ته جنڙي کهڙيءَ طرح ٿي اچي منهنجا پساه پورا ڪري، ۽ منهنجي چمڙيءَ کي ماس کان الڳ ڪري!

ائين ئي، اوچتو هن منهن ڪڍيو. هڪڙي هٿ ۾ پتل جو ڪَسيل لوٽو، ۽ ٻئي هٿ ۾ مانيءَ جو ٽُڪر کڻي اچي اڳيان بيٺي، ۽ خلاف توقع، پيار ڀرئي لهجي ۾ چيائين: "توکي بُک لڳي هوندي!" وري چيائين: "تون ٿڪجي پيو هوندين!" پاڻي ۽ ماني منهنجي اڳيان ڇڏيندي، هوءَ وري به ڪونيءَ ۾ هلي ويئي. بک کهڙي ڪمبخت کي هئي - اها ته ڪڏهوڪو مري چڪي هئي. نڙي البت سُڪي ويئي هئي، هٻڪندي هٻڪندي، پاڻيءَ جو لوٽو پي ڇڏيم. هوءَ وري هڪ قاتل رلهي کڻي آئي، جنهن جو ڪو به پلئُ سڄو ڪونه هو، ان کي ٻيڻو ڪري پَٽ تي وڇايائين. "هـتان سولو ٿي ويهه" - ائين چئي، هوءَ پاڻ به منهنجي سامهون ويهي رهي. پر هاڻي مون ڏٺو ته هوءَ ڪيڙن کي چنڊي ناهي، هٿ منهن تي پاڻي وڌهي، وار سنوان ڪري، چڱي موچاري، ڏسڻ جهڙي ٿي آئي هئي، ۽ سندس چهري تي ڳنڀيرتا ۽ نمرتا جا آثار نمايان هئا.

چنڊ مٿي چڙهي آيو هو، ۽ ان جا ڪرڻا، پٽ جي پاسيري ڏارَ مان گذرندا، اسان ٻنهي جي وچ ۾ اچي ٿي پَٽ تي پيا. هوءَ منهنجي سامهون ويٺي، مون

کي تکين تکين نظرن سان گهوري رهي هئي. مون کي سمجهه ۾ ئي نه ٿي آيو ته منهنجي ڪهڙي حالت ٿيڻ واري هئي. اوچتو ئي اوچتو، هن کي الائي ڇا ٿي ويو - "ها ها ها ها!.... ها ها ها ها!... ها ها ها ها ها!" هوءَ وري زور زور سان ٽهڪ ڏيڻ لڳي.

"آءٌ سمجهان ٿي، تون ڊنو آهين!... ها ها!... ها ها ها!... ها ها ها ها!... تون ڊنو آهين؟.... ها ها ها ها.... اڙي ڇريا، ماءُ کان ٿو ڊڄين!.... ها ها ها!.... تون ڊڄين ٿو. .... موهن! توکي ڇا ٿي ويو آهي؟ لڪشمي هجي ها ته ڪڏهن نه ڊڄي ها!.... ها ها ها ها!... توهين سڀ مون کي اڪيلي ڇڏي هليا ويا، .... پر مون اوهان کي ڪڏهن ڪونه وساريو! ڪڏهن ڪونه وساريو... ها ها ها ها... ها ها ها ها..... ها ها ها ها ها!" هوءَ الائي ڇا چئي رهي هئي. سندس زوردار ٽهڪن سان سڄي سدا آباد گونجي رهي هئي. مون کي ائين محسوس ٿي رهيو هو ته سڄي ڪائنات، چنڊ ۽ ستارا، ڌرتي ۽ آسمان سڀ لرزي رهيا هئا. ۽ هن جي ٽهڪن جي گونج سڄيءَ دنيا ۾ پهچي رهي هئي.

هان هوءَ وري ڳنڀير ٿي وئي، ۽ ڪجهه سوچيندي سوچيندي ڪونيءَ ۾ هلي وئي. ٿوريءَ دير کان پوءِ ٻاهر آئي، ته هٿن ۾ ڪرشن ڀڳوان جي مورتي، هڪ ڪٽوري، لوبان ۽ ڪجهه اگربتيون کڻي آئي. مورتيءَ کي پِٽ سان بيهاري، واس ڪرائي، بيحد قرب ڀرئي لهجي ۾ مون کي چوڻ لڳي: "موهن، اڄ، پرارٿنا ڪريون!" آءٌ پرارٿنا لاءِ اٿي، سندس پاسي ۾ ٿي ويٺس. هوءَ هوريان هوريان جهومي رهي هئي، ۽ ڪجهه آلاپي رهي هئي. ڪجهه دير کان پوءِ مون ڌيان سان نهاريو. مون کي هينئر هن جي اکين ۾ هڪ عجيب قسم جي چمڪ نظر آئي - ائين پئي ڀانيو، ڄڻ ته ڪيس اها من جي شانتي ملي وئي هئي، جنهن لاءِ هوءَ ورهين کان ونءِ تلاش ۾ هئي. آهستي آهستي، هن پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون. گهڻيءَ گهڻي دير تائين، بلڪل خاموش ۽ بي حرڪت بڻي، هوءَ اندر جو آنند ماڻيندي رهي، .... ۽ پوءِ، اوچتو ئي، يڪ يڪ هوءَ مورتيءَ جي اڳيان ڪري پيئي. هوءَ تمام جهيڻي آواز ۾ چئي رهي هئي:"موهن!.... موهن! تون هاڻي موٽي وڃ.... مون کي آرام ڪرڻ ڏي.... لڪشميءَ کي ياڪر پائج.... ۽ ...." - هوءَ وڌيڪ ڪجهه چئي نه سگهي. سندس ساهه گهٽجي رهيو هو. هن آخري مرتبو پنهنجين ٻڏندڙ نگاهن سان مون

ڏانهن نهاريو، ۽ پوءِ وري اکيون پوري ڇڏيون.... نگاهون نہ هيون، مامتا جي محبتن ۽ حسرتن جو اٿاهہ ساگر هو، جنهن جي هڪ ڇوليءَ ۾ آرزوئن جا هزارين افسانا سمايل هئا. مون کي ائين محسوس ٿي رهيو هو، ڄڻ هيءَ منهنجي ماءُ هئي، جيڪا سدا آباد جي هن سچ ۾ فقط منهنجي انتظار جي سهاري جِي رهي هئي! منهنجين اکين ۾ عقيدت جا ڳوڙها تَري آيا، ۽ هن جي ڪنڌ کي آهستي آهستي ڪٽي، پنهنجي گوڏي تي رکيم. پوءِ، گهٽي ادب ۽ احترام سان، مون هن جي ڇِتا جوڙي، ۽ تمام حب ۽ اخلاص سان هن جي پاڪ روح لاءِ دعائون گهرندو رهيس.

چنڊ لهي رهيو هو، ۽ صبح جو سهائي آهستي آهستي اُسري رهي هئي، تہ آءٌ ڪِريا ڪرم جي ڪم مان فارغ ٿي چڪو هوس. ان وقت مو کي ائين محسوس ٿي رهيو هو تہ سدا آباد منهنجي "ماتر ڀومي" آهي، جنهن ۾ منهنجي مقدس ماءُ جو روح سدائين لاءِ آرامي آهي - .

(مهراڻ، 1، 2 - 1960ع)

رشيده حجاب

# سيمينٽ جي پُتلي

صبح جي وِسل وڄي رهي هئي. هوءَ بار کي ڍڪ ڪري وڃي دريءَ ۾ ويٺي. هن جو اهو معمول هو. صبح، شام، رات، جنهن وقت به وسل ٿيندي هئي، هوءَ وڃي دريءَ ۾ ويهندي هئي. ان ڳالهه تي رات به هن سيٺ صاحب جون ڪيتريون چماٽون کاڌيون هيون. پر هوءَ اڄ وري دريءَ ۾ ويٺي هئي. هوءَ ائين ڪرڻ تي مجبور هئي.

صبح جي وِسل ڪم تي چڙهڻ جي وِسل هئي، ۽ مزور جلدي جلدي، وڏا وڏا پير کڻندا، فيڪٽريءَ جي ديو- قامت عمارت ۾ داخل ٿي رهيا هئا. پر مزور عورتون اطمينان سان پنهنجيون آهستي آهستي کلنديون ٽهلون ڪنديون پئي آيون. فيڪٽريءَ ۾ ڪم ڪندڙ عورتن کي سيٺ صاحب ڪافي سهولتون ڏيئي ڇڏيون هيون. هو ٻاهرين ملڪ ۾ ڪافي عرصورهي آيو هو، ۽ عورتن جي حقن کي چڱيءَ پر سڃاڻندو هو. جيڏي نفرت ۽ حقارت هن کي مزور مردن سان هوندي هئي، اوتري عورتن سان ۾ محبت ۽ شفقت.

چنچل، شوخ مزدورڙين جي ٽلي پنهنجيان آخر ۾ زيبو هئي، گنڀير ۽ خاموش. هوءَ هميشه وانگر اڄ به چپ چاپ، سيني کان جدا، ڪنڌ جهڪائي اچي رهي هئي.

هوءَ، جيڪا پنهنجي موت تي ڪڏهو ڪو صبر ڪري ويٺي هئي، زيبوءَ جو اُداس چهرو ڏسي چُپ ڪري نه سگهي، هن جون اکيون پرجي آيون.

"زيبو ڪيڏي نه اُداس ۽ خاموش ٿي نظر اچي، هن جي چيلهه به جهڪي ويئي آهي،" هوءَ سوچڻ لڳي. ڪڏهن هوءَ زيبو به ٽپا ڏيندي فيڪٽريءَ ۾ داخل ٿيندي هئي!

*　　　*　　　*

موڪل جي وسل وڄي رهي هئي. هوءَ فيڪٽريءَ جي وڏي گيٽ وٽ بيهي زيبوءَ جو انتظار ڪري رهي هئي. زيبوءَ کي پريان ايندو ڏسي، هوءَ ڪاوڙجي چوڻ لڳي، "الا، زيبي، ڪيڏو رستو ڏيکاريو اٿئي! ڪيتري دير کان بيٺي آهيان. بيا ته سڀ هليا به ويا.

”اڙي شمي، ڇا ٻڌايانءِ، اُن ڇنڊي ڪاٺي ڏي ويئي هيس!“
”اين اين! مئنيجر صاحب جي شان ۾ ايتري گستاخي. هان! ڇوان مئنيجر ڪي؟“
”اڙي ڇڏ. هل ته هاڻي نڪرون. پاڇا لڙي ويا آهن. ٻار روئيندا هوندا.“
سج لهي ويو هو. ۽ آهستي آهستي اونداهه ٿي رهي هئي. هو ٻئي ٽڪريون ٽڪريون ڳوٺ جي طرف وڃي رهيون هيون!
”زيبو، تون مئنيجر وٽ ڇو ويئي هئينءَ؟“ هن اوچتو سوال ڪيو.
زيبو هن جي منهن ۾ چتائي ڏٺو. پر اونده جي سبب ڪجهه سمجهي نه سگهي.
”اسين مئنيجر وٽ ڇو ويندا آهيون؟“ زيبوءَ لاپرواهيءَ سان چيو. هوءَ ڪجهه نه ڪُڇي.
ٿوري دير رکي زيبوءَ وري چيو: ”شفوءَ کي ڪيڏا ڏينهن ٿيا آهن ته بخار لهيس ئي ڪو نه ٿو. ڪالهه ڊاڪٽر چيو ته مُدو اٿس. مُدي جي بخار جون دوائون به ته ڏاڍيون مهانگيون آهن!“
”هي مٺا بخار به مئنيجر ۽ سيٺ وانگر انڌا آهن. ڀلا ڪڪائين جهوپڙين ۾ هنن لاءِ ڇا رکيو آهي؟ عيش ئي ڪرڻو اٿن ته انهن بنگلن ۾ وڃن، جتي قيمتي دوائن ۽ اعليٰ ميون جا ڍير هجن. هتي ته اها جوئر جي ماني ۽ لسيءَ جو وڏو اٿن. پاڻيهي منهن ڦڪو ڪري پڇي ويندا.“
”تون ڇري آهين، شمي، تڏهن ٿي ائين چوين. مون کي ته نه ڏينهن جو آرام آهي ۽ نه رات جو قرار. الائي ڪيئن ٿيندو منهنجو يتيم شفو!“ زيبوءَ ميري رئي جي پلاند سان اکيون اُگهي چيو.
”الله خوش ڪندس. ها، ٻڌاءِ مئنيجر پيسا ڏنا تو کي؟“
”اجهي، ٻه رپيا هٿ تي رکيائين. ڪيترو ستايومانس، پر الله ته هنن جي دل سيمينٽ جي پٿر جي ناهي آهي، جنهن تي ڇنڊو پوي، ته به اثر نه ٿئي!“ زيبوءَ اُداسيءَ سان جواب ڏنو.
”زيبي، هي مون وٽ ڏهه رپيا آهن. تون کڻ.“ رئي جي پلاند مان ميرو نوٽ ڪڍي هن زيبوءَ کي ڏنو.
زيبو ڪجهه چوڻ چاهيو ته هن چيو. خبردار، زيبي، ڪجهه نه چئجانءِ شفو! تنهنجو پٽ آهي ته منهنجو به پاڻيجو آهي. شفوءَ کي چئجانءِ ته مان رات جو اڄي ڪيس ”لال بادشاهه“ واري ڳالهه ٻڌائيندس. هاڻي وڃان ٿي، بابا رستو

ڏسندو هوندو!"

هو ٻئي اونده ۾ مختلف رستن تي مڙي ويون.

*　　　　*　　　　*

سيمينٽ جي فيڪٽريءَ ۾ ڪم ڪندي هن کي پنجون سال پورو ٿي رهيو هو. هوءَ جڏهن پهرين فيڪٽريءَ ۾ آئي هئي تہ تيرهن- چوڏهن سالن جي سنهڙي سُڪل بارڙي هئي، پر انهن پنجن سالن ۾ هوءَ وڏي وڻ تي ويئي هئي پنج سال اڳ واري سُڪل شميءَ ۽ اڄ جي شميءَ ۾ زمين آسمان جو فرق هو. ڏاڍي سهڻي تہ ڪانہ هئي، پر تڏهن بہ هڪ دفعي ڪيس ڏسڻ کان پوءِ ٻئي دفعي ڏسڻ جي خواهش کي ڪير بہ دٻائي نہ سگهندو هو. شيطان بہ ڏاڍي هوندي هئي. ڪم وارين جي ٽوليءَ ۾ هڪ اها هوندي هئي، جنهن جون اکيون چمڪنديون هيون ۽ چپ مُرڪندا هئا. ان ڏک ڀريئي انسانن جي ٽليءَ ۾ هوءَ ئي زندگيءَ جي لهر هوندي هئي.

فيڪٽري هن کي پنهنجو گهر لڳندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن واندي هوندي هئي تہ هيڏانهن هوڏانهن پيئي ڦيرا ڏيندي هئي. پٿر کان وٺي سيمينٽ ٺهڻ تائين، هن کي هر ڳا خبر هئي. هڪ ڏينهن جڏهن هوءَ معمول جي مطابق، سيمينٽ جون ننڍڙيون ڳوٺيون ڪٺي رکي رهي هئي تہ هڪ بس ۾ لشڪر چوڪرين ۽ چوڪرن جو اچي لٿو. بہ عينڪن وارا مرد انهن کي هڪ هڪ شي ڏيکاري رهيا هئا ۽ انگريزيءَ ۾ گٽ مٽ ڪري رهيا هئا.

هوءَ، جيڪا انهن پرين جي لشڪر کي ڏسي حيرت ۾ ٻڏي ويئي هئي، تڏهن هوشيار ٿي، جڏهن هڪ ڇوڪري، ٻنهہ هن جي ڀرسان، ٻئي کي چيو:

"اڙي يار، هي سيمنٽ جي فيڪٽريءَ ۾ ڪنول جا گل ڪٿان آيا؟"

"ڪنول جا نہ، سيمنٽ جا گل چئہ!متو هٽندين، تہ متو ڦاٽي پوندءِ، پر هنن گلن کي اثر ڪونہ ٿيندو!" ٻئي ٽيڏيءَ اک سان هن کي ڏسندي چيو.

هوءَ حيران هئي. شهر ۾ ڪم ڪندي هن کي پنج سال ٿيا هئا. ان عرصي ۾ هوءَ ڪافي چالاڪ ٿي ويئي هئي. ٻين ڳوناڻن وانگر "ٽيشڻ"، "ٽڪس"، "ڏاڪدار" وغيره قسم جا اکر نہ ڳالهائيندي هئي، پر تڏهن بہ اهڙي هوشيار نہ ٿي هئي جو اهڙي قسم جا جملا سمجهي سگهي.

ڇوڪرا اڳتي وڌي ويا. هن جي ڀرسان گلان ڳوٺيون رکي رهي هئي. هن

ويندڙ ڇوڪرين ڇوڪرين کي ڏسندي چيو. "چاچي گلان، هي ڪير هئا؟"

"اڙي، تو کي خبر نہ آهي؟ سچي، جڏهن کان تون هتي آئي آهين، هي صرف هڪ دفعو آيا آهن، اهو بہ تڏهن، جڏهن ان ڏينهن تون فيڪٽري نہ آئي هئينءَ."

"نهيو، پر آهن ڪير؟" هن گلان جي ڳالهين کان تنگ اچي چيو.

ها، ٻڌايانءِ ٿي، تہ اهي ڪاليج جا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون آهن، ۽ بہ ڄڻا جيڪي اڳيان هئا، سي انهن جا ماستر هئا. هتي اهو ڏسڻ آيا آهن تہ سيمنٽ ڪيئن ٿو ٺهي!"

"اهو ڏسي ڇا ڪندا؟ ڪتابن ۾ سيمنٽ جو ڪهڙو ڪم؟ واه چاچي، مون کي ٿي ڇريو ڪرين! ٿي سنڌي ڪتاب تہ مون بہ ماستر يعقوب کان پڙهيا آهن!"

"نہ امڙ، سچ ٿي چوان. مون کي اڳي انهن ڇوڪرين ئي ٻڌايو هو. اجهو، موٽن ٿا تہ ڀلا تون پاڻ پڇين!"

"اونهہ. مون کي ڪهڙي گتي پيئي آهي!" هن کي انهن ڇوڪرن جي ڳالهين جو خيال اچي ويو.

هو سڀ وري اچي هن جي ڀرسان بيٺا هئا. هڪ ماستر هڪ ڇوڪريءَ کان پڇي رهيو هو تہ پٿر مان سيمنٽ ناهڻ لاءِ ڇا ڇا تو ڪجي؟ ڇوڪري منجهي بيهي رهي، هوءَ دل ئي دل ۾ کلي پئي. هيڏي ساري فيشنبل ڇوڪريءَ کي اها بہ خبر نہ آهي! ڪيس تہ هر ڪا خبر هئي- ڪتان پٿر ڀورو ٿي وڏن وڏن نلن ذريعي مٿي چڙهندو هو. ڪيئن ڳارو ٿي، مختلف ڪُورن مان لنگهي، سيمنٽ جا گولڙا ٺهندا هئا. ۽ انهن کي ڪيئن وري ڀورو ڪري سيمنٽ جي شڪل ڏبي هئي. هوءَ دل ئي دل ۾ پاڻ کي انهن ڇوڪرين کان بلند سمجهڻ لڳي.

بس ۾ چڙهڻ وقت هڪ- ٻن ڇوڪرين، ڪپڙن ۽ وارن کي رومال سان صاف ڪندي چيو:

"توبهہ، ڪَڏ ۾ پوي اهڙي ڪيمسٽري، اسان جي تہ ڪپڙن ۽ وارن جي ستيا ناس ٿي ويئي!"

هن ٻڌو. ڪا ٻئي ڇوڪري انهن کي چئي رهي هئي، "توهان ذرڙي سيمنٽ لڳڻ تي رڙيون تيون ڪريو. هوڏانهن ڏسو!" هن مٿي ڏٺو. سڀ ڇوڪريون هنن کي ڏسي رهيون هيون.

"ڪمال آهي، هنن جا تہ منهن بہ نظر نہ ٿا اچن، رڳو سيمنٽ ئي سيمنٽ!"

”جهڙيون سيمنٽ جون پُتليون!“ ڪنهن ڇوڪريءَ جو آواز هو.

بس هڪ تيز آواز سان گيٽ کان ٻاهر نڪري وئي. هن جي ڪَنن ۾ اڃا ان نامعلوم ڇوڪريءَ جا اکر گونجي رهيا هئا- ”جهڙيون سيمنٽ جون پُتليون!“

هن هيڏانهن هوڏانهن ڪم ڪندڙ عورتن کي ڏٺو، ۽ آخر ۾ هن جون نظرون پنهنجو پاڻ تي ڄمي ويون.

هٿ، ٻانهون، ڪپڙا- سڀ سيمنٽ سان ڀريل هئا. هن آهستي آهستي پنهنجا هٿ منهن ۽ ڪنڌ تي ڦيريا ته اتي به سيمنٽ جي ڪِڇ ڪِڇ محسوس ٿي. هن سوچيو، ”واقعي ئي اسان سيمنٽ جون پتليون آهيون. ڪٿي من تي به نه چڙهي وڃي.“ هن ننهن سان ٻانهن جو سيمنٽ ڪرڙي ڏٺو ته سرمائي رنگ جي هيٺان چڱي صاف چمڙي نڪري آئي. پنهنجي حصي جون به سؤ ڳوٽيون رکي، هوءَ ٻاهر نڪري آئي. هن جو ڪم ختم ٿي ويو هو. اڄ هوءَ نل تي ويهي ، دير تائين پنهنجو منهن ڌوئڻ لڳي. هر دفعي هوءَ ٻانهون ڌوئي ڏسي رهي هئي. زيبو ڪيتريءَ دير کان هن جون اهي حرڪتون ڏسي رهي هئي. جڏهن ڇهون دفعو هن پنهنجيون ٻانهون مَلي مَلي ڌوتيون، ته هوءَ اڳتي وڌي آئي. هٿ سان هن جي ڪاڏيءَ کي جهلي، هوءَ هن جي اکين ۾ گهورڻ لڳي.

”ڇا ڪري رهي آهين، شمي؟“

”ڪجهه نه، سيمنٽ تي صفا ڪريان.“

”ڇو؟“

”ڇو؟ اڙي، سڄو ليپ اچي ويو آهي سيمنٽ جو، صاف نه ڪريان ڇا؟“

”ڀلي صاف ڪر، مان تو کي جهليان نٿي، پر ايترو ضرور چونديسانءِ ته اهو سيمنٽ جو ليپ سيني تي ٿيل آهي— ڪنهن جي تَنَ تي ته ڪنهن جي مَنَ تي!“

زيبو خاموشيءَ سان اسٽور روم جي طرف هلي ويئي. هوءَ ڪجهه وقت ائين ئي گم سم بيٺي ويندڙ زيبوءَ کي ڏسندي رهي. پوءِ هن کي الائي ڇا سُجهيو، هن سيمنٽ جي ڍير مان ٻڪ ڀري پنهنجن صاف ڌوتل هٿن ۽ منهن تي ملي ڇڏيو. ڪن ۾ هن جي سفيد چمڙي وري سرمائي ٿي ويئي. سيمنٽ جا ذرڙا هن جي اکين ۾ چڀڻ لڳا هئا، ۽ اکين مان پاڻي وهي رهيو هوس.

* * *

ٻئي ڏينهن جڏهن هو ڳوٺين جي ڪم ۾ مصروف هيون، زيبوءَ، هن جي سيمنٽ پريل منهن کي ڏسي، کلي چيو، "اڙي سچي، شمي، اهو تہ ٻڌاءِ، ڪالهہ تو کي ڪهڙو پوت چڙهيو هو؟"

"ڪالهہ؟ ائين ئي، مڙيئي—"

"وري بہ؟"

—— ٽرن!... ٽرن!... مانوس سائيڪل جي گهنٽي ٻڌي، هوءَ ٻاهر ڀڳي. سائيڪل تي اهو ئي سفيد ڪپڙن وارو نوجوان وڃي رهيو هو. سائيڪل بہ- ٽي گهنٽيون وڄايون، ۽ سَر سَر ڪندي، هن جي پر مان نڪري ويئي. سائيڪل سوار هن کي هڪ دفعو بہ ڪونہ ڏٺو، پر هوءَ خود ايستائين اتي بيٺي رهي، جيستائين سائيڪل هن جي اکين کان اوجهل نہ ٿي ويئي.

"چہ چہ!... ڏاڍو خراب آهي، هڪ دفعو بہ نہ ڏٺائين!" زيبي هن جي منهن ۾ ڏسي کلڻ لڳي.

هوءَ ڪجهہ نہ ڪُڇي. زيبيءَ کان ڪجهہ لڪائڻ فضول هو. اهو سچ هو تہ هوءَ مقرر وقت تي مانوس سائيڪل جي گهنٽي ٻڌي، ڪنهن سحرزده معمول وانگر، ٻاهر ڇڪجي هلي ايندي هئي، ۽ ايستائين بيٺي هوندي هئي، جيستائين سائيڪل ۽ ان جو ساحر سوار بيئي غائب ٿي ويندا هئا. هُن خاموش پڄارڻ کي اک کڻي ڏٺو بہ ڪونہ هو. پنهنجن ئي خيالن ۾ گم سم هليو ويندو هو. ڪيتري تمنا هئي هن کي تہ ڪاش، صرف هڪ دفعو ئي سهي، هو هن کي اک کڻي ڏسي! روز هوءَ ان آس ۾ ٻاهر ايندي هئي، ۽ ناڪامي هميشہ هن جو استقبال ڪندي هئي.

* * *

"شمي!" زيبيءَ، رسيءَ تي ڪپڙا وجهندي، شميءَ کي سڏ ڪيو. فيڪٽري بند هئي. شمي، زيبوءَ جي بيمار پٽ کي هنج ۾ جهليو ويٺي هئي ۽ زيبو ڪپڙا ڌوئي رهي هئي.

"هون!" هن ٻار کي پيار ڪندي چيو، "ڇا آهي؟"

"مان پيئي چوان تہ سعيد آهي تہ ڏاڍو سنو ماڻهو، پر—"

"سعيد ڪير؟" هن تعجب مان پڇيو.

"اڙي، اهو تنهنجو سائيڪل وارو، ٻيو ڪير!"

”هاءِ. هن جو نالو سعيد آهي! ڪهڙو نہ سٺو نالو آهي!“

هوءَ آهستي آهستي چپن ۾ پڙڪڻ لڳي— ”س....ع....ي....د! سعيد....س——“

”چڱو، اهو ورد پوءِ ڪجانءِ. پهرين منهنجي ڳالهہ ٻڌ.“

”ها. ٻڌاءِ.“ هن مسرت ڀرئي لهجي ۾ پڇيو.

”فيڪٽريءَ ۾ ڪم ڪرڻ کان اڳ، مان ۽ شفوءَ جو پيءُ انجنيئر صاحب جي بنگلي تي ڪم ڪندا هئاسين. اِتي اِهو سعيد بہ رهندو هو.“

”چو ڀلا؟“

”سعيد انجنيئر صاحب جي آفيس ۾ ڪم ڪندو هو. ويچارو غريب ماڻهو هو. گهر بہ ڪونہ هوس. تنهنڪري انجنيئر صاحب پاڻ وٽ هڪ ڪوٺي ڏني هيس. پر ٻڌ، شمي. سعيد ڪيترو بہ غريب ڇو نہ هجي، هڪ سيمينٽ ڍوئيندڙ پچارڻ جا هارَ قبول ڪڏهن نہ ڪندو!“

هوءَ چپ تي ويئي. پهريون دفعو هن کي احساس ٿيو تہ هن جي حيثيت ڇا هئي.

ان ڏينهن کان هن سائيڪل جي گهنٽي ٻڌي بہ ٻاهر نڪرڻ ڇڏي ڏنو. پر.... هن جا پير هن جي وس ۾ نہ هئا. دل تي اختيار ڪنهن کي هو؟ هن جي دل اڄ بہ چاهيندي هئي تہ ڊوڙي وڃي پنهنجي بيخبر محبوب جي راهہ ۾ بيهي رستي جا ڪک ۽ پٿر ميڙي، تان تہ هن جي سائيڪل سوار کي هلڻ ۾ ڪا بہ تڪليف نہ ٿئي. پر هميشہ هن کي زيبوءَ جا اکر ياد ايندا هئا: سعيد ڪيترو بہ غريب ڇو نہ هجي، هڪ سيمينٽ ڍوئيندڙ پچارڻ جا هار قبول نہ ڪندو.“

* * *

مان چوانءِ ٿي، ”مان ڪونہ ڏينديس.... ڪڏهن بہ نہ ڏينديس!“

”واهہ، اها بہ ڪا ڳالهہ آهي. اسين غريب ماڻهو. ڪٿان آڻيون ايڏا ٻُڪ رپين جا جو پاڻ بہ کائون، توهان کي بہ ڏيون. ڪو نہ ڏينديس مان!“

”جي نہ ڏيندينءَ تہ اڄ کان پنهنجي نوڪريءَ تان هٿ کڻ. وڃ وڃي عزيز کان رهيل پئسا وٺ ۽ ڳوٺ جي راهہ لڳ!“

”پر، مئنيجر صاحب، توهان سمجهو ڇو نہ ٿا! زيبوءَ چپن کي ڏندن سان ڪُتريندي چيو، ”مان بيوهہ آهيان. منهنجو پُٽ بيمار آهي. ۽ مون وٽ صرف ٻہ رپيا آهن: جيڪڏهن اهي بہ مان توهان کي ڏيان تہ منهنجي پُٽ جي دوا

ڪٿان ايندي؟ ڇا، سيٺ صاحب جي پُٽ جي پارٽي منهنجي پُٽ جي جان کان به قيمتي آهي؟"

"اهو سڀ مان نہ ٿو ڄاڻان. توکي پئسا ڏيڻا آهن، ٻيءَ حالت ۾ هو رستو پيو اٿيئي!"

زيبو ڪجهہ وقت مئنيجر کي خاموش اکين سان گهوريندي رهي. پوءِ هن به ربيا رئي جي پلاند مان ڇوڙي مئنيجر جي وڏايل هٿ تي رکيا. ان هٿ تي، جنهن جو حرص ڪڏهن ختم نہ ٿيندو هو، جنهن کي هر وقت ڇُر مُر ڪندڙ نوٽن ۽ نن - نن ڪندڙ سِڪن جي ڇُهاءُ جي ضرورت رهندي هئي.

"زيبي،" هن زيبوءَ جي ٻانهن جهليندي چيو.

"هون - "

"پئسا ڏنئہ؟"

"ها."

"ڪير آهي اهو جمال؟"

"سيٺ صاحب جو وڏو پُٽ!"

"پوءِ اسان غريبن جي پيٽ ڪَٽي—"

"چپ چپ! شمي، هيءَ دعوت تہ فيڪٽريءَ جي مزدورن طرفان ڏاڍيءَ سڪ مان ڏني پيئي وڃي، ۽ جمال سيٺ ڏاڍي مهرباني فرمائي ان دعوت کي قبل ڪيو آهي!"

آهستي آهستي قدم کڻندي، زيبو هلي وئي، ۽ هن جي اکين ۾ نفرت ۽ حقارت اُڀرڻ لڳي.

* * *

سيني جي پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي، جڏهن جمال سيٺ جي طرفان اعلان ڪيو ويو تہ مزورن جي مزدوري ٽيهہ سيڪڙو گهٽائي ويئي آهي!

ان خبر جو ٻڌائيندڙ مئنيجر هو، جنهن جي پگهار ۾ سئو ربيا مهيني جو اضافو ڪيو ويو هو! مئنيجر جو چهرو روز کان ڪجهہ وڌيڪ روشن ۽ خوش نظر اچي رهيو هو. جيتوڻيڪ ان خبر جو اعلان باقاعدي جمال سيٺ جي طرفان خود ڪيو ويو هو، مگر هو خود، بنفس نفيس، هڪ هڪ کي اها خوشخبري ٻڌائي رهيو هو. ٻڌندڙ جي اکين اڳيان اوندهہ ۽ ڪنن ۾ سُون - سُون ٿيڻ

لڳندي هئي، ۽ هو انهن تاريڪ چهرين کي فتحمنديءَ جي احساس سان گهوريندي، ڪنهن ٻئي کي اها خوشخبري ٻڌائڻ لڳندو هو. پر ويندي ويندي نفرت سان چئي ويندو هو، "ها پٽ، وڏي سيٺ سان ڏاڍائي ڪري ڏٺي هئيوَ، جمال سيٺ سان پُڇو ته ڇاٽانوَ!"

عورتن جي حالت سڀ کان ابتر هئي. ڪيترين سيمينٽ جون ڳوٽريون اچي ڪريون، ڪنهن کي رکڻ جي سُڌ ڪانه هئي. اهو ته شڪر ٿيو، جو مٿي وارن جا پنهنجا هوش گم ٿي ويا هئا ۽ وڏيڪ ڳوٽيون اچڻ بند ٿي ويون، ورنه شايد هو سڀ سيمينٽ جي ڳوٽين هيٺان دٻجي وڃن ها!

زيبوءَ کي تصور ئي تصور ۾ پنهنجو ننڍڙو پٽ ڪير لاءِ روئندو نظر آيو. ساڍي ٽين آني پاءُ هوءَ ڪيئن ڪير وٺندي، جڏهن هن کي صرف هڪ روپيو ملندو! سٽين آني سير اٽو، پاڄي، ۽ ان کان سواءِ.... هن جو شفو، هن جو بيمار پُٽ! هن کي تصور ئي تصور ۾ شفوءَ جو لاش اگهاڙو نظر آيو، جڻ هو پنهنجون اڌ کليل اکيون ڦاڙي هن کي چوندو هجي: "اما، مون کي ڪفن به نه ڏينديءَ؟ اما، امان، مان بيمار آهيان... مون کي دوا آڻي ڏي، مون کي بُک لڳي آهي.... مون کي.... ڪفن ڏي، مان اُگهاڙو آهيان... اما!" ۽ هوءَ جيڪا هيتري وقت کان خاموش ويٺي هئي، شفوءَ جون خاموش صدائون ٻڌي، رڙهي آئي. هن پنهنجو مٿو زور سان پٿريليءَ پٽ تي هنيو، ۽ پوءِ هن کي هوش نه رهيو.

* * *

فيڪٽريءَ ۾ به ڏينهن اسٽرائيڪ رهي، مگر جمال سيٺ کي ترِ جيتري به پرواهه ڪانه هئي.هن وٽ هڪ فيڪٽري ڪانه هئي، ٻيون به ٻه - چار مِلون هيون. هن جون لاريون ۽ موٽرون سڄي ملڪ ۾ هلنديون هيون. هن کي ڇاليهه - پنجاهه هزارن جي نقصان جي ڪهڙي پرواهه هئي؟

پر انهن جي لاءِ، جن جو گذران روز جي ڪمائيءَ تي هو، هڪ هڪ پل ورهيه مثل گذري رهيو هو. پهرئين ڏينهن ته اڳي جي بچيل سچيل تي گذران ڪيو ويو، مگر صبح کان سيني جو نظرون شهر واري رستي تي ڄميل هيون، جيتوڻيڪ هر ڪو ٻئي کي اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هو ته هن کي ڪا پرواهه ڪانهي، ڪير اچي نه اچي، پر پاڃا لڙي ويا، مئنيجر ته ڇا، سيٺ جو پيوالو به اها خوشخبري ڪٽي نه آيو ته هنن جون نوڪريون بحال ڪيون ويون

آهن ۽ هن صبح کان وني اچي ڪم تي لڳن. گهر ۾ رکيل ٻچيل سچيل داڻا به ختم ٿي ويا هئا. هنن کي پنهنجو جوش ۽ غيرت ٻارن جي ٻڪايل اکين ۾ دفن ڪرڻي پيئي.

۽ ٻئي ڏينهن جڏهن هن جو پيءُ سيٺ سان مصالحت جي باري ۾ ڳالهائڻ ويو ته سيٺ جي ڳالهه ٻڌي هو حيرت ۾ پئجي ويو. سيٺ هن کي چيو ته هو نه صرف هنن جون ساڳيون مزوريون قائم رکندو، پر مناسب اضافو به ڪندو. پر... ان جي لاءِ هن کي شمي هن جي حوالي ڪرڻي پوندي! سيمنٽ ڍوئيندڙ خسيس مزورياڻي، جنهن جي نس نس، رڳ رڳ ۾ هن جي فيڪٽريءَ جو سيمينٽ پريل هو!

هن جو پيءُ سيٺ جي ڳالهه ٻُڌي ڪِلي پيو. هي سيٺ به ڪهڙو نه بيوقوف هو. ڀلا ايتريءَ معمولي ڳالهه لاءِ ايتري گوڙ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ جيڪڏهين هو ائين به ڪانئس ڏيءُ گهري ها ته هو انڪار ڪري ها؟ آخر سيٺ ۾ ڪهڙي برائي هئي؟ شڪل صورت ته مردن جي ڏسبي ڪانه آهي. هونئن به جمال سيٺ ته گهڻن سينن کان چڱو هو. هن جو پيٽ عام سينن وانگر نڪتل ڪونه هو، ۽ ڪوپريءَ تي هڪ به ڊزن وار به هئس، جن کي هو نهايت اهتمام سان اعليٰ قسم جو تيل وجهي ڄمائيندوهو - ورنه اڪثر اهي نادان اُيا تي بيهندا هئا، رهي عمر، ته اها ڪهڙي شيءِ آهي: عمر در حقيقت هانيءَ جو نالو اهي، ۽ هانيءَ جي لحاظ کان جمال سيٺ بلڪل جوان هو. هن جو پيءُ ڪلندو سيٺ جي ڪمري مان نڪتو. جڏهن هن اها خبر ٻڌي، ته سندس ذهن ۾ لاتعداد سائيڪل جون گهنٽيون وڳيون، ۽ پوءِ گهري خاموشي ڇانئجي ويئي.

* * *

سيٺ جي هوءَ زال هئي. پر ان جي خبر سواءِ سيٺ جي وڏيءَ بيگم ۽ چند عزيزن ۽ نوڪرن کان سواءِ ڪنهن کي ڪانه هئي!

هن جي حيثيت هن گهر ۾ ڪنهن اهڙي پراڻي رانديڪي جهڙي هئي جيڪو لاتعداد پراڻين سراٽين شين هينان دٻجي ويو هجي - ڪنهن جي دل چوي ته ڪڍي کيڏي، ۽ وري ڪنڊ پاسي ڦٽو ڪري ڇڏي.

ڪجهه عرصو هوءَ پنهنجي اڪيلي خاموش ڪمري ۾ سائيڪل جي گهنٽيءَ جا آواز ٻڌندي رهي، پر پوءِ هر طرف گهور اُداسي ۽ خاموشي ڇانئجي ويئي.

سيٺ جي ظالماڻي ۽ لاپرواهہ برتاءَ هن کي ذري گهٽ کٽ داخل ڪري ڇڏيو هو. جيتوڻيڪ هوءَ نرم پلنگن تي دراز هوندي هئي، پر هن جو سَنڌ سَنڌ ڏُکندو هو. هوءَ سوچيندي هئي، "ڪاش، سيٺ هن کي پنهنجي زال سمجهي ها!" اها زال، جيڪا مرد جي هر طرح جي رفيق هوندي آهي. جنهن سان روح جو ڳانڍاپو هوندو آهي. پر سيٺ کي ڪهڙي ضرورت هئي، جو پنهنجي چينيءَ جي گُڏيءَ جهڙيءَ پڙهيل - لکيل زال جي موجودگيءَ ۾ هن سيمينٽ جي پتليءَ کي پنهنجي "رفيقِ حيات" بڻائي؟ هوءَ تہ صرف زال هئي، ۽ بس!

*　　*　　*

وڏي سيٺ پنهنجي ڪُل ملڪيت سيٺ جمال ۽ ان جي ننڍي ڀاءُ کي ورهائي ڏني. سيمنٽ جي فيڪٽري جمال جي ننڍي ڀاءُ کي ملي هئي، ۽ هو رات ڀاءُ کان پنهنجا "اختيارات" وٺڻ آيو.

رات جڏهن هوءَ وڏيءَ بيگم کي مٿي تي مالش ڪري موٽي رهي هئي، تہ جمال سيٺ جي ڪمري مان ڳالهين جو آواز ٻڌي هوءَ بيهي رهي. ڪمال چئي رهيو هو، "ادا، اها فيڪٽري توهان کڻو. مون کي شهر واري ڪپڙي جي مِل ڏيو. مان هن ننڍڙي ڳوٺ ۾ رهي ڪونہ سگهندس. هتي تہ ڪو بہ مزو ڪونہ آهي. تعجب آهي، توهين الائي ڪيئن ٽا رهو!"

"اڙي، تون هتي ڪجهہ وقت رهي تہ ڏس، پوءِ نڪرڻ تي دل ڪانہ چوندءِ!" هي جمال سيٺ جو آواز هو.

"ڪيئن ڀلا؟"

"بس، ڏسجانءِ وينو. هتي چينيءَ جون گُڏيون نہ آهن، تہ سيمينٽ جون پتليون کوڙ اٿئي."

"هونهہ!"

"سياڻي تنهنجي لاءِ بہ ڪا ڳولبي!"

هوءَ وڌيڪ ٻُڌي نہ سگهي. کيس چڪر آيو، ۽ پوءِ زمين تي ڪري پيئي.

جڏهن هن کي هوش آيو تہ هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ هئي. ڪم واري ڇوڪري کير جو گلاس هن کي ڏيندي چيو "صاحب تو چوي تہ اسين صبح جو شهر وڃي رهيا آهيون، تون چاهين تہ پنهنجي پيءُ وٽ هلي وڃ!"

هن نفرت سان ڇوڪريءَ کي ڏسندي چيو، "سيٺ کي چئہ تہ هلي

## ٻلرام وڪل

# "انڌير نگري"(سرائڪي)

مولو حجم دي چوري تي ڳئي. چور آپي آئي آپي ڳئي، پر حجم دي گهر ڪک نہ چوڙيونين.

حجم ها غريب، سو وچارا رو ڌو چپ ڪري بينا. اُهندي مرضي نہ هائي تہ ڪو پوليس وچ فرياد ڪريجي، پر ڳوٺ واليان آکيس، "فرياد ڪر، شئت ڪوئي بلا تي پوئي!"

مولو وچاري مردئين جيڏئين صلاح منـي، ڪيوين ڪري "اڳون ڪنڌي پڇون باهہ" والا مالا ها. پوليس دي سور تہ سجهدي هنس، پر راڄ دا حڪم پي جيهي تيهي ڳالهہ نہ هائي. روزي دا سوال ها، تيوي حجم، تي رئيسان دا آکڻ نہ مني!

مولو، تانگي والي ڪون پنج ربئي ڏيوٽي ڪيتي. رئيس گامڻ خان ڪون نال ڳڌس - سڌي آئي ٿاڻي تي.

مولو وجڻ نال صوبيدار دا نوڙ سلام ڪيتا. پر صوبيدار ڪوئي جواب نہ ڏتس، نہ ول اُهن غريب ڏي اک چا ڪر ڏتس.

ڪيون ڏيکيئي؟ صوبدار جو تيا پوليس دا - سنڌ علاقي دي پوليس دا صوبيدار! تولي دير ڪنون پڇي، صوبيدار سر چاتا، مولو ڪون ڏنس. رڙ ڪري آکيس، "اڙي، تون بهہ رهيون؟ اُتي، وچ اُهن مينهن ڪون ڌنوا آ."

مولو ڏڪدي ڏڪدي اُتيا، صوبيدار دي مينهن ڪون ڌاوڻ چليا ڳيا. پڇون رئيس گامڻ خان اپڻي جاهہ تون اُتيا، صوبيدار دي ڪن نال منهن رلا وچ آکيس:"سائين، حجم ڪون ايوين نہ ڏيک! سکيا سهنجا هيئي، پيٽسان ڪالهہ فکر ڪنون پچي سر ڪا ڳيا ها، آکي "تون صوبيدار صاحب ڪني رليج چل" - ميڏا ڪجهہ نہ وجي، سائين - تون چاڻ تيڏي مرضي!"

مولو مينهن ڪون ڌنوا، بندر تي آن ٻڌا تہ صوبيدار ول رڙ ڪر آکيس، "اڙي گهوڙي تہ اجا اُجي ڪڙي اي".

مولو هٿ ٻڌا آکيا، "سائين، تسان تہ مينهن دا آکيا ها!"

"آءِ گهوڙي تيڏي پيئو پلاوٽي اي؟ ڪم چور حرامي اڪيندا ڪيوين-

"شائين تُشان تہ مينهن دا آکيا ها!"

بي شرم کنهن جاھ دا." مولو غريب گهوڙي کون پيي پاني پِلا آيا.

"مولو!" صوبيدار اپٹيا شهپران کون مروڑا ڈي، کنڈ دي اشاري نال مولو کون سڈ کيتا، "کيون... اڑي حرامي، کر خبر، تيڈي چوري تي ڳئي اي؟"

"هائو، سائين!"

"هائو سائين" دا قل! پيٹسان ساري رات زال نال بَک گهت سُتا هوسيِ، هُڻ ول پچ آيا هي ثاني تي. چڻ اتان اهندي پئو دي بيلي بيني هن، حرامي کنهن جاھ دا! اڑي تکيندا کيا اين؟ مَر پري، ... تل وچ اکين تُون تہ لاهيئين نہ قوري."

صوبيدار آپٹي منشي کون سڈ کر آکيا، "عمرالدين سوار کون اوري مُنج."

"عمرالدين!"

"جي سرکار!"

"اِهن حرامي کون "ساري رات سمهڻ" دي ڈوھ وچ چالان کَر!"

چالان دا سٹدئين، مولو دي تاک مِل ڳئي.

صوبيدار دي اڳُون هٿ بَدَ، رووڻ هارکا تِي اکڻ لڳا "سرکار، ميڈا قصور؟"

"بس کر، قصور دا قل!... پيٹسان سوُر!... ساريان ساريان راتين بي اولکا تي سمهہ پَئُندا اي، - ول پچدا اي: "شڑکاڑ، ميڈا قشور!" پوليس والي مولو کون بانهن کنون جهل، هک پاسي وچ، هولين هولين آکيا: "پنجاهہ ربئي کڍ تہ جند چڑاوئين، نہ تہ اِها کالي کوٹي پَرون ڈيک چوڑ."

"سچ لڻي کنون پِچي آپي خبران پوئسن، جڏان تون سُمهسين، تي ميجر جاڳسن!"

"سائين، مئين غريب پچڑيوال، کسبي ماٹهو، مئين کنين پنجاهہ روپئي کتون آئي!"

عمرالدين سوار، غصي نال کورڑيان اکين کر آکيا، "پيٹسان کنجر! کريندا کيا اي؟ اوري کر هان اي خميس (قميس) دا گودا." - اتلا آک، مولو دي گودي وچون هٿ گهت، ڈهين دا نوٹ (نوٹ) کَڍ ڳڏس.

"اهو پاسي والي گودي وچ کيا اي؟"

"سائين، خدا دي قسم اي، اي ڈيک ِقڻي اي، بيا حرام..."

سوار آکيا. "صوبيدار صاحب تہ ڪُتِيسي، پَر هُڻ ايوين ڪر، اها پڳ آئون جُتي لاهه رک اتان - تون پَــج وڃ اِتون. جهٽ ڪر، متان ڪو ڏيک نہ گهنئي، ڪيا ياد ڪريسين حرامي، هووئي تورا!"

مولو هڪ پير جتي ڪنون اَ ٻاهر ڪڍيا. اَپڻي پڳ آپ لاهڻ ڪاڻ هٿ وَڌا پڳ وچ گهتيس، پر لاهڻ روح نہ تيس. اُهنديان اکين وچون ڏوڙي ڏوڙي لڙڪ نڪل پئي. پوليس والي ٻي طرف مــنهن قير آکيا. "جهٽ ڪريدين حرامي، ڪين ڪرئين قاعدي دي ڪارروائي؟"

پوليس والي ڪنون ٿهڪ نِــڪل ڳيا. جڏان مولو حجم پيرون سرون ننگا، ايوين آک گهر روانہ ٿيا:

"هوسي نڪ نهر ڪون، تہ ول نہ ويسي واڙ"

(مهراڻ، 2 - 1956ع)

---

هريڪانت

# بتي اُجهامي ويئي....

”هل، جوان!“

ٽانگي واري، پنهنجي ٽڪل گهوڙي جي پٺي ٺپيندي، لغام ڇڪيو، اشارو پائيندي ئي سمجهو جانور منزل ڏانهن رُخ رکيو. رات جي آخرين گاڏيءَ جو انتظار ڪندي، ڏهه اچي وڳا هئا. جيوڻ کي ڪا سواري ڪين ملي هئي، ۽ هو نراش دل ڪٺي گهر موٽي رهيو هو. سڄي ڏينهن جي هڻ - هڻ بعد ويچارو سوا روپيو مس ڪمائي سگهيو هو. اُن سوا رپئي مان ئي هن کي پنهنجي ڪٽنب جي ڇهن ڀاتين ۽ گگدام جانور جو پيٽ ڀرڻو هو.

صبح کان سانجهيءَ تائين، جيوڻ شهر جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پنڌڪي سواريءَ لاءِ ٻاڏائيندو هو، ليڪن مشڪل سان ئي ڪيس ڪا سواري نصيب ٿيندي هئي. آخر ڇو؟ ڪارڻ سوچيندي ئي، جيوڻ حسرت ڀريل نگاهن سان پنهنجي پراڻي ٽانگي ڏانهن نهاريندو هو. ڦاٽل ميرا، گديلا، ڏٻرو ڪمزور گهوڙو، ۽ ڍلي ٻي ڍنگي رفتار ئي شايد ڪم نصيبيءَ جو ڪارڻ هئا. هن ڪيترائي دفعا پنهنجي ٽانگي جي مرمت ڪرائڻ جو ويچار ڪيو هو، ليڪن اهو ويچار، صرف ويچار ئي پئي رهيو.

شهر جون اوچيون اوچيون عمارتون، ڳتيل بازارين ۽ ڀڪندڙ سڙڪون پار ڪري، جيوڻ بستيءَ ڏانهن ويندڙ ڪچي رستي ڏي لغام ڦيرايو. ٽڪل گگدام ڪيترو نہ سمجهو هو، شايد هن پليءَ ريت ڄاتو ٿي تہ سندس غريب مالڪ کي گذريل رات کان روٽي نصيب ڪين ٿي هئي. پنهنجي رحمدل مالڪ جي پيٽ ۾ جلندڙ بک جي آگ اُجهائڻ لاءِ نهايت تيز رفتار سان ڊوڙي، هو ڪيس منزل تي پهچائڻ جو يتن ڪري رهيو هو.

اوچتو، ٽانگي ۾ لڳل ننڍڙي بتي ڦڙڦڙائڻ لڳي. جيوڻ ڇرڪ ڀري وسامندڙ بتيءَ ڏانهن نهاريو. الائي ڇو، سندس دل ڌڙڪي اُٿي. جوت جي ٽمٽائڻ ۾ ڪيس ڪنهن مصيبت جا آثار نظر آيا ڏسندي ڏسندي، هوا جي هڪ تيز جهونڪي سان بتي اجهامي ويئي، ۽ ... ۽ پوليس جي ڊيڄاريندڙ سيٽيءَ جو هڪ سجاتل آواز ٻڌي، جيوڻ جا وار ڪڙا ٿي ويا، سندس ڏڪندڙ هٿ الائي

ڇو وَر ۾ ٻڏل سَوا روپئي ڏانهن ڪچي ويا. هن جون سنهڙيون ۽ ڪمزور آڱريون پٽل ۽ ٽامي جي اُنهن ٽڃ سڪن کي ائين ڇهنديون پيئون، گويا اُهي سڪا هميشہ هميشہ لاءِ ڪانئس کسجي رهيا هئا. ڏِپ پريل نگاهن سان هن پنيان نهاريو. فانوس جي جهڪيءَ روشنيءَ ۾ چمڪندڙ بٽڻن واري رعبدار وردي پهريل هڪ سپاهي، لنبا قدم کڻندو، ڏانهس وڌي رهيو هو. سندس پيرن ۾ پيل لنبي مضبوط بوٽ جي نڪ - نڪ جيوڻ جي ڪمزور دل ۾ خوف جو پڙاڏو ٿي گونجايو. هن جي هٿن مان لغام ازخود ڍرو ٿي ويو، ۽ سڙڪ جي هڪ ڪناري ٽانگو بيهي رهيو.

"سلام، سرڪار!" سپاهيءَ جي ويجهو ايندي ئي، جيوڻ نماڻائيءَ سان خوشامد ڪئي: "ڪيڏانهن هلندا، سرڪار؟"

"ڪيڏانهن هلندس؟ بي ايمان پڇين ٿو ڪيڏانهن هلندس!... ٽاڻي تي هلڻو آهي، ٽاڻي تي! بتي ڇو نہ ٻاري اٿيئي؟" سپاهيءَ رعب ڄمائيندي چيو.

"بتي..." جيوڻ نراش نگاهن سان بتيءَ ڏانهن ڏٺو. "اُجهامي ويئي، سرڪار... بتي اُجهامي ويئي..."

"ڇو....؟" سپاهي زمين تي لَت هڻندي، زور سان ڪڙڪو ڪيو.

"ڇو؟" جيوڻ جي خالي دماغ ۾ زور زور سان گونجي اُٿيو: "ڇو....ڇو....ڇو....؟" ڪن پلڪ جي خاموشيءَ بعد، هن ڳنڀير آواز ۾ جواب ڏنو: "تيل کپي ويو، حضور... بتيءَ جو تيل کپي ويو...!"

"تيل کپي ويو؟" جمعدار گرم ٿيندي چيو: "اهو بہ ڪو جواب آهي، بيوقوف! بتيءَ جو خيال ڇو نٿا رکو؟"

جيوڻ جي هرديہ- آڪاش ۾ جذبات جو هڪ طوفان مچلجي اُٿيو. من جي ياونائن کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪندي بہ ڏڪندي چئي ويٺو:

"— زندگيءَ جي جوت قائم رکڻ ڪاڻ... اسان کي پنهنجو خون - پسينو جلائڻو ٿو پوي، سرڪار! اسان جي قسمت جو ديپ ئي ڦڙ ڦڙائي رهيو آهي،- ٽانگي جي بتيءَ جو ڪيترو خيال رکون، سرڪار!..."

سپاهي خاموش رهيو.

جيوڻ، آلين اکين ساڻ ڏانهس نهاريندي، التجا ڀري نوع ۾ چيو: "منهنجا معصوم ٻچا بک کان ٻاڏائي رهيا هوندا، سرڪار! ڪالهہ رات کان ڪين روٽي

ڪين ملي آهي. منهنجو ننڍڙو رامو... ڪير چڪيءَ لاءِ ٻاڏائي رهيو هوندو، سرڪار.... مون تي رحم ڪريو!“

ٻڌڙي جيوڻ جي پريل گلي مان غربت ۽ غريبيءَ جو دل- ڀڄائيندڙ داستان سُڻي، سپاهيءَ جي دل ويچار ساگر ۾ غوطا کائڻ لڳي. جيوڻ جي مجبوريءَ ۾ ڪيس پنهنجي غريبيءَ جي ڌنڌلي تصوير نظر آئي. سندس ڪنور دل بہ هڪوار ڀڄي پيئي. آخر هو بہ تہ غريب هو! ستر روپين ماهوار منجهان ڪيس بہ ڇهن ڄاتين جو پيٽ پلڻو پوندو هو. پنهنجن معصوم ڪمزور ٻارن کي اڻپورو کاڌو ملندو ڏسي، سندس دل سسڪيون ڀرينديي هئي. پنهنجي ننڍڙي ڌيءَ اُما جي گُل جهڙي مکڙي کي خزان جي قول ڄيان ڏينهون ڏينهن زرد ٿيندو ڏسي، هن جي دل کي هڪ گهري چوٽ رسندي هئي. اڄ صبح کان اُما کي سخت بخار هو. ليڪن غريبيءَ ۽ مجبوريءَ جي ڪنور زنجيرن ۾ جڪڙيل ٻهاري سندس علاج ڪرائڻ کان عاجز هو. ” اُف، زندگي ڪيتري نہ ڀاري آهي— هڪ غريب جي زندگي!“ اهي ئي ڳڻتيون ڪندو، ٻهاري، سڄي ڏينهن جي ٿڪيندڙ ڊيوٽيءَ بعد، هٿين خالي ۽ غم- پريل دل ڪٽي، گهر موٽي رهيو هو. اوچتو رستي ۾ هن ڏٺو، جيوڻ جي ٽانگي جي ٻتي اُجهامي ويئي. جيوڻ جي ٻتي وسامي وڃڻ تي هن جي دماغ ۾ آشا جي هڪ ڌنڌلي تصوير چمڪي اُٿي. بنا ٻتيءَ ٽانگي هلائڻ جي ڏوهہ جو هن پورو پورو فائدو وٺڻ تي چاهيو. هن کي پنهنجي ڌيءَ جي علاج لاءِ پيسا گهربا هئا— ڪهڙيءَ بہ ريت، ڪهڙي بہ طريقي. پيسن جو ڌيان ايندي ئي، هو گويا گهريءَ ننڊ مان سجاڳ ٿيو. پاڻ سنڀاليندي ۽ پيشانيءَ جو پگهر اُگهندي، هو چِلائي اُٿيو:

”اوهان ماڻهن جو دماغ اصل نڪاڻي ڪين آهي: بنا ٻتيءَ ٽانگو هلائي، قانون جو اُلنگهن ڪرڻ جا اصل عادتي تي پيا آهيو!...“

”حضور“... جيوڻ ٻاڏايو

”آءٌ تو کي اصل ڪين ڇڏيندس. اجهو تو ٿاڻي تي رجوع ڪري، ڏهہ رپيا ڏنڊ ڀرايانءِ، بي ايمان! هل هل ٿاڻي تي....!“

ڏنڊ جو نالو ٻڌندي ئي، جيوڻ جي جان ڏڪي اُٿي.پنهنجي قاتل ٽوپي لاهي ڪٽي ٻهاريءَ جي پيرن تي رکيائين، ۽ ڏڪندي چيائين: ”سرڪار، آءٌ بيحد مسڪين آهيان، سرڪار! مون کي معاف ڪريو...“

بهاريءَ جي دل ٻڏڻ ترڻ لڳي. ٻيڙي تي سچ ته ڪيس رحم ڪهل اچي رهي هئي، ليڪن هن کي ٻه ته پنهنجيءَ ڌيءَ جي علاج لاءِ پيسا کپندا هئا، ۽ اهي پيسا هو سختي ۽ رعب ڄمائي جيوڻ مان ئي حاصل ڪري سگهيو ٿي. جيوڻ جي ڳالهين مان خفي ٿيندي، بيزاريءَ مان چيائين: "آءٌ اها بڪواس ٻڌڻ تي هريل ڪين آهيان. چيم مون کي صرف تنهنجي ڏوهه سان مطلب آهي. اوهان ماڻهو بلڪل بيپرواهه آهيو. قاعدي قانون جي پرواهه ئي نٿا ڪريو! اڄ ته تو کي ضرور چالان ڪرائيندس."

جيوڻ کيس ليلايو، ٻاڏايو..... ليڪن بهاريءَ جي دل ڌيءَ جي موهه ۾ جڪڙجي ڪنور ٿجي چڪي هئي. لاچار، ڏڪندڙ هٿن سان جيوڻ ور ۾ ٻڌل پيسا ڪڍيا. آنسن پريل نگاهن سان هڪوار اُنهن پيسن ڏانهن ڏسندي، هن پنهنجو ڏڪندڙ هٿ سپاهيءَ ڏانهن وڌايو، ۽ پريل گلي سان چيو: "سڄي ڏينهن جي ڪمائي..."!

سپاهي ٿورو ھبڪيو. هڪوار جيوڻ جي آنسن پريل اکڙين ڏانهن ڏٺائين، ۽ پوءِ هڪدم دل ڏاڍي ڪري، آسپاس نظر ورائي، پيسا کڻي ورتائين، ۽ آخرين دفعو رعب ڏيکاريندي چيائين: "هي دفعو معاف تو ڪريانءِ، ليڪن آئيندي خبردار رهج....وڃ!"

جيوڻ، هڪ لُٽيل مسافر جيان، نراس ۽ پريشان، پنهنجي ٽانگي ڏانهن وڌيو، ۽ سندس گهوڙي آهستي آهستي هلڻ شروع ڪيو.

سامهون، دور دور، سڙڪ تي ڦهليل انڌڪار سان گڏ.جيوڻ کي پنهنجو جيون ٻه انڌيارو نظر اچي رهيو هو. گهر پهچي هو پنهنجن معصوم بکايل ٻارن کي ڪهڙو جواب ڏيندو؟ دروازي تي اکيون پائي ويٺل زال جي آشا پريل نگاهن کي ڪهڙو آٿت ڏيندو؟ اهي ئي ڳالهيون سوچيندي، پنهنجي غريبي، مجبوري ۽ بيڪسيءَ تي آنسو وهائيندي، هو پنهنجي گهر کي آڏو پوندو ٿي ويو.

هٿ ۾ جهليل سوا روپئي جي چمڪندڙ سڪن ڏانهن ڏسندي، سپاهيءَ کي پنهنجي جيت تي خوشيءَ جو احساس ٿيو. ليڪن ٻئي ڪن ۾ سامهون انڌياري ۾ ويندڙ ٽانگي جي کٽ- کٽ جي گهري آواز سندس جان ۾ سياٽو آڻي ڇڏيو. ڏانگي جي ڦيٽن مان نڪرندڙ گنڀير چيڪات، گويا، سپاهيءَ جي ظلم جي شڪايت ڪندي، جيوڻ جي مجبوريءَ ۽ بيڪسيءَ جو دک پريو گيت ٿي ڳاتو.

بـهاريءَ جي دل کيس ڦٽڪارڻ لڳي. لاشڪ اڄ هن بيرحميءَ جو ڪم ڪيو هو. ليڪن، .... هو بہ تہ مجبور هو: سندس منڙي ڌيءَ جو بيمار هئي! بيمار ڌيءَ جي مرجهايل ڇهري جو تصور ڏيندي ئي هن جا قدم تڪڙو تڪڙو گهر طرف کڻي ويا.

گهر جي نزديڪ پهچندي ئي بهاريءَ جون ٽنگون ڏڪڻ لڳيون. هٿ ڏڪڻ لڳا ۽ دل ڌڙڪي اُٿي. سندس من ۾ سهسين شنڪائن جو هڪ طوفان اُڏامڻ لڳو. آهستي آهستي هن چانئٺ اندر پير ڌريو. تڪڙا ۽ ابهرا قدم کڻندو، هو سامهون صندل تي سمهيل ڌيءَ ڏانهن وڌيو. سندس پگهريل پيشانيءَ تي هٿ رکندي ئي هن جي من ۾ اُٿندڙ شنڪائن جو طوفان شانت ٿي ويو. سندس پتنيءَ کيس ٻڌايو تہ اُما جو بخار لهي چڪو هو، پاڙي ۾ رهندڙ راڌيءَ ڏانهن رهيل سلائيءَ جي پيسن مان هن اُما جي دوا پڻ ورتي هئي.

بهاريءَ سامت جو هڪ لنبو ساهہ کنيو، ۽ خاڪي بسرٽ جي کيسي مان سوا رپيو ڪڍي پرسان رکي ڇڏيو. لالٽين جي جهڪي پرڪاش ۾ اُهي سڪا چمڪڻ لڳا. بهاري يڪ- ٽڪ انهن ڏانهن گهورڻ لڳو. آهستي آهستي هن ائين محسوس ڪيو، گويا اهي سڪا تمام زور سان چمڪڻ لڳا هئا. انهن جو تجلو ايترو تہ وڌي ويو جو بهاري انهن ڏانهن نهاري سگهڻ جي همت بہ ساري نہ سگهيو. سندس اکيون ازخود بند ٿي ويئون، ۽ وويڪ پڙڪي اُٿيو. "پنهنجي مطلب سڌ ڪرڻ لاءِ هن اڄ معصوم ٻالڪن جي وات مان روٽي کسي هئي، غريبن جي پيٽ تي لت هڻي هئي... ڪيتري نہ گراوٽ!"

بهاريءَ جي اکين اڳيان جيوڻ جو اوداس ڇهرو ڪڙو ٿي ويو، جو آنسن ٻڏل اکڙين ۽ پريل گلي سان چئي رهيو هو: "ٻتي اُجهامي ويئي، ... تيل کپي ويو"، "زندگيءَ جي جوت"... "خون - پسينو"... "ديپ ڦڙ ڦرائي رهيو آهي"... "مون کي معاف ڪريو، سرڪار!... مون تي رحم ڪريو...!"

بهاريءَ جون رڳون سيٽجي ويئون ۽ ساهہ جو دورو تيز ٿي ويو. جيوڻ جي ٻتي اُجهامڻ تي هن پنهنجي جيون ۾ روشنيءَ جي جهلڪ ڏٺي هئي: جيوڻ جي جيون کي انڌيري ۾ ڌڪيلي، هن پاڻ کي روشنيءَ جو درشن ڪرائڻ ٿي چاهيو!"... "نہ، نہ!" هن پيڪوڙيل ڏندن ۾ ڪجهہ زور سان پٽڪيو، ۽ پوءِ اُبهرائيءَ مان اُٿي، پيسا کڻي، تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪري ويو.

مزور - بستيءَ ۾ پهچڻ بعد هن کي جيوڻ جو گهر ڳولڻ ۾ ڪا خاص دير ڪين لڳي.

هڪ ڪچي مڪان جي دروازي وٽ، منهن گوڏن ۾ ڇپائي، ڪو غريب پنهنجي مجبوريءَ تي ڳوڙها ڳاڙي رهيو هو. اندران ڪنهن ٻالڪ جي روئڻ جو آواز پئي آيو. بهاريءَ جهٽ سهي ڪيو، — اهو ئي جيوڻ جو گهر هو.

بهاري، هڪ ڏوهاريءَ جيان، هلڪا قدم کڻندو، سندس ويجهو پهتو. کيسي مان پيسا ڪڍي، هن جيوڻ جي پيرن وٽ رکي ڇڏيا. ڪڙڪو ٻڌندي ئي جيوڻ جيئن ڪنڌ مٿي ڪنيو، سندس وار ڪڙا تي ويا. ڏڪندي ڏڪندي هو اوٿي ڪڙو ٿيو، ۽ پريل دل سان چيائين:

"سلام سرڪار!"

بهاري ڪجهه ڪجي ڪين سگهيو. صرف سندس اکين مان همدرديءَ جي گهري راز پريا ٻه گرم آنسو نڪري جيوڻ جي پيرن لڳ ڪِري پيا، جن ۾ سمايل هو- "هڪ غريب جو، غريب لاءِ پيار".

(مهراڻ، 1-2/1958ع)

## بهاءُ الدين سرهندي

# بيوس

زندگيءَ جي لهر هن کي زندگيءَ کان ايترو پري ڪٽي ويندي، اهو هن جي خواب خيال ۾ به نه هو. وطن جا وڻ ڇڏي هن کي ٻن سالن کان به ڳچ وقت ٿي چڪو هو. انهيءَ وچ ۾ هو ملڪ جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ ڏانهن ڊوڙيو. سنڌ ۽ پنجاب جي وادين ۽ ريگزان کي چيريندو، هو قداور جبلن جي ديس ۾ پهتو. جبل جهاڳي جڏهن بس ڪيائين، تڏهن وني فضا ۾ اُڏاڻو ۽ اچي دريائن جي ديس ۾ ساهه پٽيائين. اُهي ويڪرا درياءَ، جن جي ڪنارن تي سانورين دوشيزائن ڪارن ڪکن وارن جا چار پکيڙي ڇڏيا آهن ته پل ڪو سڪايل اچي دل لُٽائي. جتي جا مانجهي، ڇپن جي لَي تي دلين جا دونها تا ڪدين. وڏن ويڪرن دريائن کي پار ڪندو، هو ننيڙين ندين وٽ پهتو، جن جي ٻنهي ڪپن تي بينل ڊگها ڊگها گرجن جا وڻ آڪاش جو سينو چيريندا ڏسبا آهن. انهن وڻن جي وچ ۾ هن "چڪما" قبائلين جا جهوپڙا ڏٺا، جتي زندگي اجا "تهذيب" جي گندي لفظ کان واقف نه ٿي آهي، جتي جي زندگي ڪچي گوشت وانگر آهي— دل گهري ته کائو، نه گهري ته نه کائو.

هو زندگيءَ جي تلاش ۾ هو. هن چاهيو ٿي ته زندگيءَ جي جام کي ايترو پري، ايترو پري، جو اهو ريلا ڪري وَهي، ۽ پوءِ هو ان کي هڪ ئي ڍُڪ ۾ پي وڃي. هن جا خواب ڏاڍا سنهري هئا، ۽ زندگيءَ جي جام هٿ ڪرڻ لاءِ هُن وطن جا وڻ ڇڏيا.

هن زندگيءَ کي مرڪيندي به ڏٺو، ۽ روئندي به. "ڪشمير پوائنٽ" کان ٿيندي، هو مال روڊ جي "سام" ۾ "زندگي ڪيتري نه حسين آهي!" سازن جي ڌُن تي هن جا قدم خودبخود کڄي رهيا هئا. هن ڏٺو ته زرق برق لباسن ۾ هنسن جا جوڙا اچ وڃ ڪري چمڪي رهيا هئا. گلاس ٽڪرائجي رهيا هئا. لپ اسٽڪ جو رنگ آهستي آهستي گهٽجي رهيو هو. ۽ زندگيءَ سان ڀرپور ٽهڪ هن جي دل کي چيرڻ لڳا. هن ائين محسوس ڪيو، ڄڻ ڪو سندس دل کي نپوڙي رهيو هو. هن ڪنڌ کڻي ٻئي طرف، رستي ڏانهن ڪيو. پر... زندگي اُتي به پنهنجي جوبن تي هئي، ۽ هو... هو اڪيلو هو. هُن سوچيو، هن به ته

ڪنهن سان پيار ڪيو هو— اهو پيار. جيڪو اجا صرف نظرن تائين محدود هو. ۽ هن کي به ڪاريون ڪاريون، وڏيون وڏيون اکڙيون ياد آيون. جيڪي هينئر به ڪيس گهُوري رهيون هيون. اهي نيڻ، جن ۾ پيار سان گڏوگڏ شرارت به هر وقت جهلڪندي هئي.پر هن پيار جو قدر نہ ڪيو. هن زندگيءَ جي جام کي اجا پرڻ تي چاهيو. پر اوچتو جام سندس هٿن مان ڇڏائجي ويو. ۽ هو ٽِڪُل ٽڪرن کي ڏسندو ئي رهجي ويو.

باقي بچيل سگريٽ کي ائش - ٽري ۾ دٻائيندي، آهستي آهستي وکون کڻندو، هو ڪافي هائوس مان نڪري ويو.

.... .... ....

زندگيءَ جي ابتدائي دوُر ۾ هو هميشہ هڪ حسين دنيا بابت سوچيندو هو. اُها خيالي دنيا. جنهن ۾ حسن هو. جتي وهندڙ آبشارن جي موسيقي هئي، جتي محبت ۽ خلوص جا گيت هئا. ۽ اڄ هو واقعي هڪ حسين دنيا ۾ هو. ڪاغان جي وادين مان مٿي چڙهندي، ديال ۽ ڪائل جي ڊگهن وڻن سان ڍڪيل پيچرن تان لنگهندي، هن آبشارن جي موسيقي ٻڌي، پري، اُتانهن جبلن جي چوٽين تي پيل برف جي سفيدي ڏٺي. هن سوچيو. قدرت هڪ عظيم مصور آهي، جيڪو پنهنجي ڪينوس تي ڇٽيل تصوير ۾ نون نون، شوخ شوخ، رنگن پرڻ ۾ فياض آهي.

پر هن جا ڪَن پيار ۽ خوشيءَ جي گيتن ٻُڌڻ لاءِ سڪندا رهيا. هن ڏٺو تہ قدرت حسن تہ ڏنو. پر خوشي نہ ڏني. هر طرف بک. هر طرف غربت! مکڙيون ٽڙڻ کان اڳ ئي ڪومائجي رهيون هيون. زندگيءَ جو سج، باکون کڏڻ کان اڳ ئي غروب ٿي رهيو هو. هُن سوچيو. قدرت ڪيڏي نہ سنگدل آهي، انسان ڪيترو نہ بيوس آهي. هڪ گُڏيءَ وانگر— وٺي تہ به اکيون رکجنس، وٺي تہ هڪڙي به نہ.

هو بہ تہ بيوس هو!زندگيءَ جي لهر ڪيس ٻئي ڪپ تي اچي سٽيو هو. واپس ڪيئن وري، سو هو سوچي بہ نہ ٿي سگهيو. پڃري ۾ پيل پکيءَ جيان پرڙا هٽي، واه نہ ڏسي، ڪٽي ماٺ ڪيائين.

.... .... ....

اڄ چوڏهينءَ جو چنڊ هو. ۽ هو دريائن جي ديس ۾ هو. ٻنهي طرفن سُندر

بَن جا گهاٽا جهنگ هئا. بيوس انسان کي جڏهن وڏن شهرن پناهہ نہ ڏني، تڏهن هڪ دفعو وري هن جهنگلن ۾ سهارو ڳوليو. ننڍيون ننڍيون "شمپان" ٻيڙيون، هلڪا هلڪا لوڏا کائينديون، اڳتي وڌي رهيون هيون. مانجهي رڪي رڪي ڪو گيت ڳائي رهيا هئا. ڇَپن جو آواز، چانڊوڪي ۽ گيت - ٽيئي ملي، هڪ عجيب سوز پيدا ڪري رهيا هئا. حسرت ۽ ياد هن جي روح جي گهرائين ۾ پيهي ويئي. هن سوچيو، هو اڪيلو آهي، بيوس آهي: "پر هي مانجهي، هي سڀ انسان بہ تہ بيوس آهن! هيءَ چانڊوڪي، هي گيت، هي درياءَ جون ننڍيون ننڍيون لهرون بہ تہ بيوس آهن... ۽ شايد هيءَ عظيم قدرت بہ تہ بيوس آهي! هن هي ڳُڏو تہ ناهيو، پر ان کي ٻئي اکيون ڏئي يا هڪڙي بہ نہ— شايد اهو سوچڻ کان قدرت بہ معذور آهي."

آهستي آهستي بوندون پوڻ لڳيون— چانڊوڪيءَ جي جاءِ اونداهيءَ والاري- شايد قدرت بہ روئي رهي هئي.

هن سوچڻ ٿي چاهيو، پر هو سوچي نہ سگهيو، هو سمجهي نہ سگهيو.

(مهراڻ، 1-1963ع)

---

۽ گهڻ ڳڻا ونيءَ آٽي چاڇس ڏني جي اڳيان رکيائين. منل- ماءُ ٻہ اهي ڳهہ ڳڻا سوڳها ڪري رکي ڇڏيا. پوءِ تہ ڏنو ٻہ ڪن مان ڪاني ڪڍي ويهي رهيو. ٻچوءَ ٻہ- چار دفعا چيس، پر اڄ - نہ سياڻ ڪري، ويو هن کي تاريندو. نيٺ هڪ ڏينهن ٻچو ڪيڏانهن ٻاهر ويو تہ ڏني وڏيري جي پٽ سان منل جو مڱڻو ڪري ڇڏيو. ٻچو موٽي اچي ڏسي تہ ڪاريءَ وارا ڪڪ لڳا پيا آهن. ڏني ٻہ گهر مان ڪڍي ڇڏيس. ٻچوءَ برادريءَ ۾ ڳالهہ آندي، پر ڇڳي مڙس تي ڪو پوئي ڪو نہ. نيٺ ويچارو چپ ڪري ويهي رهيو.

الله جي ڪرڻي اهڙي ٿي جو همراهہ سخت بيمار ٿي پيو. بيماريءَ مان ڇُٽي ڇڙي اٿيو تہ ڳالهائڻ ئي ڦري ويس. هن جي ڳالهائڻ ۾ ٻاتاڻ پيدا ٿي پيئي. هاڻي هو اُهو ڏني وارو ڳوٺ ڇڏي، اسان وٽ اچي رهيو هو. سدائين موڳاٽيل رهندو هو، ۽ ٿورو دماغي توازن ٻہ وڃائي ويٺو هو. ايتريقدر، جو هڪ ڏينهن پوڳ ڪرايائونس تہ "مائٽ، فلاڻي ڳوٺ ۾ نہ وڃجانءِ. جو تہ تو ڏاڙهي رکائي آهي، ۽ جيڪو ٻہ ڏاڙهي رکائيندو، تنهن کي ليسن وٺڻو پوندو. تو وٽ ليسن آهي ڪو نہ. ۽ اتي ويندين تہ ٻڌجي پوندين!" مون ڏنو تہ مامي کي پيرين پيو پوي تہ "ان ڳوٺ ۾ اوهان جا دوست آهن، چٺي لکي ڏيو تہ مون کي ٻڌن نہ" ڪچهري ڪل ۾ ويڙهي پيئي هجي، پر مائٽ جي منٿ تي منٿ پيئي پوي. نيٺ مامي ٻہ- چار ڪوڙا سچا اکر لکي ڏنس، تڏهن ان جي ٻہ جند ڇُٽي.

مطلب تہ مائٽ جون عجيب عجيب ڳالهيون آهن. هڪ ڏينهن آءُ ڪاليج کان موڪل تي ڳوٺ ويس تہ ڪچهريءَ ۾ ڏم لڳي پيئي هجي، ۽ مائٽ ٻہ وڏو ديگڙو چانهہ جو مچ تي رکيو ويٺو هجي. مائٽ کي جيڪو ٻہ ڪچهريءَ ۾ اچي، سو پيو مبارڪون ڏئي. نيٺ مون پڇيو تہ مائٽ کي ڇا جون پيا مبارڪون ڏيو، تہ ڪمدار رڙ ڪري چيو: "سائين، مائٽ جي شادي ٿيڻي آهي!" مون ڏنو تہ گهڻن کي کل پئي آئي، پر چانهہ جي لالچ ۾ سيڪو چپ ٿي ويو، جو تہ مائٽ چيڙاڪ ٻہ هڪ ئي هو. تنهنڪري جيڪڏهن ڇڙي پوي ها تہ ديگڙو اونڌو ڪندي دير نہ ڪري ها. مون ڏنو تہ درياءَ دليءَ ۽ ازلي مُرڪ سان، وينل ماڻهن کي مائٽ چانهہ پيارڻ شروع ڪئي. سيڪنهن کي چانهہ ٻہ پيو پياري، ۽ چوي پيو: "چَڙا (چريا)، چانهہ پي دُءُ ڪر، منهنجي شادي تہ ضرور ٿيندي!" مائٽ جون تمام گهڻيون ڳالهيون آهن. هڪ ڏينهن مامي سنجيدو ٿي چيس:

"مائٽ، شادي ڪراياںء؟" مون ڏنو تہ هن جون نڏيريون نڏيريون اکيون. ننڍڙي ٻار جيان پاڻيءَ سان ڀرجي آيون، ۽ چيائين: "تون منهنجو بابو آهين تون مون کي نہ ستاءِ نہ. منهنجي تہ شادي ٿيل آهي!" مامي وري پڇيس: "ڇا مسئل سان شادي ڪئي هيئہ ڇا؟" مون ڏنو تہ هاڻ هو سچو ڳاڙهو ٿي ويو هو. ۽ مامي کي ٻانهون ٻڌي چيائين: "پوتار. هن جو نالو نہ وٺو. متان اُن جي بدنامي ٿي پوي!" آءُ وائڙو ٿي ويس. هن کي پنهنجي پيار جو ايڏو احساس ۽ وفاداري! جنهن انسان کي پيار ۽ محبت جو احساس هجي. جو انسان محبت جو پجاري هجي ۽ ان ۾ حد درجي جي وفاداري بہ هجي، ان کي ڪير چريو چئي سگهي ٿو؟ مون خيالن ئي خيالن ۾ بچوءَ کي پاڪر پاتو، ۽ سندس اکين تان ڳوڙها اُگهيم. مون ڏنو تہ ڏنو وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي رهيو هو— خوفناڪ. پر کوکلا ٽهڪ.

(مهراڻ، 3-1963ع)

---

حميد سنڌي

# واچوڙن ۾ لاٽ

"ابا اُٿي، ٻاهر ڪمدار بيو تو رڙي، تيار ٿي وڃ، مان نيرن ڪڍي ٿي اچان -!"

ماءُ جي اٿارڻ تي هو ننڊ ڇڏي اُٿي ويهي رهيو. کيس ياد آيو تہ اڄ کيس ٻنين تي وڃڻو آهي. هن کي ڏينهن کان پئي ٻڌايو پر پوءِ خيال ڪيائين تہ سڀ ڪجهہ آخر کيس ئي ـ ڪرڻو آهي. رات جو ئي ڪمدار کي چئي ڇڏيو هئائين تہ فجر جو سويل ئي هلبو، جيئن ڏينهن نہ تپي وڃي. تنهن ڪري هو بہ فجر جو ئي در تي گهوڙو جهلي بيهي رهيو.

هو جلدي جلدي تيار ٿيو. ماءُ کان چانهہ جو ڪوپ ورتائين، گرهہ پڇي وات ۾ وڌائين. مٿان جلدي جلدي چانهہ جو ڪوپ ورتائين. ماڻس کيس "في امان الله" چئي ڪم ڪار ۾ لڳي وئي. پاڻ حويليءَ جي ڏيڍي ٽپي ٻاهر آيو.

"ڪمدار، سويل ئي اچي وئين - !"

"پوتار، سوير وري ڪهڙي آهي، ڪم بہ تہ سنڀالبو. پنج ڏيرا آهن، پنج ڏيرا .وري ٻي ترائي واري زمين جي چڪاس بہ تہ هلي ڪيو. ڏسو تہ هيل ڇا ڪرايونس—!"

"چڱو، چڱو هاڻي چڙهہ تہ هلون، وڏيڪ ڳالهيون اُتي—"

اختر ۽ ڪمدار وڏي گهوڙي تائين آيا. نوڪر گهوڙا جهلي بيٺو هو. اختر ٽپ ڏئي گهوڙي تي چڙهيو. شهر ۾ گهڻو عرصو رهندي بہ هيءَ سواري ڪا سندس لاءِ نئين ڪانہ هئي. ها، ايترو سو هو جو گهڻي عرصي کان پوءِ هو گهوڙي جي سواري ڪري رهيو هو. ٻئي ڄڻا آهستي آهستي گهوڙن کي ڇڪيندا ڳوٺ جي ٻاهران آيا ۽ پوءِ ڪڍي گهوڙن کي ڪَچي ڊِڳ تي ڇڏيائون.

اختر، تر جي وڏي زميندار دين محمد جو اڪيلو پٽ هو. پڻس کيس هميشہ شهر ۾ رکيو— وڃ، وچ ۾ هو ڳوٺ ايندو هو ۽ زمينون گهمندو هو. پر الاجي ڇو، هو جڏهن بہ ڳوٺن ۾ گهمڻ يا ٻنئي تي ويندو هو تہ سندس هانءُ منجهڻ لڳندو هو. پڻس سندس بيزاري ڏسي کيس ڇرچي وچان چوندو هو. "منهنجو پٽ زنانو آهي، رڳو گهر ۾ ويهي مکيون ماري ڇاڻي....بس چوويهہ ڪلاڪ ڪتاب هجنس، بيو ڪُل خير-!"

واقعي هو بہ ائين، اختر پنهنجي زندگيءَ کي خشڪ ساتين يعني ڪتابن جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. ڏوڪڙ پيسي جي گهٽائي هٿڻ ڪري، چاپلوسي ڪرڻ ۽ ڪارائڻ وارا ماڻهو، ڪڏ تہ گهٽا هئس پر هو ڪنهن سان ڪو نہ نهيو، نهيو تہ ڪتابن سان. علم سندس طبعيت ۾ مانائي پيدا ڪئي سندس طبعيت نهايت ئي ماني ۽ تڏي قسم جي هوندي هئي— هو هو هر ڪنهن ڳالهہ تي ويچارڻ جو اهڙو تہ عادي ٿي ويو جو جيڪا بہ شيءِ ڏسندو هو، ان تي ويچارڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندو هو. انهيءَ ڪري هو جڏهن بہ ڳوٺ ايندو هو ۽ ٻنيءَ تي ويندو هو تہ اُتي جون حالتون ڏسي، هارين جي ڪسمپرسي، زندگيءَ جون اوڻايون پسي هو مايوس ٿي ويندو هو. ڪي گهڙيون تہ سندس آڏو، هاريءَ جو پنڊي لڱل پيٽ، پنا اُگهاڙا، اکين ۾ ويراني، اُگهاڙا بار قاتل ڪپڙن ۽ مٽي ۾ پريل وارن سان، اُداس اُداس زالون، ٻڪ جا جڪ، جهيڙا خون ۽ صدين کان هلندڙ عداوتون، اهي سڀ ڳالهيون ڦرڻ لڳنديون هيون ۽ پاڻ ڪلاڪن جا ڪلاڪ انهيءَ ۾ گم هوندو هو.

پڻس بيمار ٿيو، پاڻ يڪدم ڳوٺ هليو آيو. اڄڻ سان ڏاڍي ڪوشش ورتائين. ڊاڪٽر سڀ گهرايائين. پر ڪيس اڳ سُجهيو ٿي تہ هاڻ سندس يتيمي جا ڏينهن اچي ويا آهن. هو اُداس پر خاموش رهيو. پيءُ جي مرڻ کان پوءِ ڪي ڏينهن هن جي ماءُ جي اُداسائي کي وندريو. ۽ هو غم ۽ ڏک جي وندر ورچ ڪندو رهيو. جڏهن ڏنائين تہ وقت سندس ساٿ ڏنو آهي، وندڻ لاءِ ڪي يادون باقي آهن، تڏهن هن زمينن ڏانهن ڌيان ڏنو.

ڪيس ڪڏهن ڪڏهن خيال ايندو هو تہ هو اُنهن اکين جي حسرت ۽ آس ڏسي ڪيئن سگهندو جيڪي ڪتل هونديون اُنهن داڻن متان، جيڪي هو ميڙي چوندي پنهنجي حصي ۾ ڪندو ويندو— هو اُهي فيصلا ڪيئن ڪندو، جنهن ۾ هڪ هاريءَ ٻئي هاري کي لٽ هڻي ڪيڏي هوندي چاڪاڻ تہ هن سندس پاٽي جو وارو پڳو هوندو، صرف ان ڪري تہ من هو کي داڻا وڏيڪ ڪٽي.

هو سوچيندو هو تہ ائين نٿو ٿي سگهي تہ پاڻ ٻنئين تي نہ وڃي. هارين کي جيڪي وٺي سو هو ڪٽن. باقي منهنجي ضرورت جيترو اَنُ مون کي ڏئي وڃن، ائين نٿو ٿي سگهي تہ هو اوطاق تي ويهي فيصلا نبيري، سڀ نهي وڃن، پراڻيون عداوتون ۽ ويڇا سڀ ختم ٿي وڃن — ذري پرزي جي ڳالهہ تان تيل

جهيڙا، خون اُهي سڀ هوهڪبئي کي معاف ڪري ڇڏين. ڪو ڪنهن کي نه اهنجائي، بس خاموشي، سانتڳي ۽ امن.

اختر هميشه ائين گهڻو ڪجهه سوچيندو رهندو هو. زندگي جي هلڻ جا انيڪ ڍنگ، طور ۽ طريقا.

اڄ جڏهن هو گهوڙي تي تيز وجي رهيو هو. ته سندس خيال به ان کان تيز دوڙي رهيا هئا— هو مات ميٽ ۾ زندگي جي مختلف پهلوئن تي ويچاريندو رهيو. هن پهلوئن کي ايترو ته پروڙيو جو شام تي وئي ته به هو ويچارن تي ويچاريندو رهيو. اُنهن ويچارن جي نتيجي ڪمدار کي حيران ڪري ڇڏيو.

هن ٻنئيون نهايت ئي انوکي طريقي سان ڪيون. زمينداري لاپو معاف، ڪمدار کي ٿويو زميندار جي حصي مان نڪري، هاري کي ان جو اڌ پلئه پئي، اُن مان ڪا به ڪاٽ نه ٿئي. صدين جو هارين تي قرض سڀ معاف. ڪمدار نئي چاهيو ته صدين جي روايتن کي هو هڪڙي اُجل سان ٿوڙي ڇڏي. هن جي پٺڪڻ تي اختر صرف ايترو چيو، ”چاچا، ورهيه ٿيا. اسان ٻنئيون پنهنجي مرضي تي ٻئي ڪيون آهن، هاڻي ڇڏ ته کي ورهيه هاري به پنهنجي مرضي مان ٻنيون ڪن، هو به ته نيٺ انسان آهن.... پورهيت انسان—!“

هن آخر ۾ هڪ وڏو ٿڌو ساهه پريو. ڪمدار کي ائين لڳو ته هن جو هاڻ ڪجڻ بيڪار آهي. هاڻي روايتون ئي نيون جنم وٺنديون. ڪمدار شام تائين حيرانگي جي حد تائين پهچي ويو. هن اهڙا فيصلا نه ڏٺا نه ٻڌا، جو ٻن ٻولن سان ٻئي ڌريون نهي وجن.

”ابا، چا تي جهيڙو آهي—؟“ اختر پڇيو.

”سائين، خيروءَ سعيو ڪري پنهنجو مال مهنجي ٻنيءَ ۾ ڇڏيو. مون ڪيس چيو، جنهن تان مون کي گاريون ڏنائين. مون ورائي گار ڏني مانس، ته مون تي کهاڙي کڻي آيو. جي چار چڱا وچ ۾ نه پون ها ته مون کي جيڪر ماري وجهي—“ هڪ هاريءَ چيو.

”خيرو تون چئه بابا—!“

”سائين، نسورو ڪوڙ—!“

”ڏس، تون ته ڪوڙ نه ٿو ڳالهائين—!“

”سائين، نه —— هُن مون کي گهڻيون گاريون ڏنيون—!“

”مان رڳو پڇان ٿو تہ تو ڪهاڙي ڪنئي يا نہ—!“

”ها سائين، پر هن سائين مون کي گهٽيون گاريون....“

”بئي چٽ آهيو. گارين تي تا ڪهاڙيون ڪٺو. چڱو ٻيلي خيرو، تون ڏي مون کي گار، ڏس مان ڪهاڙي ڪٺان ٿو— ڏي جيڪا وڻئي— گهٽيون گاريون ئي ڏي— ڏي نہ—!“

خيرو ماٺ ڪري ڪنڌ جهڪائي بيٺو رهيو. ٿوري دير کان پوءِ وڏي آيو--”بابو آهين خطا ٿي وئي، بخش ڪر—“

”چڱو ٻئي ٻرچي وڃو— ڏسان جيئن منهنجا هاري وري نہ وڙهن—!“

ڪمدار اهڙا بہ ٿي فيصلا ٻڌا، جن ۾ ٻرچائُ، سڪ، محبت ۽ پيار کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو. نڪي هيون زميداري گاريون، فريادي‌ءَ کي بہ تہ ڏوهاري‌ءَ کي بہ. نڪي هئا زميداري مار موچڙا. هو ٻنهي ويچار ۾ پئجي ويو. هاري حيران، ڇڻ ڪين يقين نہ ٿي آيو. ڪمدار ويتر حيران ٿي ويو، جڏهن ڏنائين تہ هڪ ڏيري تي اختر هارين سان گڏجي ويهي ماني کاڌي، ڏڌ جي هڪ وٽي مان سيني تي ڍُڪ پريا. هاري ڏڳا پئي، پر اختر جي قربائتي ڪچهري کين نهال ڪري ڇڏيو. شام تائين هن ڀنجن ئي ديرن جي ٻٽئي ڪري ورتي. هارين جا بہ- ٿي فيصلا ڪيا. باقي رهيل هئس ترائي‌ءَ واري زمين، سو سج لهڻ ۾ اجا ڪلاڪ ڏيڍ هو تہ هو اُتان بہ چڪر هٽي آيو. هاٽي سندس رخ سڌو ڳوٺ ڏي ويندڙ رستي ڏانهن هو. زمينن جي ٻنن تان، پيچرن ۽ گسن تان هو گهوڙي کي تيز ڊوڙائي رهيو هو. ڪمدار پنيان هئس. رکي رکي ٿي رستي جو اهڃاڻ ڏنائينس. اڄ سڄي ڏينهن جي مصروفيت اختر کي بجاءِ ٿڪ جي فرحت ڏني هئي. هو خوش خوش، پٽائي‌ءَ جي بيتن کي جهونگاريندي ٿي هليو.

اچانڪ ڪمدار گهوڙو ڊوڙائي آڏو آيس.

”سائين، ايڏانهن نہ هيڏانهن—!“

”ايڏانهن وري ڪاڏي، هو رستو ڏسين نہ ٿو تہ سامهون آهي، هي‌ءَ زمين لتاڙي انهن سامهون وارن گهرڙن وٽان لنگهي سڌا رستي تي هلي پونداسين—“

”پر، سائين— اهي زمينون پرايون آهن—!“

هينئر وري کهڙين پنهنجين زمينن ۾ بيٺا آهيون— پر هن زمين ۾ ڪو فصل بہ تہ ڪونهي جو زيان ٿيندو، ماٺ ڪري هلي آ—!“

”سائين، گستاخي معاف، ايڏانهن بنهہ ناهي هلڻو، انهن سان اسان جي پراڻي دشمني آهي— اسان سان وڙهندي دير ئي نہ ڪندا. هو ڏسو، بہ- ٽي هاري گهرن ڏي ڊُڪ پيا وڃن، شايد ٻين کي اطلاع ڏين. اسين بنهہ سندن ٻنيءَ تي بيٺا آهيون، اچو، هيڏانهن ڦري....“

ڪمدار اسان هلنداسون تہ هيڏانهن—“

ائين چئي هن گهوڙي کي اڙي هنئي، گهوڙو ٻنو ٽپي زمين لتاڙڻ لڳو. ڪمدار رڙيون ڪندو رهيو، پر اختر ڪافي اڳتي وڌي چڪو هو. لاچار ڪمدار بہ گهوڙو وڌايو ۽ اچي اختر سان مليو. اختر بيپرواهہ ٿي وڌي رهيو هو، پر ڪمدار جو رنگ ويو ٿي ڦرندو، تان جو هو انهن گهرن وٽ پهتا. مَنَهَن ۽ اوڏڪي پٽين جا نهيل گهرڙا، اختر جون الاجي ڇو نگاهون انهن گهرڙن ۾ کتل هيون. هو گهرن وٽان ڦيرو ڏئي لنگهيائي مس تہ سامهون ڇهہ- ست جاننا جوان ڏڱ جهلي بيهي رهيا.

”اڄ نہ ويندين ڪمدار—!“

”تون بہ نہ ويندين رئيس—!“

اختر پهريائين تہ وائڙو ٿي ويو، پر پوءِ پاڻ سنڀالي هيٺ لهي پيو. ڪمدار جو منهن لٿل هو، هر هر هن خشڪ چپن تي زبان پئي ڦيري.

”ڇا ڳالهہ آهي—؟“ اختر آهستگيءَ سان پڇيو.

”ڳالهہ کي پڇي ڇا ڪندين رئيس— بس ايتري سو ڄاڻ هجئي تہ، خونن جا بدلا آهن— پر بيهہ پهريائين ڪمدار سان صفائي ڪجي—!“ هڪ نوجوان اڳتي وڌندي چيو.

”ها، ڪمدار، ڏي خبر، ڪيئن واٽ پلجي پئين. اسان جا ماڻهو تہ ڄاڻ ڏئي ٿي زمين مان لنگهيا، تہ بنهہ خون ٿي ويا. اڄ جو تون بنا ڄاڻ جي لنگهيو آهين.... هاڻ، تو سان ڇا ڪجي—؟“

”بخ....شــ....ڻ....رئيس....ضـد ڪيـو.... نـ تـہ....تـو کـي خبـر آ....جڏهن ڪان اسان مڙساڻو وعدو ڪيو تہ، نہ توهان اسان جي ٻنيءَ مان لنگهندؤ، نہ وري....اسين....تہ پوءِ تون پاڻ امين ٿي. ورهيہ ٿي ويو آهي.... اسين ڪو لنگهيا آهيون.... اڄ، رئيس....!“

”اڄ رئيس ضد ڪيو. ادي غلام محمد ۽ ٻين کي اُڪت، مارائي ڇڏيئہ، ڇئہ

ته اهو به رئيس جو ضد هو— ما کي خبر آ ته. تو ڇو ادي غلام محمد کي مارايو. صرف انهيءَ ڪري جو هن توهان جو هاري ٿيڻ پسند نه ڪيو. ڇاڪاڻ ته سندس ڇاڻ هئي ته ڪمدار ۽ رئيس جي نيت سندس مڱَ تي اڳ ئي خراب هئي-!"

"بخشا، ڪهڙا زنانا ڏوراپا وينو ڏين. هڻ ڏک، لاهه سري، ته ڪو اندر ٺري....!" ٻئي ڳيروءَ بخشڻ کي هڪل ڏيندي چيو.

"اچيئي تو، ڪمدار.... سنڀالجانءِ!"

بخشڻ ڪهاڙي اُڀي ڪئي ۽ ڪمدار متان اولر ڪئي، اختر يڪدم وڌي آيو.

"متان، جوان. متان—!"

"رئيس متان مان، بين کي ڪر. اسين تو کي به ڪونه ڇڏينداسين. متان ڪو بيو خيال پائئين. جي تنهنجي مرضي ڪمدار کان اڳ مرڻ جي آهي ته پوءِ جيءُ بسم الله——!" ائين چئي بخشڻ، اختر متان ڪهاڙي اُڀي ڪئي. ڪمدار اچي پيرن ۾ چنبڙيس.

"اڙي بخشا، هن معصوم تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي، جنهن اجا ونيءَ جو به منهن نه ڏٺو آهي،.... تنهنجو ڏوهه مون ڪيو آهي نه،— مون کي مار.... مون کي مار، بخشا.... مون کي.... رئيس کي ڇڏ ته هو وڃي—!"

ڪمدار جي ليلائڻ، روئڻ ۽ ڳالهين کي ٻڌي، بخشڻ کي گهڙيون ته ڊرو تي ويو. اچانڪ پر واري لوڙهي مان هڪ ننڍي نيٽي نينگر، نهايت ئي تيزيءَ مان نڪري، ڪمدار متان اچي بيهي رهي.

"ڪمدار، زالن وانگر، روئڻ هينئر ياد آيو اٿئي. انهيءَ مهل ڳوڙها ڪٿي هئه. جنهن مهل مهنجو گهوٽ، ڪونڌر، تنهنجي سامهون هو ۽ تنهنجي ڪهاڙي متس اُڀي هئي. انهيءَ ونيءَ جو خيال ئي نه آيئه. هن جي معصوميت ئي ڪانه ڏٺئه، هينئر تي رئيس ننڍي جي ونيءَ ۽ معصوميت ياد پويئي— ادا، بخشڻ.... ويچار ڪهڙي ۾ آهين— اهڙين ڳالهين تي ويچار ڪبا.... حالي ته بدلا ٿين، پوءِ پيا ڳن ڏينداسين—!"

نينگريءَ تيز نگاهن سان بخسڻ ڏانهن نهاريو. اچانڪ اختر وڌي ڏانهنس آيو.

"مان.... مان.... سمجهي نه سگهيو آهيان.... آخر ڳالهه ڇا آهي.... ماريو ته تا پر ٻڌايو ته سهي قصور ڪهڙو، ڪو ڏوهه، ڪو گناهه.... آخر ڳالهه جو ڪو منڍ ڪا پڇاڙي.... ڪجهه مان به ته سمجهان..."

”رئيس، تنهنجي بابي، رئيس وڏي ئي ڪڏهن ڪنهن کي، ڪنهن جو ڏوهه يا گناهه. ڪنهن ڳالهه جو منڊ يا پڇاڙي نه ڏسي، سو تون پڇي ڇا ڪندين... پر بيهه، پلي تون راضي ٿي.... ڪمدار، رئيس کي ٻڌاءِ ته قصو ڇا هو.... سڄي سربستي ڳالهه ٻڌائينس... ٻڌاءِ....!“

نينگري ڏاڍي تيز پئي ڏني. سندس منهن ڳاڙهو هو. وار منهن ۾ پي پيس، جن کي هر هر هٿ سان متي ڪري پئي ڳالهايائين. ڪمدار ماٺ ڪيو بيٺو رهيو.

”رئيس، ڏوهي ڪيئن ٻڌائيندو ته مون هي ڏوهه ڪيو آهي— مان ٿي هن جو ڏوهه ٻڌايانءِ—“

”زينا، تون ڇڏ ڊيگهه کي، هل گهر. پاڻهي ملائڪ ڪين ڏوهه ثواب ٻڌائيندا.“ هڪ پوڙهي ڇوڪريءَ کي پڪاريندي چيو.

”نه بابا، مان گهر نه وينديس، .... ظلم مون سان ٿيو آهي.... گهوٽ منهنجو ڪٿو آهي.... مان ڪين مرندو به نه ڏسان... اندر جو سور به نه سليان....“ ڇوڪريءَ جي شوخيءَ تيزي گهٽجڻ لڳي، پر وري هوءَ ڪجهه هوش ۾ اچي ساڳئي وقار ۽ رُعب سان ڳالهائڻ لڳي.

”رئيس، اهو منهنجو بابو اٿيئي، هيءُ چار سندس پائر آهن. هيءَ زمين جو ٽڪر مڙني پائرن جي موروثي ملڪيت آهي. اسان نه رئيس کي ڏنو، نه ورتو. پر ڪمدار جي ڪا نظر مون تي پئجي وئي. آيو بابي وٽ. رئيس، سوچ ته سهين ڪاڏي ڪمدار، ڪاڏي مان، بابي انڪار ڪيس، تنهن تي ويو رئيس وڏي ڏي، ان کي آڻي مون مٿان بيهاريائين. مان بنيءَ ۾ گاهه پئي لڻيو. مون تي نظر وجهي تنهنجو بابو رئيس وڏو، آيو منهنجي بابي وٽ، چيائينس ته ڪمدار کي سڱ ڏي. بابي پهريائين انڪار ڪيس پر پوءِ اهڙو ته زور وڏائينس، ڪي ڌمڪيون ڪا لالچ، نيٺ بابي مڃيو.... اجا شاديءَ ۾ ڪي ڏينهن هئا ته منهنجو گهوٽ جو رئيس جو هاري هو....!“

اختر، جو ڌيان سان ڳالهه ٻڌي رهيو هو، منجهي پيو.

”تنهنجو گهوٽ....؟“

ڇوڪري ڪجهه ڇڪجي وئي، ان سان گڏ ڪي ڏڪ جون ريڪائون سندس وٽندڙ چهري تي ڦهلجي ويون... بخشڻ جو ڪهاڙي جي ٽيڪ تي بيٺو هو، تنهن وراڻيس:

"ادي غلام محمد جي هيءَ گهرواري آهي."

"هون..." اختر ساڻ وراڻس.

ٿوري دير سانت کان پوءِ ڇوڪريءَ آهستي چوڻ شروع ڪيو.

"اُنهي کي جو خبر پئي ته رئيس جي نيت بري آهي، مان ٿيان سا ڪمدار جي زال ها پر...." هوءَ ڪجهه هٽڪي بيهي رهي.

"رئيس، ڳالهين هٿي جوش ڊرا ڪري وڌا آهن، خير... مان تو تو کي سربستي ڳالهه ٻڌايان..." ڇوڪريءَ جي پيءُ اڳتي وڌي چيو.

"غلامو آيو مون وٽ. مون کي رئيس ۽ ڪمدار جي دغا کان واقف ڪيائين. مون يڪدم ڪمدار کي انڪار ڪيو.... ڪمدار کي به خبر پئجي وئي.... اڇي لڳا غلامو جي ڪڍ. غلامو سر بچائي آيو اسان وٽ. اسان ڪيس پناهه ڏني— ڳالهين کي ڪجهه ڏينهن ٿيا. ڳالهه لٿ مٿي تي وئي. غلامو اسان سان گڏ ٻنيءَ تي ڪم ڪرڻ لڳو. رئيس ڪيس هڪ به دفعا گهرايو ۽ ڪيس واپس اچڻ لاءِ چيو. مُنهن تي نالي خاطر ڪمدار کي به دٻايو.

غلامو جي سني هلت چلت مون کي موهيو... سندس گهُر تي زينا ڪيس ڏيٺي ڪئي.... شادي تي ڪمدار به آيو هو. ڏاڍي ڏام ڌوم سان شادي ٿي. شاديءَ جي ٻئي ڏينهن جي ڳالهه آهي: ڪجهه سامان پيو کٽي، سو غلامو پر واري ڳوٺ ڦليجن مان سامان ويو وٺڻ. موٽندي رئيس وڏي جي زمينن مان ٿي لنگهيو ته چار جوان ڦري آيس، ڪٽي ٻڌايائونس. چي ڦٽيون تي چورايائين— سائين توهان ئي انصاف ڪيو. ڏينهن ڏني جي ديري ۾ پنجن ڇهن ماڻهن جي حاضريءَ ۾ ڪهڙي مائي جي لال کي همت ٿيندي جو چوري ڪري— پر سائين، ڏاڍي جي لٺ کي به مٿا. وٺ ٿي وئي. غلامو ويچاري کي في الحال ته اڌ مئو ڪري ڇڏيائون— غلامو جي پنيان به همراهه اسان جي ڳوٺ جا جيڪي اسان جا عزيز هئا، پئي آيا. جڏهن انهن وٺ ونان ڏني ته ڊڪي اچي پر جهليائون. انهن ماڻهن کي چيائون جن ورنديءَ ۾ ڪين ٿڦون هنيون، تنهن تي هو به ميڙجي پيا. هٿي بن تن کي في الحال ته لنين مڪن سان دسي وڌائون، پر هو ته تمام گهڻا هئا. بس سڏ تي پنج ڇهه ڄڻا پيا اچي لٿا، جن ۾ ڪمدار به شامل هو.

اختر ڪمدار ڏي نهاريو. هن جو ڪنڌ هيٺ هو.

"سائين پوءِ ته لٺ جي ڏڪ ڏڪان هئي، همراهه ڏڪجي پيا. پيو جو

”رئيس، باراڻي نہ ڪر— اها ڳالهہ نياڻي ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي— ماڻ ميٺ ۾ معافي وٺي هل، هو تو کي ڪجهہ—“

تون ماڻ ڪر ڪمدار- تنهنجي انهن ڳالهين تہ هيءُ جهيڙا وڌايا آهن-“ اختر ڪمدار کي چنبيندي چيو.

”چاچا، سوچڻ مهل ياد رک تہ هيءُ بہ تنهنجو بدلو آهي منهنجي بابي کان، منهنجي خاندان کان— هن ۾ رڳو اهو فرق آهي تہ هُن بدلي ۾ رت جي ڳاڙهاڻ آهي ۽ هن بدلي ۾... ميندي جي ڳاڙهاڻ—“ اختر مشڪي وينو.

هُن مجموعي ڏانهن ڏٺو. اُت بہ هڪ قسم جي سوچ ۽ مشڪ ڇانيا ڪيو بيني هئي. اختر آهستگي سان وڌيو. بخشڻ جي ويجهو اچي ڪانئس آهستگي سان ڪهاڙي ڇڏائي، زمين تي ڦٽي ڪري، ڪيس وڏو پاڪر پاتائين.

اُن ۾ الاجي ڇا ڪجهہ نہ سمايل هو. پوءِ هن سيني جون ڪهاڙيون ڦٽي ڪيون ۽ سيني کي پاڪر پائيندو ويو. هُن سيني جي ڇهرن کي ڏٺو، اُت ڳاڙهاڻ بجاءِ هڪ ٿڌي مٺي روشني ڇانيل هئي. هُن آسمان ڏانهن نهاريو، اُت لهندڙ سج جي ڳاڙهاڻ ختم ٿي چڪي هئي. اڃاڻ واري هلڪي روشني ڇانيل هئي، هُن کي ائين لڳو ڄڻ صبح ڪاذب آهي.

هو ونيءَ کي انهيءَ رات ئي نڪاح کان پوءِ وٺي ويو— گهوڙي تي ڪيس پاڪر ۾ ڀري چاڙهڻ مهل هو هڪ قسم جي خوشبوءَ ۾ ويڙهجي ويو. هُن سڄاتي تہ اها مينديءَ جي خوشبو هئي، صدين کان انساني ميلاپ جي شاهد— جنهن جي لالي، قرب، مِٺ ۽ محبت جو پيام ڏيندي آهي.

(مهراڻ، 3-1962ع)

## غياث جوڻيجو

# سِڪايل روح

"آيو اتَوَ لاڏلو خير سان رُلي پِني! چئين بجي شام جو نڪتو آهي، ۽ مٿان اڃي رات جا ست لڳا آهن!...."

ويچاري اجا گهر اندر پير پاتو ئي مس، تہ ماڻس جا تيز لفظ تير جيان سندس دل ۾ چُڀي ويا. جن ڪيس اينڌڙ آپدا جو اڳواٽ اشارو ڏيئي ڇڏيو. هن جي دل ڌڙڪڻ لڳي، ۽ بدن مان ست ڇڏائجي ويس.

"آهي ڪٿي؟.... اڙي ڪيڏانهن ويو هئين؟ ڪيترا ڀيرا سمجهايو اٿمانءِ تہ رات جو دير تائين ٻاهر ڌڪا نہ کائيندو ڪر. پر تون مُڙين ئي ڪو نہ ٿو!.... لوفر...... بدمعاش!"

"ٺڙهہ!".... ڪنڌ ساڄي ڪلهي ڏانهن مُڙي ويس. هيسيل هرڻيءَ جيان، سهميل نگاهن سان هو پيءُ ڏانهن ڏسڻ لڳو. پڦس، اوڏيءَ ئي مهل، وڏيون برانگهون ڀريندو، ڪيڏانهن نڪري هليو ويو. هو اُتي ئي بيٺو سُڏڪا ڀريندو رهيو. پوءِ ڦريائين تہ هٿن جي پنين سان اکيون مهٽڻ شروع ڪيائين، ۽ پوءِ قميص جي پلاند سان پنهنجا آلا نيڻ اُگهڻ لڳو. پِسنل پنبڻيون کڻي، "ماءُ" ڏي نهاريائين. هوءَ ڪانئس بيپرواهہ. ننڍڙي طارق کي ننڊ ڪرائڻ ۾ مشغول هئي. ڪجهہ ويرم ڪان پوءِ جڏهن ڪڪو ننڊ پئجي ويو، تہ هوءَ کَٽ تان آهستي آهستي اُٿي، ۽ ڪڪي مٿان رَئو وجهندي چوڻ لڳي:

"ڪير تو چويئي تہ رات جو دير تائين پنندو وت! ماڻهو سويل گهر موٽي آيو...! ٻيا ٻار ڏس، ڪير تو هن وقت گهمي؟ اسان ڪان آڏيءَ رات تائين نڪر سنڀاليا نٿا تين.پڦهين کي چئُہ تہ ڪا نوڪرياڻي رکي ڏيئي، پوءِ پيو رانگا تينگا ڪر!"

هو سڀ ڪجهہ ٻڌندو رهيو— خاموش. بلڪل چُپ. ڳالهائي بہ ڪين؟... شڪايت ڪري بہ تہ ڪنهن سان؟ دانهن ڏي بہ تہ ڪنهن کي؟ گهر ۾ سندس غمگسار هو بہ ڪير، جنهن سان پنهنجو ڏک سک اوري؟ ماٺ ميٺ ۾ چار ڳوڙها ڳاڙي، خاموش ٿي ويندو هو.

انور، ڇهن ستن سالن جو معصوم، ڏاڏو وڏندڙ ۽ پيارو ٻار هو. اجا ڇائي

چار سال ٿي مس گذريا هئس تہ ماءُ ڪيس پيءُ جي حوالي ڇڏي، هميشہ لاءِ ڪانئس جدا ٿي ويئي— ۽ هو هميشہ لاءِ مادري محبت کان سڪايل رهجي ويو. پڻس جو ان وقت مٿس ايترو تہ چاهہ هو جو اصل ٻيءَ شاديءَ جو خيال ئي ڪڍي ڇڏيو هئائين. تمام مشڪل سان، مٽن ۽ مائٽن ۽ يارن دوستن جي اصرار تي، نيٺ هن ٻي شادي ڪئي. گهڻي وقت تائين انور پنهنجي نئين ماءُ لاءِ وندر بنيو رهيو. پڻس بہ سندس پرورش تي جوڳو ڌيان ڏيندو هو. پر جڏهن کان طارق جو گهر جي ڀاتين ۾ اضافو ٿيو هو، انور جي ماتيجي ماءُ آهستي آهستي منجهانئس چاهہ گهٽائيندي رهي— هن ڪي دل وندرائڻ لاءِ هاڻي پنهنجو ٻار هو. ننڍڙي ٻار ڪي هوندي بہ گهر جا ڀاتي وڏيڪ ڀائيندا آهن. انور جي چنچلتا ۾ هاڻي ماءُ توڙي پيءُ لاءِ اها ڪشش نہ رهي هئي. طارق ٻنهي جي توجهہ جو مرڪز بنيل هو. انور جون رواجي شرارتون بہ هاڻي هنن کي بيزار ڪرڻ لڳيون هيون. خسيس خسيس ڳالهين تي جڏهن پڻس ڪيس ڇڙٻون ڏيئي ڪيندو هو، تہ انور جي اکين مان لڙڪن جي قطار وهي هلندي هئي. ۽ سندس نازڪ دل تي مايوسيءَ جو احساس وڏيڪ گهرو ٿي ويندو هو. اڄ بہ معمولي غلطيءَ تي ڪيس ڇڙٻيو ويو هو، جنهنڪري سندس دل ڀرجي آئي هئي.

اُٿي، . . . . اندر ماني ٻيئي اٿئي، ڪڏي وڃي کاءُ!" "ماڻس" جا اکر سندس ڪن تي پيا. هن جا قدم خودبخود ٻورچيخاني طرف وڌڻ لڳا. تالهہ هينان ڍڪيل ماني ڪڍي، کائڻ وينو. هيترن ڏڙڪن کائڻ کانپوءِ مانيءَ لاءِ ڪا اشتها ڪانہ رهي هيس. زور ڪري هڪ- بہ گرهہ ڀريائين، پر ائين پئي ڀاسيس تہ گرهہ نڙيءَ کان هيٺ لٿو ئي نٿي. ماني وري بہ تالهہ هيٺ ڍڪي، چپ چاپ ٻاهر نڪري آيو. ۽ اڱڻ جي ڪنڊ ۾ پيل کٽولي تي اچي ليٽي پيو. ننڊ سندس نيڻن مان نڪري چڪي هئي. ڪمزور دماغ ۾ طرح طرح جا خيال جنم وٺي رهيا هئا. "آخر اما ۽ بابا مون کي دڙڪا ڇو ٿا ڏين؟... مون کي مارين ڇو ٿا؟... پاڻ ماني کائي، مون لاءِ ڪٺي رکي ڇڏين— وٺي تڏهن اچان!... اما کي تہ منهنجي ڪا ڳالهہ ڪانہ ٿي وڻي... پر بابا ڇو ٿو ائين ڪري؟... اهو بہ طارق کي تہ گهڻو ٿو ڀانئي!..." اها تہ خبر هيس تہ هيءَ سندس سڳي ماءُ ڪانہ هئي. ڪيس چٽيءَ طرح ياد هو تہ هڪ دفعي پڻس ڪيس ٻڌايو هو تہ سندس وڏي ماءُ ويئي آهي الله سائين وٽ. هن جي معصوم ذهن سوچيو: "اما

مون کي بہ چو ڪين الله سائينءَ وٽ وڃي ويئي؟ مون کي ڇڏي ڇو ويئي؟ مائون تہ پنهنجن پٽن کي ڪيڏانهن بہ گڏ وٺي وينديون آهن!..." اهڙو خيال ايندي سندس اکيون آليون ٿي ويئون. وري خيال آيس، "شايد اما سوچيو هوندو تہ آءٌ اُتي ڪا شرارت نہ ڪريان... پر آءٌ تہ ڪا بہ ڪيچل ڪانہ ڪندو آهيان. اسڪول ۾ بہ ماٺ ڪري ويهندو آهيان. مون کان زياده مستي تہ اڪبر ڪندو آهي... اسڪول ۾ ڇوڪرن سان وڙهندو آهي، سائين جا چاڪ چورائيندو آهي، سيني کي گاريون ڏيندو آهي،... تڏهن بہ اڪبر جي مَـمي ان کي تہ ڪيترو نہ پيائيندي آهي! اسان جي گهر ايندي آهي، تہ بہ اڪبر کي گڏ وٺي ايندي آهي..."

اهي پور پچائيندي، الائي ڪيڏي مهل هن جي اک لڳي ويئي——.

* * *

ٻئي ڏينهن اهو واقعو خوب سمان هو، جنهن جا ڪجهہ مٽيل نشان انور جي دماغ ۾ اڃا موجود هئا. جلدي جلدي تيار ٿي، هو اسڪول روانو ٿيو. اسڪول ۾ ڪو دلگهيريو دوست هوس تہ اهو ئي اڪبر. پاڻ ۾ پڪي سنگت هوندي هين. ساڳئي ڪلاس ۾ پڙهندا هئا. ويهندا بہ هڪڙيءَ ئي بينچ تي هئا. رسيس ۾ تہ جيستائين گڏجي شي نہ کائيندا هئا، تيستائين جڻ مزو ئي ڪين ايندو هون. اڄ انور اسڪول آيو، تہ خلاف دستور اڪبر نظر نہ چڙهيس. ڳوليائين، پڇا ڪيائين، پر اڪبر اڃا اسڪول آيو ئي ڪونہ هو. سمجهيائين تہ متان دير سان اچي، پر گهنڊيءَ لڳڻ بعد بہ انور بينچ تي اڪيلو هو.اڪبر اڄ غير حاضر رهيو. اڪبر بنا انور کي ڪلاس ۾ سک ئي نہ پئي آيو. پڙهائيءَ ڏانهن سندس ڌيان ئي نٽي ويو. هن جي دل اُداس هئي، ملول ۽ موڳو ٿيو وينو هو— جڻ تہ ڪنهن بہ ڳالهہ سان سندس و[illegible]نہ هو.

"انور، تون ڇا پيو ڪرين!" استاد دڙڪي سان پڇيو.

سڀئي ڇوڪرا انور ڏانهن نهارڻ لڳا.

"جِي، سائين..." انور سڌو ٿي وينو.

"سبق ياد اٿئي؟ بيت ٻڌاءِ!"

انور بيت پڙهڻ شروع ڪيو. هٻڪندي هٻڪندي بيت تہ پورو ڪيائين، پر استاد لڪڻ کڻي اچي مٿان بيٺس—

"تون ڏينهون ڏينهن وڃين ٿو شيطان ٿيندو. سبق بہ ياد نہ اٿئي. گهر

محنت ڇو نہ ٿو ڪرين؟... هٿ ٻاهر ڪڍ!"

انور جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. ترسي ترسي، هن هٿ اڳتي وڌايو— ننڍڙو، نازڪ هٿ. ٻہ دفعا بيد جو شپڪو ٿيو. هن دانهن بہ ڪا نہ ڪئي. پنبڻين ۾ اٽڪيل ڳوڙها ٻاهر نڪتا، ۽ ڳلن تان ترڪندا اچي پيل ڊيسڪ تي ڪِريا. هو پنهنجي ڳاڙهي ٿيل هٿ کي ڏسندو رهيو. ڪلاس سڄو خاموش ٿي ويو. ڇوڪرن پنهنجا ڪتاب کولي سبق ياد ڪرڻ شروع ڪيا.

"سائينءَ" جو غصو اڃا پورو نہ لٿو هو: " تون هاڻي بلڪل سست ٿي پيو آهين. آءٌ اڄ پڻهين سان ملندس، ۽ کيس ٻڌائيندس تہ تون ڪلاس ۾ چڱيءَ طرح ڪم نٿو ڪرين!" پيءُ سان شڪايت جو ٻُڌي، "انور جي اکين اڳيان انڌاري اچي ويئي.

لڳُس ڄڻ ته ملڪ الموت کي سندس روح قبض ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويو هو. چپ چاپ، ڪنڌ هيٺ ڪري، بينچ تي ويهي رهيو.

اڄ هو تمام گهڻو غمگين هو. دل ڪلاس کان ڪٽي تي پيئي هيس. رڳو انهيءَ انتظار ۾ هو تہ موڪل ملي تہ هن مصيبت مان جند ڇٽي. رکي رکي ماستر تي ڏاڍا خار اچڻ لڳس- "سائين تمام خراب ماڻهو آهي! بيت تہ مون کي پڪو هو. ڇوي تہ وري يڪساهيءَ ياد ٻڌايانس! رڳو هڪڙي سٽ ڀلجي ويس.... پر هڪڙو تہ مارپائين. بيو وري هاڻي بابا کي دانهن تو ڏئي! .... ڀلي دانهن ڏي، بابا مون کي ڇا ڪندو.... بابا؟.... هو تمام ڪاوڙبو!.... ڏاڍي مار ڏيندو!.... هو طارق کي پاڻئي تو..." اوچتو گهنڊ جي آواز سندس خيالن جي سلسلي کي ٽوڙي ڇڏيو. هو ٽپ ڏيئي، ٿيلهو ڪڇيءَ ۾ وجهي، ٻاهر نڪتو.

اسڪول جي عمارت اُڪري جڏهن رستي تي پهتو. تہ ويچار آيس تہ "ڇو نہ اڪبر وٽان ٿيندو وڃان!"— " خودبخود سندس رخ اڪبر جي گهر ڏانهن ٿي ويو.

* * *

اڪبر جي گهر پهچي، اڱڻ لنگهي، اندر داخل ٿيو. گهر جا سڀ ڀاتي وچئين ڪمري ۾ وينا هئا. هڪ پاسي پلنگ تي اڪبر ليٽيل هو. سيرانديءَ کان ماڻس ويٺي هوا ڪئي. انور هوريان هوريان هلندو اچي پلنگ وٽ بيٺو. کيس ڏسي، اڪبر پنهنجون ٻُوٽيل اکيون بند ڪري ڇڏيون.

"ماسي، ڇا ٿيو آهي اڪبر کي؟" هن اڪبر جي ماءُ کان پڇيو.

”ابا. جهولو لڳو اٿس. ڪالهہ منجهند جو ڪو ويو هو بازار مان برف وٺڻ. ويجهڙائيءَ ۾ مليس ڪانہ. رُلي رُلي برف تہ هٿ ڪيائين، پر اچڻ سان ڪري پيو. ڏاڍو بخار آهي ٻچڙي کي!“ ماڻس پيار وچان اڪبر جي وارن ۾ آڱريون ڦيرائڻ لڳي. ڏاڏيس سندس پيرن کي زور ڏيڻ لڳي.

”امي، پاڻي—.“ پيٽس يڪدم هڪ موسميءَ جو رس ڪڍي آڻي ڏنيس.

پيار محبت جي اها روئداد ڏسي، هڪ دفعو وري انور جي اندر کي جهٻي آئي. دل پرجي آيس. اکين ۾ پاڻي تري آيس. ان گهڙيءَ هن پاڻ کي سڄيءَ دنيا ۾ اڪيلو تصور ڪيو. جنهن جو ڪو بہ عزيز قريب، ڪو بہ همدرد ۽ غمگسار نہ هجي. هو قرب ۽ محبت جو بکيو هو— پيار جي ساگر جي هڪ قطري جو پياسي. معصوم دل ۾ اها تمنا پڙڪي اُٿي تہ ڪير هن کي بہ پنهنجو سمجهي، هن جو بہ ڪو همدرد هجي، ڪو هن کي بہ پنهنجو پٽ سمجهي پيار ڪري!

اڪبر جي ڏاڏي چئي رهي هئي: ”ڏاڍا خراب ڏينهن آهن. باهر جهولو پيو لڳي. اڪبر کي بہ ٻُک لڳي آهي. الله پاڪ پنهنجو رحم ڪري، باقي هن هوا ۾ تہ گهٽو هلجي بہ نہ...!“ اهو ٻڌي، اڪبر کان موڪلائڻ بنائي، انور هڪدم ڊُڪ پائي باهر نڪري آيو.

* * *

جولاءِ جو مهينو، آرهڙ جا سخت ڏينهن، تاڪ منجهند. نٿهڻ اُس ڪانوَ جي اک پئي نڪتي.... انور ائين ئي گهٽين ۾ فضول هلندو رهيو. مٿو اگهاڙو، هلندي هلندي ڪلاڪ - سوا گذري ويس. چپ سُڪي نوڙ تي ويس. اُس جي تيز تپت ۾، ڏاڍي اُڃ محسوس ٿيس. هوٽل ۾ لنگهي ويو. يڪا بہ گلاس پاڻيءَ جا پي ويو. وري اٿي پنڌ ويو....

هوريان هوريان مٿو گرم ٿيڻ لڳس. اکيون ڳاڙهيون ٿي ويس. بدن وسامندو معلوم ٿيس. تَڪ سبب بت سڄو ساٿو ٿي پيس. ٽنگن ۾ ٽوٽ ۽ ڳوراڻ محسوس ڪرڻ لڳو. گهر جي در وٽ پهچي، مٿي ۾ چڪر اچي ويس. دل تي بار معلوم ٿيس. ۽ اُتي ئي در کي ٽيڪ ڏيئي اُلٽي ڪرڻ ويهي رهيو. ڪتابن جو ٿيلهو ڪُلهي مان لڙڪي اچي پَٽَ تي ڪِريو. ڪا ساعت هو اُتي ئي مٿي کي هٿ ڏيئي ويٺو رهيو. نوڪرياڻي ٻاهر نڪتي، تہ انور جي حالت تي بي اختيار سندس واتان رڙ نڪري ويئي. پٽس ڊوڙي آيو. هڪدم اچي

پاڪر ۾ ڪيائينس. تڪو تڪو اندر اچي ـلنگ تي ليٽايائينس. ”ڇا ٿيو؟... ڇا ٿيو؟“— ماڻس بہ پڇندي آئي. سيرانديءَ ڏانهن ويهي، مٿي تي هٿ لاتائينس— ڪوسو جهڙو باهہ. اڪيون لال، جهڙا ننڍڙو ٻُت سڄو ٿڙڪي رهيو هوس. پٽس تمام پريشان ٿي رهيو هو. هٿ وڌائي. پيٽ ۾ لڳل پنکي کي وڌيڪ تيز ڪيائين. انور آهستي آهستي ڪجهہ وڦلي رهيو هو: ”.... اما مون کي ڇو نہ وٺي وئي... هتي مون کي سڀ مارين ٿا.... مون کي سڄو بيت ياد آهي.... منهنجا هٿ ڏکن ٿا.... بابا مون کي ماري ڇڏيندو.... اما! اما!.... اڪبر جي ممي ڏاڍي سٺي آهي.... منهنجي ممي ڏاڍي خراب آهي.... مون کي پيار بہ نہ ٿي ڪري!...“.

پٽس پنهنجي زال ڏانهن نهاريو. عورت جي دل هٺي. ڇا ٿيو جي انور سندس پيٽ - ڄائو نہ هو. پاليو تہ پاڻ هٿائين. سندس خاوند جي تہ اکين جو نور هو. پاڻ بہ هڪ بار جي ماءُ هئي. مامتا جو پُر خلوص جذبو سندس سيني ۾ ڪَرَ موڙي اُٿيو. چپن تي پيار پري مُرڪ آئي، انور جو مٿو کڻي پنهنجن گوڏن تي رکيائين: ”صدقي وڃان پنهنجي ٻچڙي تان!“— ائين چئي، سندس پيشانيءَ تي چمي ڏيئي، آهستي آهستي پنهنجون آڱريون هن جي وارن ۾ ڦيرائڻ لڳي.

(مهراڻ: 1960-2,1ع)

---

آغا سليم

# نيٺ بهار آيو

اڄ شفق جو رنگ تيز، رکو ۽ ڳُوڙهو ڳاڙهو هو. ڄڻ سڄ کي بـہ سلهہ ٿي پيئي هئي، ۽ سڄ اونداهيءَ ۾ غرق ٿيڻ کان ٿوري دير اڳ، رت جي الٽي ڪري، ساري افق کي ڳاڙهو ڪري ڇڏيو هو. آسمان مان ٿمندڙ ڳاڙهي ڳاڙهي رت ۾ ٻـر وارن وڻـن جي ساون ساون پنن بـہ ڳاڙهاڻ جي جهلڪ ٿـي ڏنـي. سـانجهيءَ جـو پنهنجـن پنهنجـن آکيرن ڏانهـن موٽنـدڙ پکيـن چـِـر چـِـر لائـي ڏنـي هئـي. هـوا جـي هلڪي، غير محسوس جهوٽـي سان فضـا ۾ عجيب پـر اسرار چرپـر پيدا ٿيو ٿـي ويئي. ڄڻ موت جو فرشتو پنهنجا پَــرَ ڦڙڪائي رهيو هجي. ٻر وارن وڻـن جي پريـنءَ ڪجي مزدورن جون جهوپڙيون هيـون. هڪـڙي ڪچـي مـزدور پنهنجـيءَ سارو ڏينهن محنت مزدوري ڪندڙ، ساري ڪٽنب لاءِ ماني تيار ڪندڙ ۽ رات جو مڙس جي ميري، قاتل ۽ بدبودار بستري تي چادر وانگر وڇائجي ويندڙ زال کي مار ڏني هئي، ۽ هوءَ رڙيون ڪري روئي رهي هئـي— ”هـاءِ ڙي، مـاءُ! تـو مـون کـي چو ڄڻيو ڙي! تو مون کي هن راڪاس جي ٻانڙي ڇو بڻايو ڙي!“

اهي سڀيئي مزدور سامهون واريءَ نئيـن تعمير ٿيندڙ سڙڪ تـي مـزدوري ڪندا هئا. اها سڙڪ ويهہ ميل ڊگهي هئي، ۽ هڪ ننـڍڙي شهر کـي وڏي شـهر سان ڳنڍڻ لاءِ تعمير ڪرائي ٿي ويئي. انهن ڏينهن ۾ منهنجو ننڍو ڀاءُ، ”جلال“، پي.ڊبليو. ڊي کاتي ۾ ننڍو انجنيئر هو، ۽ اها سڙڪ جلال جي نگرانيءَ هيـٺ ئي تعمير ٿي رهي هئي. جلال مون کان رڳو هڪ سال ننڍو هو. عمر جي ان معمولي تفاوت جي ڪري، اسين ٻئي هڪٻئي جا ڏک سک جا ساٿي ۽ هڪٻئي جا رازدار هئاسين. جلال کي قدرت سونهن بہ ڏني هئي، تہ صحت بـہ. هن جي ڳالهين ۾ الاجي ڪهڙو جادو هوندو هو، جو هن کان سـواءِ دوسـت پنهنجين محفلن کي ويران سمجهندا هئا، ۽ وڏيون وڏيون امير ڇوڪريون هن جا ٻہ ٻول ٻڌي، ساري رات پنهنجن ريشمي بسترن تي پاسا ورائيندـيون رهنديون هيون. هن کي دنيا جي هر ڳالهہ جي ڄاڻ هئي، ۽ هر موضوع تي ڏاڍي ڪاميابيءَ سان ڳالهائي سگهندو هو. هن کي رڳو اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ايندي هئي تہ شاعر ۽ افسانا نويس بڪ ڇو ٿا مرن، تہ بہ شاعري ۽ افسانا نويسي ڇو

تا ڪن. پي.ڊبليو.ڊي ڪاتي ۾ نيڪيداري ڇو نہ تا ڪن؟ هن مون کي بہ صلاح ڏني هئي تہ مان ايم - اي ڪرڻ ۽ ڪهاڻين لکڻ جي بجاءِ وتس نيڪيداري ڪريان. پر مون اجان ايم- اي پاس مس ڪئي تہ مون کي سلهہ تي پيئي، ۽ مان هت نيڪيدار بڻجي اچڻ جي بجاءِ آرام ڪرڻ آيو هوس. ڊاڪٽر مون کي صلاح ڏني هئي تہ مان ڪنهن سينيٽوريم ۾ داخل ٿي، سلهہ جو باقاعدي علاج ڪرايان، پر مون علاج ڪرائڻ نہ ٿي چاهيو، ان لاءِ جو مون جيئڻ نٿي چاهيو. جي بہ ڇا ڪريان ها؟ ساري عمر بيمارين ۾ گهاري هيم. هن هيڏي ساريءَ دنيا ۾ نہ ڪو دوست هو، ۽ نہ ڪو ساٿي. جيئڻ جو نہ تہ ڪو سبب هو، ۽ نہ ئي ڪو بهانو. ڪاليج ۾ پاڻ جيڏن ۾ بہ ويگاڻو ويگاڻو گهمندو هوس. پنهنجي ڇوڏاري اڪيلائيءَ ۽ ويرانيءَ جا پربت ڦهليل نظر ايندا هئم، جتي خوشيون رُڃ جيان پئيون منهنجا ڇبرا ڪڍنديون هيون. ان اڪيلائيءَ جي ڪري منهنجي شخصيت، منهنجي اَنا ۽ منهنجو روح، منهنجي وجود ۾ ئي قيد ٿي ويا هئا، ۽ گهٽتائيءَ جو احساس منهنجي اعصاب تي سوار ٿي ويو هو. زندگيءَ ڪان لاشعوري طور نفرت ٿي پيئي هيم. ايم-اي- پاس ڪيم تہ سلهہ ٿي پيئي. ان بيماريءَ ڪان پوءِ مائٽن بہ منهن موڙي ڇڏيو. زندگيءَ ڪان نفرت واري جذبو، ڦري، پنهنجو پاڻ ڪان عذاب ڏيئي انتقام وٺڻ وارو جذبو ٿي پيو، ۽ مان ڪنهن سينيٽوريم ۾ داخل ٿي علاج ڪرائڻ جي بجاءِ هت پنهنجي ننڍي پاءُ وٽ هليو آيو هوس. هن مون کي پنهنجي تنبوءَ ڪان گهٽو پري(جڻ مان اڇوت هجان!) تنبو هڻائي ڏنو هو، ۽ مان ان تنبوءَ ۾ اڪيلو رهندو هوس.

جنهن زندگيءَ جي مون کي تمنا هئي(جا تمنا بين هزار تمنائن جيان منهنجي سيني جي قبرستان ۾ دفن ٿي ويئي هئي)، ان زندگيءَ کي جلال جي جهوليءَ ۾ ڏسي، مون کي پراڻا داستان ۽ ڪهاڻيون ياد اچي ويندي‌ون هيون تہ ڪيئن ڪوه قاف ۾ رهندڙ نيلم پريءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏو شهزادو گهران نڪتو هو، ڪيئن هو ڪارن ديون جي چنبي ۾ قاسي پند پهڻ ٿي ويو هو، ۽ ڪيئن وري ننڍي شهزادي ڪارن ديون کي ماريو هو ۽ نيلم پريءَ کي حاصل ڪيو هو. زندگي بہ تہ ڪوه قاف ۾ رهندڙ نيلم پري ئي آهي! جلال ان کي ماڻيو هو، مان سلهہ جي ڪاري ديو جي چنبي ۾ قاسي ويو هوس.

منهنجي تنبوءَ ڪان گهٽو پري جلال جو تنبو هو. هن جي تنبوءَ سان لڳ

اوورسيئرن جا تنبو هئا. کابي طرف گهاٽا گهاٽا وڻ هئا. وڻن جي پرئين پر، ڪجي مزدورن جون جهوپڙيون هيون. انهن جهوپڙن ۾ ”هري“ بہ رهندي هئي.

هريءَ کي پهريون دفعو مون ان سڙڪ تي ڪم ڪندي ڏٺو هو. هوءَ پنهنجي ننڍيءَ پيڻ گجريءَ سان گڏ. سڙڪ ڪان ٿورو پريرو، وڻن جي اوٽ ۾ ويني پٿر ڪٽي رهي هئي. ٻئي ڀينر اڪيليون هيون. ۽ سندس آسپاس ڪير بہ ڪو نہ هو. ايتري ۾ هڪڙي داروغي، هريءَ جي ويجهو اچي چيو هو: ”هري جاني! اسان ڏي بہ تہ نهار!“

هري تپ ڏيئي اُٿي بيني هئي— جڻ هن جي وڏي گهيردار پڙي ۾ ڪو ڦلڦلو، غليظ ۽ زهريلو نانگ گهڙي ويو هجي. اکيون ڦوٽاري، ڏند پڪوڙي، ۽ متڪو اُيو ڪندي، هن چيو هو:

”حرامي جا ڦر! ماٺهين جانيءَ کي چئہ تہ تو ڏي نهاري!“

ٻيو دفعو وري مان هريءَ کي واهہ تي پاٽي پريندي ڏٺو هو. مان صبح جو سوير، پرهہ ڦٽيءَ مهل، تازي هوا کائڻ لاءِ جهنگ ڏانهن هليو ويندو هوس. اسان جي ڪئمپ کان بہ فرلانگ ڪن پري هڪڙو واهہ هو. واهہ جي پرئين پر ”واپڊا“ وارن جي ڪئمپ هئي. ان ڪئمپ سان لڳ هڪ باغ هو. جنهن ۾ صرف انبن جا وڻ بينل هوندا هئا. ۽ زمين تي گاهہ جي چادر وڇايل هوندي هئي. مان صبح جو سوير ان ماڪ مان ڌوتل گاهہ جي سائي چادر تي ويهي، نئين سج ڏانهن نهاريندو هوس. ۽ انبن جي ٻور جي ڪنڙي ڪنڙي خوشبو ياڪر ۾ ڪٽي ايندڙ هوا مان زندگيءَ جا ساهہ کڻندو هوس. هتي اچي مان وساري ويهندو هوس تہ منهنجن ڦڦڙن ۾ تنگ آهي. هتي، هنن وڻن جي هينان ليٽي، سج جي انتظار ۾ اُفق ڏانهن نهاريندي، مون کي ائين محسوس ٿيندو هو. جڻ مان ساري زندگي روئندو رڙندو، پٽڪي پٽڪي، تڪجي ٿُڪجي، ماءُ جي گود ۾ اچي ڪريو آهيان. ۽ ٿڌيري هير منهنجي پيشانيءَ ۽ وارن ۾ آگريون ڦيري مون کي آٿت ڏيئي رهي آهي.

هڪڙي ڏينهن مان گاهہ تي ليٽيو پيو هوس تہ مو کي زنانو آواز ٻڌڻ ۾ آيو:

”او باپُو! هي مَٽُ تہ کڻاءِ —“

مون ڪنڌ مٿي ڪٽي ڏٺو. واهہ جي ڪپر تي هري بيني هئي. هن پاڻيءَ جو مَٽ پريو هو. ۽ مَٽ کڻائڻ لاءِ مون کي سڏي رهي هئي. مون اُٿي هن جي

مَــٽ ۾ هٿ وجهرايو. هوءَ مَــٽ ۾ هٿ وجهڻ لاءِ نوڙي. نوڙڻ وقت هن جي سوڙهيءَ گهگهريءَ مان هن جو جوڀن اٿل کائي ٻاهر اچڻ لڳو. زندگي ۾ پهريون دفعو ڪا جوان ڇوڪري منهنجي ايترو ويجهو آئي هئي. ان ويجهڙائيءَ ڪان مون ڏٺو تہ هريءَ جي محنت ۽ مزدوريءَ ۾ پيڻل جسم جو رنگ ڪوري ۾ تتل ٽامي جيان هو. ۽ هن جي جسم مان هلڪي هلڪي بوءِ اچي رهي هئي— اهڙي بوءِ، جنهن ڪان منهنجا حواس اڻ سونهان هئا— جنهن کي مان نہ تہ بدبوءِ چئي ٿي سگهيس، ۽ نہ ئي خوشبوءِ. الائي، اِها هن جي جوڀن جي بوءِ هئي، الائي بهار جي اها بوءِ جيڪا ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهان ايندي آهي! مون کي پنهنجي سانوڻيءَ جي درياءَ جيان اٿلون ڪائيندڙ جوڀن ڏانهن ڏسندو ڏسي، هن چيو:

”اڪيون ڦاڙي ڇا ٿو ڏسين، ڙي؟ اکيون ڪڍي ڇڏينديسانءِ! مَــٽُ ڪڻائڻو اٿيئي تہ ڪڻاءِ، نہ تہ هل، وٺ پنهنجو رستو!“

”مان.... مان تہ ڪجهہ نٿو ڏسان.“ مون هٻڪندي چيو.

”——“مان تہ ڪجهہ نٿو ڏسان.“!“ هن وات ڇٻو ڪري، منهنجي اهــل ڪئي. رئي جو پلاند ورائي، هن پنهنجو سينو ڍڪيو، ۽ نوڙي مَــٽ ۾ هٿ وڌئين. مَــٽ مٿي تي رکي، چيلهہ کي موڙو ڏيئي، وڏي گهيردار پڙي کي لهرائيندي، نچائيندي، هوءَ هلي ويئي.

ٻئي ڏينهن تي مان ويس تہ هري اجا ڪا نہ آئي هئي. مان واهہ جي ڪپر تي ويهي هن جو انتظار ڪرڻ لڳس. ٿوريءَ دير کان پوءِ هوءَ آئي. اڄ هوءَ دلو کڻي آئي هئي. مون کي ڏسي هن جي نراڙ تي گهنج پئجي ويا. منهن ۾ سونڊ وجهي، مون کان پر پرو ويهي، هوءَ دلو ڀرڻ لڳي. مون هن جي ويجهو وڃي چيو:

”ڇو، اڄ دلو نہ ڪڻائيندينءَ ڇا؟“

”روز روز هري ٻئين ڇا، ڙي؟“ هن مون ڏانهن شوڪي نهاريندي چيو.

مان لڄي ٿي ويس، ۽ وڌيڪ ڪجي نہ سگهيس. هوءَ دلو مٿي تي رکي، چيلهہ مٽڪائيندي، هلي ويئي.

مان هر روز هن جو انتظار ڪندو هوس. هوءَ هر روز پاڻي ڀرڻ ايندي هئي. مان هن سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو هوس. هوءَ بہ ڳالهائيندي هئي، پر ڏيڍيون ڇڙٻيون ڏيئي— ڄڻ وڙهڻ ايندي هئي.

هڪڙي ڏينهن هوءَ پاڻي ڀري رهي هئي تہ مون هن کي چيو: ”هيڏي!

ڳالھہ تہ ٻڌ—".

هن ڪاوڙ مان اکيون ڦوٽاري مون ڏانهن نهاريو، ۽ چيائين: "اڙي، "هيڏي هيڏي" ڪري ڇو ٿو ڳالهائين؟ مان ڪا تنهنجي.... سڌيءَ طرح نالو ڇو نہ ٿو وٺين؟"

"مون کي تنهنجي نالي جي خبر ڪانهي."

"تو کي منهنجي نالي جي خبر ڪانهي؟" هن حيرت وچان پڇيو. "اڙي، منهنجو نالو تہ هري آهي!"

"هري! مون پهرين بہ تو کي ڏٺو هو. تون سڙڪ تي ڪم ڪندي آهين نہ؟ مان بہ اُتي رهندو آهيان. اتي جيڪي تنبو لڳل آهن، مان انهن ۾ رهندو آهيان."

هن مون ڏانهن نهاريو. هن دفعي هن جي نهارڻ ۾ ڪاوڙ ڪانہ هئي.

"سرويل آهين ڇا؟" هن پڇيو.

"نہ." مون وراڻيو.

"داروغو آهين؟"

"نہ، مان تہ هڪ عام ماڻهو آهيان."

منهنجي ڳالھہ ٻڌي هن ڪان ٺهڪ نڪري ويو، ۽ کلندي چيائين: "سرويل ۽ داروغا ماڻهو نہ ٿيندا آهن ڇا؟"

"ماڻهو تہ ٿيندا آهن." مون چيو، "اصل ۾ منهنجو مطلب هو تہ مان غريب ماڻهو آهيان"

"غريب ماڻهو تہ آهين، پر ڪو ڪم ڪار تہ ڪندو هوندين ؟"

"ڪم ڪار تہ ڪونہ ڪندو آهيان."

"پوءِ وري غريب ماڻهو ڪيئن آهين؟ ڪم ڪار بہ ڪونہ ڪرين، ڀھڙا وڳا بہ ڍڪين، پوءِ بہ چوين ٿو تہ غريب ماڻهو آهيان!"

"مان شهر ۾ پڙهائيءَ جو ڪم ڪندو هوس. ڪم ڪري ڪري ٿڪجي پيو آهيان، سو ڪجھہ ڏينهن لاءِ هت آرام ڪرڻ آيو آهيان. سارو ڏينهن تنبوءَ ۾ اڪيلو پيو هوندو آهيان. هري، تو کي ڪنهن بہ شي جي ضرورت پوندي ڪري تہ مون کان وٺي ويندي ڪر. مان تنبوءَ ۾ اڪيلو رهندو آهيان. منهنجو تنبو ڏٺو اٿئي؟ سيني تنبن کان ڌار، وڻن جي پرسان جيڪو تنبو لڳل آهي نہ، مان ان ۾ رهندو آهيان."

"اڙي، جيڪا ڳالھہ من ۾ اٿئي اها کولي ڇو نٿو چوين؟ مان سڀ

سمجهان ٿي. هر روز هتي وينو منهنجو انتظار ڪندو آهين. اڄ وري تنبوءَ ۾ پيو سڏائين! مان سڀ سمجهان ٿي. مان ڪا ٻار ڪانہ آهيان. مڙد ڪي هڪ دفعي ڏسڻ سان پرکي وٺندي آهيان. تون مڙيئي چڱو ماڻهو پيو لڳين."

"هي هي هي...." مان ڦڪي کل کلڻ لڳس: مان تو کي کولي ڪيئن ٻڌايان. هري، تہ تون مون کي ڏاڍي وڻندي آهين! تنهنجون ڳالهيون ڏاڍيون مٺيون لڳنديون اٿم. دل چوندي آهي، سارو ڏينهن تون مون سان ويٺي ڳالهيون ڪندي رهين. ۽ مان ٻڌندو رهان".

"واه ڙي واه! چڱي ڳالهہ ٻڌايئہ. سارو ڏينهن جي توسان ويهي ڳالهيون ڪندي رهان، تہ پوءِ منهنجي ٻدران ڪم ڪير ڪندو؟"

"هري، مان هن دنيا ۾ صفا اڪيلو آهيان. منهنجو ڪير ڪونهي. ڪير ڪونهي، جنهن سان ويهي اندر جو حال اوريان. تون جهٽ پلڪ لاءِ ايندي ڪر تہ توسان ويهي ريهاڻ ڪندو ڪريان."

"مون کي تہ واندڪائي ڪانہ ملندي آهي. سارو ڏينهن پٽر ڪٽيندي آهيان، يا مٽي ڍوئيندي آهيان. شام جو ساري ڪٽنب لاءِ ماني تيار ڪندي آهيان، رات جو واندي ٿيندي آهيان. چڱو. ڪڏهين واندي ٿيس تہ ايندي سانءِ."

ان ڏينهن ٿي رات جو، جڏهين هر طرف سانت ڇانئجي ويئي، تڏهين هري آئي، تہ تنبوءَ جي در وٽ بيهي، نيڻ کڻي مون ڏانهن نهارڻ لڳي. هن جي نيڻن ۾ خود سپردگي ڇوليون هڻي رهي هئي، ۽ هن جي چپڙن تي حيا ۾ ٻڏل هلڪي هلڪي مرڪ هئي. مون اٿي هن کي ٻانهن کان جهليو. هن جو جسم ڪوري ۾ تتل ٽامي جيان ٻري رهيو هو. منهنجي هٿ جي ڇهاءُ سان هوءَ شرمائجي ويئي، ۽ شرم وچان، رئي جي پلاند سان ڪٽي منهن ڍڪيائين. اڄ هن جو هٺ ۽ هن جي بيحجابي الائي ڪيڏانهن هليا ويا هئا، ۽ هن جو عورتپڻو اڀري آيو هو. عورت ڪيتري بہ هنيلي، ڪيتري بہ بيحجاب ڇونہ هجي، پر جڏهين هوءَ مڙد جي گهر جي ڇانئٺ ٽپندي آهي، تڏهين هن جو سارو هٺ، ساري بيحجابي الائي ڪيڏانهن غائب ٿي ويندي آهي، ۽ هن جو عورتپڻو پنهنجين سيني رعنائين سان اڀري ايندو آهي، مڙد جي پاڇي پوڻ سان ٿي هوءَ، شرم ٻوٽيءَ وانگر پاڻ کي ويڙهي سيڙهي، پنهنجو پاڻ ۾، پنهنجي وجود ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. ائين، هڪ وار مڪمل طرح سان ٻند ٿيڻ کان پوءِ هوءَ

ٽڙندي آهي. ائين، هزار پڙدن ۾ پاڻ لڪائي، پاڻ ڇپائي، هوءَ پنهنجي ازلي اسرارن ۽ ڳجهن سميت ظاهر ٿيندي آهي، مون هن کي ٻانهن کان جهلي ڪٽ تي ويهاريو، ۽ هن سان رهاڻ ڪندو رهيس.

* * *

ڪنهن کي خبر ڪانہ هئي تہ انهن ڪچي مزدورن جو وطن ڪهڙو هو، ۽ ديس ڪهڙو. جتي هنن کي ڪم لڳندو هو، اتي اچي پنهنجا پڪا اڏيندا هئا. ۽ اها جاءِ ئي هنن جو ديس ٿي ويندي هئي. پوءِ جڏهن ڪم ختم ٿي ويندو هو، تڏهن ڳڏهہ تي سامان لڏي، مزدوريءَ جي تلاش ۾، ڳپي جي ڳولا ۾ نڪري پوندا هئا. ڪنهن ڳڏهہ تي ڪڪڙيون ويٺيون ڪُڙ ڪُڙ ڪنديون هيون، تہ ڪنهن تي ڪچي عورتون ويٺيون پنهنجن ڪارن، ڪوجهن ۽ گر ڇڙهيل ٻارن کي گهگهري مان ڇاتي ڪڍي کير پياريندي يون هيون. ۽ مرد مزدور پنڌ ئي پنڌ ڳڏهہ هڪليندا هلندا رهندا هئا— هڪ نئين ماڳ ڏانهن جتي سَنڌ سَنڌ ڏکوئيندڙ مزدوري، نيڪيدارن جا وڏا وڏا ۽ ڪڏهين نہ پرجڻ وارا پيٽ ۽ اڻپوري خوراڪ، ازدها وانگر وات ڦاڙي، هنن جي انتظار ۾ هوندا هئا.

ڪچي عورتون ڏاڍيون محنتي ۽ مضبوط هونديون هيون. هنن جي جسمن ۾ نہ تہ شاخ گل واري لچڪ هوندي هئي، ۽ نہ رابيل جي گلن واري هُبڪار. هنن جا جسم ڪٽ ڇڙهيل ٽانون جيان ڪارا هوندا هئا. ۽ منجهانئن پگهر جي بدبوءِ پئي ايندي هئي. ڪچي مڙد، عورتن جي پيٽ ۾ ڏاڍا سست هوندا هئا. هو پاڻ سولو ڪم ڪندا هئا، ۽ پنهنجين عورتن کان ڏکيو ڪم وٺندا هئا. سارو ڏينهن چرس پيئندا هئا، داروغين ۽ نيڪيدارن جي منشين جون گاريون کائيندا هئا. جمعي رات جو ڪچو شراب پي، بدمست ٿي هڪٻئي سان وڙهندا هئا، يا ساري رات پنهنجين زالن جون ٻوٽيون پٽيندا هئا.

جنهن ننڍي شهر کي وڏي شهر سان ملائڻ لاءِ اها سڙڪ تعمير ٿي رهي هئي، ان شهر ۾ جلال جي آفيس هئي. هو هفتي مان ٽي ڏينهن اتي رهندو هو، ۽ باقي چار ڏينهن هتي اچي گذاريندو هو. هڪڙي ڏينهن جلال آيو تہ هن سان گڏ هڪ وڏيءَ عمر جو شخص ۽ هڪ نوجوان ڇوڪري بہ هئي. جلال جڏهن اسان جي واقفيت ڪرائي، تڏهن مون کي خبر پيئي تہ اهو پوڙهو شخص رٽائرڊ انجنيئر هو، ۽ رٽائر ٿيڻ کانپوءِ ”واپڊا“ کاتي ۾ ساڳي نوڪري ڪئي هئائين.

هن جي عمر پنجاهہ يا سٺ ورهيہ هئي، پر هو مون کان ۽ جلال کان بہ وڌيڪ جوان ڏسڻ ۾ ٿي آيو. هن جو قد ڊگهو هو. جسمُ مضبوط، ۽ اکين ۾ زندگيءَ جي چمڪ هيس. هن جا وار صفا اڇا هئا، ڄڻ چانديءَ جي تارن جو ڇٽ مٿي تي رکيل هوس. هن جو آواز هن جي شخصيت وانگر رعبدار ۽ گجندڙ هو. هر سنجيدهہ ڳالهہ کي شستہ ۽ وڻندڙ مزاج جو رنگ ڏيئي، کو ٽوٽکو ٻڌائي، ونئي تي ٺهڪ ڏنائين. هو اصل ۾ ڪشمير جو رهاڪو هو، پر گهڻي وقت کان لاهور ۾ اچي رهيو هو. اها نوجوان ڇوڪري هن جي ڌيءَ هئي. هن جو نالو نسرين هو، ۽ هوءَ ڪراچيءَ جي ڪنهن ڪاليج ۾ ڊاڪٽريءَ جي آخري سال ۾ پڙهي رهي هئي. هينئر ڪاليج ۾ موڪلون هيون، ۽ هوءَ موڪلن گذارڻ لاءِ پيءُ وٽ آيل هئي. هن ۾ بہ پيءُ واريون سڀ خوبيون هيون. فرق رڳو ايترو هو جو هن جي آواز ۾ رعب بدران عجيب ميٺاج هو. هن بہ ٿوريءَ گهڻيءَ ڳالهہ تي ٺهڪ ٿي ڏنو. هن جي ٺهڪ جي آواز ٻڌڻ مان ائين ٿي احساس ٿيو، ڄڻ تهہ سيءَ ۽ جهـَڙ ۾ يڪدم گرم ۽ روشن اُس نڪري آئي هجي، يا ملهار جي موسم ۾ اوهين ماٺ ڪري چانهہ پي رهيا هجو، ۽ ڪنهن "سارنگ" ڇڙي ڇڏيو هجي. اڄ جڏهن جلال هيڏانهن اچي رهيو هو، تہ هن نسرين ۽ سندس پيءُ کي رستي تي وڻ هيٺ بيٺل ڏٺو. بيئي ٻاهر گهمڻ لاءِ نڪتا هئا، پر هنن جي گاڏي خراب ٿي پيئي هئي، ۽ هو بيئي وڻ هينان پريشان بيٺا هئا. جلال هنن کي پنهنجيءَ جيپ تي هتي وٺي آيو هو، ۽ هنن کي چانهہ وغيره پياري هئائين— (نسرين سان ملڻ لاءِ قدرت جلال کي ڪهڙو نہ سهڻو موقعو ڏنو هو!).

نسرين جو پيءُ، چانهہ پيئندي، پنهنجي مخصوص رعبدار لهجي ۾ مون کان پڇيو: "اوهين ڇا ڪندا آهيو؟"

"مان—" مون اڃا جواب ڏنو ئي ڪونہ، تہ جلال منهنجيءَ ڳالهہ کي اڌ ۾ ڪٽيندي چيو، "هن ايم. اي. پاس ڪئي آهي. في الحال تہ ڪنهن نوڪريءَ وغيره جو خيال ڪونهيس، سارو ڏينهن وينو ڪتاب پڙهندو رهندو آهي."

"الائي اوهين واندا ڪيئن ٿا ويهي سگهو. مان جڏهين رٽائرڊ ٿيس، تڏهن سوچيم تہ آرام ڪندس، پر ٻن - ٽن ڏينهن جي بيڪاريءَ ۽ واندڪائيءَ ۾ ساهہ مُنجهڻ لڳم. يڪدم هٿ پير هڻي، "واپڊا" ۾ نوڪري ورتم."

"اصل ۾ ادبي ذوق وارا ماڻهو ٿيندا ئي ائبنارمل آهن." جلال چيو.

"مان اوهان سان ان ڳالهہ ۾ متفق ڪونہ آهيان." هن گجندڙ آواز ۾ چيو. "منهنجي ڏيءَ، نسرين، جو ئي مثال وٺو. "غالب" ۽ "مير" پڙهي پڙهي، ڊاڪٽر ٿيڻ واري آهي. منهنجي خيال ۾ تہ منهنجي ڏيءَ جهڙيون نارمل ڇوڪريون اوهان کي ورلي ملنديون."

پنهنجي پيءُ جي ڳالهہ ٻڌي، نسرين مشڪي ڏنو. عجيب مشڪ، جنهن ۾ خوبصورتي بہ هئي تہ اڻ لکي لڄ بہ.

هن ڳالهہ بدلائيندي مون کان پڇيو: "اوهين سارو ڏينهن اڪيلا وينا ڇا ڪندا رهندا آهيو؟ اسان وٽ ايندا ڪريو. مان بہ سارو ڏيهن اڪيلي ويٺي هوندي آهيان. ايندا ڪريو تہ ڳالهيون ڪري پيا وقت گذاريندا سين."

"مان تہ هر روز اوهان جي ڪئمپ جي اورئين طرف واري باغ ۾ گهمڻ لاءِ ايندو آهيان. هڪ تہ مون کي اوهان جي خبر ڪانہ هئي، ۽ ٻيو تہ واقفيت بہ ڪانہ هئي، نہ تہ جيڪر مان هر روز اچان ها." مون چيو.

"هاڻي تہ واقفيت ٿي ويئي، هاڻي تہ ايندا ڪريو." نسرين چيو.

نسرين جي پيءُ اسان کي ٻئي ڏيهن لاءِ چانهہ جي دعوت ڏني، ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ جلال هنن کي جيپ تي سندن ڪئمپ ۾ ڇڏي آيو.

* * *

ٻئي ڏينهن شام جو مان ۽ جلال هن جي ڪئمپ ۾ وياسين. هنن ڏاڍيءَ حب سان اسان جو آڌر ڀاءُ ڪيو، ۽ اسان کي ساري ڪئمپ گهمايائون. اصل ۾ اها ڪئمپ امريڪي انجنيئرن لاءِ بنائي ويئي هئي. ان ڪري ئي هن جهنگ ۾، جتي دور تائين ٽمٽائيندڙ ڏيئو بہ نظر نہ ٿي آيو، اتي بجليءَ جو بندوبست ٿيل هو. رهائش لاءِ ريل جي گاڏن جيان ٽين جا ٽي گاڏا ٻينل هئا، جن ۾ وري ايئرڪنڊيشن جو بندوبست رکيل هو. پر پوءِ آمريڪي انجنير واپس هليا ويا هئا، ۽ اهي گاڏا نسرين جي پيءَ کي رهائش لاءِ مليا هئا. هنن اسان کي هڪ گاڏي ۾ آڻي ويهاريو. اسان کي چانهہ پياريائون، ۽ پيار پريل ڳالهين سان اسان جي دل وندرايائون. نسرين جي پيءُ ۽ جلال تہ پنهنجي انجنيئرنگ جي ٻوليءَ ۾ ڳالهيون شروع ڪري ڏنيون. مان ۽ نسرين پاڻ ۾ ڳالهائيندا رهياسين. جڏهن اسين موٽڻ لڳاسين، تڏهين جلال چيو، "يار، هيءَ مڇي تہ تنهنجي ڄار ۾ اچي ڦاٿي آهي، هتي اسان جو ڪم نہ آهي." مون مشڪي ڳالهہ

کي نتائي ڇڏيو. جلال وري چيو، ”يار، عورت کي سمجهڻ خدا کي سمجهڻ کان بہ وڏيڪ ڏکيو آهي. مڙد جي الائي ڪهڙي ادا عورت کي وڻي ويندي آهي. خير، ڪجهہ بہ هجي، هي شڪار تنهنجو آهي.“

ٻئي ڏينهن تي، صبح جو سوير، باغ ۾ وڃڻ ۽ واهہ جي ڪپر تي هريءَ سان ملڻ جي بجاءِ، مان نسرين سان ملڻ هليو ويس.

نسرين ۽ مان واهہ جي ڪپر تي سير ڪرڻ لاءِ نڪتاسين. جهونجهڙڪي جو وقت هو. افق وٽ ڇانيل هلڪن سفيد بادلن ۾ شفق جا رنگ رلجي ويا هئا - ڄڻ آسمان ۾ ديوين ۽ ديوتائن ڪو ڏڻ ملهايو هو، ۽ رنگن جي پچڪارين سان هڪ ٻئي جي لباس کي رنگارنگ ڪري ڇڏيو هئائون. هوا جي هلڪي جهوٽي سان، نسرين جي وارن جي ڇڳ هن جي ويڪريءَ ۽ روشن پيشانيءَ تي لهرائڻ لڳي. هن شفق ڏانهن نهاريندي چيو:

”هتي زندگي ڪيتري نہ حسين ۽ ڪيتري نہ پرسڪون آهي! مون تہ ڪراچيءَ ۾ ڪڏهين بہ شفق کي ههڙو حسين ڪونہ ڏٺو هو. هتي اچڻ کان پوءِ ائين ٿو احساس ٿئي ڄڻ اسين ڇڙيل ماءُ جي گود ۾ پهچي ويا آهيون، ۽ اسان جي ماءُ اسان کي پکين جي لاتين جون لوليون ڏيئي سمهاري رهي آهي.“

اسين جڏهين واپس ورياسين، تہ ٻريان پُل وٽ، ”هري“ نظري آئي. هوءَ دلو ڀري واپس وڃي رهي هئي. اسان کي ڏسي، هوءَ ٿوري دير بيٺي، ۽ پوءِ تکا تکا قدم کڻندي، پڙو لهرائيندي، هلي ويئي.

رات جو مان کٽ تي ليٽيس، تہ منهنجين اکين آڏو نسرين جا ڪُلي بند ٿيندڙ ۽ بند ٿي کُلندڙ چپ، ۽ هوا جي هلڪي جهوٽي سان هن جي ڇنڊ جيان برندڙ پيشانيءَ تي لهرائيندڙ وارن جي ڇڳ ڦرڻ لڳي. هن جي هلڪڙن هلڪڙن ٽهڪن جو سنگيت منهنجي روح ۾ اوتجڻ لڳو. مون کي جلال جا لفظ ياد اچڻ لڳا. ”مڙد جي الائي ڪهڙي ادا عورت کي وڻي ويندي آهي.“ منهنجي دل ٽڙي پيئي، ۽ مان مشڪي وينس. وري منهنجين اکين آڏو هريءَ جو جوان ۽ مضبوط جسم ڦهلجي ويو. هن جي جوڀن جي بوءِ منهنجن حواسن تي ڇانئجڻ لڳي. هري ڪنهن سگهڙ جو سادو، سلوڻو ۽ جذبن سان ٿمٿار بت هئي، تہ نسرين ڪنهن مها ڪويءَ جي ڪوتا: هري ڪنهن تلاءَ جو بيٺل ميرانجهڙو پاڻي هئي، تہ نسرين آبِ زم زم! مون پنهنجي ازلي اُڃ جي شدت کان مجبور ٿي، ان

ميرانجهڙي پاڻيءَ مان ٻُڪ ڀري پيتو هو. نہ تہ جي آبِ زم زم ملي وڃي، تہ پوءِ ڪير ميرانجهڙو پاڻي پيئندو؟

مان اهي ڳالهيون سوچي رهيو هوس تہ تنبوءَ ۾ هري داخل ٿي. هن جو منهن ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو هو. ۽ هن جو سارو جسم ڏڪي رهيو هو. هوءَ سڌي اچي منهنجي مٿان بيٺي ۽ ڪاوڙ مان پڇيائين:

"اڙي، اها ڀُري ڀولڙي ڪير هئي؟"

"ڪهڙي؟" مون کٽ تي اٿي ويهندي چيو.

"ڪهڙي؟" هن منهنجا ويچارا ڪڍيا. "ڄڻ توکي خبر ئي ڪانهي! اُها رَن، جيڪا صبح توسان ساڻ هئي!"

"ڪير؟ نسرين؟ اها تہ انجنيئر جي ڌيءُ آهي."

"انجنيئر جي ڌيءُ هجي ڪِٽي لاٽ جي ڌيءُ هجي، جي وري توسان ڏنومانس تہ مترڪي سان ميڇالو ڪيي ڇڏينديسانس!"

مون هن کي ٻانهن کان جهلي کٽ تي ويهاريو. ۽ هن جي منهن کي ٻنهي هٿن ۾ جهليندي چيو:"توکي پنهنجي ٻاپوءَ تي اعتبار ڪونهي؟ چري، مان ڪو توکان منهن موڙي سگهان ٿو!"

هن جي اکين مان لڙڪ وهي آيا. ۽ منهن منهنجي گود ۾ رکي، هوءَ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي.

مان هر روز ٻرهہ ڦٽيءَ وقت نسرين وٽ ويندو هوس. نسرين ۽ مان گڏجي واهہ جي ڪناري تي سير ڪرڻ ويندا هئاسين. جهنگلي پکين جن منيون منيون لاتيون ٻڌندا هئاسين، شفق جو نظارو ڪندا هئاسين. ۽ سورج کي اپرندو ڏسندا هئاسين. اهڙيءَ طرح، اسين ٻئي هڪ ٻئي جي ويجهو ايندا ٿيندا وياسين. ايترو ويجهو جو هن جو صحتمند ساهہ ۽ منهنجو بيمار ۽ سلهہ جي جيوڙن سان ڀريل ساهہ هڪ ٿي ويا. پر ڪير ٿو چوي تہ منهنجي ساهہ ۾ سلهہ جا جيوڙا هئا؟ مان تہ بنا علاج جي ئي چڱو ڀلو ٿي ويو هوس. ڀلا، پيار ۽ سندرتا کان وڌيڪ بہ ڪو علاج ٿي سگهي ٿو! مان زندگيءَ ۾ هن مهل تائين ان ڪري ئي دک سهندو آيو هوس، جو قدرت مون کي خوشين جو هڙو خزانو سونپڻ ٿي چاهيو. مان هن مهل تائين اڪيلائيءَ جي ٻريٽ ۾ ان لاءِ ڀٽڪندو ٿي رهيس، جو قدرت مون کي هڙو ساٿي سونپڻ ٿي چاهيو. مبارڪ آهي اهو غم، جنهن جو عروج هڙي خوشي

آهي، ۽ مبارڪ آهي اها اڪيلائي، جنهن جي انتها ههڙو سات آهي!

رات جو جڏهن ڪنگهه تيندي هيم، تڏهين احساس تيندو هوم تہ مون ڪي سلهه آهي، ۽ هي گذرندڙ هڪ هڪ گهڙي، هڪ هڪ پل، مون ڪي موت ڏانهن ڌڪي وني وجي رهيا آهن — جيئن ڪنهن بيگناهه کي جلاد ڌڪا ڏيندا سوليءَ ڏانهن وني ويندا آهن. نہ نہ... مان مرڻ نہ تو چاهيان! مان جيئڻ تو چاهيان! مان اها زندگي ماڻڻ تو چاهيان، جنهن ۾ شفق جا رنگ آهن، پکين جون منڙيون لاتيون آهن، نسرين آهي، سونهن آهي، سچائي آهي، پيار آهي... پر، جيڪڏهن نسرين کي خبر پئجي ويئي تہ مون کي سلهه آهي، تہ ڇا پوءِ بہ هن جي پيار ۾ اها سچائي رهندي؟.... مان هن کي ٻڌائيندس ئي ڪونہ! جڏهن هوءَ موڪلون گذاري ڪراچيءَ هلي ويندي، تڏهن مان ڪنهن سينيٽوريم ۾ داخل تي علاج ڪرائيندس — نئين صحت ماڻيندس، نئين زندگي پرائيندس!

مون هريءَ سان ملڻ صفا ڇڏي ڏنو. ويچاري هريءَ نہ تہ متڪي سان نسرين جو ميچالو ڪديو، ۽ نہ ئي مون کي ڪجهہ چيائين. هن رڳو مون سان ملڻ ڇڏي ڏنو. سارو ڏينهن مات ڪريو پيئي ڪم ڪندي هئي. هريءَ کي ڏسي، مان پنهنجي اندر ۾ ليئو پائي ان جذبي کي ڳوليندو هوس، جنهن هريءَ جي جسم مان بهار جي بوءِ سنگهي هئي. پر مون کي پنهنجي اندر ۾ ان جذبي جو ڪو نشان نظر نہ ايندو هو — شايد اهو جذبو بدبودار پڳهر جيان منهنجي جسم جي پورن مان نڪري ويو هو. هينئر منهنجي اندر ۾ صرف هڪڙو جذبو هو — نسرين کي پنهنجي بنائڻ جو جذبو— نئين زندگي ماڻڻ جو جذبو!

* * *

هڪڙي ڏينهن مان نسرين سان ملڻ ويس. نسرين اتي ڪانہ هئي. هن جو پيءُ وينو هو. تيبل تي تنگو دڳهيري، پائيپ پي رهيو هو. مون کي ڏسي هن جي نراڙ تي گهنج پئجي ويا، ڄڻ منهنجو اچڻ هن کي ڏاڍو ناگوار گذريو هجي. مون هن کان نسرين جي باري ۾ پڇيو. هن ڏاڍي اٽوٽندڙ ۽ رکي انداز ۾ جواب ڏنو: "نسرين ٻاهر گهمڻ ويئي آهي." مان هن جي سلوڪ تي حيران تي ويس. مون هن کان وڌيڪ ڪي پڇيو ئي ڪين تہ هن چيو، "معاف ڪجو، مان ڏاڍو ٿڪل آهيان ۽ ڪجهہ آرام ڪرڻ تو گهران —".

منهنجي دل کي زور جو ڌڪو لڳو. مان سمجهي نہ سگهيس تہ مون سان

اهو برتاءُ چو تي ڪيو ويو. مان گاڏي کان ٻاهر هليو آيس، ۽ گذريل واقعن کي ياد ڪري، ڪنهن اهڙي واقعي کي ڳولڻ لڳس، جيڪو ان برتاءَ جو سبب ٿي سگهيو ٿي، پر مون کي ڪو بہ اهڙو واقعو سمجهہ ۾ نٿي آيو. ٻاهر مون سان ڊرائيور مليو. مون ڊرائيور کان نسرين جي باري ۾ پڇيو. هن ٻڌايو تہ "اوهان سان گڏ جيڪو صاحب ايندو آهي، بيگم صاحب ان سان گڏ گهمڻ ويئي آهي."

مون کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿي آيو. دماغ ۾ خيال بريت ۾ چڪر ڪائيندڙ واچوڙن جيان چڪر کائڻ لڳا. مان اندر جي اُٿڻ سان تکا قدم کڻندو ان طرف وڃڻ لڳس، جنهن طرف جلال ۽ نسرين ويا هئا. مون کي پريان جلال ۽ نسرين ايندا نظر آيا. مان يڪدم رستي جي ڪناري تي بينل وڻن جي اوٽ ۾ لڪي ويس. نسرين ۽ جلال جي ڳالهائڻ جو آواز منهنجي ويجهو ايندو تي ويو، ۽ منهنجي دل جي ڌڙڪڻ جو شور بلند ٿيندو تي ويو. مون ساهہ منجهائي، هنن جون ڳالهيون ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي. مون کي نسرين جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. نسرين چئي رهي هئي:

"هاءِ هاءِ! اوهين مون کي پهرين تہ ٻڌايو ها! مون هيترا ڏينهن هن سان گڏ گذاريا آهن. مون کي تہ اهو ڊپ آهي تہ متان منهنجن ڦڦڙن تي بہ اثر نہ پئجي ويو هجي! مان سڀاڻي ئي ڪراچيءَ وينديس، ۽ وڃي "ايڪس ري" ڪرائينديس ۽ سُيون هڻائينديس."

منهنجو سارو وجود لُڏي ويو - چڻ ڪنهن بيخبريءَ ۾ منهنجي دل ۾ زهر ۾ ٻڏل ڀالو تُــنبي ڇڏيو هجي. ڇنگهون تڙڪڻ لڳيون، ٻت ڏڪڻ لڳو ۽ دل اجهامڻ لڳي. مان ٻئي هٿ متي کي ڏيئي، اُتي ئي زمين تي ويهي رهيس. ويني ويني، مون کي رت جي التي آئي. زمين جو سارو ٽڪرو ڳاڙهو ٿي ويو. اڇيءَ قميص تي ڳاڙهي ڳاڙهي رت جا داغ چمڪڻ لڳا. مان آهستي آهستي، ڏاڍيءَ ڏکيائيءَ سان اٿيس، ۽ ٿڙندو ٿاٻڙندو تنبوءَ ڏانهن هلڻ لڳس. تنبوءَ کان ٿوري مفاصلي تي هريءَ جي پيڻ گــجري لنگهي رهي هئي. هوءَ حيران ٿي مون ڏانهن نهارڻ لڳي. تنبوءَ وٽ پهچي مون کي رت جي ٻي التي آئي، ۽ مان اتي ئي تنبوءَ کان ٻاهر زمين تي ويهي رهيس. گجريءَ اکيون ڦاڙي مون ڏانهن نهاريو، ۽ پوءِ وني پڳي. مون ڪنڌ کڻي آسمان ڏانهن نهاريو. سج لهي چڪو هو، ۽ افق تي شفق جي ڳاڙهاڻ ڇانئيل هئي.

اڄ شفق جو رنگ تيز تکو ۽ ڳُوڙهو ڳاڙهو هو - ڄڻ سڄ کي بہ سلھ ٿي پيئي هئي، ۽ اونداهيءَ ۾ غرق ٿيڻ کان ٿوري دير اڳ. رت جي الٽي ڪري، ساري افق کي ڳاڙهو ڪري ڇڏيو هئائين. آسمان مان ٽمندڙ ڳاڙهي ڳاڙهي رت ۾. پر وارا وڻ خاموش بيٺا هئا. ۽ سانجهيءَ جو پنهنجن پنهنجن آکيرن ڏانهن موٽندڙ پکين چرپر لائي ڏني هئي. هوا جي هلڪي جهوٽي سان فضا ۾ عجيب، پر اسرار چرپر پيدا ٿي ويئي هئي - ڄڻ موت جو فرشتو پر ڦڪائي رهيو هجي. انهن وڻن جي پرينءَ پڪ. ڪجي مزدورن جي جهوپڙن مان عورت جي روئڻ جو آواز اچي رهيو هو. مان آهستگيءَ سان زمين تان اٿيس، ۽ ٽنبوءَ ۾ اچي کٽ تي ڪري پيس. منهنجو سَنڌ سَنڌ وسامن لڳو. سَنڌ سَنڌ ۾ ڪئليون چڪ پائڻ لڳيون. اکين اڳيان ڪارا ڪارا پاڇا نچڻ لڳا. ۽ پوءِ هر طرف اونده ڇانئجي ويئي - ٻاٽ اونده. پوءِ ڇنڊ ۾ وات ڦاڙي وينل اسرافيل ڦوڪ ڏني. آسمان ڦاٽي پيو. زمين ڏري پيئي. ستارا ٽُٽي پيا. سڄ جو ٻرندڙ ٿال زمين تي ڪري پيو. هر طرف موت، هر طرف ڳاڙهو ڳاڙهو رت، هر طرف روڄ راڙو، دانهون، ڪيڪون ۽ رڙيون - بچايو!... بچايو!.... بچايو!

مان دانهن ڪري اٿي وينس، اکيون ڦاڙي پنهنجي چوڌاري نهارڻ لڳس. ايتري ۾ هري ٽنبوءَ جو پڙدو هٽائي، رڙ ڪري، اچي منهنجي مٿان ڪري - "توکي ڇا ٿي ويو آهي، ٻاپو!" مون هن کي زور سان سيني سان ڇنبڙائي ڇڏيو. ۽ روئڻ لڳس. هوءَ بہ مُنهن منهنجي سيني ۾ لڪائي روئڻ لڳي. ٻئي ڏکايل، ٻئي ڦٽيل، اوجنگارون ڏيئي روئندا رهياسين. پوءِ جڏهن لڙڪن جي کاري پاڻيءَ ۾ هر ڏک، هر درد ڌوپجي ويو ۽ دل هلڪي ٿي پيئي، تڏهين مون هريءَ کي چيو:

"هري، تون مون کان پري ٿي، مون کي سلھ آهي! مون رت جون بہ الٽيون ڪيون آهن. تون منهنجي ويجهو رهندينءَ تہ توکي بہ سلھ جا جيوڙا ڇنبڙي پوندا!"

هن منهنجيءَ گود ۾ منهن لڪائيندي چيو، "مون کي تنهنجون ڳالهيون سمجھ ۾ نٿيون اچن. ٻاپو! مان تہ ڇاهيان ٿي تہ پڳوان منهنجو جيون بہ توکي ڏئي، تون سکي رهين!"

ڪيتري نہ سچائي هئي هن جي پيار ۾! ڪيتري نہ سندرتا هئي هن جي اڇاٽائيءَ ۾! نسرين ڏاهيءَ مون کي ڏک ڏنا هئا. ۽ هيءَ اڇاڻ مون کي اننت پيار ڏيئي رهي هئي! ڇا. سچائيءَ کان وڌيڪ بہ ڪا سندرتا آهي؟ ڇا. هن دنيا

۾ اجا ھھڙي سندرتا ۽ ھھڙو عظيم ۽ اننت پيار آھي، تہ پوءِ زندگي حسين ۽ رھڻ جي قابل آھي. يڪدم منھنجي بيمار ۽ قتيل روح مان زندگيءَ جا اُمنگ ڦاٽ ڪائي نڪري آيا. مون ٻئي ٻانھون ڍگھيري، ھريءَ کي سيني سان لائي ڇڏيو - ڄڻ مان ھڪ نئين زندگيءَ کي سيني سان لائي رھيو ھوس.

مون صبح سان، سوير، جلال کي پنھنجي تنبوءَ ۾ سڏرايو، ۽ کيس ٻڌايم تہ مان ھريءَ سان شادي ڪري رھيو آھيان. منھنجي ڳالھ ٻڌي، ھن ڪان ڇرڪ نڪري ويو. پر پوءِ منھنجي منھن تي ٻکندڙ عزم کي ڏسي (يا پنھنجي ڪنھن فائدي کي ڏسي) ھو راضي ٿي ويو، ۽ مون کي ھر قسم جي مدد ڏيڻ جو واعدو ڪيائين. ان ڏينھن ئي مان سينيٽوريم ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڪوھ مريءَ ڏانھن روانو ٿي ويس.

* * *

چار سال گذري ويا آھن. مان سينيٽوريم مان چڱو ڀلو ٿي واپس موٽي آيو آھيان، ۽ ھڪڙي ڪاليج ۾ پروفيسر آھيان. نسرين ۽ جلال جي شادي ٿي ويئي آھي، ۽ ٻئي ڄڻا ڪراچيءَ ۾ رھندا آھن. نسرين اتي ڊاڪٽر آھي، ۽ جلال ڪنھن فرم ۾ انجنيئر آھي. منھنجي ۽ ھريءَ جي بہ شادي ٿي ويئي آھي. اسان جي شادي ڪيئن ٿي، اھا ھڪ جدا ڪھاڻي آھي - ٻن جدا جدا مذھبن، ٻن جدا جدا قومن جو پاڻ ۾ ٽڪرائجي، ٽُٽي، ٽڪرا ٽڪرا ٿي، ھڪ ٿي وڃڻ جي ڪھاڻي!

ھاڻي جڏھن مان وينو ھيءَ ڪھاڻي لکي رھيو آھيان، تڏھين ھري ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿي، ۽ منھنجي ٽيبل تي نِوڙي (جيئن ھوءَ مَٿ ڪٽائڻ لاءِ نِوڙي ھئي)، منھن منھنجي منھن ۾ وجھي پڇي ٿي:"ڇا ٿو لکين ؟" مان ھن جي جسم مان اُٿندڙ بھار جي بوءِ کي ساھ سان سيني ۾ سانديندي چوان ٿو:"لکان ٿو تہ نيٺ بھار آيو!" ھوءَ ڪجھ نہ سمجھي، مرڪي ٿي ڏئي - عجيب ۽ اڻڄاڻ مرڪ. ان عجيب ۽ اڻڄاڻ مرڪ سان ھن جي چپڙن مان ڄڻ گل ڇڻي ٿا پون. مان دريءَ جو پڙدو ھٽائي، ٻاھر نھاريان ٿو. سج لھي ويو آھي، ۽ شفق ٽڙي بيٺي آھي. اڄ شفق جو رنگ ھلڪو گلابي آھي - ڄڻ افق وٽ گلاب جا ھزارين گل ٽِڙي پيا آھن.

(مھراڻ، 4 - 1961ع)

امر جليل

# سج اُيرڻ کان اڳ

مون کي ڏسي. سدائين پڇي ويندو هو. ان ڏينهن بہ مون تي نظر پيس تہ وني پڳو. وک تہ اڳ وانگر تکي وڌايائين. پر مون بہ وجي سوگهو کيومانس.

چيومانس، "کيئن. سڃاڻين تو؟" چيائين، "نہ."

"واهہ. مون کي کونہ سڃاڻين؟ مون کيس گهوريندي چيو.

"نہ." بلڪل سادو جواب ڏنائين.

"بالو پولو نہ ٿيءُ!" مون پنهنجي آواز ۾ سختي پيدا ڪندي چيو.

"يقين ڪر تہ مان توکي سڃاڻو ئي نٿو." هن سرد لهجي ۾ وراڻيو.

"اڳ بہ مڪار هئين ۽ اڄ بہ آهين." مون نفرت وچان چيو.

هن جواب نہ ڏنو. فقط پنهنجين جادوگر نگاهن سان مون ڏانهن ڏنائين. اکين ۾ اهڙي تہ ڪشش هوندي اٿس جو هڪ ئي نگاهہ سان اڳلي کي خاموش ڪري ڇڏيندو آهي. پر اُن ڏينهن مان بيحد ڪاوڙ ۾ هوس. مون پڇڪيو:

"تون دوکيباز ۽ فريبي آهين."

آهستي جواب ڏنائين. "ان ڪري تہ پنهنجي دوستي ختم ويئي!"

"ڏس تہ اڃي وئين نہ راهہ تي!" مون طنز پري مرڪ سان چيو. "ڏاڍو پورڙو پئي ٿئين. "مان تو کي سڃاڻان ئي نہ تو"!"

"جيڪي هئين، تنهن کي سڃاڻندو هوس." پنهنجين نگاهن ۾ ساگر جي گهرائي پريندي ڳالهايائين. "۽ هينئر جيڪي ڪجهہ آهين، تنهن کي ڪونہ سڃاڻان."

"ڏاڍو چالاڪ آهين!" سندس نگاهن کان پنهنجون نظرون بچائيندي، مون چيو. ساڳئي مطلب جا بہ مختلف موضوع پيدا ڪيا اٿئي."

"موضوع ساڳيو آهي، پر تنهنجيءَ سمجهہ ۾ فرق اچي ويو آهي." هن اعتماد سان چيو.

"واهہ—"سڃاڻان". ۽ "نہ سڃاڻان"!" مون ٺهڪ ڏنو. "سمجهہ تہ تنهنجي ڦري ويئي آهي."

هڪدم وراڻيائين. "جڏهن رتن تلاءَ اسڪول جي پنيان هڪ جهـُـڳيءَ ۾ رهندو هئين، تڏهن مان تنهنجو دوست هوس." "۽ اڄ نہ؟"

”اڄ تون اهو رهيو ئي ناهين. اسان جي دوستي پلا ڪيئن رهندي.“ هن جواب ڏنو.

”مون تہ توکي اڳ ئي ٻڌايو هو تہ مان فقط انهن جو دوست آهيان جن وٽ ---“.

”بند ڪر بڪواس!“ مون کيس گريبان کان ورتو. ”سچيءَ دنيا کي بيوقوف بڻايو اٿئي!“ هو خاموش رهيو.

”انهن منجهيل ڳالهين ۾ دنيا کي اُلجهايو اٿئي!“ مون کيس جهنجهوڙيو.

جواب ڏنائين: ”جڏهين بغاوت ۽ ظلم جا پڙدا انسان جي عقل تي پئجي ويندا آهن، تڏهن هو انسانيت کي وساري ويهندو آهي، بلڪل تو وانگر.“

”فريبي، انسانيت جو ڪوڙو ڍونگ رچايو اٿئي!“ مون کيس پٽ جي پاڇي ۾ ڌڪي ڇڏيو. ”انهن ڳالهين سان دنيا کي ٺڳيو اٿئي!“

بنا چرپر جي جواب ڏنائين: ”منهنجي ڳالهين کان بيزار آهين، ان ڪري تو وٽ اچڻ ڇڏي ڏنو اٿم.“

”مون کي بہ تنهنجي دوستيءَ جي ضرورت ناهي.“ مون سندس گريبان تي گرفت مضبوط ڪندي چيو.

”تہ پوءِ روڪيو ڇو اٿئي؟“ هن آهستي چيو.

”اهو ٻڌائڻ لاءِ تہ مون تنهنجي تلقين نهرائي ڇڏي آهي.“ مون جواب ڏنو.

”چاٽان تو.“ جهيڻي آواز ۾ چيائين.

”۽ وڌيڪ ٻُڌ: اڳ تنهنجي دوستيءَ ۾ مان گريجوئيٽ، بيروزگار هوس.“ مون ساڳئي انداز ۾ ڳالهايو. ”هينئر مون ڊگري ڦاڙي ڦٽي ڪري ڇڏي آهي: اڄڪلهہ اسان وٽ بک ناهي، سڪيا ۽ آسودا آهيون.“

”ان ڪري تہ مون اوهان وٽ اچڻ ڇڏي ڏنو آهي.“ هن وراڻيو.

”ائين چئہ تہ فقط بکين ۽ بيروزگارن جي در تي ڌڪا کائيندو آهين.“

منهنجو جملو کيس ٻڙڇي تي لڳو. اکيون چمڪڻ لڳيس، چيائين، ”جيئن سمجهين. پر چور سان پلئہ نہ اٽڪائيندس!“

پنهنجين تکين نگاهن سان منهنجو اندر ڦٽي وڌائين، ۽ سندس جملو پالي وانگر منهنجي من ۾ چڀي ويو. مون کيس ڇڏي ڏنو. هو پنهنجي جبي جي ڪالر کي درست ڪري، پاسي واري گهٽيءَ ۾ هليو ويو.

مان حيران هوس تہ ڪيس ڪيئن خبر پيئي تہ مان چور هوس! جنهن راز کان پوليس بيخبر هئي. تنهن راز کي هن ڪيئن پروڙيو؟ دنيا ۾ فقط هو ئي منهنجي جرم کان واقف هو، يا مان خود هوس. مون کيس ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. شاهد جو زنده رهڻ منهنجي لاءِ موت برابر هو. مان ڪيس ڪنهن بہ صورت ۾ جيئرو جاڳندو ڇڏي نٿي سگهيس. ڪيس ختم ڪرڻ ئي بهتر هو.

مون رومال ڪڍي هٿ تي ويڙهيو. ۽ پوءِ چاقو کولي، هٿ اوور ڪوٽ جي اونهي کيسي ۾ وجهي ڇڏيم. رات جو اجا پويون پهر هو. مون سندس پيڇو ڪيو. وڻن جي اوٽ ۾ ۽ پٿين جي پاڇن ۾ لڪندو ڇپندو، مان هن جي پٺيان هلندو رهيس. مون ڪيس سج اُڀرڻ کان اڳ قتل ڪرڻ تي چاهيو.

چاقوءَ تي منهنجي گرفت مضبوط ٿيندي ويئي، ۽ مان ڪنهن اهڙي هنڌ لاءِ واجهائڻ لڳس، جتي هن جي آخري هڏڪي ويرانين ۾ ئي دفن ٿي سگهي. هُو بيخبر هلندو رهيو. ۽ مان پاڇي وانگر سندس پيڇو ڪندو رهيس. افسوس بہ پئي ٿيم تہ اجايو سندس موت منهنجي هٿان ٿيندو. بس، بہ- ٿي وڪون وڌائي، سندس سسي ڌڙ کان ڌار ڪرڻي هيم. افسوس ان ڪري پئي ٿيم جو هڪ دفعي مون کي خودڪشيءَ کان روڪي، منهنجي جان بچائي هئائين. انهن ڏينهن ۾ مان بيحد مشڪلاتن ۾ مبتلا هوس. ڏگري ڪٺي ڌڪا کائيندو رهيس، رلندو رهيس، ڀٽڪندو رهيس، نيٺ بيروزگاريءَ ۽ بک اسان کان سڀ ڪجهہ ڦري ورتو.

ڏونگر جهڙا اُهي ڏينهن مون کي سدائين ياد رهندا. ۽ مان اُهو منحوس ڏينهن بہ ڪڏهن وساري نہ سگهندس، جڏهن ٻن ڏينهن جي بک اسان کي نيم پاڳل ڪري ڇڏيو هو. بک جي عذاب ۾ سيڪجهہ وساري وينس— سيڪجهہ.

جڏهن اما هيٺي آواز ۾ پڇيو هو، "ابا، هاڻي ڇا ٿيندو؟" انتهائي مايوسيءَ ۽ بيزاريءَ وچان، کيس تَڙي ڏيندي چيم، "ڇا وري ڇا.... تون زرينا کي هار سينگار ڪري ويهار، مان گراهڪ وٺي ٿو اچان!"

"بيحيا!" امڙ ڪمزور آواز ۾ رڙ ڪئي هئي.

"ها، اما!" مون زهر اوتيو، "جوان عورت ڏنڊو ڪري پيٽ پالي سگهي ٿي، مرد ڪيڏانهن وڃي؟ ٻڌاءِ مرد ڪيڏانهن وڃي؟"

زرينا ۽ اما، حيرت مان مون ڏانهن تڪي رهيون هيون. سندس خالي دماغ

۽ پريشان ذهن لاءِ منهنجو جملو ناقابل برداشت هو. زرينا ته منهنجين اکين مان پنهنجون اکيون ئي نه ٿي ڪڍيون— جڻ ته نگاهن سان منهنجي روح جو دامن چاڪ ڪري رهي هئي. مون کي اچي پانهن کان ورتائين.

مون ڪيس گهائل ڪندي چيو هو، "تو کي طوائف ٿيڻو پوندو. زرينا!"

"شرم نٿو اچيئي بيغيرت!" اهو درد ۾ ٻڏل دڙڪو اما جو هو.

"بک جي پوت اڳيان غيرت به مري ويئي. اما!" مون وراڻيو.

"تنهنجو دماغ خراب ٿي ويو آهي!" اما اجائيءَ همت سان چيو.

"ٻڌو نه اٿئي، اما،" مون روئندي چيو هو، "— بک بيحڙو تول، دانا ديوانا ڪري!"

اما ۽ منهنجي اکين مان به نير وهي نڪتا. الائي ڪيئن، اسان جي اکين ۾ ايترو آب اچي گڏ ٿيو هو. زرينا خالي نگاهن سان مون کي تڪيندي رهي. اوچتو، ڪراهت مان منهنجي منهن تي ٿڪ اڇلايائين، ۽ پوءِ منهنجي سچي قميص ليڙون ليڙون ڪري ڇڏيائين. پنهنجي ڪمزور آڱرين سان منهنجي منهن تي رهندون هنيائين، ۽ پوءِ منهنجن وارن ۾ مُنيون وجهي، سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. هيءَ ساڳي زرينا هئي، منهنجي ڀيڻ، جنهن کي مان ڪلهي تي ويهاري گهمائيندو هوس، جنهن کي پنهنجي خرچيءَ مان به پورينديا وٺي ڏيندو هوس، جنهن جي هڪ هڪ لڙڪ تي پاڻ به بيچين ٿيندو هوس. ان ڏينهن، ساڳيءَ زرينا جا هٿ منهنجن وارن ۾ هئا ۽ هوءَ هنجون هاري رهي هئي. مون ڪيس پاڻ کان جدا ڪيو، هوءَ اما جي هنج ۾ وڃي ڪِري. مان اسڪائوٽ جي ڏينهن وارو چاقو کڻي ٻاهر هليو آيس.

مون کي اونداهه جي تلاش هئي، مون کي ويرانين جي ڳولا هئي، جتي آسانيءَ سان پنهنجي سيني ۾ چاقوءَ جي تيز نوڪ وهائي سگهان. زرينا جا سڏڪا ۽ اما جون آهون، منهنجو پيڇو ڪنديون، پري پري تائين منهنجي روح ۽ منهنجي وجود کي جلائيندو آيون.

هڪ هنڌ ويراني به هئي، ۽ اونداهه به. مون چاقو ڪڍي سيني تي رکيو. چاقوءَ جي هٿيءَ کي زور ڏيڻ تي هوس ته هُو به اچي اُتي نڪتو. ساڳيو جُبو پاتل هوس. منهنجي ويٽي وٺندي چيائين:

"هن چاقوءَ جي باري ۾ ڪجهه ڄاڻين ٿو؟"

"ها،" مون وراڻيو، "تمام تکو آهي، ۽ جلد موت آڻيندو."

”پر جنهن ڪاريگر هيءُ چاقو ناهيو هو،“ هن اکين ۾ نُور آڻيندي چيو، ”تنهن جي تصور ۾ موت نہ، بلڪ زندگي هئي.“

مان حيرت وچان هن جون ساگر جهڙيون گهِريون نگاهون ڏسڻ لڳس.

چيائين، ”نوجوان آهين، محنت مزدوري ڇو نہ ٿو ڪرين!“

”مان گريجوئيٽ آهيان!“ مون فخر سان ڪيس وراڻيو هو.

”تعليم کي پيٽ پالڻ جو هٿيار ٿو سمجهين؟ پيٽ تہ ڪتا بہ ٿا پالين.“ هو باوقار لهجي ۾ ڳالهائيندو رهيو، ”علم، اٿئي روشني، ۽ محنت دنيا جو عظيم ڏنڊو.“

مان سندس صداقت ڀريو آواز ٻڌي رهيو هوس، جنهن کان ڄڻ هيءَ سڄي ڪائنات ڪنبي رهي هئي.

مون کي خاموش ڏسي چيائين: ”اُها زندگي ئي ڪهڙي، جنهن ۾ ڪشمڪش نہ هجي! ڪشمڪش تہ زنده رهڻ جي ڪسوٽي آهي. حقيقت ۾ فقط اُهي انسان زنده آهن، جن ڪڏهن ڪشمڪش ڪئي هئي.“

مون وٽ سندس ڳالهين جو جواب نہ هو.

چيائين، ”ڪهڙا نہ مضبوط ڏورا ۽ ڪشادو سينو اٿئي. انهن کان ڪم وٺ منهنجا دوست!“

هو مون کي حيران پريشان ڏسي هليو ويو.

چاقو منهنجي هٿ ۾ رهجي ويو. موت جي تمنا هن جي ڳالهين سان ٽڙجي ويئي هئي، پر بک جي باهہ ڀڙڪندي رهي. هن جو آخري جملو مون کي بيدار ڪندو رهيو.

”ڪهڙا نہ مضبوط ڏورا ۽ ڪشادو سينو اٿئي: انهن کان ڪم وٺ، منهنجا دوست!“

زندهہ رهڻ جي تمنا سيني ۾ سانڍي، مون ويرانين کان منهن موڙي شهر جو رخ ڪيو. بغاوت ۽ بک جا شعلا ڀڙڪي رهيا هئا. سامهون، هڪڙي دڪان جي در وٽ سائيڪل رکي هئي. هن چيو، — ڪهڙا نہ مضبوط ڏورا ۽ ڪشادو سينو اٿئي!.... انهن کان ڪم وٺ، منهنجا دوست!.... دنيا جو عظيم ڏنڊو اٿئي محنت!“

مون هيڏانهن هوڏانهن نهاريو، ۽ پوءِ هڪدم سائيڪل جي پيڊل تي پير رکي، تيزيءَ سان رفو چڪر ٿي ويس. ڪنهن بہ مون کي ڪونہ ڏٺو. اها

منهنجي زندگيءَ جي پهرين چوري هئي. سائيڪل هڪ ڪباڙيءَ ڪي پنجويهن رپين ۾ وڪڻي ڇڏيم. ۽ پوءِ، هڪ هوٽل تان نان- ڪباب ڪورما ۽ برياني وٺي، سڌو گهر آيس.

ڏيڍيءَ جي در ٻاهران "هو" منهنجو انتظار ڪري رهيو هو. ڪجهه دير اڳ مون ڪي زندگيءَ جي سبق ڏيندي جا جوت سندس نيڻن ۾ جلي اٿي هئي، هينئر اُها اُجهاٽل هئي. مون کيس ڏسي هڪدم چيو، "تنهنجي چوڻ مطابق، مضبوط ڏورن ۽ ڪشادي سيني ڪان ڪم ورتو اٿم!"

"مان سيڪجهه ڄاڻان ٿو، دوست!" هن آهستي چيو، ۽ اکين ۾ رنجش ٻکڻ لڳيس. هوريان هوريان ڪنڌ جهڪائي هليو ويو.

مان هڪدم گهر اندر داخل ٿيس. ڏيئي جو تيل بس ختم ٿيڻ تي هو. مون نان - ڪباب جا پُڙا اچي کٽ تي رکيا. اما ۽ زرينه، وائڙن وانگر، ڪڏهن مون ڪي ۽ ڪڏهن پُڙن ڪي پئي تڪيو. پُڙا سٽيا هئا. ۽ ڪبابن جي خوشبوءِ بک جي باهه ۾ اضافو ڪيو. اوچتو، اما هڪ قدم اڳتي وڌايو، ۽ ٻي گهڙيءَ پنهنجن ڪمزور هٿن سان منهنجي منهن تي چماٽ هنيائين:

"بيحيا، پنهنجيءَ پيٽ جي جسم جو سودو ڪري، هيءُ حرام آندو اٿئي!"

" نه نه"، مون احتجاج ڪيو، "مان نه مرڻ ويو هوس، پر رستي ۾ نوڪري ملي ويئي."

"نوڪري!" اما ۽ زرينا حيرت مان چيو.

"ها، امڙ، نوڪري!" مون کين پڪ ڏياري.

پوءِ اسين پــُڙن تي جهڪي پياسين. کائڻ جي دوران اما نوڪريءَ جي باري ۾ پڇيو.

مون کيس جواب ڏنو، "هڪ اخبار جي سچين خبرن جو نمائندو ٿيو آهيان."

"سچيون خبرون؟"

"ها، بلڪل سچيون خبرون!" مون گرهه کڻندي چيو."پر اهي ڳالهيون تنهنجي سمجهه ڪان مٿي آهن، اما! تون ماٺ ڪري ماني کاءُ."

ان کان پوءِ مون ٻيون به سائيڪلون چورايون. جيئن جيئن منهنجو ڏنڌو وڌندو رهيو، تيئن تيئن "هو" مون کان پڇڻ لڳو. اڳ مون سان اک نه ملائيندو هو، پر هينئر بلڪل اجنبي ٿي پيو.مون کي سندس رويو پسند نه آيو. مان شهر جي چورايل

سائيڪلن جو سڀ کان وڏو ڊيلر هوس. ان ڏينهن مون تي نظر پئيس، تہ وٺي پڳو، جڏهن ڪيس ڪنڌ کان جهليم، تہ چئي ويو: "چور سان پلئہ نہ اٽڪائيندس!"

* * *

مون ڪيس قتل ڪرڻ جي ارادي سان پيڇو ڪيو. رات جو پهر ختم ٿيڻ ني هو. منهنجي بيچيني وڌي رهي هئي. مون ڪيس سج اُڀرڻ کان اڳ ختم ڪرڻ ٿي چاهيو. پر هن تہ بيهڻ جو نالو ئي نٿي ورتو، هلندو رهيو.

نيٺ هڪ غليظ گهٽيءَ ڏانهن ڦري ويو. مون موقعو غنيمت سمجهيو. ڪجهہ قدم اڳي هلي، هڪ ڪچي گهر ٻاهران بيهي، در ڪڙڪايائين. مان وڻ جي اوٽ ۾ ٿي بيٺس. سوچيم تہ جڏهن موٽندو، تڏهن ڪيس پٺيءَ ۾ چاقو هڻندس. مان خوامخواه در ڏانهن ڏسڻ لڳس. پڪ هيم تہ ضرور ڪنهن مفلس جو گهر هوندو، ڇو جو هو فقط مصيبت زده انسانن جي درن تي ويندو آهي. در کليو هڪ نوجوان ٻاهر آيو. ڪپڙا ساده، پر اُجرا اوڍيل هئس. حيرت فقط اهو ڏسي ٿيم جو نوجوان جي هٿ ۾ لڪڻ هو. در بند ڪرڻ لاءِ هڪ عورت آئي ۽ چيائينس "پٽ، ياءَ لاءِ ڪتاب ۽ ٽيبل بتي بہ آڻجانءِ".

"ها، اما، نوجوان جو آواز، هُن جي آواز جهڙو منو ۽ خوداعتماديءَ وارو هو.

مون سوچيو، "اڄ تہ ڪمبخت وڏي آسامي هٿ ڪئي آهي."

مان حملي لاءِ تيار ٿي بيٺس. جڏهن منهنجي ويجهو پهتا. تڏهن غور سان ڏٺم تہ نوجوان انڌو هو. هُو چئي رهيو هوس: "دنيا جو عظيم ڏنڌو اٿئي محنت!"

عجب پئي ٿيم تہ انڌو تہ خيرات پنندو آهي، هيءُ ڏنڌو وري ڪهڙو ڪندو! نوجوان ۾ دلچسپي وڌي ويئي. مان هُن کي بروقت قتل ڪرڻ جو ارادو لاهي، سندس پيڇو ڪرڻ لڳس.

رات جو پهريون پهر بہ گذري ويو، اوڀر کان روشنيءَ جا ترورا اُڀرندا آيا ۽ اونداهہ گهٽ ٿيندي ويئي. هو بيئي هڪ فرنيچر جي دڪان ٻاهران اچي بيٺا. هُن انڌي نوجوان کي ڪجهہ چيو، ۽ ٻنهي جي منهن تي عجيب مرڪ اچي ويئي. پوءِ نوجوان دڪان ۾ هليو ويو. ان وقت سندس پيشانيءَ مان نُور جا ترورا نڪري رهيا هئا. سوچيم، "ضرور هي شخص جادوگر آهي."

مان پٽ جي اوٽ ۾ لڪل هوس. منهنجي پاسي مان گذري چيائين: "جيڪو چاقو ڪيسي ۾ پيو اٿئي، سو لوهار خون خرابيءَ لاءِ نہ ناهيو هو!"

مان سچ پچ تہ ڪنبي ويس.
منهنجي سامهون ايندي چيائين: ”هو نوجوان انذو آهي، پر تڏهن بہ ڪرسيون واڻي، پنهنجو ۽ پنهنجي ماءُ ۽ پاءُ جو عزت سان پيٽ پالي ٿو!“
مان خاموش لاجواب بيٺو رهيس.
چيائين: ”محنت دنيا جو عظيم ڏنذو اٿئي!“
”مان بہ محنت ڪندو آهيان!“ ائين ٿي، بيشرمائيءَ سان چئي وينس. ”تو ٿي تہ چيو هو، مضبوط ڏورن ۽ ڪشادي سيني ڪان ڪم وٺان!“
”اهو ڏنذو ٿي ذليل آهي، جنهن ۾ خوف، ڊپ ۽ حراس پلئہ پوي.“
هن جون ساگر جهڙيون نيريون نگاهون منهنجي اندر ۾ لهي ويون.
چيائين: ”اکيون ڪينهنس، پر اندر ۾ اُجالو اٿس. عزت ان ڪمائي ٿو، ۽ فخر جي زندگي بسر ٿو ڪري! اڄ پنهنجي پاءُ لاءِ علم ۽ روشني وٺي ويندو.“
منهنجو ڪنڌ جهڪي ويو. سامهون، اُهو انڌو نوجوان بيـد سان ڪرسيون واڻي رهيو هو.
”مان هن جو دوست آهيان!“ هن چيو. ۽ پوءِ تکو تکو روشنيءَ ڏانهن هليو ويو.
ٿوريءَ دير ڪان پوءِ سج اُپريو.
ان ڏينهن ڪان پوءِ ،مون خوف ۽ حراس، جرم ۽ پاپ جي زندگيءَ ڪان منهن موڙي ڇڏيو ۽ شهر جي مشهور سائيڪلن جي ڪارخاني ۾ فِٽر ٿي ڪمائڻ لڳس.
پهرئين ڏينهن جڏهن گِريس سان ٿـقيل ڪپڙن ۽ ٿـڪ ڪان چُور ٿيل جسم سان ڪارخاني مان ڪم پورو ڪري ٻاهر نڪتس تہ هو مون کي در وٽ مليو. بيحد خوش پئي نظر آيو. اکين ۾ اُجالو ۽ نرڙ تي نُـور هوس. مون کي ڀِرانڊڙي پائيندي چيائين:
”مان تنهنجو دوست آهيان!“
پڇيومانس، ”پر پنهنجو نالو تہ ڪونہ ٻڌايو اٿئي؟“
جواب ڏنائين”ضمير“ آهيان!“
— ۽ پوءِ مون کي محسوس ٿيو، ڄڻ سڄيءَ ڪائنات جي اونداهہ هُن جي وجود اڳيان نِڙي پکڙي ويئي.

(مهراڻ: 1-1963ع)

## علي بابا

# ڏُبڻ

غروب آفتاب جو وقت هو. مان شهر جي گوڙ گهمسان کان پري، مهراڻ جي ڪناري تي بيٺو قدرت جي حسين مناظرن کان لطف اندوز ٿي رهيو هئس. تڏي هوا لڳڻ ڪري مهراڻ جو صاف شفاف پاڻي، لهرون کائي رهيو هو— هر لهر هڪ عجيب چنچلتا سان وٽ کائيندي، اچي ڪناري جي پڪن سان ٽڪرائجي، هڪ عجيب ترنگ جاڳائي ٿي وئي— پري وچ سير متان هڪ تاڙو تي....ٽي جا مڌر سُر الاپي رهيو هو. وري اچانڪ ڪا چنچل مڇي تڙپي ڏئي، هڪ عجيب ساز ڇيڙيو ٿي وئي، سڄي ماحول ۾ هڪ عجيب موسيقي پريل هئي. ڪناري تي پري پري تائين پکڙيل ساوڪ- جوار جون پوکون - نمر- ٻڙ ۽ سرهه جا ڊگها ڊگها وڻ، جهومي جهومي قدرت جو ازلي ناچ نچي رهيا هئا. هتي اچي قدرت ڪيترو نه حسين تي ڏسڻ ۾ آئي! مون تي هڪ عجيب ڪيفيت طاري تي وئي هئي. مون نظرون ڦيرائي الهندي طرف افق ڏانهن نهاريو. پري تمام پري، جتي آسمان زمين جي متان جهڪيل هو، جتي تامي جهڙو تتل گول سج، هيٺ زمين ڏانهن گهوتو هٽي رهيو هو. جتان اُفق جا ڪرڻا ڦُٽي رهيا هئا. آهستي آهستي - سج گهراين جي پاتال ۾ لهندو تي ويو ۽ اُفق جا رنگ ويتر گهرا تيندا تي ويا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي . هڪ عجيب سمو ٻڌجي ويو. مان گم سم تي، چوڌاري نهاري رهيو هوس.

انهي مهل پري کان هڪ نوجوان جوڙي کي ڪناري ڏانهن ايندو ڏسي، نه ڄاڻي ڇو منهنجي دل اُداس تي وئي هئي. مون ڏاڍيءَ رشڪ پريل نظرن سان انهي جوڙي ڏانهن نهاريو. منهنجي دل ۾ هڪ عجيب هلچل مچي وئي هئي.

هي مهراڻ جو ڪنارو- هيءَ شام، هيءُ سمو ۽ مان اڪيلو. ڪاش! ناز مون سان گڏ هجي ها- پر هوءَ برقعي کان سواءِ هڪ قدم به گهر کان ٻاهر نتي ڪڍي سگهي- ۽ مون کي ساڻس جيتري محبت هئي انهيءَ کان وڌيڪ سندس پردي کان نفرت - عورت چاهي ڪيتري به سهڻي ڇو نه هجي، برقعي پائڻ کان پوءِ هوءَ مون کي ڪبڙن جي ڳوٺري ڏسڻ ۾ ايندي آهي— مان عورتن جي برقعي جي سخت خلاف آهيان. منهنجي دل چاهيندي آهي ته منهنجي زال مون سان گڏ

آزاديءَ سان گهمي ڦري. مون هن جي برقعي ڇڏائڻ لاءِ، گهڻائي جتن ڪيا. ڪيترو ڪيس سمجهايو، پر هن تي ڪنهن به ڳالهه جو اثر نه ٿيو ٿئي. هن جا اڳيان پردي خلاف ڳالهائڻ، ردن اڳيان رباب وڄائڻ مثل آهي. هڪ ڏينهن ته مون ڪاوڙ ۾ اچي سٽن ٿي ڏني ٿن سان، سندس برقعو ڇينهون ڇينهون ڪري ڇڏيو. پر انهيءَ سان به ڪجهه نه ٿيو- خوامخواه ڏيڊ سؤ رپين جي چٽي پئجي وئي ۽ دل جي حسرت به پوري نه ٿي.

انهيءَ ڳالهه تان اڪثر اسان جو جهيڙو ٿي پوندو آهي. مان اڪثر ڪيس چڙبيون ڏيندو آهيان ۽ ڪئين ڪئين ڏينهن، هن سان ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيندو آهيان ۽ اڪثر گهمڻ ڦرڻ به اڪيلو نڪري ويندو آهيان ته من شايد گهر ۾ اڪيلي ويني ويني هنئون منجهيس ۽ برقعي جي پچر ڇڏي- ۽ منهنجي انهيءَ تبديليءَ تي هوءَ به مون کان ناراض آهي ۽ اُداس اُداس به.

اها ڳالهه نه آهي ته منهنجي زال ڪا اٽيڙهيل يا پراڻن خيالن جي ڪا دقيانوسي عورت آهي: نه هن مئٽرڪ فرسٽ ڊويزن سان پاس ڪئي هئي ۽ هينئر گلز هاءِ اسڪول ۾ چوٿون انگريزي پڙهائيندي آهي. سندس انهيءَ پڙهائيءَ تي، اسان جي مائٽن کي ڪوبه اعتراض ڪونهي، انهيءَ لاءِ ته قوم جي خدمت جو سوال آهي. مان سمجهندو هئس ته شايد طبقو اعليٰ تعليم يافته هئڻ جي باوجود اڃ به پردي جو پورو پابند آهي- سو سمجهايومانس ته "ڏس ناز! پاڻ پنهنجي شهر کان پورا ٿي سؤ ميل پري آهيون، هتي حيدرآباد ۾ پنهنجو ڪو واقفڪار به ڪونهي، جنهن کان ڊپ ڪجي". پر هوءَ اهڙيون ڳالهيون ڪٿي ٿي ٻڌي. چئي، "مشرقي عورت جي سندرتا لاءِ برقعو سڀ کان قيمتي ۽ سٺو زيور آهي."

مون، هن جي برقعي ڇڏائڻ لاءِ، هزارين حيلا هلايا آهن. پر اڃ به، هوءَ پنهنجي جڳهه تي اٽل آهي ۽ منهنجي دل جي حسرت، حسرت ئي رهجي وئي آهي.

جڏهن اهو نوجوان جوڙو، منهنجي ويجهو آيو ته، ڏٺم ته اهو نوجوان منهنجو گهرو دوست ياسين هو- هو پنهنجي سهڻي ساٿڻ سان، ڪيترو نه مست مگن ٿي جهومي جهومي هلي رهيو هو، ڄڻ سڄي دنيا سندس پاڪر ۾ هئي! مون کي هن جي قسمت تي رشڪ اچي رهيو هو.

هن مون کي ڏسي، مٺل دل سان هٿ جو سلوٽ ڪيو. ڄڻ منهنجو اتي

هجڻ ڪيس ناگوار گذريو هو. مون کي، سندس ائين پري کان هٽ هلائڻ تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي- مان تہ سمجهيو هو تہ. منهنجو گهرو دوست جو ڪيترن ڏينهن کان پوءِ ڏسڻ ۾ آيو آهي، مون سان هميشہ وانگي ڊوڙي اچي ياڪر پائي ملندو ۽ پنهنجي سهڻي ساٿڻ جو تعارف ڪرائيندو. جا شايد سندس زال زرينا هجي: جنهن جي ڪيترا دفعا هو منهنجي اڳيان ساراهہ ڪري چڪو آهي- ٻر هو تہ مون کي ڏسي، ائين نظرانداز ڪري وجي رهيو هو، ڄڻ مان و غير هئس. مون کي ڏاڍي ڪاوڙ اچي رهي هئي. تہ جيڪڏهن مون سان اچي ملي ها، تہ ڇا مان سندس سهڻي زال کي ڇڪ هڻي ڪڍان ها! مان ڪيتري دير تائين، هنن ٻنهي کي پنيرو ويندو ڏسندو رهيس.

منهنجي لاءِ، شام ۾ ڪابہ رنگيني باقي نہ رهي هئي. سڄو سنگيت نہ ڄاڻي ڪيڏانهن ٻڏي ويو هو- ساري رنگيني تہ ڄاڻي ڪٿي لڪي ويئي هئي- هوريان هوريان، ڏنڊ وڏي رهي هئي- ڪناري جا مبهوت مبهوت وڻ، ڄڻ وقادن کان ڪنهن جي انتظار ۾ بيٺا. ڏيون آهون ڀري رهيا هئا- مون گهبرائجي مهراڻ جي اڇ ڏانهن نهاريو. اچانڪ، پاڻيءَ ۾ ڪا شرير مڇي تڙپي ڪائي، مون کي ڇبرا ڏيئي ويئي. پري لهرن مٿان پرواز ڪندڙ تاڙو منهنجي نظرن کان پري ٿي ويو، هن جي ٿي... ٿي جو پر درد آواز، اجا بہ منهنجي ڪنن ۾ گونجي رهيو هو. مان، ڇا اُداس ٿي ويو هئس، ساري ڪائنات اُداس ٿي وئي هئي، شام جي رنگيني ڦڪي پئجي وئي هئي، تنهنڪري منهنجا قدم گهر ڏانهن کڄڻ لڳا!

رات جو جڏهن يارن دوستن وٽان ٿيندو، ڏهين ٻجي گهر پهتس تہ، پنهنجي زال جو ڪوماڻيل ۽ اُداس چهرو ڏسي، دل کي لوڏو اچي ويم- ڪجهہ بہ ٿي پوي، اها حقيقت هئي تہ. مون کي هن سان بي انتها پيار هو- هن جون ٻئي وڏيون وڏيون خمار ڀريل اکيون، سڄيل سڄيل ۽ ڳاڙهيون هيون، ڄڻ هوءَ ڪيتري دير کان روئندي رهي هجي. مون دل ئي دل ۾ پاڻ کي ملامت ڪئي تہ، مان بہ ڪيترو نہ ردي ماڻهو آهيان، جو نڪا ڳالهہ نہ مهاڙ، اجايو ٿو سندس دل کي رنجايان- پلا هوءَ پنهنجي دل ۾ ڇا سوچيندي هوندي، مون کي پنهنجي پاڻ تي ڪاوڙ هئي. هوءَ مون کي ڏسي اُٿي.

"تون ماني ڇو نٿو کائين- تو کي ڇا ٿي ويو آهي- تو کي منهنجي صورت نٿي وڻي؟" هن جي آواز ۾ درد هو.

شڪوہ شڪايت هئي. هن جي ڏند جهڙين گهرين اکين ۾، پاڻي چمڪي رهيو هو. ”تون ايترو ڪنور ڇو ٿي ويو آهين- ٻڌاءِ تہ تو کي ڇا ٿي ويو آهي؟“ مون کان ڪو بہ جواب نهي نہ سگهيو- مان هڪ مجرم وانگر خاموش بيٺو هئس، بلڪل ٻتر وانگر. پوءِ هن پيار سان پنهنجون ٻئي ٻانهون منهنجي ڳلي ۾ حائل ڪري ڇڏيون. ”مان ڇاڻان ٿي تہ تون ڇو ڪاوڙيو آهين- انهيءَ لاءِ نہ. تہ مان برقعي کان سواءِ توسان ٻاهر نٿي نڪران؟ اڄ کان پوءِ، تہ مان ڪڏهن برقعو نہ پائيندي- تون بہ ڇا سمجهندو هوندين، تہ مان تنهنجي لاءِ ايترو بہ نٿي ڪري سگهان.“

مون کي ائين محسوس ٿي رهيو هو، ڄڻ مان خواب ڏسي رهيو هجان. منهنجي زال منهنجي لاءِ سيڪجهہ ڪري سگهي ٿي، پر برقعو نٿي ڇڏي سگهي! ڪن کي اعتبار نہ ٿي آيو تہ اهي منهنجي زال جا الفاظ ٿي سگهن ٿا. مون سندس اک جهلي، پاڻ کي زور سان ڇهندي لڳائي، تہ ڪٿي مان خواب تہ ڪونہ ڏسي رهيو آهيان، پر اها حقيقت هئي. مان خوشيءَ کان پاڳل ٿي، ڪيس زور زور سان ڦيرائڻ لڳس. هوءَ ڇڏائڻ جي ڪوشش ۾ منهنجي ٻانهن ۾ ڦٽڪي ٿهڪ ڏيڻ لڳي.

”هاڻ هلي ماني کاءُ - ڏس تہ مون تنهنجي لاءِ ڇا ڇا پچايو آهي.“ خوشيءَ کان تہ منهنجي بک ئي مري ويئي هئي، پر هوءَ زوريءَ مون کي کاڌي جي ڪمري ۾ وني آئي.

انهيءَ رات ساري رات مون کي ننڊ نہ آئي. ايندڙ صبح جو منهنجي زندگيءَ جي سڀ کان وڏي حسرت پوري ٿيڻ جو ڏينهن هو. مان سڄي رات، ڏينهن جا خواب ڏسندو رهيس.

صبح جو پنهنجي زال کي سنبرندو ڏسي، منهنجي دل پٽي بهار ٿي. خوشقسمتيءَ سان، اڄ آچر هو. اسان پروگرام ناهيو هو تہ اڄ سڄو ڏينهن سير تفريح ۾ گذاريندا سين.اڄ هن ڪپڙا بہ منهنجي پسند جا پهريا هئا. هلڪي سائي جمپر ۽ سلوار ۽ ڳاڙهي سينڊل ۾ هوءَ ڏاڍي منڙي لڳي رهي هئي. دل ۾ آيو تہ، چوانس تہ لپس - اسٽڪ بہ لڳائي، پر ڊنس تہ ڪٿي سڄو پروگرام نہ گڙٻڙ ٿي وڃي.

جڏهن پاسي واري فليٽ وارن اسان کي گهر کان ٻاهر نڪرندي ڏٺو تہ،

ڏسندا ئي رهجي ويا. انهن پهرين ڪڏهن بہ منهنجي زال کي برقعي کان سواءِ نہ ڏٺو هو. ۽ هوءَ سامهون فليٽ واري تيڏي ڇوڪري، جا مون کي لفٽ ئي نہ ڏيندي هئي، سا بہ اکيون ٽيڙي ٽيڙي مون ڏانهن نهاري رهي هئي. مون ڪيس نظر انداز ڪري پنهنجي سهڻيءَ زال ڏانهن نهاريو. هوءَ برقعي کان سواءِ ڪنهن بہ قسم جو شرم يا جهجهڪ محسوس نہ ڪري رهي هئي، ڄڻ برقعي سان ڪڏهن سندس واسطو ئي نہ رهيو هو. مون کي سندس انهيءَ تبديليءَ تي خوشيءَ سان گڏوگڏ، حيرت بہ ٿي رهي هئي. سچ انهيءَ مهل هن کان مون کي هڪ عجيب اجنبيت محسوس ٿي رهي هئي.

اسان ٻئي جڏهن پنهنجي خوبصورت فورڊ ۾ اچي ويناسين، تہ هڪ ٻئي کي ڏسي، بار بار اسان جي چهرن تي مُرڪ ڊوڙي تي ويئي! مون هن ڏانهن نهاري، مسڪرائي سيلف دٻايو - ڪار هڪ فراٽي سان اسٽارٽ ٿي ويئي.

ساڳيو شهر هو - ساڳيون گهٽيون - انهيءَ کان پيشتر بہ مان ڪار ۾، ناز سان سوين دفعا انهن سڙڪن تان گذريو هئس، پر اڄ هر چيز پهرين کان مختلف نظر اچي رهي هئي. اڄ پهريون ڀيرو مون کي احساس ٿيو تہ، حيدرآباد جي تلڪ چاڙهي جهڙو سهڻو، ڪراچي ۽ لاهور ۾ هڪ روڊ بہ ڪونهي. مون مسڪرائي پنهنجي زال ڏانهن نهاريو. هوءَ هڪ عجيب دلرباڻي انداز سان ڪار جي دريءَ تي نونٽ ٽيڪيو ويٺي هئي - دل چاهيو تہ بس ڏسندو ئي رهان، انهيءَ کان پهرين برقعي ۾ هوءَ ڪيتري نہ بور لڳندي هئي. خواهہ مخواهہ موڊ آف ٿي ويندو هو. اڄ هن برقعو ڇا لاٿو هو، هر شيءِ جو حسن بي نقاب ٿي ويو هو.

"پئي، مون ڏانهن ڇا ٿو نهارين - ٽريفڪ تي ڌيان رک. ڪٿي ايڪسيڊنٽ نہ ٿي پوي"، هن جملو ڪسيو ۽ اسان ٻئي ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳاسين.

ٿورو ئي اڳتي اچي مون اسٽرنگ ڪاٽيو ۽ اسان جي ڪار ننڍي سڙڪ تي، ڪشتي وانگر ترڻ لڳي. انهيءَ مهل دل چاهيو تہ، اسان جي ڪار ائين وهندي وڃي - اهو سلسلو ڪڏهن نہ ٽٽي. اسان ٻئي گم سم هڪ ٻئي کي ڏسي رهيا هئاسين.

"اڄ موسم ڪيتري نہ خوشگوار آهي! راڻي اغ جو چڪر هڻجي؟" ها... ها... ڇو نہ - بي هتي تفريح گاهہ ئي ڪهڙي آهي." ناز وراڻيو. راڻي باغ پهچي، مون ڪار وڃي وڻ جي جهنڊ ۾ بيهاري. ۽ لهي، هن لاءِ در کولي،

ڪيس هٿ جو سهارو ڏنم تہ انهيءَ مهل من کي ائين محسوس ٿي رهيو هو، ڄڻ هوءَ مون کي پهرين وار ملي هجي. هوءَ پهرين کان ڪيترو نہ مختلف نظر اچي رهي هئي - اڄ هن جي چال ۾ ڪيتري نہ لچڪ، ڪيتري نہ تمڪنت هئي، ڄڻ ڊيل ٽلي رهي هجي! منهنجي دل خوشيءَ کان اڇلون کائي رهي هئي، انهيءَ البيلي نوجوان وانگي، جنهن کي ورهين جي وڇوڙي کان پوءِ يار جو ديدار نصيب ٿيو هجي. هن سان گڏ راڻي باغ جي خوبصورت ڦلواڙن جي ٻارن مان هلندي، مون کي ائين محسوس ٿي رهيو هو، ڄڻ منهنجي بوٽن جي تري ۾ اسپرنگ لڳل هجن. مان انتهائي جهومي جهومي هلي رهيو هئس.

جهڙالو هئڻ ڪري، راڻي باغ ۾ ڪافي هجوم هو - ڪئين نوجوان برقع پوش عورتون، ٽيڊي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، پوڙها ٽهلجي رهيا هئا. هڪ نوجوان، جنهن سان گڏ هڪ برقع پوش ساٿي هئي، گهڙيءَ گهڙيءَ گوراڪون وجهي فلم ايڪٽرن وانگي، ايڪشن ڏئي، ناز ڏانهن نهاري رهيو هو. مون کي مٿس ايتري ڪاوڙ آئي، جو وس پڄيم تہ ٻئي آڱريون تير ڪري دوڏا ڪڍي ڇڏيانس. گڏه جو پٽ، پرايون زالون ٿو تڪي، بيوقوف کي ڪپڙن جي ڳوٿري ڪٽي گهمڻ ۾ ڇا خاڪ مزو ايندو هوندو. ايڊيٽ - سوئر - پاجي.... مان دل ئي دل ۾ مٿس ڦٽڪار ڪئي.

ڪافي دير تائين راڻي باغ ۾ ٽهلڻ کان پوءِ، اسان وري اچي پنهنجي ڪار ۾ ويناسين. اسان جي ڪار وري، راڻي باغ جي وڏي ويڪري سڙڪ تان ڊوڙڻ لڳي.

"هون... آه" ناز، هڪ وڏو ساهہ کنيو. "ڪهڙي نہ پنل پنل خوشبوءَ آهي سرهہ جي وڻن جي - ڇا ڄامشوري هلي رهيو آهين؟"

"نہ پياري! ڄامشوري ۾ تہ شام جو رونق لڳندي آهي، جڏهن پل جا رنگين قمقما، ستارن وانگي ٽم ٽم ڪري جهرڪڻ لڳندا آهن".

"اڄ تہ مون کي تنهنجين ڳالهين مان شاعريءَ جو واس ٿو اچي". "تنهنجي نوازش آهي." اسان ٻئي کلڻ لڳاسين.

ٿوريءَ ئي دير ۾، اسان جي ڪار ڪوٽڙيءَ جي پل مان گذري رهي هئي. اسان جي پنيان بي ڪا بہ گاڏي نہ هئي، تنهنڪري مون ٿوريءَ دير لاءِ، ڪار پل ۾ بيهاري ڇڏي.

”هو ڏس ناز! ڪيترو نہ سهڻو منظر آهي“.

”اوه! ڪيترو نہ عجيب منظر آهي - درياءَ جي گولائي تہ ڏس، جهڙو ٻن ٻن سڳن وارو چنڊ. هل نہ: ٿورو مهراڻ جي ڪناري ٽهلجنداسين“. ناز للچائجي وئي. ايتري ۾ مون محسوس ڪيو تہ. پنيان ٽرڪ وارو. هارن جي ڌم مچايو بيٺو آهي. مون جلدي ڪار اسٽارٽ ڪئي، ۽ پل جو پورو چڪر ڪاٽي، هيٺ ڪناري جي حفاظتي بند تي بهاري. مون تصويرون ڇڪڻ لاءِ، ڪيمرا بہ ڪنئي هئي. ڪيمرا ٻچيءَ ۾ لڙڪائي، اسين بئي. هٿ ۾ هٿ ڏئي ڪناري ڏانهن وڌڻ لڳاسين.

”اوه! ڪيتري نہ همگوار گولائي آهي درياءَ جي - وري هي واريءَ جا دڙا تہ ڏس، ڪهڙو نہ سهڻو منظر آهي - جهڙو ڪوهہ مريءَ جي سبز شاداب پهاڙين تي وڇايل نرم نرم برف.“

”ها ناز! واقعي اهي واريءَ جا دڙا ڏاڍا خوبصورت لڳي رهيا آهن - پر هڪ انجنيئر جي حيثيت سان. مون کي اهي دڙا بلڪل نٿا وڻن. مان ڪي قدر سنجيده ٿي ويو هئس ۽ ناز حيرت سان مون ڏانهن نهارڻ لڳي!

”ڇا مطلب. “ مون چيو:

”ڏس ناز! تون آسانيءَ سان سمجهين سگهين ٿي تہ جڏهن درياءُ موج ۾ اچي ٿو تہ انهن دڙن سان وجيو ڏڪ هڻي ۽ انهن دڙن جي سڄي واري پاڻ ڏانهن ڇڪيو اچي - ڏس تہ ائين هوريان هوريان هي ڪنڌي ڪيتري نہ مٿاهين ٿي ٿي وئي آهي، ۽ انهيءَ جي مد مقابل ڪوٽڙيءَ جو شهر ڪيترو نہ هيٺاهين تي آهي، ۽ تون اهو بہ چڱيءَ طرح ڄاڻين ٿي تہ پاڻي هميشہ هيٺاهينءَ تي زور پريندو آهي - سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ آخر هيءُ ويچارو معمولي بند، ڪيستائين درياءُ جو منهن موڙيندو رهندو.“

”اوه... سمجهي ويس - پوءِ توهان ڪجهہ ڪيو ڇو نٿا؟“

مون هڪ ٿڌو ساهہ ڀري چيو:”ناز! منهنجو تعلق روڊ سب ڊويزن سان آهي - دريائن ۽ واهن سان منهنجو ڪو تعلق ڪونهي“.

”پر انساني زندگين سان تہ توهان جو تعلق آهي.“

مون کلي چيو: ”تون تہ ايترو ڊڄي وئي آهين. ڄڻ تنهنجو گهر بہ ڪوٽڙيءَ ۾ هجي.“

”ڇو نہ! ڪوٽڙيءَ ۾ بہ تہ مون جهڙا هزارين جيوَ رهن ٿا.“ مون ڪان ٿهڪ

نڪري ويو. ناز ڪاوڙجي چيو:

"انهيءَ ۾ ڪلڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي!" مون بمشڪل پنهنجيءَ کل تي قابو پاتو، ۽ چيومانس:"تڪي باسيئي؟"

ناز بہ شايد منهنجي شرارت سمجهي وئي هئي، چيائين:

"ها! ٻڌاءِ ڇا ڳالهہ آهي؟"

مون چيو: "ڏس ناز! درياءُ جڏهن چڙهندو آهي نہ، تہ انهن دڙن جي واري، پاڻ ڏانهن ڇڪي ايندو آهي ۽ وري جڏهن درياءُ لهندو آهي، تہ هوا، وري انهيءَ کي اُڏائي، انهن دڙن تي اڇلائيندي آهي - هي دڙا اتي وقادن کان قائم آهن."

"اوه!... تون تہ ڏاڍو هوشيار آهين." اسان ٻئي کِلڻ لڳاسين.

"چڱو هاڻ اچ تہ تصوير ڪڍانءِ" مان پنهنجي ڪيمرا، ٻڪڇيءَ مان لاهي، تصوير ڪڍڻ لاءِ. سهڻو منظر جانچڻ لڳس - مون بہ - ٽي دفعا ڪيمرا کي اک تي لڳائي ڏٺو ۽ پوءِ ناز کي هڪ هنڌ بهاري چيم:

"نيڪ، اتان ڏاڍي سٺي تصوير ايندي - ڪابي ٻانهہ ٿورو مٿي ڪر ۽ اسٽائيل ۾ هن جو انداز رک. نيڪ!" انهيءَ مهل مون کي ڪيمرا جي فوڪس مان، هڪ ٻيو سايو بہ پاڻ ڏانهن ايندو نظر آيو - پر تنهن هوندي بہ مون تصوير ڇڪي ورتي، ۽ جڏهن ڪيمرا اک تان لاٿم تہ، هلڻ جي لوڏ مان سڃاتم تہ منهنجو گهرو بي تڪلف دوست، گوهر اچي رهيو هو- نہ ڄاڻي ڇو، انهيءَ مهل هن جو اتي هئڻ، مون کي ناگوار گذريو. هن پري کان ئي مون کي ڏسي، رڙ ڪئي. "هلو انجنيئر" "هلو شاعر." مون مسڪرائي، ساڻس هٿ ملايو ۽ سندس تعارف ناز سان ڪرايو.

"ناز! هيءُ آهي منهنجو گهرو دوست ۽ سنڌ جو مايہ ناز شاعر مسٽر علي گوهر. ۽ هيءَ آهي توهان جي ڀاڄائي ناز."

"واه. توهان سان ملي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي گوهر صاحب." ناز، ڏاڍي گرم جوشيءَ سان منهنجي شاعر دوست سان هٿ ملايو - وري مون ڏانهن نهاري چيائين "توهان مون کي ڀهرين ڇو نہ ٻڌايو تہ، گوهر صاحب توهان جو دوست آهي، نہ تہ هوند مون کي ساڻن ملاقات جو شرف ڀهرين ئي حاصل ٿي چڪو هجي ها؟"

"سچ پچ توهان سان ملي مان فخر محسوس ڪري رهي آهيان." منهنجي

زال جي واتان، پنهنجي ساراهه ٻڌي، منهنجي شاعر دوست جو ڪنڌ فخر کان آڪڙجي ويو هو. ۽ مون کي پنهنجي زال تي حيرت لڳي رهي هئي - هن جو هٿ اڃان تائين شاعر جي هٿ ۾ هو - حالانڪ مان آزاد خيالن جو ماڻهو آهيان، پر تنهن هوندي به منهنجي حالت ئي عجيب ٿي رهي هئي.

منهنجي زال، جا بنهه ٿورو ڳالهائڪ ۽سنجيده قسم جي هئي، وري ڇهڇها ڪرڻ لڳي:

توهان جا گيت، جنهن به رسالي ۾ ڏسندي آهيان - مان اهو ضرور خريد ڪندي آهيان. توهان جا اشعار پڙهي، دل چاهيندي آهي ته، ڪاش مان به ڪا شاعره هجان ها - مهراڻ جي موجن تي ڪو مٺڙ گيت ڇيڙيان ها ۽ سدائين قدرت جي حسين مناظرن سان هم ڪلام رهان ها!"

منهنجو دوست، جنهن جا هينئر ٻئي هٿ پينٽ جي کيسن ۾ هئا، چوڻ لڳو:

"توهان جهڙي باذوق خاتون لاءِ شاعري ڪرڻ ته ڪا مشڪل ڳالهه ته نه آهي. توهان کي رڳو فعولن فعولن فعولن جي جدول ياد ڪرڻي پوندي.

انهيءَ مهل مون کي پنهنجي دوست تي، ڏاڍي ڪاوڙ اچي رهي هئي. منهنجي زال کي تو شاعري ڪرڻ سيکاري.

وڏو آيو آهي شاعر جو پٽ - فعولن فعولن جي جدول - عورتن سان ڳالهائڻ جي تميز به ڪانهيس - چا! هڪ دوست جي زال سان ائين اکيون اکين ۾ وجهي هٿ هٿ ۾ ملائي ڳالهائبو آهي - گڏهه ڪٿي جو. شاعري ڪرڻ هليو آ پٽ - وري مون کي ڪاوڙ ته پنهنجي زال تي اچي رهي هئي، جا خواه مخواه سندس مٿان ساراهه جون پليون ٻڌي رهي هئي. هن جي شاعري هئي ڇا، ڪاغذن تي بوڙ هاريندو هو.

"ڊارلنگ! گوهر صاحب جي پهرين ملاقات جي يادگار لاءِ مان ساڻن فوٽو ضرور ڇڪائيندس!" "چو نه، ها ها" منهنجو ته اندر ئي سڙي ويو هو. پر نيٺ اخلاق به ته ڪا شيءِ آهي. مان فوٽو ڪڍڻ لاءِ تيار ٿي ويس. جڏهن تصوير ڇڪڻ لاءِ مون ڪيمرا جي اک مان ڏٺو ته، دل ۾ آيم ته ڪيمرا ڪٿي درياءَ ۾ اڇلايان. منهنجو ته دماغ چڪر کائي ويو! اُف... منهنجي زال جي بيهڻ جي اسٽائل، ته پاڪستاني ايڪٽريسن کي به مات ڪري ڇڏيو هو. ڪير چوندو ته هيءَ ڪا اُهائي ساڳي ناز هئي، جا برقعي کان سواءِ هڪ قدم به گهر کان ٻاهر

نتي ڪڍي سگهي! دل ۾ آيو تہ سٽ ڏئي، سندس هوا ۾ لهرائيندڙ آواره وار پٽي ڪيس گهرِيندو وجان - پر اهو فقط مان سوچي سگهيس تي - مون ڪي تصوير ڪڍڻي ئي پئي.

جڏهن مون ڪيمرا اک تان لاٿي تہ منهنجي زال مون ڏانهن نهاري چيو:

"چو پيارا! توهان جي طبيعت تہ نيڪ آهي نہ - ههڙي تڏڙي هوا ۾ بہ توهان کي پگهر اچي رهيو آهي!"

مون گهبرائجي چيو تہ "نہ، مان بلڪل نيڪ آهيان."

۽ جڏهن پيشاني تان هٿ ڦيرايم تہ پگهر جا ڪئين سنهڙا سنهڙا قطره، منهنجي آڱرين تان ترڪندا، ڪناري جي چمڪيلي واريءَ ۾ جوهجي ويا.

ٿوري ئي دير ۾ منهنجو شاعر دوست، اسان کان موڪلائي وڃڻ لڳو. ناز بہ مون کان ڪيمرا وني، هٿ سان لوڏيندي ڪار ڏانهن وڃڻ لڳي.

مون کي نہ ڄاڻي ڇا ٿي ويو هو. مان ڪجهہ دير ڪناري تي بيٺو، هڪ ٽڪ نظرن سان لهرن ۾ نهاري رهيو هئس. هر لهر ڇلڪندي وٽ کائيندي، ڪناري جي پڪ سان ٽڪرائجي، منهنجو منهن ڇيڙائي ٿي وئي - مون ڪاوڙ ۾ اچي، ڪناري تان گپ ڪڍي پاڻيءَ ۾ اڇلائي - هڪ آواز سان گڏ پاڻي م گول دائرو پيدا ٿي ويو. انهيءَ کان پهرين تہ اهو گول دائرو تحليل ٿي وڃي مان ڪار ڏانهن موٽڻ لڳس.

مان جڏهن ڪار جي در وٽ پهتس تہ، منهنجو اکيون حيرت کان کلي ويون. منهنجي زال ڪار ۾ برقعو پائي، بٽڻ بند ڪري رهي هئي. هن مون کي ڏسي، هڪ ادا سان برقعي جي پلئو مٿي ڪري، مون ڏانهن نهاريو - هن جي شرير نظرن مان، مان سڀ ڪجهہ سمجهي ويو هئس.

"اوه! شرير ڪٿي جي - تو تہ منهنجا لاهہ ڪڍي ڇڏيا هئا!"

"هي... هي.... هي..." هوءَ کلڻ لڳي. پوءِ تہ اسان ٻئي اچي کلڻ ۾ ڇتاسين، ايستاهين جو منهنجو دم گهٽجڻ لڳو هو ۽ ناز بہ، اونڌي سڌي ٿي رهي هئي.

"ٽڪي باسيئي؟"

"ها". مون هاڪار ڪئي- ۽ ناز سنجيده ٿي چوڻ لڳي:"مشرقي عورت جي سندرتا لاءِ، برقعو سڀ کان قيمتي زيور آهي، هي مارئيءَ جو ديس آهي، ۽

هن جي سونهن لوئيءَ ۾ ئي ساراهي ويئي آهي. جيڪڏهن هن جي ڪهاڻي مان لوئي ڪڍي ڇڏجي تہ باقي سندس ڪهاڻيءَ ۾ ڇا رهندو."

مان نتو چئي سگهان تہ انهيءَ مهل پنهنجي زال جي اڳيان، منهنجيون نظرون عقيدت سان جهڪي ويون هيون يا شرم کان. منهنجي زال وري چيو:

"تڪي باسيئي؟" ۽ مون ڪنڌ ڌوڻي، ها ڪئي ۽ اسان ٻئي پاڻ ۾ نهاري وري کلڻ لڳاسين.

ٻئي ڏينهن دفتر مان واپسيءَ مهل جڏهن مان گهر پهتس تہ منهنجي هٿ ۾ ڏهہ وال 16000 لٺي جا هئا. هاڻ منهنجي زال گول اڇو برقعو پائيندي آهي- ۽ هوءَ انهيءَ برقعي ۾ مون کي ڏاڍي پياري لڳندي آهي.

هاڻي ڪنهن بہ آزاد جوڙي کي ڏسي، منهنجي دل ۾ رشڪ نہ پيدا ٿيندو آهي. هاڻ جڏهن بہ ڪو نوجوان جوڙو منهنجي نظرن اڳيان گذرندو آهي تہ مان دل ئي دل ۾ چوندو آهيان.

"اي منهنجي جيجل مهراڻ جا ٽج شريڪ ياءُ - تون زماني جي وهڪري تي ڇاهي، منهنجي پراڻي تهذيب ۾ ڪيتري ڦير گهير ڇو نہ آڻين! ڇاهي تون منهنجي مارئيءَ پيڻ کان سندس لوئي ڇو نہ ڇڏائي ڇڏين! پر ياد رک، منهنجي پراڻي تهذيب هر دم تنهنجو گلو دٻائيندي رهندي. تون هر جاءِ هر هنڌ ڏٻڻ محسوس ڪندين!"

(مهراڻ، 3 - 1962ع)

غلام نبي مغل

# ڪارو تِر

ماني ڪائيندي، اوچتو هن جي اک مانيءَ جي هڪ سڙيل، ننڍڙي، گول داغ تي وڃي ڪتي. ماني هئي ڪڻڪ جي، رنگ هوس اڇو - اهو ڏسي، گلڻ جي دل ۾ آنڌ مانڌ تيڻ لڳي. نوران جي گوڏن تائين ڪنيل سٿڻ جا پائنچا، اڇيون اڇيون ٽنگون، ۽ ساڄيءَ ٽنگ جي ٻُڪيءَ تي چمڪندڙ ڪارو تِر ياد اچڻ لڳس. گرهه نڙيءَ کان هيٺ ئي نٿي لٿس. ماڳهين ڪائڻ بدران ڪلهوڪي ڳالهه ياد اچڻ لڳيس.

نوران جي گوڏن تائين ڪنيل سٿڻ جا پائنچا، اڇيون اڇيون ٽنگون، ساڄيءَ ٽنگ جي ٻڪيءَ تي چمڪندڙ ڪارو تِر سندس ليٽڻ جو انداز... دلو پير ۾ رکيو هو. هڪڙي ٽنگ گوڏي تائين پاٽيءَ ۾ ٻڏل، ٻي ڪناري تي ڇٻر تي رکيل، اکين ۾ ڪجل، سينڌ نڪتل، ڦڻي ڪيل، ڳاڙها چپ، جن تي مُرڪ - بس ڳالهه هئي اِها، جنهن گلڻ کي پريشان ڪري ڇڏيو. مڙس جي ماني زهر ٿي پيئي. آخر هو به انسان هو. وڏي ڳالهه ته نوجوان به هو. نوران ڪيس ڏاڍي وڻڻ لڳي هئي. گلڻ پاڻ حيران هو ته "هي مون کي ڇا ٿي ويو آهي! نوران جنهن کي مون ڪنڌ ورائي ڪين ڏٺو، سا هينئر ڇو دل ۾ سمائجي ويئي آهي؟" سوچيندي سوچيندي، گلڻ رڳو انهيءَ ڳالهه کي پهتو ته "بيلي، نوران جي ڪاري تِر مو کي پاڻ تي چريو ڪري ڇڏيو آهي!"

هن کي ائين گم سم ڏسي، ماڻس پڇيس، "توکي ڇا ٿي ويو آهي؟ ماني به نٿو کائين!" ايتري ۾ پڻس به ڪنهن ڪم سانگي اچي نڪتو. تنهن اهو ٻڌي چيو، ماني اٽس ڍءُ تي ۽ موچڙو آهي گهٽ. سو ڇو ڪين ٿيندو سڪيلڏو؟ آءٌ پيو ڏسانس، جي ڏسي ورتومانس، ته اڳيون پويون ڪسرون ڪڍي ڇڏيندوسانس!"

پڻس بڪ شڪ ڪندو هليو. پر هيءُ همراهه ماڳهين منهن سُڄائي اُٿي ڪڙو ٿيو. ماڻس ابا - پُٽ ڪندي رهي، پر هي ٻُڌي ڪٿي ٿو. بوڇڻ رکيائين ڪلهي تي، جتي وڏائين پير ۾، ڪهاڙي هٿ ۾ ڪئي، گهران نڪري ويو.

گهران ته نڪتو کائين ڪرڻ لاءِ، پر سيني ۾ باهه جي ڄڀي لڳي پيئي هيس. سا ڪٿي ٿي آرام ڪرڻ ڏئيس. ايتري ۾ ڏنائين ته لطيفان، پيرن ۾ ڇير پيل، ڇم - ڇم ڪندي، ڪَڇا ٻير کائيندي پيئي اچي. گلڻ گهڻيئي پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪنهن ريت هن کان بچان، پر اڳيان هوءِ به ڪا استاد گڏيس،

ماڳهين اڳ وٺي اچي بيٺيس.
"ڪيڏانهن پيو وڃين، گلڻ؟" لطيفان ڏاڍي ناز وچان پڇيس.
"شهر." گلڻ آهستي جواب ڏنس.
"منهنجي لاءِ ڇا آڻيندين؟"
"هن ڀيري پيسو خير ڪو آهي، باقي -"
"باقي باقي ڪجهه نه، رڳو هڪ ريشمي رومال، عطر جي شيشڙي، ۽ ڪجهه سوپاريون ضرور وٺي اچجانءِ!"
"ائين ڇئي هوءَ پنهنجين ٻڪرين جي ڌن ڏانهن ويئي هلي. ڇاڪاڻ جو ماڻس اچي اُت سهڙي هئي
"رومال ۽ عطر! منهن به اتس رومال ۽ عطر جهڙو!" گلڻ پاڻ ئي پاڻ ڪلڻ لڳو.
جيئن پئي اڳيان وک کڻيائين، تيئن سندس خيال وڏيڪ ڊوڙندا ويا. گلڻ کي وري نوران جو تـر ياد اچڻ لڳو - ڪارو تر! گلڻ کي هڪ کٽڪو ٿيڻ لڳو: شايد نوران ساڻس سان ڳالهائڻ به پسند نه ڪري، ڇو جو هن ڪيس ڪهڙي نه خراب نموني ڇڙٻيو هو. ويچاريءَ ڪيترا نياپا پڻ موڪليس، پر هن ڪنڌ ورائي به ڪونه ڏنس. هن کي ته بس لطيفان جي لنئون لڳي پيئي هئي.
لطيفان!
"لطيفان، نوران کان وڌيڪ سهڻي آهي. لطيفان جي چپن ۾ گلاب جي گلن جهڙي تازگي آهي. سندس گول گول وڏيون اکيون، وڏي پيشاني، گلابي رنگ واري ساڄي ڳل تي تر... پر نوران جي اچيءَ اچيءَ، سنهڙن سنهڙن وارن سان ڀرپور ٻڪيءَ تي چمڪندڙ ڪارو تـر، لطيفان جي ڳل جي تـر کان وڌيڪ ڪشش رکي ٿو. نوران جو تـر.. تـر ته ڪونهي، ڄڻ ڪنهن ريگستان جي وچ ۾ مٺي پاڻيءَ جو چشمو!"
لطيفان کي گلڻ سان محبت هئي، ۽ محبت به ڇو نه هجي، ٻنهي جي شاديءَ جي ڳالهه ڌري گهٽ پڪي هئي. پر هاڻ گلڻ کي افسوس ٿيڻ لڳو هو.
انهن خيالن ۾ گلڻ اڳيان وڌندو رهيو. ڪهاڙي ڪلهي تي، ٻوڇڻ چيلهه ۾ ٻڌو پيو هوس. پر سيني خيالن جو مرڪز هو نوران جو ڪارو تر!
هلندي هلندي گلن کي ٻير هيٺان نوران ڏسڻ ۾ آئي. گلڻ ته ڄڻ وري نئين سر سندس سونهن تي اَکن ڇَـکن ٿي پيو. هوڏانهن هن به، ٻير کي ٽيڪ ڏيو. ڪـچڙا ٻير اهڙي انداز سان پئي ڪاڏا جو گلـڻ ڄـڻ ڪُـسجي ويـو. پـاڻ کي گهٽـو ئـي

روڪيائين، دل کي آٿت ڏنائين، پر همراهه آخر وجي اڳيان بيٺس.

”ڪير؟ گلڻ! هتي آيو آهين؟ لطيفان بيلي ۾ اٿئي!“

”تون بہ مون تي ٽِڙون ٿي ڪرين!“

”مان ڪير آهيان جو توتي ٽِڙون ڪنديس.“

اهو ٻڌي، گلڻ ٿڏو ساهه پريو.

”ٿڏا ساهه پيو پرين، ڇو، لطيفان ڪو بيو وجي ڳوليو آهي ڇا؟“

”گهڙيءَ گهڙيءَ لطيفان جو نالو ڇو ٿي وٺين؟“

”بيو ڪنهن جو وٺان؟“

”انهيءَ جو، جا منهنجين اکين ۾ توکي ڏسڻ ۾ ايندي.“

ايتري ۾ هڪڙي ڇيلي اچي نوران سان راند ڪرڻ لڳي. راند ڪندي ڪندي، سندس سٿڻ جو پائنچو گوڏي تائين مٿي کڄي ويو. بس، گلڻ گهريو ئي اهو ٿي - اها ئي اچي اچي ٿنگ. ٻڪيءَ جي وچ ۾ چمڪندڙ ڪارو تر! اهو ڏسي، نوران شرمائجي ويئي ۽ جلدي پائنچو هيٺ ڪري ڇڏيائين.

شام ٿيندي ويئي. گلڻ ڪانين جي پري کٽي اچي گهر پيڙو ٿيو. بس، پوءِ تہ ماڻس تي باهه ٻاري ڏنائين تہ ڪيئن بہ ڪري نوران سان شادي ڪرائينم.

”مٺا، مون کي بدنام ٿيڻو آهي ڇا؟ هوڏانهن ڪالهہ بہ لطيفان جي ماءُ انهيءَ ڳالهہ کي ڇوريو هو!

”ڇئينس تہ ڏيءُ رکي پاڻ وٽ، اسان کي گهرج ناهي. تون اڄ ئي نوران جي گهر وڃ.“

”ڪو ڳهيلو آهين!....“

”بس، جيڪو آءٌ چوان ٿو، سو سمجهہ پٿر تي ليڪ آهي.“

ويچاري ماءُ کي اچي آنڌ مانڌ ٿي، تہ هاڻ ڇا ڪري. هوڏانهن پٽس تڻ تپائي ڇڏيا هئس. مڙس سان ڳالهہ ڇوريائين. سو تہ اڳي ئي ڪو پريو وينو هو. ماڳهين ڪهاڙي ڪلهي تي رکي ڇوڻ لڳو، ”اجا ڪتي ڳالهہ آهي. اجا تہ پنڌ بہ آهي پري، ۽ پري بہ آهي ٻري. سياڻي چوندءِ تہ پوري ٻگوٺ سان پرڻاءِ! آءٌ چوان ٿو، هن حراميءَ کي اصل گهران تڙي ڪڍي ڇڏيانس! اجايو ڇٽن ۾ ٻڇڙي ٿيندينءَ“ ماڻس جا تہ اهو ٻڌي نپ ئي نري ويا، پر هوڏانهن گلڻ بہ اٽندي ويهندي تي وڙهيس. آخر جيجل جي روح ڇڪي ڏني، سو هڪڙي ڏينهن لنگهي ويئي نوران جي گهر. ٿوري دير ترسي،

وري جو گھر آئي تہ گلڻ کي ڏسندي شرط چيائين تہ "ابا، مبارڪون ھجنئي، اڳيئن خميس تي مڱڻو اٿئي نوران سان!" گلڻ اھو ٻڌي اصل خوشيءَ منجھان ٽپا ڏيڻ لڳو، ۽ "واہ ڙي امان، واہ!" چئي ڪڇي پاڪر پاتائينس.

لطيفان جو ٻُڌو ماڳھين خميس تي مڱڻو، سو ويچاريءَ جا تہ طاق ئي لڳي ويا. گھڻئي ھٿ ھنيائين، گلڻ کي آزيون نيزاريون ڪيائين، پر گلڻ تہ ڪنڌ ورائي بہ ڪين ڏنس.

اجا مڱڻي ٿئي مھينو ڪن بہ نہ لنگھيو ھو، تہ گلڻ وري ماءُ تي باھہ ٻاري ڏني تہ اڳئين چنڊ تي شادي ٿئي.

شاديءَ کي بہ ھفتا گذري چڪا ھئا. گھوٽ ۽ ڪنوار. ٻئي خوش. ماءُ، پٽ کي خوش ڏسي ٻئي صدقا ڪڍيا. گلڻ جا ڏينھڙ عيد مثل ھئا، ۽ راتيون تہ سندس خوابن جو تعبير ھيون.

نوران جي اڇيءَ اڇيءَ ٻُڪيءَ تي چمڪندڙ ڪارو تِر - تِر تہ ڇا، سڄي ساري نوران ئي ھميشہ لاءِ سندس تي چڪي ھئي. گلڻ انھيءَ وچ ۾ تِر کي ڪيترائي پيرا ڏسي چڪي ھو. ڪڏھين تہ نوران کي چوندو ھو، "نوران، ننڍي ھوندي جيڪو مون توکي ساڄيءَ ٽنگ ۾ پٿر ھنيو ھو، انھيءَ جو نشان تہ ڏيکار." نوران، مشڪي، ڏاڍي نزاڪت وچان سٿڻ جو پائنچو مٿي کڻندي ھئي تہ گلڻ پٿر جي نشان کي تہ ڏسندو ئي ڪونہ ھو، پر اڇيءَ ٻڪيءَ تي سنھڙن وارن جي وچ ۾ ڪاري تِر کي ڪيتريءَ دير تائين ڏسندو رھندو ھو. نوران ھن کي ائين گھوريندي ڏسي پڇندي ھيس، "ڇا پيو ڏسين؟" گلڻ کي ڇڻ ڪو ننڊ مان ھوشيار ڪري ڇڏيندو ھو. ۽ جلدي چوندو ھو، "نہ نہ، ائين ئي پئي ڏسان." اھو ٻڌي، نوران ماٺ تي ويندي ھئي، ۽ گلڻ کي ڏاڍي حيرت سان ڏسندي ھئي.

ھڪڙي ڏينھن گلڻ منجيءَ تي ويٺو ھو. لسيءَ جو لوٽو، ٻاجھر جي ماني اڳيان رکي ھيس. نوران ھيٺ ويٺي ھٿ منھن ڌوتو. منھن ۽ ھٿ ڌوئي، نوران پير ڌوئڻ لڳي. جيئن نوران سٿڻ جو پائنچو مٿي کنيو، تہ گلڻ جي نظرن اڳيان وري بہ اڇيون اڇيون ٽنگون، ۽ ساڄي ٽنگ جي ٻڪيءَ تي چمڪندڙ ڪارو تِر اچي ويو. گلڻ جون اکيون وچي تِر ۾ کُتيون. وري ھيڏانھن ھوڏانھن ڏنائين - ماڻس بيٺي ھئي، نہ تہ اُتي وچي تِر چميس ھا. ايتري ۾ نوران گوڏن تائين ٽنگون ڌوئڻ لڳي.

گلڻ کي اھو ڏسي ڏاڍو عجب لڳو تہ اُھو تِر پاڻيءَ پوڻ ڪري ھڪ داغ وانگر

ميتجي ويو-

"اڙي، هيءُ ڇا؟"

"جِي - " نوران ڏانهنس ڏسي چيو.

"هيءُ تـِر ڪيڏانهن ويو؟"

"تر؟ هيءُ تـہ هترادو هو. آءٌ ڪجل سان ناهيندي آهيان - "

"ڇو؟" گرهہ گلڻ جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو.

"بس مون کي وڻندو آهي. لطيفان جي ڀِنيءَ تي مون تر ڏٺو هو. اُهو ڏسي آءٌ بہ ناهڻ لڳس."

اهو ٻڌي، گلڻ ويچاري جون متيون مُـنجهي ويون، ۽ ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آيس تہ ڇا ڪري. اجا گلڻ اتـي ئـي ويـٺـو هـو، تـہ ڏنـائـيـن تـہ نـوران سـامهون ڪٽ تـي ويهي، ڪجل سان وري بہ پنهنجيءَ اڃيءَ اڃيءَ ٺنگ جي بڪيءَ جي وچ ۾ ساڳيو تر ناهڻ لڳي.

(مهراڻ: 4 - 1960ع)

"زيب" پنهي

# مَبُو چريو

محلي جا مڙئي ماڻهو مَبُوءَ کي چريو چوندا هئا. منجهس هئا ئي چرين وارا پار. جانئو جو ن، قهر آلود اکيون، منهن تي ڏاڙهيءَ جي ساوڪ، ڪپڙا ميرا ۽ چنل، مٿو ۽ منهن، ٻانهون ۽ ٽنگون ڏڏڙ ۾ پيوت، - پَنَ جي ٻيڙي وات ۾، دونهان ڪيندو، اهو ئو وجي! ڪنهن کي گار، ڪنهن کي ڏڪ، ڪنهن کي ٻُجو - وريو پيلا ڏند ڪڍيو بينو ٽهڪڙا ڏيندو! ٻت سڄي ۾ کي ڪندا هئس: کهڙو به ڪپڙو، هيٺ يا مٿي، هڪ ڏينهن پاتو ناهي ته ٻئي ڏينهن ڦاٽو ناهي - ڏرَ ڪڍيو ڇڏيندو هون. سُوٽ پائڻ تي مَبُو مست هوندو هو، پر پراڻو سراڻو سوٽ ڪٿي ٿو سٽ جهلي، ليڙهون ليڙهون ڪري ڇڏيندو هوس.

ڪم جو گامو سڄار هو، جيڏانهن واريس تيڏانهن وري. وارث وسيلو ڪو به ڪونه هوس. ٻاڙي پٽيءَ مان مانيءَ جي پورت تي ويندي هيس. باقي رات جا چار پهر، سو يارهين ٻارهين تائين رولاڪ ٻارن سان ڪچهريون ڪري، چونڪ جي وڏي ٿَلهي تي ٽنگو ٽيڙي سمهي رهندو هو. صبح سويل اُٿي، هٿندو هو گهٽين ۾ گهتون- پَنَ جي ٻيڙي وات ۾، انجڻ وارا دونهان ڪيندو، پيو سير پسار ڪندو هو. سج مٿي چڙهندو هو ته موٽي ايندو هو چونڪ ۾، سڌو دينوءَ جي دوڪان تي. دينو به هن کي گڏهه وانگر واهيندو هو. سيڌو سامان سڀ هي اڪيلو مڙس ڍوئي، دڪان پيڙو ڪندو هو، پر دينو هن کي مزوريءَ ۾ رڳو گاريون ڏيندو هو.

جي هو ڪِل خوشيءَ ۾ وساري ڇڏيندو هو. هو ڪو اهڙو بيغيرت به ڪونه هو. هڪ دفعي ته ٻاڙي جي وڏي سيٺ سان سامهون تي بيهي رهيو. گاريون ته دل کولي ڏنائينس، پر مُرڳو جنبر ڪٽي مٿس اُلر ڪري آيو. سيٺ جا ماڻهو مٿس مٽجي آيا، پر پوءِ ٻاڙي وارن جي چوڻ تي ڇڏي ڏنائونس. چي، "چرئي کي چورجي چٽن گارين لاءِ... اجايو ٿا ڪکر ۾ ڪڙو هڻو... ڇڏي ڏيوس، چريو آهي!" پوءِ ته سيٺ به پاڻيهي ڪسڪي ويو.

دينوءَ جي دڪان سان ڪا دل اڙيل هيس. دڪان جي سامهون دينوءَ جي گهر جو در هو. در جي اوٽ ۾ دينوءَ جي ڌيءُ گُلي ليٿا پائيندي هئي. اجا اڳئين سياري ۾ اندر ويئي هئي. رنگ جي البت سانوري، ڪپڙا سادا. پر وارن جي سنوار ۾

سوپياوان، جوانيءَ جي جوت ۾ الھڙ پڻ ڏانھن مائل. مَبُـو دينوءَ جي دڪان تي گھڻو گذاريندو ھو. آءٌ آفيس کان ايندي ۾ ويندي ڏانھنس نھاريندو ھوس، تہ ھلڪي مشڪ مشڪي چوندو ھو — "آئو، ماسترا" ھو مون کي ماستر سمجھندو ھو. آءٌ ھن کي چوندو ھوس: "آلو، مسٽر مبو!"

تہ خوش ٿي ٺھڪ ڏيندو ھو.

ھڪ دفعي آفيس مان دير سان موٽي رھيو ھوس. منھن - اونداھو ھو. گھٽيءَ ۾ ڪير بہ ڪونہ ھو. دينوءَ جي دڪان اوريان، گھر جي در وٽ، مبوءَ کي گلَيءَ ڏانھن اشارا ڏيندي ڏٺم. گُلي بہ در بيڪڙيو، وريو ڪولي، سسي ٻاھر ڪڍيو، پٺي مبوءَ ڏانھن ناز ادا سان نھارون ڪيائين. سيني جو اُڀار، ساھ کڻڻ سان ھيٺ مٿي پئي ٿيس. مبو تہ اصل مست ھو! آءٌ بہ چپ چاپ پاسو ڏيئي ھليو ويس — مٿان سندن معصوم رومان ۾ ڪا رڪاوٽ پوي. ھنن کي بہ منھنجي مَـنٽي وڃڻ جو پتو ڪونہ پيو. ان ڏينھن کان مون کي مبوءَ منجھ اُھو ڇريو نظر آيو، جنھن جي جھان کي ڪل ڪانہ ھئي. ھو سيني جي نظرن ۾ ڇريو ھو، سواءِ گُليءَ جي. ھن وٽ گليءَ لاءِ اھو ئي پيار ھو، جيڪو عام انسانن وٽ ھوندو آھي. مبو ڇريو ھو، گليءَ لاءِ. گليءَ خاطر دينو دڪاندار جون گاريون بہ ھن لاءِ گل ھئا. ھاڻي ھو جڏھن بہ مون کي "آئو ماستر" ڪري سڏيندو ھو، تہ مون کي سندس چپن تي اُھا مرڪ معلوم ٿيندي ھئي، جيڪا پيار ڪندڙ چھرن ۾ ھوندي آھي.

"مھينن پنيان مھينا مَـٽي ويا. سياري جي مند منھن مس ڪِڍيو ھو، تہ دينوءَ جي در تي دھلن جو ڏڏڪو ۾ پتاشي مگٺھار جون بينون وڄنديون ٻُڌم. پڇا ڪيم، — گليءَ جو وھانءُ ھو! مبوءَ کي ڪا ان ڏينھن خوشي ھئي! ٻـَـڏا ٺھڪ پئي ڏنائين. سڄي پاڙي جا ٻار ھـن جـي پويـان - "مبـو ڇريـو مبـو ڇريـو" چئـي پئـي ڦيراياٺونس. مون ڳچ ڌائين بيني اھو رنگ ڏٺو، پر مبوءَ نظر ئي ڪانہ ڪئي. ٻئي پاسي سندس ڌيان ئي ڪونہ ھو. بي اختيار ڪل ۾ ٻـُڌو پيو ھو - ڇڻَ تہ پتاشي جي شرناءِ جو آواز ۾ مبوءَ جي ڪـل ھڪ ئي راھ تي شرط پـُڄائي رھيا ھئا!

ان ڏينھن مون کي آفيس ۾ بہ سڄو وقت مبوءَ جي ٽھڪندڙ شڪل پئي نظر آئي. فائيل ۾ ڪاغذ سڀ ڄڻ مبوءَ جي ڪـل ڪـلي رھيا ھئا. مبو - ڇريو مبو، گـُليءَ جو مست مبو - منھنجي ذھن ۾ ٺھڪن جي مسلسل گونجار ڪندو رھيو. ليڪن، .... جڏھن آءٌ آفيس مان اتي گھر اچي رھيو ھوس، تہ مبو دينوءَ جي دڪان تان ٻي

موقعي غائب هو! ۽ ان کان پوءِ ڪيترن ڏينهن تائين مبو مون کي ڪٿي بہ نظر نہ آيو. گَليءَ ۾ مبوءَ جي هلي وڃڻ سان، دينوءَ جي دڪان ۾ انهيءَ سڄي چونڪ جي سموري رونق پڻ هلي ويئي هئي. هاڻي نہ هئا ٻارڙن جا ميڙا، نہ مبوءَ جا ٽهڪڙا ۽ دلچسپيون. آهستي آهستي، مبو سيني کي وسرندو ويو. آءٌ بہ هاڻي ٻي ڏيانو اتان ايندو ويندو هوس—

هڪ ڏينهن، صبح سويل، آسمان تي ڏنڌ ڇانيل هو. آءٌ گهران لهي اچي دينوءَ جي دڪان وٽان لانگهائو ٿيس: پرسان دينوءَ جي دڪان واري تختي تي ڪو ڇاتل سڄاتل ماڻهو ليٽيل معلوم ٿيم: ويجهو تي ڏٺومانس، حيران ٿي ويس... اهو "مبو" هو - جيڪو هاڻي انساني صورت ۾ سماج کان ٻنهه ٻاهر هو!

(مهراڻ: 1/2- 1960ع)

## مس شمس صديقي

# هڪ ڪردار، سَو افسانا

نئين سال جي خوشيءَ ۾ اسان جي ڪاليج جي ڇوڪرين کي اعزازي لقب القاب مليا. قوم جي سياڻن سپوتن وٽان.... واقعي تعليم جو مقصد صرف اهو تہ نہ آهي تہ هر وقت پنهنجي تعليم يافتہ هئڻ جو ثبوت، خوامخواه جي اخلاق ڏيکارڻ سان يا تميز ساڻ پيش اچڻ سان ڏنو وڃي، ۽ نہ ڪتابن پڙهڻ جو اهو مطلب آهي تہ سقراط وانگر حسن ۾ بہ مادي افاديت جو پهلو ڳولجي. ليسنگ بہ تہ فيلسوف ئي هو، جنهن کي بدصورتيءَ ۾ بہ جماليت جي جهلڪ نظر ايندي هئي! آخر وجدان بہ تہ ڪا شيءِ آهي، روحاني مسرت بہ تہ سڪون بخشي ٿي- ذهني سڪون سٺ پري ماني ڪائڻ انسان جي زندگيءَ جو واحد مقصد تہ نہ آهي- اوڳاڇيون نہ جانور بہ ڏين ٿا پر انسان اشرف المخلوقات ڇو ٿو چورائي؟ انسانيت جو معراج ذهني تربيت ۽ دسسي صحت منديءَ تي مدار رکي ٿو، ذهن کي جِلا علم بخشي ٿو....

سو، پنهنجي نئين سال جي هنن تعريفي القابن کي دسي، اسان کي پنهنجي ڪاليج جي طالب علمن جي ذهني بلنديءَ جو واقعي قائل ٿيڻو پيو.هڪ هڪ لقب مان سندن ذهانت ظاهر هئي- سنجيدگيءَ ۽ شرارت سان مليل جليل ذهانت. سندن هر تعريف ۾ ممدوح جي شخصيت ائين ظاهر هئي، ڄڻ ان جي اڳيان آئينو رکيو ويو هجي. سچ پچ تہ هُن جو لقب پڙهي، اسين چپ ٿي ويون سين. سندس نالي جي پرسان اردو شاعر "فانيءَ" جو هي شعر لکيل هو:

"وه بدگمان ڪ مجهي تابِ رنجِ زيست نهين،
مجهي يہ غم ڪ غمِ جاودان نهين ملتا!"

پوءِ تہ سيني ڇوڪرين جي توجهہ جو مرڪز هن جي ذات ٿي پيئي. هن جو هر وقت مغموم رهڻ، ۽ هڪ پيرو ڳالهائڻ ۾ پوڻ تہ لڳاتار ڳالهائيندي رهڻ. اها اسان هُن جي خود- فراريت سمجهي.

هوءَ ايف - اي ۾ پڙهندي هئي. منهن مان ڪم عمر لڳندي هئي. لز بو چهرو، ڊگهو نڪ جنهن تي ڪارا ڪارا سنهڙا تر، جيڪي هن جي پيليءَ رنگت کي وڌيڪ نمايان ڪندا هئا. ميرا ميرا ڏند - ڪاش هن کي احساس هجي تہ

# بورڊ پاران ڇپايل ناول ۽ ڪهاڻين جا مجموعا

| | | |
|---|---|---|
| 1. سون ورنيون دليون | لالچند امرڏنومل ڄڳتياڻي | 30/= |
| 2. دنيا دورنگي | آغا غلام نبي خان | 30/= |
| 3. نئي گهر | ن. و. فرار / مرزا قليچ بيگ | 50/= |
| 4. زينت | مرزا قليچ بيگ | 50/= |
| 5. گلن جي ٽوڪري | مرزا قليچ بيگ | 30/= |
| 6. خوش خصلت خاتون | بيگم بادام ناتوان | 25/= |
| 7. ڪئنڊيڊ | والٽيئر / شمشير الحيدري<br>محمد ابراهيم جويو | 30/= |
| 8. نيٺ ڇا ڪجي؟ | ليو ٽالسٽاءِ /نورالدين سرڪي | 100/= |
| 9. جهان آرا | عبدالرزاق عبدالسلام | 50/= |
| 10. ڪنوار جو آئينو | مرزا قليچ بيگ | 70/= |
| 11. غازي صلاح الدين | ساڌو هيرانند شوقيرام آڏواڻي ۽<br>پيرومل مهرچند آڏواڻي | 30/= |
| 12. بلو کوکر | صاحبسنگھ چندا سنگھ شاهاڻي | 35/= |
| 13. بد نصيب ٽري | محمد اسماعيل عرساڻي | 30/= |
| 14. انڪوائري آفيسر | مرزا قليچ بيگ | 15/= |
| 15. ڪرامازوف ڀائر<br>(ڀاڳو ڀهريون) | مصنف: فيودور دوستووسڪي<br>مترجم: احسان بدوي | 225/= |
| 16. جاڳ ٻه تنهنجي جيءَ سان | حميد سنڌي | 50/= |
| 17. محبت جي راهه تي | ع. ق. شيخ | 60/= |
| 18. بهشت ۽ دوزخ ۽<br>ٻيون ڪهاڻيون | سنڌيڪار: ولي رام ولڀ | 110/= |
| 19. ڪليمن جارو جي برف ۽<br>ٻيون ڪهاڻيون | ارنيسٽ هيمنگوي<br>مترجم: رشيد ڀٽي | 130/= |
| 20. سنڌ جون لوڪ آکاڻيون | خانم خديجه دائودپوٽو | 100/= |